


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مثنوي رومي

مشرق جي ڏاهپ، اخلاقيات ۽ سڌارڪ ڌار جو شهپارو
مثنوي روميءَ جي بيتن جو سولو ترجمو ۽ سمجهاڻي.

تاليف

مولانا جلال الدين رومي رحه

سنڌيڪار

غلام محمد شاهوائي

Sindhica
سنڌيڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | |
|---|---|
| پبلشر نوٽ | ١٣ |
| سنڌيڪار | ١۴ |
| مختصر احوال مولانا جلال الدين رومي عليہ رحمت | ١٥ |
| مثنوي شريف جو تهڻ ۽ ان جي مضمونن جي ترتيب | ١٩ |
| مثنوي شريف جي شروعات | ٢٢ |
| ٻنسريءَ جي درد ڀري داستان | ٢٢ |
| انساني روح خود ٻنسري مثل آهي. | ٢۴ |
| حقيقي عشق | ٢٥ |
| حقيقي معشوق جو جلوو | ٢٦ |
| دل جو آئينو | ٣٢ |
| مثنويءَ شريف ۾ ڏنل آکاڻين جي مراد | ٣٢ |
| ايندڙ ڪم لاءِ خدا جو نالو وچ ۾ آڻجي | ٣٣ |
| بزرگن جو ادب | ٣٥ |
| مجازي عشق سڀ ڪنهن لاءِ نہ آهي | ٣٦ |
| دل جو راز سانڍڻ | ٣٨ |
| وعدو پاڙڻ | ٣٨ |
| زر جي لالچ بابت | ٣٩ |
| مجازي عشق جو حال | ۴٠ |
| بي جتا ۽ جتادار عشق | ۴١ |
| بزرگن جو ڪوبہ ڪم غلط نہ سمجهہ | ۴٢ |
| نيڪ انسانن کي پاڻ جهڙو نہ سمجهہ | ۴۴ |
| سچي ۽ ڪوڙي رهنما ۾ فرق | ۴٥ |
| چڙ ۽ نفسانيت بہ اندر جي ٿيڏائي آهي | ۴٧ |
| عام ۽ خاص ماڻهن جي ننڊ ۾ تفاوت | ۴٩ |
| خودي (خود پرستي) اندر جي اکين جو پردو آهي | ٥٠ |
| رڳو مٺي ڳالهائڻ تي ٺڳجي نہ وڃ | ٥١ |




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نبي خدا جا نائب آهن ٥٣
سڀ خرابيون نفس مان پيدا ٿين ٿيون. اِنَ جو
کو بلو ڪر ٥٥
خدا جي راهہ ۾ ڏک ڏسڻ سکن جو وسيلو آهي ٥٧
باهہ، پاڻي، واءُ ۽ مٽي سڀ خدا تعاليٰ جي حڪم جا بندا آهن ٥٨
خدا شناس بزرگن جو ليکو ٥٩
جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي ٦٠
مڪار نفس ٦١
هر حال جي بهتريءَ لاءِ حيلو ۽ ڪوشش ضروري آهي ٦٢
ننڍڙن ۽ ڪمزور شين کي بہ خدا تعاليٰ وڏي ڏات بخشي ٿو ٦٤
علم ۽ عقل وڏي ڏات آهن ٦٥
صلاح مصلحت ڪرڻ چڱو ڪم آهي ٦٦
دور انديشي چڻڻ موڪائي آهي ٦٧
جي خدا هيٺي سان همراهہ تہ ڏاڍو چا ڪندو ٦٩
دشمن جي ڳالهہ تي اعتبار نہ ڪجي ٦٩
تقدير اڳيان تدبير نہ هلندي ٧٠
خدا تعاليٰ کان مدد گهرندو رهہ ٧٢
ظلم جي پڇاڙي خراب آهي ٧٣
وقتي ڪاميابي ۽ سوڀ تي دل نہ وڌاءِ ٧٤
دل جي اکين مان پيائيءَ جو راز ڪڍي ڦٽو ڪر ٧٥
ڊجندڙ جي دل تان ڊپ لاهڻ ضروري آهي ٧٦
چڱن جي صحبت مان فيض حاصل ڪرڻ سڀاڳ جي
نشاني آهي ٧٧
زبان جا خلل ٨١
ڇٽل تير واپس ڪين اچي ٨٢
روح جو طوطو ٨٢
مشهوريءَ ۾ آفت ۽ گمناميءَ ۾ راحت آهي ٨٤
خوشامند ۽ چاپلوسي پسند نہ ڪر ٨٥
جيئري ئي مرڻ ٨٦
درويشن جي دل جو چنگ ٨٧

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فائدي جهڙي هندان نقصان نہ پراءِ ١٤٠
عارفن جون روشن دليون ١٤١
عارفن جا روح هڪبئي سان ڳنڍيل آهن ١٤٢
پنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻ بهتر آهي ١٤٤
تن پروري ڇڏ ١٤٤
مورک جي سڄٽپائي بہ گھوري ١٤٥
خدا کان پنيري ٿيڻ واري جي حالت ١٤٥
معافي گھرندڙ کي معافي ڏيڻ گھرجي ١٤٦
احسان جي شڪرگذاري ڪرڻ گھرجي ١٤٦
رب اڳيان زاري ڪرڻ سان رحمت حاصل ٿئي ٿي ١٤٧
سخين کي خدا تعالي نہ ڇڏيندو ١٤٩
روئڻ جو ڦل اعلىٰ آهي ١٤٩
سچيون اکيون ١٥١
خدا تعالىٰ کي خدا سمجهي هن جو نالو ياد ڪر ١٥٣
هوند وارو هجين تہ ڪنهن جي اڻ هوند تي نہ کل ١٥٥
تقليد ڪيتري قدر ڪجي ١٥٥
طمع تمام بڇڙو اوگڻ آهي ١٥٦
دنيا بہ قيد خانو آهي ١٥٧
دنيا، دين ايمان جي.مفلسي ۽ شاهوڪاري جي پرک
جو قيد آهي ١٥٨
شيطان جي ڏيوالپڻي جو ڍنڍورو ١٥٨
هر درد جي دوا خدا کان گھر ١٥٩
صورت جو عشق ڦٽو ڪر فقط الله جو عشق اختيار ڪر ١٦٠
دنيا کي قتل گھر ڪري سمجھ ١٦١
نفس کي بدچال ماءُ ڪري سمجھ ١٦٢
حسد تمام بڇڙو لڇڻ آهي ١٦٣
ڳالهائڻ ۾ حڪمت ١٦٤
ٻاهرين سونهن کان اندر جي سونهن بهتر آهي ١٧٠
روحاني عالم وارا ڪم اعتبار لائق آهن. جسماني عالم وارا
ڪم اعتبار جوڳا نہ آهن ١٧١
انسان جي روح جي خوراڪ ١٧١



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

استادن سان استادي ڪانہ هلندي ١٧٢
جنسيت يا هم جنسي ڇا آهي ١٧٤
وڇ واري اٽڪ تار تہ ويجهو ٿين وصال ڪي ١٧٥
خراب عادتون رستي ۾ قتل ڪانديرا آهن ١٧٦
پڇاڙيءَ ۾ بہ جيڪي ڪري سگهين سو ڪر ١٧٧
روح جي آزادگيءَ جا وسيلا ١٧٧
دل جو حوض ۽ بدن جو حوض ١٧٩
جتي ڪا خوبي هوندي، اتي حسد پيدا ٿيندو ١٨٠
انسان جو اندر هڪ جهنگل آهي ١٨٠
جسماني نفساني ڳڻن کي ذبح ڪر ١٨٣
سچي دوست جي نشاني ١٨٤
محبت ۾ ڪوڙاڻ بہ مٺاڻ آهي ١٨٦
عقل ۽ حواس ۾ تفاوت ١٨٧
رڳو توبہ تي بہ مٿان پاڙي وهين ١٨٨
دل ۽ گفتار ١٩٠
بندگي تي ناز نہ ڪر ١٩١
داناءَ جي هٿان ظلم ٿئي سو نادان جي مهربانيءَ کان بهتر آهي ١٩٣
انسان جي اندر وارو نانگ ١٩٤
هميشہ مظلومن جي مدد ١٩٥
بدني طاقت ۽ عقل جتي استعمال ٿين اتي استعمال ڪجن ١٩٦
جنس جنس ڏي ڇڪجيو وڃي ٿي ١٩٧
ڪو نصيحت نہ مڃي تہ ارمان نہ ڪجي ١٩٧
مورک جي سنگت کان پري ڀڄ ١٩٨
درويشن وٽ ويندو ڪر ١٩٩
بيماريءَ مان سبق پراءِ ٢٠٠
سڄڻن جو ديدار بہ صحت آ ٢٠٠
جيڪو ڪڌ ڪوتيندو سو ڪڌ ۾ ڪرندو ٢٠٢
ٻئي کي ڪمينو اهو ڄاڻيندو جو پاڻ ڪميڻو هوندو ٢٠٢
يارن کان جدائي ڪرڻ ۾ نقصان آهي ٢٠٣
جتي وڃين اتي درويشن جي زيارت ضرور ڪر ٢٠٣
ارادو هميشہ سنئو رکجي ٢٠٤




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| هميشہ ڪنهن ڪامل مرشد جي صلاح تي هل | ٢٠٥ |
| چريو ٻڌجي لوڪ پرکڻ | ٢٠٦ |
| سڀ ڪنهن چريءَ کي ولي نہ ڄاڻج | ٢٠٦ |
| علم ۽ عقل کي ڏيکاءَ جي ضرورت نہ آهي | ٢٠٩ |
| اسان جي پريشاني ۽ دعا | ٢١١ |
| انسان کي دل جو درد ضرور هئڻ گهرجي | ٢١١ |
| ڏندن اڪرڙيل نانگ ڏنگي نہ سگهندو | ٢١٢ |
| قسمت جي ڪوتاهي جو سبب ناداني ئي آهي | ٢٢٠ |
| نيت ڪوڙن جي چرب زبانيءَ تي نہ لڳج | ٢٢٣ |
| قسم کڻ ۽ کٽائڻ جو کهڙو ضرور | ٢٢٤ |
| ڪوڙا ڏس ڇڏي سچو ڏس هٿ ڪر | ٢٢٦ |
| سچ ۽ ڪوڙ جي پرک لهہ | ٢٢٦ |
| جو ڳوليندو سو لهندو | ٢٢٨ |
| پٽي جا عيب نہ ڳول | ٢٢٩ |
| ٻين جي سزا مان سبق پراءِ | ٢٣٠ |
| سڀ پير مرد نہ آهن | ٢٣١ |
| سڀ ڪنهن کي پنهنجي گهر جي خبر رکڻ گهرجي | ٢٣٢ |
| دشمن جو ڏيل ڏسي نہ ڏر | ٢٣٣ |
| هٿيار کڻين تہ همت ڌار | ٢٣٤ |
| مال خزاني کان علم جو خزانو بهتر آهي | ٢٣٥ |
| عارفن جو ادب دل سان ڪرڻ گهرجي نہ رڳو ٻاهران | ٢٣٦ |
| روحاني راحت دل جي راحت کان افضل آهي | ٢٣٧ |
| پاڻ ۾ روحانيت پيدا ڪر | ٢٣٧ |
| مرشد جو منڪر ٻہ چڻ ڪافر آهي | ٢٣٨ |
| درويشن جو ادب ڪر | ٢٣٨ |
| بزرگن جو بر نہ ميچ | ٢٤٠ |
| گلا ڪرڻ انسان جو ماس کائڻو آهي | ٢٤٥ |
| خلق جو رت چوسڻ نہ گهرجي | ٢٤٦ |
| اندر جي تيڏائي کان زبان جي تيڏائي چڱي | ٢٤٧ |
| خدا جو ذڪر روح کي پاڪ ڪري ٿو | ٢٤٨ |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خدا تعاليٰ جي نوازش ئي انسان کي عبادت ڏانهن راغب
ڪري ٿي ٢٥٠
دل جو درد خدا تعاليٰ کي پسند آهي ٢٥٠
حقاني قرب حاصل ڪرڻ لاءِ صبر کان ڪم وٺڻ
ضروري آهي ٢٥١
دوستيءَ جي مضبوطيءَ تي باور نہ ڪر ٢٥٢
اها راند ئي گهوري جا سڄڻ کان وڇوڙي ٢٥٣
شيطان بہ روح کي ئي نڳيءَ جي حڪومت ڏيندڙ آهي ٢٥٤
سفر ڪرڻ مان فائدو آهي ٢٥٤
رهنماءَ کان سواءِ ڪڏهن بہ سفر نہ ڪجي ٢٥٦
نيڪ انسانن جي چاڪري بچڙن انسانن جي مهر محبت کان
بهتر آهي ٢٥٨
خدا تعاليٰ مڪار کي آخر خوار خراب ڪري ٿو ٢٥٩
جيڪڏهن پنهنجو عيب پڌرو ڪرڻ نہ گهرين تہ ٻئي جا ڳجهہ ڪڏهن
هرگز نہ هڻ ٢٦١
سچ سون آهي ۽ ڪوڙ ڪنجهو ٢٦٢
فيض پريو در ڪڏهن بہ نہ ڇڏجي ٢٦٣
عارف تنهنجي اندر جا مرض دفع ڪري سگهن ٿا ٢٦٣
انسان ڏاڍو بي شڪر آهي ٢٦٤
خيرات مال ۽ جان جي ڇپر آهي ٢٦٥
خدا جي ڪئي کي انسان ڇا روڪي سگهندو ٢٦٨
جو ڳوليندو سو لهندو ٢٧١
دنيا ۾ ڪا بہ شيءِ مثل نہ سمجهہ ٢٧٢
انسان کي اندر جا نانگ مارڻ گهرجن ٢٧٣
نفس بہ خطرناڪ ارهڙ نانگ آهي ٢٧٤
موسيٰ ۽ فرعون تو ۾ موجود آهن ٢٧٧
انسان کي اندر جو سوجهرو گهرجي ٢٧٨
جيئن بي دردي تيئن فڪر گهٽا ٢٨٠
قرآن شريف جي معنيٰ تي خاص ڌيان ڏجي ٢٨١
معشوق هٿڻ جو لائق ڪير آهي ٢٨٣
درد پري دعا ضرور قبول پوندي ٢٨٤


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيا فاني آهي آخرت جي روشني جو طالب رهه ٣٢١
الله تعاليٰ انساني جي بي خبري ۾ به انسان جو فائدو
ڪندڙ آهي ٣٢٢
سڀ ڪنهن کي پنهنجي حال آهر موت جي شڪل
نظر اچي ٿي ٣٢٤
ٻاهر جي ڪارڻ هر ڪو ڏسي ٿو پر اندر جي اڇاڻ ڪو ورلي
ڏسي سگهي ٿو ٣٢٥
روح جسم ۾ پنگلو آهي ٣٢٦
بدن جي سستي روح لاءِ اٽڪ آهي ٣٢٦
دشمن کي سڃاڻڻ ۽ هن کان پاسو ڪرڻ ٣٢٧
دنيوي شيءِ سان دل نه لاءِ ٣٢٨
عشق جو اثر جهڙو عاشق تي تهڙو معشوق تي رهي ٿو ٣٢٩
سچي سڪ موت کان نٿي ڊڄي ٣٣٠
عشق ڇا آهي؟ ٣٣٠
جيڪو مرڻ کان ڊنو سو مرد نه ليکبو ٣٣٢
حقيقي عاشقن کي ڪهڙو ڊپ ٣٣٣
شيطاني آواز تي ڪن نه ڏي ٣٣٣
سکن پنيان ڏک ۽ ڏکن پنيان سک ٣٣٦
حقاني عشق ۾ جل نه تومان ڪچ نڪري وڃي ٣٣٦
وقت نه وڃاءِ روحاني فيض حاصل ڪري وٺ ٣٣٧
ايمان وارن انسانن جي شڪست به فتح آهي ٣٣٩
حقيقي هستي اڳيان سڀ شيءِ نيست آهي ٣٤١



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پبلشر نوٽ

مثنوي مولانا جلال الدين رومي ڪان سموري دنيا خاص ڪري مشرق جي ڏاهپ، اخلاقياتي ۽ سڌارڪ ڌارا بخوبي واقف آهي. ان حوالي سان گڏ اسان سنڌين جي لاءِ مثنويءَ جي اهميت هن حوالي سان به آهي جو اسان جي سماج جو سڀ کان وڏو مسيح شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليہ پنهنجي علمي ۽ فڪري ماخذن جي طور تي قرآن مجيد ۽ مثنوي روميءَ کي هميشہ پاڻ سان گڏ رکندو هو. سفر حضر ۾ کائڻ پيئڻ ۽ پائڻ پهرڻ جي سامان بجاءِ ڳنڍڙيءَ ۾ ٻئي ڪتاب سندس ڪل ڪائنات رهندا هئا. انساني نفس جي اصلاح ۽ اخلاقن جي سڌاري جي باري ۾ قومن جي حوالي سان جيڪو واقعن ۽ قصن جو طريقو قرآن اختيار ڪيو ۽ فردن جي حوالي سان جيڪو ڪهاڻين جو طريقو مثنويءَ اختيار ڪيو، شاهه عبداللطيف ڀٽائي انهن ٻنهي طريقن جي سنگم سان سنڌي سماج ۾ قومي ۽ افرادي اخلاقي سڌاري جي واٽ اختيار ڪئي. سندس ڪمال اهو هو جو هن انهيءَ ڪائناتي رنگ کي مقامي رنگ ۽ مقامي ڪهاڻين جي پسمنظر ۾ وڏي ڪاميابيءَ سان نباهيو. ٻه سؤ سالن تائين اسان سنڌي ماڻهن ۾ قومي ۽ افرادي سطح تي ان ڏاهپ ۽ سڌارڪ ڌارا جا اثر نسل درنسل هڪ قالب ۾ سانچي وانگر گهڙيل ڏسون ٿا. بدقسمتيءَ سان ويجهڙائيءَ وار اسان جا ڪجهه نسل انهن سرچشمن سان پنهنجي قومي ۽ افرادي زندگيءَ جي تعمير وارو تعلق توڙي نفسي سڌاري ۽ اخلاقي ڌارائن واري نسبت جون عملي وٿون وڃائي وينا آهن. انهيءَ ڪري اسان ضرروري ٿا سمجهون ته مشرقي ڏاهپ جي انهن هيڏي ساري سرچشمن سان پنهنجو قلبي تعلق جوڙيون ۽ پنهنجي نسبت ۽ تعلق جي عملي وٿن کي نروار ڪريون.

مثنوي رومي ڪل ڇهن دفترن تي مشتمل آهي. سنڌي ترجمي جي هن حصي ۾ مثنوي روميءَ جا ٽي دفتر شامل آهن. مثنويءَ جو پهريون دفتر سن ٦٦٠ هجري ڌاران تيار ٿيو. شيخ سعدي عليہ رحمت جو "گلستان" ڪتاب چار سال اڳ يعني ٦٥٦ هجريءَ ۾ لکجي چڪو هو. مشرقي ڏاهپ جا هي ٻئي اثاثا اڳتي هلي مسلمانن جي لاءِ نفس جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌاري ۽ اخلاقي تعمير لاءِ اهم ماخذ رهيا. گلستان سعديءَ کي اسلامي علمن تي مشتمل "درسي نظاميءَ" ۾ شامل ڪيو ويو جيڪو اڄ ڏينهن سوڌو درس نظاميءَ ۾ پڙهايو وڃي ٿو.

مرحوم غلام محمد شاهواڻيءَ جو سنڌي ادب لاءِ ڏنل خدمتون هميشه يادگار رهڻ واريون آهن. شاهه جي رسالي مرتب ڪرڻ کان علاوه مثنويءَ روميءَ جي ٽن دفترن جو سنڌي ترجمو ۽ خلاصو سنڌس علمي شاهڪار آهي. شاهواڻي صاحب بيتن جي لفظي ترجمي بجاءِ هڪ ئي موضوع جي چئن پنجن بيتن جي مفهوم کي سامهون رکي نثري ترجمو ڪندو ويو. افاديت کي قائم رکڻ لاءِ نصيحتون تمثيلون ۽ آکاڻيون اهڙي طرح مرتب ڪيو اٿس جو هي ڪم جڻ ته سندس اوريجنل ٿو لڳي. ۱۹۳۹ع ۾ ترجمي جو ڪم شروع ڪيائين ۽ ۱۹۴۲ع ۾ ٽي دفتر مڪمل ڪيائين. مثنويءَ جا باقي ٽي دفتر هو ترجمو ڪري سگهيو الائي نه، انهيءَ جو ڪوبه ڏس نٿو ملي. "علمي خزانو" جي نالي سان ترجمو ڪيل مثنويءَ جي ترجمي جا هي ٽيئي حصا بيحد مقبول ٿيا. سنڌ جي ڏهوڪي قانون واري وزير ۽ علم دوست شخصيت خانبهادر مير غلام علي خان ٽالپر ڪيس ان ترجمي جي ڇپائيءَ لاءِ اتساهيو. پهريون حصو ۱۹۴۲ع ۾ جيئن ئي ڇپيو ته ان کي سنڌ جي علمي ۽ ادبي حلقن ۾ بيحد مقبوليت حاصل ٿي. خاص ڪري شمس العماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي، خان بهادر محمد صديق ميمڻ، پير الاهي بخش، ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي، عثمان علي انصاري، لالچند امر ڏنو مل ۽ ٻين عالمن شاهواڻي صاحب جي ڪوشش کي پنهنجي تحريرن ۾ بيحد ساراهيو.

مثنويءَ جو هي ترجمو گذريل ڪيتر ڏهاڪن کان اشاعت ۾ نه رهيو آهي. سنڌيڪا اڪيڊمي ان جي اهميت کي سامهون رکندي حسب حال خوبصورت نموني پڙهندڙن جي آڏو رکندي بيحد خوشي محسوس ڪري ٿي. هن ڪاپيءِ سنت ئي مثنويءَ جا باقي ٽي دفتر ساڳي رنگ ۽ ڍنگ ۾ ترجمو ٿيل پڙهندڙن تائين رسايا ويندا.

**نوراحمد ميمڻ**

چيئرمين

سنڌيڪا اڪيڊمي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گذارش

مولانا روميءَ جي مثنوي کي پارسي علم ادب ۾ ممتاز درجو حاصل آهي. وڏا مولوي ۽ عالم انهيءَ ڪتاب جو چڱي طرح سان اڀياس ڪندا آهن ۽ عام ماڻهو انهيءَ ڪتاب جو نالو ئي عزت ۽ احترام سان وٺندا آهن. عام ماڻهن جي راءِ آهي ته مثنوي پڙهڻ ۽ سمجهڻ ڪو سولو ڪم ڪونهي ڇاڪاڻ جو ان ۾ خيال اونها ۽ الفاظ اُهنجا آهن. اهو خيال ماڻهن جي دل ۾ ايترو ته گهر ڪري ويو آهي جو جڏهن هڪڙي دوست سان ڳالهه ڪيم ته مان مثنوي شريف جو سنڌي نثر ۾ ترجمو ڪري رهيو آهيان تڏهن نه پر چيائين ته مثنويءَ کي ڪو سمجهي ڪونه سگهندو مون کي ڏاڍو عجب لڳو. ڇاڪاڻ جو مان انهيءَ خيال جو آهيان ته جو ڪتاب انسان لکيو آهي ۽ انهيءَ لاءِ لکيو آهي ته ٻيا پڙهي مستفيض ٿين تنهن ڪتاب لاءِ چوڻ ته سمجهڻ کان ٻاهر آهي سا مصنف جي سخت توهين آهي. بهرحال بنده پنهنجي ڄاتي آهر ڪوشش ڪئي آهي. اميد ته پڙهندڙ نه فقط حظ پر فيض پڻ حاصل ڪندا.

احقرالعباد

**غلام محمد شاهواڻي**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مختصر احوال
# مولانا جلال الدين رومي عليہ الرحمة

مولانا جلال الدين رومي عليہ الرحمة جو اصل نالو محمد هو، پوءِ سندس لقب جلال الدين مشهور ٿيو. جيئن تہ هن ننڍپڻ ڪان وٺي پڇاڙيءَ تائين روم (ايشياٽڪ ترڪي جو اصلوڪو نالو) ملڪ ۾ گذاريو هو، تنهنڪري "رومي" سڏجڻ ۾ آيو.

مولانا جلال الدين رح تاريخ ٦ ربيع الاول هجري ٦٠٦ هجري (سنہ ١١٩٣ع) ۾ بلخ شهر ۾ ڄائو هو، جو سندس اباڻو وطن هو. سندس ڏاڏو حسين بلخي (عليہ الرحمة) وڏو مشهور صوفي درويش هو، جنهن کي وقت جا بادشاهہ بہ گهڻي عزت ڏيندا هئا. خراسان جي بادشاه محمد خوارزم شاه پنهنجي ڌيءَ جو سڱ حسين بلخي رح کي ڏنو هو، جنهن مان مولانا رومي رح جو والد شيخ بهاءُ الدين صوفيَ رح پئدا ٿيو. بهاءُ الدين بلخي رح بہ وقت جو ڪامل صوفي درويش هو. ان وٽ خلق جي تمام گهڻي اچ وڃ ۽ ميڙ ڏسي وقت جي حڪومت کي ڪي سياسي شڪ شبها پيدا ٿيا، تنهن ڪري شيخ بهاءُ الدين بلخي رح ٽن سون خاص مريدن سميت بلخ مان هجرت ڪئي. ان وقت مولانا رومي جي عمر ڇهہ ورهيہ هئي. شيخ بهاءُ الدين رح سفر ڪندي پنهنجي اتالي سميت جڏهن نيشاپور ۾ پهتو، تڏهن فريد الدين عطار (عليہ الرحمة) سندس زيارت لاءِ آيو. مولانا رومي رح جي چمڪندڙ پيشاني ڏسي شيخ بهاءُ الدين رح کي عرض ڪيائين تہ، "هن ننڍڙي املهہ ماڻڪ جي خبرداريءَ سان سنڀال ڪجو، انشاءَ الله



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعاليٰ ڏيهن جو ڏيو ٿيندو.

شيخ بهاءُ الدين بلخي بغداد، حجاز، شام، زنجان کان سفر ڪندو روم (ايشياٽڪ ترڪي) جي شهر قونيہ ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي ۽ اتي تاريخ ١٨ ربيع الثاني هجري ٦٢٨ (١٢١٧ع) ۾ رحلت ڪيائين. ان وقت مولانا رومي رح جي عمر چوويهہ ورهيہ هئي.

مولانا رومي رح کي شروعاتي تعليم سندس والد صاحب ڏني هئي، پوءِ سندس والد جو خاص مريد سيد برهان الدين محقق مشهور عالم ۽ درويش سندس اتاليق (استاد) مقرر ٿيو. والد جي وفات کان هڪ سال پوءِ مولانا رومي رح حلب شهر جي "جلاديہ مدرسي" ۾ وڃي تعليم ورتي، جتي "تفسير" "حديث" "فقهہ" ۽ عربي زبان جي بين علمن ۾ نهايت قابل ٿي ويو.

"مدرسہ جلاديہ" مان "دستار فضيلت" (قابليت جي سند) حاصل ڪرڻ بعد مولانا رومي قونيہ ۾ موٽي آيو ۽ اتي ديني علمن جي تعليم جو مدرسو اچي کوليائين، جتي پاڻ تعليم ڏيندو هو، وعظ ڪندو هو ۽ شرعي فتوائون لکندو هو ۽ پوريءَ طرح عالمانہ زندگي گذاريندو هو ۽ صوفيانہ "سماع" کان پرهيز ڪندو هو.

مولانا شمس تبريزي (عليہ الرحمت) جيڪو مشهور خدا شناس صوفي هميشہ سوداگرن جي لباس ۾ ملڪن جا ملڪ گهمندو ۽ تندو هو، جتي ويندو هو اتي مسافر خاني ۾ رهندو هو، سماع ۽ فقيراڻين مجلسن ۾ مشغول رهندو هو، انهيءَ ڪري هو ملڪن ۾ مشهور هو ۽ شهر شهر ۾ سندس طالب ۽ مريد هئا، اهو ڪنهن ڏينهن قونيہ شهر جي مسافرخاني ۾ اچي لٿو. شهر ۾ هل پئجي ويو، تہ شمس تبريز رح ۽ شهر ۾ آيو آهي.

قونيہ شهر جو وڏي ۾ وڏو مولوي ۽ تقوا جو صاحب مولانا رومي رح هوندو هو، تنهن جڏهن شمس تبريزي رح جي اچڻ جي خبر ٻڌي، تڏهن عالمانہ لباس پائي پنهنجا خاص شاگرد پاڻ سان ڪري مسافرخاني ۾ شمس تبريزي رح سان ملاقات ڪرڻ ويو ۽ ارادو هوس تہ هن جا ڪي غير شرعي ڪم هجن، تہ انهن جي ڇڏڻ لاءِ هدايت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪريانس، جڏهن شمس تبريزي رح سان اچي ملاقات ڪيائين ۽ پاڻ ۾ ڳچ وقت تائين شريعت ۽ طريقت بابت گفتگو ۽ سوال جواب ڪيائون ۽ اڪيون اکين سان ملي وين، تڏهن شمس تبريزي اهڙي ڪا روحاني نظر ڪئي، جو مولانا رومي رح عالمانہ لباس لاهي ڦٽو ڪري شمس تبريزي رح سان گڏ بيهي "سماع" ڪرڻ لڳو ۽ هن سان گڏ چلو ڪڍي مراقبي ۾ ويهي رهيو.

قونيہ شهر جي عام خاص، ننڍن وڏن، مردن توڙي زالن ۾ هاءِ هاءِ! ۽ ترٿلو پئجي ويو، تہ هي ڪهڙو جادوگر آيو آهي، جنهن اسان جو عالم سڳورو مست ڪري ڇڏيو آهي. آخر ڪي ماڻهو شمس تبريزي رح کي قتل ڪرڻ لاءِ بہ سنيريا. شمس تبريزي رح تہ رمتو فقير هو، سو راتو واهہ قونيہ مان نڪري ويو ۽ وڃي دمشق کان نڪتو. شمس تبريزي رح جي گم ٿي وڃڻ کان پوءِ هن جي فراق ۾ مولانا رومي رح هيڪاري حال کان بي حال ٿي ويو. آخر مولانا رومي جو فرزند سلطان ولد ڳچ جيترا ماڻهو ساڻ ڪري مولانا رومي کان هڪڙو خط، جو نهايت درد ڀريل نظم جي صورت ۾ هو، سو وٺي شمس تبريزي رح کي ڳولڻ نڪتو ۽ آخر دمشق مان هن کي وٺي اچي قونيہ ۾ مولانا رومي رح وٽ رهايائين. پر ورهيہ مولانا شمس ۽ مولانا رومي رح پاڻ ۾ روحاني رهاڻيون ڪيون، تنهن کان پوءِ هجري سنہ ٦۴٥ (١٢٣٣ع) ۾ مولانا شمس اوچتو گم ٿي ويو ۽ وري روءِ زمين تي پڌرو نہ ٿيو. "نفحات الانس" ڪتاب ۾ لکيل آهي تہ مولانا شمس رح کي مولانا رومي جي ٻئي فرزند علاو الدين قتل ڪرائي سندس لاشوئي گم ڪرائي ڇڏيو هو.

مولانا شمس تبريزي رح جي شهادت کان پوءِ مولانا رومي (عليہ الرحمتہ) جو ڏرد ۽ فراق زياده ڇيپون ڪرڻ لڳو. قونيہ شهر ۾ شيخ صلاح الدين نالي هڪ درويش سونارو رهندو هو. جو سيد برهان الدين محقق ۽ خدا رسيده جو مريد هوندو هو، سو پنهنجو ڏندو ڦٽو ڪري مولانا رومي رح جي دل کي گهڻو ناريو ۽ آرام بخشيو. ٿورن ورهين کان پوءِ شيخ صلاح الدين وفات ڪئي، جنهن جي تربت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مولانا رومي رح پنهنجي والد جي تربت سان گڏ نهرائي.

شيخ صلاح الدين جي وفات کان پوءِ شيخ حسام الدين چلپي، جيڪو مولانا رومي رح جو نهايت پيارو ۽ سعادتمند مريد هوندو هو، سو اچي سندن صحبت ۾ رهيو. مولانا رومي رح ۽ شيخ حسام الدين هڪٻئي جو اهڙو ادب رکندا هئا، جو سمجهي ڪين سگهبو هو ته ٻنهي مان ڪهڙو مرشد آهي ۽ ڪهڙو مريد آهي. مولانا رومي رح "مثنوي شريف" ۾ جيتري قدر مولانا شمس تبريزي رح ۽ شيخ صلاح الدين جي نيڪي ڳائي آهي، تنهن کان گهڻو وڌيڪ شيخ حسام الدين چلپي جون نيڪيون بيان ڪيون اٿس.

شمس تبريزي رح جي ملاقات ۽ صحبت کان پوءِ مولانا رومي رح جا مدرسا ۽ وعظ ڇٽي ويا. هو سدائين عبادت، مراقبي ۽ سماع ۾ گذاريندو هو. درويشن ۽ مريدن جون قطارن جون قطارون هر وقت سندس محفل ۽ مجلس ۾ حاضر رهنديون هيون. ذڪر ۽ سماع جي لولي لڳي پئي هوندي هئي.

وقت جا حاڪم ۽ امير سندس زيارت لاءِ ايندا هئا ۽ قيمتي نذرانا اڳيائنس اچيو رکندا هئا، سڀ خير خيرات ۾ ڏيو ڇڏيندو هو. سندس عيال هميشه مسڪينيءَ جي زندگي بسر ڪندو هو.

مولانا رومي رح اٺهٺ ورهين جي ڄمار ۾ تاريخ ٢٥ جمادي الثاني هجري سنه ٦٧٢ (عيسوي سنه ١٢٦٠) ۾ قونيه شهر ۾ وفات ڪئي. جتي سندس عاليشان درگاه اڄ تائين قائم آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مثنوي شريف جو نهڻ ۽ ان جي مضمونن جي ترتيب

مولانا رومي جي حياتيءَ جي پوين ڏهن ورهن ۾ هڪڙو ڏينهن سندس پياري صحبتي شيخ حسام الدين چلپي رس رهاڻ ڪندي عرض ڪيس، ته ”قبلا سائين! جيئن فريد الدين عطار ڪتاب ”منطق الطير“ (پکين جي ٻولي) نظم ۾ ناهي ويو آهي، تيئن توهين به ڪو نه ڪنهن نظمي ڪتاب کي تيار ڪريو، جو اسان جهڙن طالبن واسطي هميشہ روحاني رهنمائي ڪندو رهي“ تنهن تي مولانا رومي رح فرمايو ته، ”مونکي به ڪالهه رات کان ڪر اهڙو خيال اچي ٿيو آهي. هاڻي جو تو پاڻ ئي منهنجي خيال جي پٺڀرائي ڪئي آهي، ته بسم الله.“ ايئن چئي اتي جو اتي ”بشنو ازني چون حڪايت مي کند“ کان وٺي ”پس سخن کوتاه بايد والسلام“ تائين ٿيويهه بيت چئي وجي پار پيو، جي ”مثنوي شريف“ جي شروعات ۾ لاڳيتا درج ٿيل آهن. پوءِ آهستي آهستي ”مثنوي شريف“ جا ڇهه ئي دفتر تيار ڪري ورتائين ۽ ايئن ڪتاب مڪمل ڪيائين.

مولانا رومي رح پاڻ جيڪو نهايت فصاحت ۽ بلاغت ڀريل عربي نثر ۾ مثنوي شريف جو ديباچو لکيو آهي، تنهن ۾ پاڻ به لکيو اٿس، هي ”مثنوي“ مون شيخ حسام الدين جي استدعا تي لکي آهي“ ۽ اتي شيخ حسام الدين بابت نهايت اعليٰ نموني جا تعريفي لفظ لکيا اٿس. ديباچي ۾ خود ”مثنوي“ بابت هي لفظ لکيا اٿس.

”مون هيءَ ”مثنوي“ جا نظم جي صورت ۾ لکي آهي، تنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ اڻ لپ ۽ عجيب نڪتا، روشني پريل ڳالهيون ۽ هدايت جا موتي سمايل آهن. هن ۾ زاهدن لاءِ زهد جو رستو ڏيکاريل ۽ عابدن جي لاءِ عبادت جو باغ برسايل آهي. هن ۾ لفظ محدود، مگر معنائون غير محدود رکيل اهن."

مٿين عبارت ۾ مولانا رومي تمام ٿورڙن لفظن ۾ "مثنوي شريف" ۾ سمايل مضمونن جو ذڪر ڪيو آهي. "مثنوي شريف" جا ڇهه ئي دفتر غور سان پڙهي ڏسبا، ته معلوم ٿيندو ته ساري ڪتاب جي مضمون جو مدار آهي: رب، روح ۽ جسم جي تعلقات جي مفصل سمجهاڻيءَ تي. روح جو رب سان اصل ڪهڙو تعلق هئڻ گهرجي ۽ آخر ڪهڙو تعلق رهندو؟ ۽ انساني جسم ڇا آهي ۽ ان سان روح جو ڳانڍاپو ڪيتري قدر آهي؟ دنيا ڇا آهي ۽ دنيا جا اسباب ڇا آهن؟ جسم ۾ هئڻ جي حالت ۾ ڪهڙا عمل ۽ اخلاق روح کي رب سان ملڻ ۾ مدد ڪندا ۽ ڪهڙا خراب عمل ۽ اخلاق روح کي رب سان ملڻ کان روڪيندا؟ اهي اخلاقي ۽ روحاني ڳالهيون جيڪڏهن ڪليون ڪلايون خلق جي اڳيان پيش ڪجن، ته جيڪر عام خاص ماڻهن کي شايد دلچسپ نه لڳن تنهن ڪري مولانا رومي رح ساري "مثنوي شريف" ۾ ڪن ٿورڙن هنڌن انهن ڳالهين جو سنئون سڌو ذڪر ڪيو آهي، نه ته هر هنڌ عام خاص جي دلچسپيءَ جهڙيون آکاڻيون، نضير ۽ تمثيلون بيان ڪري، انهن جي مضمون سان ٺهڪي ٺهڪي ايندڙ روحاني ۽ اخلاقي هدايتون ۽ سمجهاڻيون ڏنيون آهن.

"مثنوي شريف" ۾ ڏنل نقل، مثال ۽ آکاڻيون "انوار سهيلي" ۽ "ايسپ جي آکاڻين" ۾ ڏنل نقل مثالن ۽ آکاڻين وانگر رڳا نقل ۽ آکاڻيون نه آهن، پر مولانا رومي رح هر هڪ نقل ۽ آکاڻيءَ ۾ ڇپي ڇپي تي ٺهڪي پهڪي ايندڙ روحاني ۽ اخلاقي نصيحتن سان، نقل ۽ آکاڻيءَ کي پورو ڪيو آهي. انهن آکاڻين ۽ نقلن ۾ وڏي خوبي هيءَ آهي، جو هر هڪ آکاڻي يا نقل جي پڇاڙيءَ ۾ اهڙا نڪتا ۽ گفتا ڪم آيل آهن، جن سان ايندڙ آکاڻي ڳنڍجي وڃي ٿي. انهيءَ ڪري سيني آکاڻين جو اهڙو پاڻ ۾ ربط رکيل آهي جهڙو زنجير جي ڪڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ڪڙيءَ سان.

انهن آڪاڻين بابت مولانا رومي رحہ هڪڙي هنڌ فرمائي ٿو:

حاش لله! اين حکايت نيست اين
نقد حال ما و تست اين خوش ببين.

معنيٰ: خبردار! الله الله ڪر! هي ڪي سڪڻيون آڪاڻيون نہ آهن، پر ويچار سان پڙهي ڏس، تہ انهن ۾ انسان جي ۽ تنهنجي موجوده حال جو نقشو چٽيل آهي.

جيئن مولانا روميءَ پاڻ پنهنجي زندگيءَ ۾ مذهبي تعصب کان بلڪل اڃو هو، تيئن سندس سارو ڪلام بہ مذهبي تعصب ۽ فرقي پرستيءَ کان بلڪل پاڪ آهي. سندس بي تعصب زندگيءَ جو اهو ثبوت ڪافي آهي تہ سندس وفات بعد سندس جنازي سان جيئن مسلمان قرآن شريف ۽ ڪلما پڙهي ٿي هليا، تيئن عيسائي "انجيل" ۽ يهودي "توريت" پڙهندا ٿي هليا، وقت جو بادشاهہ جنازي سان هو. تنهن عيسائين ۽ يهودين کان پڇيو، تہ اوهان جو هن مسلمان فقير سان ڪهڙو واسطو آهي؟ تنهن تي هو چوڻ لڳا، تہ جيئن مسلمانن لاءِ هو فقير "محمدي صورت" هيو تيئن اسان لاءِ "عيسائي ۽ موسائي صورت" هو.

مثنوي شريف جو پهريون دفتر، جيڪو هت پڙهندڙن جي مطالعي لاءِ پيش ڪجي ٿو، تنهن مان ئي پڙهندڙ معلوم ڪري سگهندا تہ، ساري مثنوي شريف ۾ بيشڪ اڻ لپ نڪتا ۽ هدايت جا موتي سمايل آهن. مولانا جامي (عليہ الرحمتہ) انهيءَ "مثنوي شريف" بابت هڪڙو ڏگهو نظم لکيو آهي، جنهن جو هڪڙو بيت هيءُ آهي:

مثنوي مولوي معنوي،
هست قرآن در زبان پهلوي.

معنيٰ: "مولانا روميءَ (عليہ الرحمتہ) جي معنائن ڀريل مثنوي گويا پارسيءَ ٻوليءَ ۾ قرآن شريف آهي."


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روحاني دنيا ۾ ميسر ھئي. وردس ورٿ (Wordsworth) اھو ساڳيو خيال پنھنجي نظم Ode on the intimation of immortality ۾ پڻ ڄاڻايو آھي. جسماني دنيا ۾ اچڻ کري جسم جا لازمي اوگڻ، جھڙوڪ بغض، نفاق، جھيڙو جھٽو، فساد، تکبر، چڙ، حسد، طمع، رياءُ، بخل، خيانت ۽ ٻيا نفساني عيب روح کي ناپاڪ ڪرڻ لڳن ٿا. روح لاءِ اھو وڏي ۾ وڏو نقصان ۽ ڇيھو آھي، جنھنجو احساس انھن عام انسانن جي روحن کي ٿيڻ ناممڪن آھي، جيڪي رات ڏينھن دنيا جي ڪاروبار ۽ ڏڳھين ڏگھين اميدن ۽ آسرن جي مستيءَ ۾ غافل آھن. مگر جن شخصن کي سبق پرائيندڙ نفس ۽ روشنيءَ واري دل ڌرئون عطا ٿئي ٿي، يا جيڪي شخص اخلاقن جي تھذيب ۽ نفس جي تزڪيي وارن ڪتابن جي مطالعي ڪرڻ مان سبق حاصل ڪن ٿا، يا جن جي دل تان غفلت جا پردا ڪنھن ڪامل مرشد جي نظر، فيض اثر سان کڄيو وڃن ٿا، تن جو روح ئي سڄاڳ ٿي معلوم ڪري ٿو تہ ھو ڪھڙي نہ اعليٰ آستان مان نڪري ھن ادنيٰ ماڳ ۾ اچي پيو ۽ ڪھڙين ڪھڙين سعادتن کان ڇڄي ھنن پليتائين ۾ اچي ڦاٿو آھي. اھڙو سڄاڳ روح ئي ھڪڙي حقيقي ٻنسري آھي، جا پنھنجي اصل کان وڇڙي ڌار ٿيڻ ڪري وڇوڙي جون درد ڀريون دانھون ڪري ٿي ۽ پنھنجو عظيم نقصان محسوس ڪري رت جون ھنجون ھاري ٿي ۽ ٻين جا بہ ھنيان وڳھاري ٿي. جيئن ٻنسري، وڄائيندڙ جي ڦوڪ اچڻ تي پنھنجا درد ڀريا آواز ظاھر ڪري ٿي تيئن روحاني ٻنسري کي بہ آوازن ڪڍائڻ لاءِ حقيقي محبوب جي ڦوڪ جو اثر ضروري آھي.

حقيقي عشق ڇا آھي؟ ۽ ڪيئن حاصل ٿو ٿئي؟ ۽ سندس ترقيءَ جا اسباب ڪھڙا آھن؟ تنھن بابت مولانا رومي رح ھن طرح ھدايت ڪري ٿو:

**(٣) حقيقي عشق**

”اي پٽ! حرص ۽ سڌن جو قيد ٽوڙي آزاد ٿيءُ. سون ۽ چانديءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي خيال ۾ اهڙان ڪيترو رهندين؟ حرص وارن شخصن جي بڪايل اکين جي جهولي پرجڻي ٿي نه آهي. ڏنو نه اٿيئي ته سپ جيستائين قناعت (ٿوري تي راضي رهڻ) واري نه ٿيندي آهي، تيستائين منجهس سانپو موتي سمائجي نه سگهندو آهي؟ جنهن انسان تي حقيقي عشق جو اثر ٿئي ٿو، سو حرص ۽ ٻين سڀني جسماني خرابين کان پاڪ ٿيو پوي."

"انسان ۾ جڏهن حق تعاليٰ جي محبت ديرو ڄمائي ٿي تڏهن هن کي حق تعاليٰ جي ذڪر ۽ ان جي رضامندي حاصل ڪرڻ، فڪر ۽ عبادت ڪرڻ کانسواءِ آرام اچڻوئي نه آهي. ذڪر ۽ عبادت جي ڪري اخلاقن جي تهذيب، نفس جو تزڪيو (پاڪائي) ازخود حاصل ٿيڻو آهي، ڇاڪاڻ جو انهن اعمالن جي ڪري روح کي "لطافت" (پاڪيزگي) ملي ٿي، جنهن ڪري هو نفساني خرابين جي "ڪثافت" (گدلائي) کان قدرتي طرح دور گذاريندو اچي ٿو."

"حقيقي عشق سڀني روحاني توڙي اخلاقي مرضن کي دفع ڪندڙ حڪيم آهي ۽ هٺ ۽ نفسانيت جي بيماريءَ کي پاڙئون پٽيندڙ طبيب آهي."

"اهو حقيقي عشق ئي هو، جنهن جي برڪت سان حضرت پيغمبر ڪريم عليہ الصلواة ۽ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جن جا خاڪي جسم آسمان تي چڙهي ويا هئا. اهو حقيقي عشق ئي هو، جيڪو طور سينا جبل جي جان بنجي ويو. اي عاشق! ڏس ته حضرت موسيٰ عليہ السلام جي حقيقي عشق ڪيئن نه طورسينا جبل ۾ روح پيدا ڪري وڌو! طورسينا جبل مست ٿي پيو ۽ حضرت موسيٰ به حقاني تجليءَ جي تاب نه سهي سگهڻ ڪري ڏڪي ڏڪي ڪري پيو.

**(۴) حقيقي معشوق جو جلوو.**

جمله معشوق است و عاشق پرده

زنده معشوق است و عاشق مرده۔



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ: "زمين ۽ آسمان تي اسين جيڪا به جوڙ ۽ بناوت (فطرت) ڏسون ٿا، سا سموري خود حقيقي معشوق پاڻ آهي ۽ عاشق (فطرت) فقط پردو آهي. حقيقي معشوق سدائين جيئرو جاڳندو آهي ۽ فطرت (جوڙ ۽ بناوت) بي جان آهي."

شرح: (١) سارو جهان حق تعاليٰ جي پاڪ ذات سان ڀَرپور آهي ۽ جيڪي به اسين ڏسون وائسون ٿا ۽ سڻون پڙهون ٿا، سو فقط هڪڙو وهمي ۽ اعتباري پردو آهي. جڏهن اهو پردو وچ مان ڪڍي وجي ٿو، تڏهن اها ئي اصل پاڪ ذات جلوه گر رهي ٿي. جڏهن هيءَ ڳالهه ثابت ٿي، ته جيڪي به آهي، سو سڀ معشوق ئي آهي ۽ عاشق رڳو وهمي پردو آهي. معشوق ئي "حقيقي وجود" سان موجود آهي ٻي ڪابه شيءِ نه آهي.

(ڪشف العلوم شرح مثنوي مولانا روم)

٢ـ تصوف جو جيڪو ڳوڙهيم ڳوڙهو مسئلو ۽ وڏي ۾ وڏو راز آهي، سو آهي "وحدت وجودي" (همه اوست) يعني "سڀني هستين ۾ هڪ ئي هستيءَ جو سمايل هجڻ." اهوئي مسئلو آهي، جنهن تي ڪن صدين کان وٺي صوفي بزرگن ۽ ظاهر پرست عالمن جي وچ ۾ سخت اختلاف هليو اچي ٿو، ۽ اهو ئي مسئلو آهي جو مولانا رومي رح مٿئين بيت ۾ بيان ڪيو آهي ۽ صوفي بزرگ انهيءَ مسئلي کي ئي "معرفت جو روح" ٿا سمجهن. تنهن ڪري انهيءَ مسئلي بابت اسان ۾ آسان سمجهاڻي ڏيڻ جي هت ڪوشش ڪريون ٿا، ڇاڪاڻ ته صوفي درويشن جي ڪلامن سان دلچسپي رکندڙن ۽ پڙهندڙن لاءِ انهيءَ مسئلي جي ڇنڊڇاڻ نهايت ضروري آهي.

قديم زماني کان وٺي سڀ صوفي بزرگ "وحدت وجودي" (همه اوست) جي مسئلي کي مڃيندا آيا آهن. هجري پنجين صديءَ کان پوءِ انهيءَ مسئلي بابت صوفي بزرگن جون ٻه جماعتون ٿي پيون: هڪڙا قديم صوفين وانگر "وحدت وجودي" (همه اوست) جا مڃيندڙ ٿي رهيا ۽ ٻيا وري "وحدت شهودي" (همه از اوست) جا قائل ٿي پيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن ڪري هت انهن ٻنهي مسئلن بابت جدا جدا سمجهاڻي لکون ٿا:

(الف) وحدت الوجود يا وحدت وجودي (همه اوست): "وحدت وجودي" جي مڃيندڙن جو چوڻ هيءُ آهي، ته "وجود مطلق" (پنهنجي سر قائم رهندڙ هستي) فقط هڪ ئي آهي، جا آهي حق تعاليٰ جي پاڪ ذات. ٻيون جيڪي به هستيون قديم خواه نيون، نوراني خواه جسماني، مؤمن خواه بي دين، پاڪ خواه پليت وغيره آهن، تن سڀني ۾ اهو "وجود مطلق" ظاهر آهي، مگر انهن سڀني هستين مان هر هڪ هستيءَ جو درجو جدا آهي ۽ انهن هستين جي درجن ۾ فرق قائم ڪرڻ ضروري آهي. مثلاً مؤمن جي لاءِ جوڙيڪاري جو حڪم آهي. جيئن ڪنهن بزرگ، فرمايو آهي ته:

هر مرتبه از وجود حکمی دارد

گر فرق مراتبه نه کنی زندیقی۔

معنيٰ: سڀ ڪا هستي پنهنجي درجي موجب جدا حڪم جي لائق آهي. جيڪڏهن تون انهن درجن ۾ تفاوت نه سمجهندين ته پوءِ بي دين ۽ گمراهه ليکبين.

انهيءَ عقيدي بابت ٿن بزرگن جون ذيل سمجهاڻيون هيٺ لکجن ٿيون:

(١) جيڪا به موجودات نظر اچي ٿي، سا سڀ خود معشوق يعني حق تعاليٰ جي ذات پاڪ آهي. عاشق جيڪو موجودات جي هستين ۾ نظر اچي ٿو، سو فقط پردو آهي. جيڪڏهن اهو پردو ڪڇي ويندو، ته دنيا ڪجهه به نه رهندي، جيئن ته عاشق جي هستي ۽ ان جو جيئڻ مرڻ خدا تعاليٰ جي قدرت جو ئي هڪڙو شان آهي، جيڪڏهن هو انهيءَ شان ڪانسواءِ ئي جلوه گر ٿيڻ گهري ته جيڪر دنيا نيست ۽ نابود ٿي وڃي. تنهن ڪري ئي چئجي ٿو، ته معشوق يعني حقاني ذات سدائين جيئري جاڳندي آهي ۽ عاشق مرده جي مثل آهي. (بحرالعلوم شرح مثنوي مولانا روم)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢) دنيا ۾ جيڪي بہ اسين ڏسون ٿا، تنهن سڀ جي وجود ۾ اچڻ جو مدار آهي خدا تعاليٰ جو پاڪ ارادو ۽ مرضي. اهو پاڪ ارادو ۽ مرضي الله تعاليٰ جي پاڪ صفتن مان هڪڙي صفت آهي ۽ اها صفت حق تعاليٰ جي پاڪ ذات سان تعلق رکي ٿي. يعني پاڪ ذات ۽ انهيءَ صفت جي وچ ۾ ٻيو ڪوبہ پردو ۽ اڏ نہ آهي. تنهن ڪري جيڪا بہ موجودات اسين ڏسون ٿا، تنهن جي هستيءَ جو بنياد "ذات حق" کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ نہ آهي. تنهن ڪري حقيقي عشق جي حالت ۾ موجودات کي معشوق سمجهڻ ۽ سڏڻ غلط عقيدو نہ آهي (از رسالہ وحدت الوجود مؤلف حضرت قاضي ثناءَ الله پاڻي پت وارو).

(٣) "وحدت الوجود" جي اها معنيٰ نہ آهي، تہ هڪڙو ئي وجود (هڪڙي ئي هستي) جدا جدا صورتن ۾ نظر اچي رهي آهي، پر ان جي معنيٰ آهي تہ جدا جدا صورتن ۾ هستين جي وجود ۾ اچڻ جو سبب هڪ ئي وجود (هستي) آهي، جو آهي "حقاني ذات". سج جو سوجهرو جيئن پاڪ شين تي بہ پوي ٿو ۽ منجهن اثر ڪري ٿو تيئن ناپاڪ شين تي بہ پوي ٿو پر تنهن هوندي بہ پاڻ پاڪ ئي رهي ٿو ۽ هرگز پليت نٿو ٿئي. جڏهن موجودات جي سڀني هستين جا در الڳ الڳ محيا وجن ٿا ۽ انهن لاءِ الڳ الڳ حڪم قائم رکيا وجن ٿا، جيئن شريعت ۾ لکيل آهن، تڏهن "وحدت الوجود" جي عقيدي تي اعتراض ڇو آڻڻ گهرجي؟ خدا تعاليٰ پنهنجي ان ڪلام ۾ بہ انهيءَ مسئلي ڏانهن اشارو فرمايو آهي. جيئن تہ "سنريهم آياتنا في الافاق وفي انفسهم حتيٰ يتبين لهم انه الحق اولم يڪف بربڪ انه عليٰ ڪل شيءُ شهيد الاانهم في مرية من لقاءِ ربهم الا انه بڪل شيءَ محيط -

(لحم سجده ٥٣_ ٥٤)

معنيٰ: اسين جلدئي انهن ماڻهن کي پنهنجون نشانيون دنيا جي پاسن ڪندن ۾ ڏيکاريندا سون پر خود سندن وجود ۾ ڏيکاريندا سون جيستائين انهن تي ظاهر ٿي وڃي تہ قرآن شريف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيشڪ سچو آهي. اها ڳالهہ ڪافي نہ آهي ڇا تہ تنهنجو پروردگار سيڪنهن ڪمہ (سڀ ڪنهن شيءِ) جو شاهد آهي؟ ياد رکو تہ اهي ماڻهو پنهنجي پروردگار اڳيان حاضر ٿيڻ ۾ شڪ ڪندا آهن. ياد رکو! خدا تعاليٰ سڀ ڪنهن شيءِ کي گهيري ۾ رکندڙ آهي" ۽ پڻ الله تعاليٰ فرمايو آهي، تہ "هو الاول والاخر والظاهر والباطن" (سوره الحديد پاره ۲۷)

(معنيٰ: اهو ئي شروع کان آهي ۽ اهو ئي آخر تائين رهندو ۽ اهو ئي ظاهر آهي ۽ اهو ئي پوشيده آهي) (فتاوي عزيزي جلد اول صفحہ ۱۲۴. مولانا شاه عبدالعزيز دهلوي).

مشهور صوفي بزرگ، جيڪي "وحدت الوجود" جا قائل هئا، تن مان ڪن بزرگن جا سڳورا نالا هيٺ ڏجن ٿا:-

(۱) شيخ محي الدين ابن عربي (۲) شيخ صدر الدين قونوي (۳) حضرت مولانا رومي (۴) حضرت شمس الدين تبريزي (۵) شيخ فريد الدين عطار (٦) حضرت خواجہ عبيدالله احرار (۷) مولانا جامي (۸) خواجہ فريد الدين شڪر گنج (۹) حضرت غوث الاعظم (۱۰) شيخ عبدالحق محدث دهلوي (۱۱) شاهہ عبداللطيف ڀٽائي (۱۲) سڳورو سچل سائين.

(ب) وحدت الشهود يا وحدت شهودي (همہ از اوست):

صوفي بزرگن جي جماعت جيڪا هجري پنجين صدي کان پوءِ پيدا ٿي ۽ "وحدت وجود" جي قائل نہ رهي، تنهن جو چوڻ آهي، تہ "وحدت وجود" کي مڃڻ يعني سيني هستين کي هڪ ئي هستي سمجهڻ فقط عشق جي نشي ۽ محويت جي ڪري آهي، نہ تہ در حقيقت اهي سڀ هستيون "وجود مطلق" کان الڳ هستيون آهن، جي فقط وجود مطلق جي "شهود" (تجلي) ۾ ڏِسڪيل نظر اچن ٿيون، تنهن ڪري "همہ ارست" (سڀ ڪجهہ اهو پاڻ آهي.) جي بدران "همہ از اوست" (سڀ ڪجهہ ان جو بنايل آهي) مڃڻ درست آهي. جيئن سج جي روشنيءَ ۾ سڀ تارا گمہ ٿيو وڃن ٿا. ۽ ڏسڻ ۾ نٿا اچن، مگر حقيقت ڪري سڀ تارا ڏينهن جو بہ موجود ۽ روشن آهن،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فقط سچ جي روشنيءَ غالب هئڻ ڪري سندن روشني مات ٿيو وڃي ٿي تيئن "وجود مطلق" اهڙو عظيم الشان ۽ هر شيءِ تي ڇانيل هستي آهي، جنهن جي اڳيان جبلن، دريائن، زمين، آسمان، انسان، فرشتن وغيره هستين جو نالو ونڻ به بي ادبي آهي.

شيخ سعدي، شيخ علاؤ الدين سمناني، حضرت امام رباني مجدد الف ثاني، شيخ احمد سرهندي جهڙيون بزرگ هستيون "وحدت شهود" جون قائل ٿي گذريون آهن.

حضرت شاه عبدالعزيز دهلوي "فتاويٰ عزيزي" جلد اول صفحو ۵۴ ۾ فرمائي ٿو، ته "وحدت وجود" جو اعتقاد ڪو ضروري اسلامي عقيدو نه آهي جو شخص اهو مسئلو نه سمجهي سگهي يا ان ۾ ويساه نه رکي تنهن جي اسلام ۾ ڪو خلل نٿو پوي، مگر جيڪي بزرگ انهيءَ مسئلي جا معتقد آهن، تن جي حق ۾ اڻ سهائيندا لفظ ڳالهائڻ نه گهرجن، نڪي انهن کي ڪافر ۽ بي دين سمجهڻ گهرجي ۽ نه انهن سان قطع تعلقات ڪرڻ جڳائي، بلڪ انهن کي مسلمان ئي سمجهڻ گهرجي ۽ مسلماني وارا سڀ سلوڪ ساڻن روا رکڻ گهرجن.

مولانا رومي ساري موجودات کي حقيقي معشوق جو جلوو چئي پوءِ فرمائي ٿو ته:

جيڪڏهن حقيقي معشوق جي عنايت جو نور منهنجي طرف رهنمائي ڪندڙ نه هجي ها، ته مونکي پنهنجي اڳ پٺ جي خبر ڪيئن پئجي سگهي ها؟ (پر شيطان جي مڪر ۽ فريب کان آءٌ ڪيئن بچي سگهان ها؟) "انجي نوازش جو نور ساڄي، کاٻي، هيٺ مٿي جلوه گر آهي ۽ منهنجي مٿي تي ۽ گردن ۾ طوق وانگر ويڙهيل آهي."

خدا تعاليٰ جو نور هر هنڌ ۽ هر طرف ساري فطرت (سرشتي) ۾ پسريل ۽ پکڙيل آهي، جنهن کي سالڪ "حالت عروج" (روحاني محويت) بعد "حالت نزول" (موٽي جسماني حالت) وقت موجودات جي جدا جدا شين ۾ پسي ٿو. اهو ڏسڻ پسڻ سالڪ کي تڏهن حاصل ٿيندو، جڏهن ان جي دل جو آئينو صاف هوندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### (٥) دل جو آئينو

مولانا رومي جن فرمائين ٿا تہ:

اي انسان! تون سمجهي سگهين ٿو، تہ تنهنجي دل جو آئينو هن ”ڪثرت“ (موجودات) مان ڇو وحدت (حقاني ذات) جو عڪس حاصل نٿو ڪري سگهي؟ اهو هن ڪري وحدت جو عڪس نٿو ماٺي سگهي جو متس ڪٽ چڙهي ويئي آهي. ”تون وڃي انهيءَ دل جي آئيني جي منهن تان ڪٽ لاهي صاف ڪرينس، تہ پوءِ وحدت جي نور جو عڪس منجهس چڱيءَ طرح بکندو رهندو.“

”جنهن دل جو آئينو ڪٽ ۽ گندگيءَ کان صاف ٿيل آهي، سو حقاني سج جي سوجهري سان چڱيءَ طرح ڀرپور رهي ٿو.“

### (٦) مثنوي شريف ۾ ذنل آکاڻين جي مراد

دلِ جو آئينو صاف ڪيئن ٿئي؟ تنهن لاءِ ”اي دوستو! هي منهنجون آکاڻيون ٻڌو، جيڪي اسان جي حالت جون سچيون پچيون فوٽو آهن. انهن آکاڻين مان اوهانکي معلوم ٿيندو تہ دل جي آئيني تي ڪٽ ڪيئن ٿي چڙهي ۽ اها خدا تعاليٰ جي مهرباني ۽ خدا دوستن جي فيض ڀري نظر سان ڪيئن ٿي لهي ۽ صاف ٿئي؟ ”جيڪڏهن انهن آکاڻين جي ذري پرزي کي اسين پنهنجي دل سان هنڊائيندا ايندا سون تہ اسين هن دنيا ۾ بہ نيڪنامي حاصل ڪنداسون ۽ آخرت ۾ بہ ڇوٽڪارو ماڻينداسون. تنهن ڪري هي حقيقتون دل جي ڪنن سان ٻڌو تہ اوهانکي جسماني خرابين کان آزادي حاصل ٿئي.“

## پهرين آکاڻي

## بادشاه جو ٻانهيءَ تي عاشق ٿيڻ، اها خريد ڪرڻ، ڪنيز جو بيمار ٿيڻ ۽ ان جو علاج.

آڳاتي زماني ۾ هڪڙو بادشاه هو، جيڪو جيئن دنيائي حڪومت جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏٺي هو، تيئن پنهنجن چڱن اخلاقن ۽ اعمالن جي ڪري ان وقت جي دين جو ٻه اڳواڻ هو. اتفاق سان هڪڙي ڏينهن هو پنهنجي خاص ماڻهن سان شڪار ڪرڻ لاءِ جبل ۽ بيابان گهمندي وتيو، ته شڪار هٿ ڪرڻ جي بدران اوچتو پاڻ عشق جي دام ۾ گرفتار ٿي پيو. يعني رستي هلندي هڪڙي سهڻي ڪنيز (ٻانهي) ڏسي دل ۽ جان سان ان تي عاشق ٿي پيو. جڏهن ان ڪنيز لاءِ پاڻ کي بي آرام سمجهيائين، تڏهن پئسا ڏيئي اها ڪنيز خريد ڪيائين ۽ وٺي وڃي پنهنجي محلات ۾ رهايائين.

ڪنيز بادشاه جي محلات ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ ٿورن ڏينهن بعد بيمار ٿي پيئي، جنهنجي بيماري بادشاه کي هيڪاري ڳڻتين ۾ ٻاري وڌو. بادشاه هڪدم اوري پري جا طبيب پاڻ وٽ آڻي گڏ ڪيا ۽ انهن کي چيائين:

"منهنجو ساه ته هڪڙي رواجي شيءِ آهي، پر منهنجي ساه جو پساه اها ڪنيز اٿو. آءٌ عشق جي مرض ۾ بيمار ۽ زخميل آهيان، منهنجي علاج ۽ منهنجي درد جو دارون اها ڪنيز اٿو. جيڪو منهنجي انهيءَ ساه (ڪنيز) کي تندرست ڪندو، تنهن کي آءٌ هيرن ۽ جواهرن سان مالا مال ڪري ڇڏيندس."

بادشاه جا ٻول ٻڌي سڀيئي طبيب چوڻ لڳا ته "جيئندا قبلا! اسان مان هر هڪ طبيب زماني جو مسيح ڪري سمجهجو. اهڙو مرض ئي نه آهي جنهن جو اسين علاج ڪري نه سگهندا سون. اسين سر جي چوٽ ڏينداسون ۽ گڏجي هڪ ٻئي سان صلاح ڪري دوا دارون ڪنداسون...

## نصيحت: (ايندڙ ڪم لاءِ خدا جو نالو وچ ۾ آڻجي):

طبيبن پنهنجي هوشياريءَ جون لافون پئي هنيون، پر پنهنجي زبان تي "انشاءَ الله تعاليٰ" (جيڪڏهن خدا گهريو ته چڱو ڀلو ڪنداسونس) لفظ نه آندائون، تنهن ڪري خدا تعاليٰ انهن طبيبن کي ڪنيز جي علاج ۾ سوڀارو نه ڪيو.

"خدا تعاليٰ جو نالو وچ ۾ آڻڻ ڪانسواءِ ڪنهن ڪم جي هام هڻڻ اندر جي اونداهي چئبي. خدا تعاليٰ جو حڪم آهي ته "اي انسان! تون ائين ڪڏهن به نه چئج، ته آءٌ سڀاڻي فلاڻو ڪم ڪندس، پر چئج ته جيڪڏهن خدا گهريو ته سڀاڻي فلاڻو ڪم ڪندس (سوره الڪهف رڪوع ۴). "رڳو زبان سان "استثنا" (خدا جو نالو وچ ۾ آڻڻ) چوڻ به ڪار نه آهي پر ڪيترائي اهڙا ماڻهو آهن،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي زبان سان "استثنا" ته ڪونه چوندا آهن پر انهن جي جان سان هر وقت "استثنا" جا لفظ (انشاءَ الله تعاليٰ) جڙيا پيا آهن."

... طبيبن ڪنيز جي دوا درمل ڪرڻ ۾ ويهن ئي نهن جا زور لاتا، پر ڪوبه علاج ڪارگر نه ٿيو. جيئن جيئن طبيبن دوائون پئي ڪيون، تيئن تيئن ڪنيز جو حال ابتر ٿيندو ويو، سچ آهي ته:

"جڏهن بيمار جي حق ۾ ڪا الاهي قضا اچي ڪڙڪندي آهي، تڏهن طبيب جو عقل مارجي ويندو آهي ۽ فائدي واري دوا به نقصان پيدا ڪري وجهندي آهي."

"آخر سڀ طبيب زور لڳائي نا اميد ٿي هليا ويا، بادشاه جنهن جي دل جون ڳنڍيون ڪنيز سان هيون، تنهن جڏهن اهو حال ڏٺو، تڏهن پير اگهاڙا ڪري عبادت گاه (مسجد ڏي) ڊوڙي آيو ۽ اتي اکين مان آب آڻي پنهنجي سچي سائينءَ اڳيان سر سجدي ۾ ڌري پڪاريائين ته "اي خلقڻهار، ڏاتار! دنيا جي بادشاهي بخشيندڙ! آءٌ تنهنجي ڏاتاريءَ اڳيان ڪجھ به نه آهيان. اسانجو سارو حال توکي روشن آهي، اسين توکي ڇٽي ڇا ٻڌايون؟ اسان جي مشڪلاتن حل ڪرڻ وارو ۽ اسان ٻليلن کي رستي ڏيکارڻ وارو تون ئي آهين. اسان کي پنهنجون ڪوششون ڪنهن ڪم نه آيون. تنهنجي رحم ۽ فضل ڪانسواءَ اسان جي ٻي ڪابه واه ڪانهي."

سجدي ۾ سر رکي ائين پڪاريندي ۽ روئندي بادشاه کي ننڊ اچي ويئي. حق تعاليٰ جنهن جي رحم ۽ فضل جو درياه عاجزي ڪندڙن ۽ پڇتائيندڙن تي هميشه پالوٽون ڪندو رهي ٿو، تنهن پنهنجو رحم ڪيو ۽ بادشاه کي ننڊ ۾ هن طرح آواز آيو:

"اي بادشاه! توکي مبارڪون هجن، جو تنهنجي مشڪل حل ٿي آهي. سڀاڻي هڪڙو پرديسي ماڻهو اسانجي طرفان ايندو، تنهن کي حاذق، حڪيم ۽ سچو ۽ ايماندار ڪري ڄاڻجانءِ ۽ ان جي طبيعت ۽ طبابت ۾ خدائي قدرت جو جلوو پسجانءِ."

"انهي آواز ٻڌڻ کان پوءِ پادشاه جاڳيو ۽ دل ۾ گهڻي خوشي پيدا ٿيس. ڏٺي سڳوري جي شڪر گذاري بجا آڻي صبح جو انهيءَ پرديسي ماڻهوءَ جي واٽ نهارڻ لڳو، تان جو هڪڙو شخص جو بدن ۾ ضعيف مگر منهن ۾ مٽيادار هو، سو پاڻ ڏي ايندو ڏٺائين، هن جي چمڪندڙ ۽ نوراني منهن مان معلوم ڪيائين، ته اهو ئي خدائي حڪيم مونوت اچي رهيو آهي، تنهن ڪري تمام گهڻي حب سان هن جو وڃي استقبال ڪيائين ۽ ٻئي ڄڻا پاڻ ۾ ائين ملي ويا جيئن ڪنڊ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گلاب جي پنکڙين سان ملي گلقند بنجي پوندو آهي. بادشاه به ڪو ٿلهو ٺڪر نه هو، پر اندر جي سوجهري وارو هو، تنهن ڪري انهن جا روح بنا سڻيءَ جي هڪ ٻئي سان سبجي ويا. بادشاه نهايت حب ۽ ادب سان ان حڪيم کي چيو ته:

"اي درويش! هاڻي تون ئي منهن جو معشوق آهين ۽ نه هوءَ ڪنيز. دنيا ۾ هڪڙن ڪمن جي وسيلي ٻيا ڪم حاصل ٿيندا آهن. جيئن ته ڪنيز جي شفا لاءِ ڏٽيءَ در آزي نيازي ڪرڻ جي وسيلي تو جهڙي نوراني شخص جي فيض ڀري ملاقات حاصل ٿي اٿم ۽ تنهنجي تشريف آوريءَ ڪري ڪنيز کي به انشاءَالله شفا حاصل ٿيندي."

## نصيحت بزرگن جو ادب:

از خدا جو ئيم تو فيق ادب۔

بی ادب محروم ماند از فضل رب۔

معنيٰ: اسين خدا تعاليٰ کان گهرون ٿا، ته اسانکي ادب سان هلڻ چلڻ ۽ ادب سان گهارڻ گذارڻ جي توفيق بخشي، ڇاڪاڻ جو جنهن ماڻهوءَ ۾ ادب نه آهي، سو خدا تعاليٰ جي فضل کان ڏڪاريل رهندو.

"ڏسو بادشاه هن درويش جو ڪيڏو نه ادب ڪيو! ادب جا ٽي درجا آهن:

(۱) خدا جو ادب يعني خدا تعاليٰ کي سچو ۽ عبادت جو لائق ڪري ڄاڻڻ ۽ پاڻ کي ان جو ٻانهون سمجهڻ. خدا تعاليٰ جي رضامنديءَ جو خيال رکڻ ۽ ان جي نا فرماني کان ڊڄڻ ۽ پاسو ڪرڻ.

(۲) شريعت جو ادب يعني شريعت جي ٺهرايل حدن جي سنڀال رکڻ.

(۳) بزرگن ۽ عزت لائق شخصن جو ادب."

بي ادبي جي نقصان عام طرف اشارو ڪندي مولانا رحه فرمائي ٿو: "جو شخص بي ادب رهي ٿو، سو نه رڳو پاڻ کي خوار خراب ڪري ٿو، پر هن جي بي ادبي جي خرابي آسپاس ۾ به فتنو ۽ فساد پيدا ڪري ٿي. ڏسو ته حضرت نوح ۽ حضرت لوط (عليهما السلام)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي قومن ادب ڇڏيو، ته ڪيترو نه عذاب مٿن نازل ٿيو. حضرت موسيٰ عليہ السلام جي قوم لاءِ آسمان مان خوراڪ نازل ٿيندي هئي، جا ان قوم جي ڪن بي ادب شخصن جي بي ادبيءَ سبب بند ٿي ويئي. ساڳي خوراڪ حضرت عيسيٰ عليہ السلام پنهنجن حوارين لاءِ آسمان مان نازل ڪرائي هئي پڻ بي ادبيءَ سبب بند ٿي ويئي."

"ڪنهن به ملڪ ۾ برسات جو پوري وقت تي نه پوڻ يا مرضن جي جلدي پيدا ٿيڻ جو سبب به انسان جي بي ادبي جهڙا ڪم ئي آهن. آسمان ۾ جا هيتري ساري روشني ڦهليل آهي، سا آسمان جي با ادب هئڻ ڪري ئي آهي. فرشتا جو معصوم ۽ پاڪ ليکجن ٿا، سو به انهيءَ ڪري، جو انهن ۾ ادب آهي."

... بادشاه هن غيبي طبيب کي نهايت تعظيم سان پاڻ وٽ رهايو. هن جي رهڻ سهڻ ۽ کاڌي پيتي جي خدمت بجا آڻڻ ۽ هن سان رس رهاڻ ڪرڻ بعد هن کي بيمار ڪنيز ڏيکارڻ لاءِ محلات ۾ وٺي ويو. غيبي طبيب بيمار کي ڏسي ۽ جاچڻ سان صحيح ڪري ورتو ته هن جي بدن کي ڪابه بيماري لڳل نه آهي، پر هن جي دل عشق ۾ گرفتار ٿيل آهي. دل جي بيماري عشق جي ئي ثابتي آهي. دل جي بيماريءَ جهڙي ٻي ڪابه بيماري نه آهي.

"جيئن ڪا ڪاٺي سڙندي آهي؛ ته ان جي دونهين سان ايندڙ بوءِ مان صحيح ڪري سگهبو آهي، ته ڪهڙي قسم جي ڪاٺي سڙي رهي آهي، تيئن غيبي طبيب به صحيح ڪري ورتو، ته ڪنيز جي اندر ۾ عشق جو ٻارڻ ٻري رهيو آهي. عشق هڪڙو روحاني اوزار آهي، جنهن سان خدا ئي اسرار معلوم ٿيندا آهن"...

## نصيحت ٣- مجازي عشق سڀ ڪنهن لاءِ نه آهي

عاشقي گرزين سر و گرزان سراست
عاقبت مارا بدان شه رهبر است۔

معنيٰ: عشق خواه هن پار جو (مجازي) آهي خواه هن پار جو (حقيقي) آهي، ته به نيٺ اسان کي معشوقن جي بادشاه (ذات حق) ڏي وٺڻ وارو رستو ڏيکاري ٿو.) "مجازي عشق جنهن جو تعلق ظاهري حسن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان آهي، تنهن کي اگرچ حقيقي عشق جي ڏاڪڻ سڏيو وڃي ٿو، مگر اهو هر شخص لاءِ فائديمند نہ آهي ۽ نہ هر ڪنهن شخص کي ان ۾ اٽڪڻ جي اجازت آهي. مجازي عشق کي جو شخص اصلي مقصد سمجهي ٿو، سو پليل آهي. اهو تہ فقط خدا شناس انسانن کي ئي ڏاڪڻ تي چاڙهي حقيقي عشق جي ماڙيءَ تي پهچائي ٿو."

... روحاني حڪيم جڏهن ڪنيز جو مرض سڃاتو تڏهن بادشاه کي چيائين تہ مون کي ڪو وقت خلاصيءَ طرح ڪنيز وٽ رهڻ ڏيو. بادشاه خوشيءَ سان انهيءَ حڪم جي پيروي ڪئي.

روحاني حڪيم اڪيلائپ ۾ ڪنيز جي نبض تي هٿ رکي هن کان حال پڇڻ لڳو. حڪيم کي پڪ هئي، تہ جڏهن ڪنيز پنهنجي اصلي مڪان ۽ معشوق جو نالو زبان تي آڻيندي تڏهن هن جي نبض جوش ۾ پرجي تڪڙي هلندي.

حڪيم انهن سڀني شهرن جا نالا ڪنيز کان پڇندو ويو، جن شهرن ۾ هوءَ رهي چڪي هئي. جڏهن سمرقند شهر جو نالو ڪنيز جي زبان تي آيو، تڏهن هن کان ٿڌو ساه نڪري ويو. پوءِ حڪيم انهن ماڻهن جا نالا ڪنيز کان پڇندو ويو، جن ماڻهن وٽ هوءَ سمرقند شهر ۾ رهي ۽ وئي هئي. ڪنيز ٻڌايس، تہ "هڪڙي سوداگر مون کي سمرقند ۾ هڪڙي نوجوان سوناري سردار کي وڪيو، جنهن وٽ آءٌ ڇهہ مهينا فرحت ۽ مزي سان رهي هيس." انهن لفظن چوڻ شرط ڪنيز جا ڳاڙها ڳل زرد ٿي ويا ۽ سندس نبض بي اختيار تحرڪ ۾ اچي ويئي. حڪيم صحيح ڪيو، تہ ڪنيز جي دل ۾ انهيءَ نوجوان سوناري جو عشق گهاءُ ڪري چڪو آهي..

پوءِ حڪيم ان سوناري جي پاڙي ۽ محلي جو ڏس پتو ڪنيز کان ورتو ۽ نهايت گهڻي دلداري ڏئي چيائينس، تہ آءٌ تنهنجي درد جي دوا ڪندس. يعني توکي اهو تنهنجو معشوق ملائيندس، پر شرط اهو آهي، تہ تون ڪنهن سان بہ ڳالهہ نہ ڪندينءَ. آءٌ توسان اهڙي ڀلائي ڪندس جهڙي ڪو پيءَ پنهنجي نياڻيءَ سان ڪري. آءٌ تنهنجي دل اهڙي بهار ڪندس، جيئن بهاري بوند چمن کي بهار ڪري. هيءَ راز توکي بادشاه سان کولڻو نہ آهي"


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**نصيحت- دل جو راز سانڍڻ:**

چونکه اسرارت نهان در دل شور شود

آن مرادت زود تر حاصل شود

معنيٰ: "جڏهن تنهنجو راز تنهنجي دل ۾ لڪل رهندو، تڏهن سمجهه، ته اها مراد توکي تمام جلد حاصل ٿيندي. (جنهن جي حاصل ڪرڻ جي توکي طلب هوندي.)

"حضرت پيغمبر ڪريم عليه الصلواة والسلام جن فرمايو آهي، ته جيڪو شخص پنهنجو راز سنڀالي ٿو، سو جلدئي پنهنجي مراد ماڻي ٿو." "داڻو جڏهن زمين ۾ پوريل رهي ٿو تڏهن ئي ٻوٽي جي صورت ۾ نڪري نروار ٿئي ٿو ۽ باغ جي سرسبزي ۽ رونق وڌائي ٿو." "سون چاندي به جيڪڏهن لڪل نه رهن ها، ته کاڻ جي جهوليءَ ۾ ڪيئن پرورش پائي سگهن ها."

**نصيحت- وعدو پاڙڻ:**

انهيءَ حڪيم جي مٺڙين مٺڙين ڳالهين ۽ انجامن ۽ اڪرامن هن بيمار ڪنيز کي ڏاڍو ڏڍ ڏنو ۽ هوءَ خوف خطري کان بي ڊپي ٿي پئي.

"جيڪي سچا وعدا آهن، سي دل کي نهايت پسند ايندا آهن. باقي جيڪي ڏيک وارا وعدا هوندا آهن، سي ئي دل کي بيقرار ڪندا آهن، جيڪي آزاد دل انسانن جا وعدا هوندا آهن، سي گويا هميشه جاري رهندڙ فيض جا خزانا آهن، ۽ نالائق انسانن جا وعدا روح جي لاءِ رنجش پيدا ڪندڙ آهن. پنهنجا وعدا هميشه پاڙڻ گهرجن. جيڪڏهن تون پنهنجو انجام نٿو پاڙين ته بيڪار ماٺهو ليکبين. جو وعدو ڪجي، سو دل و جان سان پاڙڻ گهرجي. جيئن قيامت جي ڏينهن ان جو فيض حاصل ٿئي."

... حڪيم جڏهن ڪنيزڪ جي درد جو راز معلوم ڪيو، تڏهن بادشاه وٽ ويو ۽ ڪي قدر راز مان هن کي واقف ڪيائين ۽ بادشاه کي چيائين:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ جيڪڏهن تون ڪنيز جي صحت ۽ سلامتي گھرين ٿو، تہ انھيءَ نوجوان سوناري کي گھڻو انعام اڪرام موڪلي سمرقند مان گھرائي وٺ. اميد تہ اهو انعام اڪرام جي لالچ تي هليو ايندو. هن جي هٿ اچڻ تي هن ڪنيز جي مرضن جو خاطر خواه علاج ٿي سگھندو ۽ هيءَ بلڪل چاق ۽ تازي توانِي ٿي پوندي...

## نصيحت- زر جي لالچ بابت:

زر خـــرد را والـــه وشـــيـــدا ڪـــنـــد،

خاصه مفلس را که خوش رسوا کند۔

معنيٰ: ناڻو عقل کي چريو ۽ مست بنايو ڇڏي ٿو. ڪنگال جي عقل کي تہ خاص طرح خوار خراب ڪريو ڇڏي.

"مايا (دولت) جو موه انسان کي اهڙو حوصلي ڪان ڪڍي سگھي ٿو، جو هن کي حلال ۽ حرام، جائز يا ناجائز جو ڌيان ئي نٿو رهي. جيتوڻيڪ ناڻو عقل بہ پيدا ڪري ٿو، پر اهو عقل ڪنهن نهايت نيڪ انسان ۾ پيدا ٿي سگھندو."

... بادشاه حڪيم جو حڪم اکين تي رکي هڪدم بہ نهايت داناءَ وزير انعام اڪرام سميت سمرقند روانا ڪيا، جن نوجوان سوناري کي اچي چيو تہ "تنهنجي هنر ۽ ڪاريگريءَ جي مشهوري هر هنڌ ٿي ويئي آهي. اسان جي بادشاه سلامت توڏانهن هيءَ انعام اڪرام موڪليا آهن ۽ توکي سون جي ڪن نفيس شين ٺاهي ڏيڻ لاءِ پاڻ وٽ گھرايو آهي، مهرباني ڪري هل."

" سونارو ڏاڍو خوش ٿيو. اتي وچي ڪم ڪرڻ بعد اجا بہ وڌيڪ قيمتي انعام اڪرام ملڻ جي اميد رکي پنهنجا ٻار ٻچا ڇڏي انهن اميرن سان گڏجي روانو ٿيو. "سوناري جو دماغ حڪومت، عزت ۽ سرداري حاصل ڪرڻ جي خيالن سان ڀرپور هو، مگر عزرائيل (جو هن جي ساه قبض ڪرڻ لاءِ تيار هو) تنهن ٺوڪ طرح پئي چيس، تہ "هليو آءٌ! هليو آءٌ!! جيڪي سٽائون ڪندو وڃين ٿو، سي سڀ حاصل ڪري موٽندين."

سونارو بادشاه وٽ اچي پهتو. بادشاه تمام گھڻي عزت سان ساڻس مليو، ۽ شان شوڪت سان سندس رهڻ سهڻ جو بندو بست رکيائين، ۽ سون جو ڍگ ڏياري چيائينس تہ "انهيءَ مان عمدي نموني جا جيڪي بہ زيور يا بادشاهي دربار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سينگار جھڙيون شيون ناهي سگھين، سي ويھي ناهه." سونارو اهو سون وٺي پنھنجي ڪم ۾ مشغول ٿي ويو.

" تنھن کان پوءِ حڪيم بادشاه کي چيو ته "هاڻي اها ڪنيز انھيءَ سوناري جي حوالي ڪري ڇڏ، ته هن جي عشق جي آگ هن جي وصال جي پاڻيءَ سان وسامي وڃي. بادشاه هڪدم حڪيم جي پيروي ڪئي. سانده ڇهه مهينا ڪنيز ۽ سونارو پاڻ ۾ گڏ رهيا، جنھن ڪري ڪنيز بلڪل چاق، تازي توانی ۽ ٽڙيل گل جيان بهار تي پيئي. تنھن کان پوءِ حڪيم هڪڙو اهڙو شربت سوناري کي ناهي ڏنو، جو ڏسڻ ۽ پيئڻ ۾ نهايت سٺو هو، پر منجهس اُهڙي ڪا حڪمت رکيل هئي جو سونارو ڏينھون ڏينھن ويو سڙندو سڪندو ۽ پيلو ٿيندو. سوناري جي سونھن سوڀيا ناس ٿي وڃڻ ڪري ڪنيز جي دل هن کان ڪٽي ٿيڻ لڳي...

## نصيحت- مجازي عشق جو حال:

عشقهائی کزپهءِ رنگی بود،
عشق نبود عاقبت ننگی بود۔

"جيڪي عشق بازيون سونھن سوڀيا پٺيان ٿينديون آهن، سي سچو عشق هرگز نه ليکبيون. اهڙيون عشقبازيون نيٺ ڪارنھن جو ٽڪو ثابت ٿيٽيون آهن. اهو ڪارنھن جو ٽڪو (حسن پرستي) جٺاءُ دار هجي ها، ته به چڱو جنھن ڪري عشق جو نالو بدنام ته نه ٿئي ها! جو عشق ظاهري سونھن سوڀيا تي ٻڌل آهي ۽ منجهس معنيٰ جي مشاهدي جو دخل نه آهي سو عشق بي جٺاءُ آهي. رنگ ۽ صورت جي مٽجڻ تي اهڙو عشق به ميسارجي وڃي ٿو اهڙي عشق تي رڳو ارمان ۽ بدنامي پلئه پوي ٿي. رنگ ۽ روپ تي مرڻ ٻارن جو ڪم آهي ۽ روحانيت جي نابوديءَ جي نشاني آهي. اهڙي نابودي پرائڻ انسان لاءِ شرم جي ڳالهه آهي."

ندا دند صاحبد لان دل به پوست
وگر ابلهی داد بی مغزو گوشت

(بوستان سعدی)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ: خدا پرست درويش ڪڏهن به چمڙيءَ جي سونهن تي دل نه ڏني آهي. جيڪڏهن ڪنهن مورک چمڙيءَ جي سونهن تي دل ڏني آهي، ته اهو مونکو ڊور آهي.

... سونارو پنهنجي سونهن سوپيا ناس ٿيندي ڏسي رت روئڻ لڳو. هڪڙي پاسي ڪنيز کي پاڻ کان ڪٽو ٿيندو ڏنائين، ۽ ٻئي پاسي ڏنائين، ته سندس طبيعت ويئي تي ڏينهون ڏينهن ڊر ڪندي. هن ارمان ۾ اوسيئڙن ڪندي دم ڏنو ۽ هوءَ بلڪل خوش و خورم گذاريندي رهي.

**نصيحت- بي جتا ۽ جتادار عشق:**

"ڪنيز جي اندر مان سوناري جو عشق نڪري ويو سو هن ڪري جو فاني شيءِ سان جو عشق رکجي ٿو سو جتادار نه آهي، ڇاڪاڻ جو جيڪي مري وڃن ٿا، سي اسان وٽ موٽي اچڻا نه آهن (فاني شيءِ جو عشق به فاني آهي) هميشه جيئري جاڳندي معشوق (حئي قيوم) جو عشق ئي روح ۾ توڙي اکين ۾ هر وقت مڪڙيءَ کان به وڌيڪ تازو توانو رهي ٿو."

"اي انسان! تون انهيءَ جيئري جاڳندي حقيقي محبوب جو عشق اختيار ڪر، جو سدا سلامت آهي ۽ جو توکي محبت جو روح افزا پيالو پياريندو. مجازي عشق ۾ دل ۽ دماغ جي ابتري ۽ روح جي زبوني آهي مگر حقيقي عشق جا نفزا ۽ روح پرور آهي ڇاڪاڻ جو ان ۾ بي انتها روحاني ترقيون آهن. اي انسان انهيءَ ذات پاڪ جو عشق اختيار ڪر جنهن جي عشق مان سيني نبين عزت ۽ امتياز حاصل ڪيو. تون ائين نااميد رهي نه چئو ته انهيءَ بادشاهن جي بادشاه وٽ اسان جي رسائي نه آهي. اهو ڪريم ڪار ساز آهي، ان لاءِ توتي نوازش ڪرڻ ڪا وڏي ڳالهه نه آهي." (حديث شريف ۾ آيل آهي ته الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته "جيڪو انسان هڪڙي گرانٽ مون کي ويجهي ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، تنهن کي آءٌ هڪ گز ويجهو ٿيان ٿو. (مشڪواه شريف) حقيقي عشق ۽ محبت جو دروازو هميشه کليل آهي، جو چاهي سو ان ۾ داخل ٿي قرب حاصل ڪري سگهي ٿو.)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نصيحت- بزرگن جو ڪيل ڪم غلط نہ سمجھ:

"سونارو جو حڪيم جي هٿان ماريو ويو، سو نہ انھيءَ ڪري تہ حڪيم کي بادشاه کان ڪنھن انعام اڪرام جي لالچ هئي ۽ نڪي انھيءَ ڪري تہ ان کي بادشاه کان ڪنھن سزا ملڻ جو ڊپ هو، هن کي بادشاه ۽ ڪنيز جي دلين جا آئينا عشق مجازي جي رنگ کان پاڪ ڪرڻا هئا. هن اهو ڪم خدائي حڪم ۽ الهام موجب ڪيو هو." (خدا جي دوستن جا ڪي ڪم جيتوڻيڪ عام ماڻهن کي عقل ۽ شريعت جي برخلاف نظر اچن ٿا، مگر حقيقت ڪري اهي برخلاف ٿيڻا ئي نہ آهن توهان کي خبر آهي تہ حضرت خضر نبي عليہ والسلام واٽ ويندي هڪڙي ڇوڪري جي سسي لاهي وڌي هئي، تنهن جو راز بہ عام خلقت جي پروڙڻ کان ٻاهر آهي. حضرت موسيٰ عليہ السلام جهڙو نبي بہ تيستائين حضرت خضر عليہ السلام جي انھيءَ ڪم ڏسڻ ڪري عبرت ۾ هو، جيستائين جو ڪيس خود حضرت خضر حقيقت جي سمجهاڻي نہ ڏني هئي.* اهڙا شخص خدا تعاليٰ جي الهام ۾ اُمر حاصل ٿيڻ کان پوءِ جيڪي بہ ڪن ٿا، سو عين ثواب آهي.

"جو ساه بخشي ٿو، تنهن کي ساه ونڃڻ جو بہ اختيار آهي. خدا تعاليٰ جي نائبن جو هٿ خود خدا تعاليٰ جو ڪري سمجهہ. اهڙو نائب جيڪڏهن توکان سر گهري، تہ ائين خوشيءَ سان ان جي تلوار اڳيان پنهنجو سر پيش ڪر، جيئن حضرت اسماعيل عليہ السلام پنهنجي پيءَ حضرت ابراهيم عليہ السلام اڳيان پيش ڪيو هو.**

"خدا پرستن هٿان اهڙا تڪليف ڏيندڙ ڪم انھيءَ لاءِ ٿيندا آهن، تہ هو نفس جي چاندي کي تڪليف جي ڀٺيءَ ۾ رجائي ان مان گند ڪچرو ڪڍي صاف ڪن. حضرت خضر سمنڊ ۾ سفر ڪندي ميربحر جي ٻيڙيءَ کي نقصان پهچايو هو، پر انھيءَ هڪڙي نقصان ۾ ميربحر جا سؤ فائدا هئا. جڏهن حضرت موسيٰ جهڙو

* هي قصو سربستو قرآن شريف جي سوره الڪهف ۾ بيان ٿيل آهي.
** هي سربستي ڳالهہ قرآن شريف جي سوره الصافات ۾ ذڪر ٿيل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نورانيت ڀريو شخص ٻه حضرت خضر جي انهيءَ ڪم ۾ جي حڪمت پروڙي نہ سگهيو هو،* تڏهن تون ڪير آهين، جو نيڪ بخت انسانن جي ڪنهن ڪم بابت عيب جوئي ڪرين؟

"ٻار جي ڳڙ يا ڦرڙي وڍائڻ وقت ٻار رڙيون ۽ ڪيڪون ڪندو ۽ لڇندو پڇندو آهي. مگر محبت جيءَ ماري ماءُ ان ۾ پنهنجي ٻار جو فائدو ڏسي خوش ٿيئي ٿيندي آهي."

"اي انسان! تون قدرت جي ڪمن کي پنهنجي ڪمن جهڙو نہ سمجهہ.! بزرگن جي ڪاروبار کي پنهنجن ڪاروبار سان نہ ڀيٽ. انهي بابت آءٌ توکي هيءُ ٻي آکاڻي (دڪاندار ۽ طوطي جي) ٻڌايان ٿو سا ٻڌ ۽ ان تي ويچار ڪر."

## (٢)

## دڪاندار ۽ طوطي جي آکاڻي

... ڪنهن دڪاندار وٽ هڪڙو سهڻو سائو طوطو هوندو هو، جو ماڻهوءَ وانگر ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندو هو. دڪاندار جي غير حاضريءَ ۾ دڪان جي نظرداري رکندو هو ۽ گراهڪن سان مٺو ڳالهائيندو هو. هڪڙي ڏينهن دڪاندار طوطو هٽ تي ويهاري پاڻ گهر ڏي ويو. هڪڙو ٻلو دڪان ۾ ڪوئو ڏسي ان جي پڪڙڻ لاءِ دڪان تي چڙهي پيو. طوطو ٻلي کي ڏسي ڊنو، سو اُسڻ ڇڏي هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙڻ ۽ ڦڙڪڻ لڳو. طوطي ڊوڙندي ڦڙڪندي بادام روغن جا شيشا هاري وڌا. دڪاندار جان ڏسي تہ بادام روغن جا تلاءَ لڳا پيا آهن. دڪاندار طوطي جي هٿان ايترو زيان ٿيندو ڏسي اچي ڪاوڙيو ۽ طوطي جي ٽپڻ تي ايترا ڌڪ هنيائين، جو ان جي ٽپڻ جا کنڀ ئي کسي ويا ۽ هو ٽوڙهو ٿي پيو. طوطي ٻه انهيءَ سزا ملڻ کان پوءِ ڳالهائڻ ٻولهائڻ صفا بند ڪري ڇڏيو.

طوطي جي نہ ٻولڻ ڪري دڪاندار ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ چوڻ لڳو تہ:

"جڏهن مون هن مٺي ٻوليندڙ طوطي جي مٿي تي ڌڪ ٿي هنيا، تڏهن منهنجو هٿ ڀڄي نہ ٿي پيو؟"

* هي سربستي ڳالهہ قرآن شريف جي سوره الصافات ۾ ذڪر ٿيل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دڪاندار ڪيترائي زنده پير فقير پچايا، من ڪنهن جي دعا ۽ ڦيٽي سان طوطو وري ڳالهائي، پر ڪوبہ فائدو نہ ٿيو. طوطي جي گفتار بند ٿيڻ ڪري نہ رڳو دڪاندار غمگين گذاريندو هو، پر ان جا سڀ گراهڪ ۽ اوڙي پاڙي وارا بہ ڏاڍا فڪر مند رهندا هئا، ڇاڪاڻ جو اهو طوطو سڀني لاءِ وندر هو.

هڪڙي ڏينهن اوچتو ئي اوچتو هڪڙو گودڙي پوش درويش جنهنجو مٿو صفا ڪوڙيل هو، سو ان دڪاندار جي دڪان تي اچي بيٺو. ان کي ڏسي اهو طوطو جنهن ڪيترا سارا ڏينهن ٻولڻ ئي بند ڪري ڇڏيو هو، سو چوڻ لڳو تہ "اي درويش ڏاڍو چڱو ٿيو، جو اڄ گنجا اچي گنجن سان مليا آهن. شايد تو بہ ڪن جو بادام روغن هاريو آهي، جن موچڙن سان تنهنجي ٽِپڻ بہ منهنجي ٽِپڻ وانگر ٿوڙهي ڪري ڇڏي آهي."

طوطي ڳالهائڻ شروع ڪيو، تنهن ڪري دڪاندار توڙي ٻين حاضر بيٺل ماڻهن کي ڏاڍي خوشي ٿي. طوطي پنهنجي سمجهہ ۾ درويش کي بہ پاڻ جهڙو جاتو، تنهن ڳالهہ سڀني حاضر بيٺل ماڻهن ۾ کل جون ماڪون پيدا ڪري وڌيون (آڪاٽي پوري ٿي)...

## نصيحت: نيڪ انسانن کي پاڻ جهڙو نہ سمجهہ:

اي انسان! تون (طوطي وانگر) پاڪ دل انسان جي ظاهري حال کي پنهنجي حال جهڙو نہ سمجهہ. ڏس تہ لکڻ ۾ جيتوڻيڪ شير (شينهن) شير (کير) هڪجهڙا آهن پر شينهن اهو آهي جيڪو انسان کي ڏاري ٿو ۽ "کير" اهو آهي، جو انسان جي صحت سڌاري ٿو.

سڄو جهان حقيقت جي تفاوت نہ سمجهڻ ڪري گمراه ٿي پوندو آهي، ڪي ورلي اهڙا انسان هوندا آهن، جي درويشن کي سڃاڻي سگهندا آهن، جي لوڪ ۾ لڪا وتن ٿا. بدبخت ماڻهو حق شناس اکين کان محروم هوندا آهن، تنهن ڪري چڱا توڙي بڇڙا انهن کي هڪجهڙا نظر ايندا آهن. اهو ئي سبب آهي جنهن ڪري ڪي ماڻهو نبين سڳورن کي بہ چوندا هئا "ان انتم الا بشر مثلنا" (اوهين اسان جهڙائي انسان آهيو) ۽ اوليائن کي بہ پاڻ جهڙو سمجهي انهن تان ڇٽرون ڪندا آهن. ڏسو! ڏينيو ۽ ماکيءَ جي مک ساڳين گلن جي رس چوسين ٿا، مگر هن مان رڳو ڏنگ ۽ هن مان مٺي ماکي حاصل ٿئي ٿي. ٻنهي قسمن جا هرڻ هڪ جهڙو گاه چرن ٿا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ هڪجهڙو پاڻي پين ٿا، مگر هڪڙي مان رڳيون ڦولڙيون ۽ ٻئي مان مشڪ پيدا ٿئي ٿي. سڀ انسان هڪجهڙو ڪاڌو ڪائن ٿا، مگر هڪڙن ۾ اهو ڪاڌو خدائي نور پيدا ڪري ٿو ۽ ٻين ۾ بخل ۽ حسد. هڪڙا پاڪ زمين وانگر رهن ٿا ۽ ٻيا ڪلراٺي زمين وانگر. هڪڙا فرشتا بنجو پون ۽ ٻيا ديو. "جهڙي لٺ حضرت موسيٰ عليہ السلام وٽ هئي، اهڙي جادوگرن به کنئي هئي، پر ڏسو ته ٻنهي لٺين جي وچ ۾ زمين ۽ آسمان جو تفاوت هو. مؤمن ۽ منافق ٻئي نماز پڙهن ٿا ۽ روزا، حج، زڪوات ادا ڪن ٿا، ته به انهن ۾ تفاوت آهي.

جنهن انسان کي الله تعاليٰ دل ۾ نوراني ڪسوٽي عطا ڪئي آهي، سوئي يقيني ڳالهه ۽ شڪي ڳالهه جي وچ ۾ تفاوت پروڙي سگهي ٿو. حضرت پيغمبر ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن فرمايو آهي ته "استفت قبلڪ" (سڀ ڪنهن حالت ۾ پنهنجي دل جي قاضيءَ کان فتويٰ وٺ) سو اهوئي انسان عمل ۾ آڻي سگهندو، جو خدا تعاليٰ جي حڪمن جي بجاآوري پوريءَ طرح ڪندو هوندو. تون سڀ ڪنهن درويش جو ديدار ڪندو رهه ۽ ادب سان ان جي خدمت بجا آڻيندو رهه. امڪان آهي ته، خدمت جي صدقي توکي معرفت جو رستو حاصل ٿئي. هيءَ جا چوڻي آهي، ته راهه شناس انسانن جو ديدار ڪرڻ به هڪڙي عبادت آهي، ان جي مراد به اهائي آهي ۽ خوش نصيبيءَ جي دروازن کلڻ جو وسيلو به اهوئي آهي.

## سچي ۽ ڪوڙي رهنما ۾ فرق:

گهڻا ئي شيطان انساني شڪل ۾ هوندا آهن، تنهن ڪري بي خيالو ٿي سڀ ڪنهن انسان کي مرشد ونڻ نه گهرجي، متان اهو ڪو انساني صورت ۾ شيطان نڪري پوي. جيئن پکين جو شڪاري پکين جي ٻولي ڪندو آهي، ٻولي سڻي پکي اچي دام ۾ ڦاسندا آهن، تيئن ڪي ڪميڻا ماڻهو فقيراڻو لباس ڍڪي فقيراڻا قول اچاريندا آهن، انهيءَ لاءِ ته ڪن ساده دل انسانن کي پنهنجي دام ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦاسائين. سچو رهنما سچ جيان روشني (هدايت) ۽ گرمي (حقاني عشق) بخشيندو آهي. اهو ضرور خدا ترس نيڪ بخت ۽ دينيدار هوندو آهي ۽ ان جي صحبت مان روز بروز روحاني سڌارو حاصل ٿيندو ويندو آهي. ڪميڻو ۽ لباسي رهنماءَ مڪر ۽ بي حيائيءَ جو پتلو هوندو آهي. ان کي نه خدا تعاليٰ جو ڊپ ٿيندو آهي، نه پنهنجو ۽ خلق جو حياءُ ٿيندو آهي. ان جي گفتگوءَ مان ڪوڙ ۽ زر جي طلب پئي جهلڪ ڏيندي آهي.

"ائين ٿيندو آهي ته ڪو ڪميڻو لباسي فقير مڪر جي چار پکيڙيندو آهي، ته ٻيا عام ماڻهو ان کي واڪاڻي واڪاڻي آسمان سان ڪٽي لڳائيندا آهن. نتيجو اهو نڪرندو آهي، جو ان فريبي فقير جي واڪاڻيندڙ ۽ پيروي ڪندڙ ڀالن ڀولن ماڻهن کي نه دين حاصل هوندو آهي ۽ نه دنيا جي نيڪي حاصل ٿيندي آهي. انهيءَ بابت يهودي بادشاهه جي تعصب، ان جي وزير، فريبي ۽ غريب عيساين جي خانه خرابي بابت هيٺين آکاڻي غور ۽ ويچار سان پڙهي ڏسو."

## ٽين آکاڻي

## ظالم يهودي بادشاهه، ان جو شيطان صفت وزير ۽ عيسائين جي خانه خرابي

هڪڙو ظالم يهودي بادشاهه هو، جنهن جي جگري دشمني حضرت عيسيٰ عليہ السلام ۽ ان جي مڃيندڙ (عيسائين) سان هئي. اهو زمانو حضرت عيسيٰ جي نبوت جو هو. حقيقت ۾ ته حضرت عيسيٰ ۽ حضرت موسيٰ (عليہ السلام) هڪ ٻئي جو روح هئا، انهن جا مذهب هڪ ٻئي جي خلاف نه هئا (ٻنهي جي مذهبن جو مقصد هڪ ئي هو) مگر ظالم يهودي بادشاهه، جيڪو اندر جي اکين ڪري ٽيڏو هو. تنهن انهن ٻنهي خدائي رفيقن (موسيٰ ۽ عيسيٰ) جي پيش ڪيل رستن کي الڳ الڳ ڪري سمجهيو انهيءَ ڪري هو موسائي مذهب (يهوديت) جي حمايت ۽ عيسائي مذهب (عيسائيت) جي مڃيندڙن جي پٺيان ڪات ڪهاڙا کڻي لڳو...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تمثيل ١- تيڏي پسي تي هو تان هيڪڙو:

هڪڙي استاد پنهنجي ڪنهن تيڏي شاگرد کي چيو، ته اندر وچ ۾ جاري تي هڪڙو شيشو رکيو آهي سو کڻي آءُ. تيڏو شاگرد گهر ۾ گهڙيو، ته ان کي جاري تي ٻه شيشا پيل نظر آيا.تنهن ڪري هڪل ڪري استاد کي چيائين، ته "سائين! هتي ٻه شيشا پيا آهن، مون کي پار پتو ڏيو، ته انهن ٻنهي شيشن مان ڪهڙو کڻي اچان" استاد چيس، ته "تيڏائي ڇڏ، چتائي ڏس، ٻه شيشا نه آهن، هڪڙو ئي شيشو پيل آهي، سو کڻي اچ" شاگرد چوڻ لڳو "سائين مون کي طعنا تا هڻو، هتي ته ٻه شيشا پيا آهن." تنهن تي استاد چيس، ته "چڱو ڀلا انهن ٻنهي مان هڪڙو ڀڃي ڇڏ ۽ ٻيو کڻي آءُ." شاگرد هڪڙو شيشو کڻي ڀڳو ته ٻئي شيشا گم ٿيل نظر آيس. حقيقت ڪري شيشو هڪڙوئي هو، پر تيڏائيءَ جي ڪري شاگرد کي ٻه شيشا نظر پئي آيا.

## نصيحت - ڇڙ ۽ نفسانيت ٻه اندر جي تيڏائي آهي:

خشم و شهوت مرد را احول کند،

ز استقامت روح را مبدل کند۔

معنيٰ: ڇڙ ۽ نفسانيت انسان کي تيڏو بنايو وجهي ٿي ۽ اها تيڏائي روح کي سچي راه کان ڦيريو ڇڏي ٿي. "جڏهن نفساني غرضُ اچيو وچ ۾ پوي ٿي تڏهن عمل جي خوبي ڍڪجيو وڃي ٿي ۽ خود غرض دل جي طرفان سوين پردا اکين تي چڙهيو وڃن ٿا، ڇاڪاڻ جو انسان جا ست حواس دل جا تابعدار آهن."

"جيڪڏهن ڪو عدالت ڪندڙ (جج يا مئجسٽريٽ) رشوت وٺي ٿو، ته پوءِ انکي ظالم ۽ مظلوم جي وچ ۾ ڪيئن تفاوت نظر ايندو؟"

... يهودي بادشاه يهوداڻي ڪيني کان اهڙو اندر جو تيڏو ٿي پيو، جو خدا پناه ڏئي. هزارين عيسائي بيگناه مارائي ڇڏيائين. سو ڇو؟ ڇي: "آءٌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حضرت موسيٰ عليہ السلام جي مذهب جي پنيرائي ٿو ڪريان.“

يهودي بادشاه جي نسوري ڪج فهمي هئي، جو ان عيسائين جي قتل کي موسوي دين جي پنيرائي ڪري ٿي سمجهيو. حقيقت ۾ ائين ڪرڻ سان هو موسوي دين جي بربادي ۽ خود حضرت موسيٰ عليہ السلام جي بي حرمتي ڪري رهيو هو.

انهيءَ بادشاه وٽ هڪڙو رهزن وزير اهڙو دوکيباز ۽ مڪار هو، جو گويا فريب سان پاڻيءَ کي بہ ڳنڍ ۾ ٻڌڻ وارو هو. اهو وزير بادشاه کي چوڻ لڳو تہ ”جيئندا قبلا! تون جو عيسائين کي قتل ڪري رهيو آهين تنهن ۾ هڪڙي پاسي ظاهر ظهور تنهنجي بدنامي ٿيندي ۽ ٻئي پاسي عيسائي پنهنجي جان بچائڻ لاءِ پنهنجو مذهب لڪائيندا رهندا.“ تنهن تي بادشاه چيس، تہ ”تڏهن ٻڌاءِ تہ ڇا ڪجي، جنهن ڪري عيسائي دين دنيا جي تختي تان ميٽجي وڃي ۽ لڪ ڇپ ۾ بہ ڪٿي نہ رهن.“ وزير چيو تہ ”اي بادشاه! تون منهنجو نڪ، ڇپ ۽ ڪن وڍرائي شهر ۾ ڊنڍورو ڏياري مون کي ڦاسي ڏيارڻ جي جاءِ تي موڪل، جا ڪنهن عام رستي تي هجي. ڦاسي چاڙهڻ مهل ڪنهن امير جي سفارش تي مون کي ڦاسيءَ جي معافي ڏيئي شهر مان تڙائي ڪڍ. سيني عيسائين کي خبر پئجي ويندي تہ عيسائي دين تي سچي رهڻ ڪري مونسان ايتري عقوبت ٿي آهي.

جڏهن آءٌ شهر کان ٻاهر ڪنهن ايڪانت واري جاءِ ۾ وڃي گذاريندس، تڏهن عيسائي ازخود مونڏي منهن ڪندا ۽ مون کي پنهنجو رهنماءُ ڪري مڃيندا. تنهن کان پوءِ آءٌ انهن ۾ جيڪو فتنو ۽ فساد آهستي آهستي وجهندس، تنهن جا تماشا ڏسجو. اهڙو تہ خرابو انهن ۾ پيدا ڪندس جو هو پاڻ ۾ ئي وڙهي هڪ ٻئي کي قتل ڪري برباد ٿي ويندا ائين ڪرڻ سان نانگ بہ مرندو ۽ لٺ بہ سلامت رهندي.“

بادشاه کي وزير جي اها صلاح وڻي، تنهن ڪري ان کي ڳجهيءَ طرح انعامن اڪرامن سان نوازي ظاهري طرح اها سڀ جٺ ساڻس ڪيائين، جا ان گهري ورتي هئي. جڏهن عيسائين کي خبر پيئي، تہ وزير عيسائيت تي سچي رهڻ ڪري هيتري ساري عقوبت سٺي آهي، تڏهن دل جي همدرديءَ سان ان جي حال تي ڳوڙها ڳاڙڻ لڳا ۽ رفتہ رفتہ هزارن جي تعداد ۾ ان وٽ وڃي گڏ ٿيا. وزير وعظ ۽ تقرير ۾ قابل هو، تنهن ٿورڙيئي وقت ۾ عيسائين کي زبان جي جادوءَ سان اهڙو گرفتار ڪري ڇڏيو جو هو ان کي حضرت عيسيٰ عليہ السلام جو نائب ۽ پنهنجو سچو رهنما سمجهڻ لڳا...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**سائينءَ در سوال:**

”اِن وزير ڪاٽي لعنتي دجال جهڙي فتني باز ٿي چيو. ”اي سچا مددگار خدا تعاليٰ تون اسان جي پڪار سڻ ۽ شيطان جي فريبن کان اسان کي بچاءِ، جو اسان لاءِ هڪڙو لعنتي دجال ٿي آهي.‘ يارب سائين! هن دنيا ۾ اسان جي آسپاس لکين هزارين دام ۽ داٽا پکڙيا پيا آهن ۽ اسين بکايل ۽ اسان جون ننگون قاسي رهيون آهن. پل اسين ڪٿي باز بنجون يا گرڙ پکي بنجون، ته به چوڌاري پکڙيل جار کان ڪيئن پاڻ بچائي سگهنداسون؟ اسين چڱن اعمالن جي ڪٽڪ گڏ ڪري ڳوٺري پري ٿا رکون، ته شيطان مڪار ڪئو بنجيو اسان جي ڳوٺري ٽڪيو وڃي، جنهن ڪري اسان جي نيڪ ڪمن جي گڏٿيل ڪٽڪ هارجيو ويرجيو زيان ٿيو وڃي.“

”اي مالڪ سائين! تنهنجيون مهربانيون جيڪڏهن اسان سان شامل حال رهنديون، ته پوءِ انهيءَ ندوري چور (نفس يا شيطان) جو اسان کي ڪوبه ڊپ نه آهي. پل ڪٿي وڪ وڪ تي اسان جي ڦاسائڻ لاءِ دام پکڙيل هجن، پر اي سچا محبوب! تون جيڪڏهن اسان سان ساٿي آهين، ته پوءِ اسان کي ڪوبه فڪر نه آهي.“

اي مالڪ ملڪ جا! تون روزانو رات جو روحن کي بدن جي دام کان آزاد ڪرين ٿو ۽ بدن جي پڃري جا تاڪ کوليو ڇڏين ٿو، جنهن ڪري روح آزاد ٿيو وڃيو گهمن ڦرن ٿا. انهيءَ حال ۾ نه حاڪمن جي روحن کي خبر پوي ٿي، ته اسين حاڪم آهيون ۽ نه رعيت جي روحن کي خبر پوي ٿي ته اسين رعيت آهيون، نه وري ڪوبه قيدي ننڊ ۾ پاڻ کي قيدي سمجهي ٿو، مطلب ته ننڊ ۾ سيڪنهن انسان تي بيخودي غالب رهي ٿي.

**نصيحت- عام ۽ خاص ماڻهن جي ننڊ ۾ تفاوت:**

متي عام ماڻهن جي ننڊ جو احوال ڏنو ويو آهي، پر جيڪي عارف (خداشناس) شخص آهن، تن جو حال ننڊ کان سواءِ به اهڙوئي آهي، جهڙو عام ماڻهن جو ننڊ ۾. الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ ”اصحاب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهف“ جي بيان فرمائيندي انهن بنسبت جيڪو فرمايو آهي تہ ”هم رقود“ ”اهي ستل هئا. تن جي ننڊ ۾ اها عارفاڻي ننڊ هئي.“ ”عام ماڻهو تہ انهن پهرن ۾ ڪو مقرر وقت (ننڊ وارو وقت) دنيا جي اسبابن ۽ لاڳاپن کان آزاد رهن ٿا، پر عارف هر وقت دنيا جي لاڳاپن کان آزاد رهن ٿا ۽ پنهنجي حقيقي محبوب جي حب ۾ غرق رهن ٿا، جڻ تہ هو جاڳندي ئي دنيا جي تعلقن کان بي خبر ٿيا ستا پيا آهن. جيئن قلم ڪاتب جي هٿ ۾ هوندو آهي ۽ جيئن ڪاتب هلائيندو اٿس تيئن پيو هلندو آهي. ساڳيءَ طرح عارف رب سائين جي هٿ وس آهن، جيئن تو اٿلائين پٿلائين تيئن ٿا اٿلن پٿلن. اي انسان! هن دنيا ۾ بہ ڪيترائي خدا شناس انسان اصحاب ڪهف وانگر تنهنجي آسپاس موجود آهن، مگر انهن جي سڃاڻڻ لاءِ عشق جون اکيون ۽ اندر جو سوجهرو گهرجي.“

**تمثيل- ليليٰ سان خليفي جو سوال جواب:**

ليليٰ- جنهن تي مجنون عاشق هوندو هو، سا رنگ جي سانوري هوندي هئي ۽ هڪڙي ڀيري وقت جي خليفي ليليٰ کان پڇيو تہ، ”اي ليليٰ! تو ۾ تہ اهڙي سونهن سوڀيا بہ ڪانهي، جهڙي ٻين معشوقن ۾ هوندي آهي، پوءِ مجنون توتي ڪيئن چريو ٿيو وتي؟“ ليليٰ جواب ڏنس، تہ ”اي خليفا صاحب! جن اکين سان مجنون مون کي ڏسي ٿو، تن اکين سان جيڪڏهن تون بہ مون کي ڏسين، تہ ٻئي جهان وسري وڃئي. تو ۾ خودي آهي، مجني ۾ خوديءَ جو ذرو بہ ڪونهي.“

در طريق عشق بيداري بدست

معنيٰ: ”عشق ۽ محبت جي رستي ۾ بيداري (پاڻ کي ڪجھ ڀانئڻ) وڏو اٽڪاءُ آهي.“

**نصيحت- خودي (خود پرستي) اندر جي اکين جو پردو آهي**

خليفي ۾ خودي هئي، تنهن ڪري هو ليليٰ جو حسن محسوس ڪري نہ سگهيو؛ اهڙيءَ طرح اي انسان تو ۾ بہ جيستائين هستي ۽ آپو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو تيسين ڪنهن خدا دوست عارف کي سڃاڻي نہ سگهندين. خدا جا نيڪ ٻانها خدائي جا نور آهن. هو هن دنيا جي تعلقات بنسبت جيئرا آهن. تون جلد وڃي ڪنهن اهڙي عارف جو دامن جهل، تہ آخرت جي تڪليفن کان آزاد ٿئين. جيڪڏهن هڪڙي درويش مان تنهنجو اعتقاد ۽ قرب ٻڌل هجي تہ انهيءَ ڪري ڪنهن ٻئي درويش کي حسد جي نگاه سان متان ڏسين، ڇاڪاڻ جو حسد شيطاني گڻ مان هڪڙو وڏو شيطاني گڻ آهي. جيڪڏهن ڪنهن بي حسد درويش سان فريب ۽ حسد ڪندين تہ انهيءَ حسد جي ڪري تنهنجي دل ڪٽجي ڪاري ٿي ويندي. اي انسان! تون خدا شناس مردن جي پيرن جي خاڪ ٿي گذار ۽ حسد جي عادت کي ايئن ڏوڙ ۾ دٻي ڇڏ جيئن دٻي ڇڏيو اٿم."

... يهودي بادشاه جو ڪميڻو وزير، جڻ تہ حسد جي مٽيءَ سان ٺهيل بوتو هو. جنهن ڪري مسڪينن جي خانہ خرابيءَ لاءِ پنهنجو نڪ ۽ ڪن ڪپايائين. وزير اهڙي ڪٽي مڪر جي ڄار پکيڙي جو عيسائي مٿس ساه قربان ڪندا رهيا. جيڪي تيز فهم عيسائي هوندا هئا سي ان وزير جي بلاغت ۽ فصاحت ڀريل وعظن ۾ ميناج جا ڏک پيا پرينندا هئا، پر ان ميناج سان گڏ ان جي شرارت ۽ فتنہ انگيزي جي تلخي بہ محسوس پيا ڪندا هئا. سچ پچ ان جا گفتا زهريلي شربت مثل هئا...

## نصيحت- رڳو مٺي ڳالهائڻ تي نہ ڳجهي نہ وڃ.:

هان مشو مغرور زان گفت نکو

زانکه دارد صد بدی در زیر او-

معنيٰ: "خبردار! جيڪڏهن تنهنجو ڪنهن مڪار سان پلو اٽڪي، نہ ان جي مٺڙين ڳالهين تي متان موهجي وڃين ڇاڪاڻ جو انهن مٺڙين ڳالهين جي تہ ۾ سوين خرابيون سمايل آهن."

"جنهن جا عمل ئي توکي خراب نظر اچن، تنهنجي گفتن کي بہ چڱي اثر وارو نہ سمجهہ، ڇاڪاڻ جو مڪار جي مٺي تار مان چڱائي نيڪي نہ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

. . . . مڪار وزير برابر ڇهه سال بادشاھ کان جدا رهي عيسائين جو رهنماءُ ٿي گذاريو. انهيءَ وچ ۾ يهودي بادشاھ جا ڳجها پيغام وزير ڏانهن پيا ايندا ويندا هئا ۽ وزير جا پيغام بادشاھ کي پيا پهچندا هئا.

عيسائين جا ڪل ٻارهن فرقا هوندا هئا ۽ هر هڪ فرقو پنهنجي پيشوا جو تابعدار رهندو هو، پر هن مڪار وزير جي ڦندي ۾ اهي ٻارهن فرقا پنهنجن پيشوائن سميت ٻڌجي هڪ ٿي ويا هئا. تنهن کان پوءِ ان مڪار وزير ٻارهن ڪتاب تيار ڪيا ۽ هر هڪ ڪتاب ۾ جدا جدا ۽ هڪ ٻئي جي خلاف حڪم احڪام لکيا.

هڪڙي ۾ لکيائين ته ٻڪون ڪاٽي عبادت ڪرڻ، پڇتائڻ ۽ خدا ڏانهن رجوع ٿيڻ کانسواءِ ٻي ڪابه ڇوٽڪاري جي واٽ ڪانهي. ٻئي ۾ لکيائين ته "ٻڪون ڪاٽي عبادت ڪرڻ مان ڪوبه فائدو ڪونهي، جيڪو فائدو آهي، سو خير خيرات ڪرڻ ۾ آهي." ٽئين ۾ لکيائين ته "ٻڪون ڪاٽي عبادت ڪرڻ توڙي خير خيرات ڪرڻ نسورو شرڪ آهي. فقط توڪل جو سندرو ٻڌي رضا تي راضي رهڻ ئي ڇوٽڪاري جو وسيلو آهي." چوٿين ۾ لکيائين، ته "خلق جي خدمت ۽ خدا جي عبادت ڪرڻ کانسواءِ توڪل رڳو مڪر ۽ فريب آهي." مطلب ته ٻارهن ئي ڪتابن ۾ سچي عيسائيت جي بوءِ به ڪانه رهي.

مڪار وزير انهن ڪتابن تيار ڪرڻ کان پوءِ، وعظ ڪرڻ ڇڏي ڪنهن غار ۾ وڃي لڪي وينو ۽ ماڻهن جو پاڻ وٽ اچڻ وڃڻ بند ڪري ڇڏيائين. عيسائي جيڪي ان مڪار جي وعظ تي مست هوندا هئا، سي ڏاڍا حيران ٿيا. گڏجي وڃي منٿون آزيون ڪيائونس، ته تون خلوت نشيني ڦٽي ڪري اسان کي اچي وعظ ۽ نصيحتون ڪر. پر هن ويچارن سڪايلن جي ڪابه صدا نه ٻڌي. آخر انهن کي چيائين، ته "مون کي حضرت عيسيٰ جو پيغام آيو آهي، ته هاڻي دنيا جي لاڳاپن کي ڇڏي چوٿين آسمان تي اچي رهه تنهن ڪري آءٌ اوهان سان گذاري نٿو سگهان."

پوءِ ان مڪار ڇا ڪيو، جو جيڪي ٻارنهن عيسائي سردار هئا، تن مان هڪڙي هڪڙي کي خلاصو پاڻ وٽ گهرايائين ۽ هر هڪ کي هڪڙو ڪتاب ڏنائين ۽ هر هڪ کي چيائين، ته "منهنجي وصال کي پوءِ منهنجو جاءِ نشين تون ٿج." پوءِ ان مڪار وزير جي موت جي خبر ٻڌڻ شرط عيسائين ۾ ماتم مچي ويو اوري پري جا عيسائي اچي گڏ ٿيا. هڪ مهينو ان جي قبر تي عيسائين جو حشر متو پيو هو. هڪ مهيني کان پوءِ سيني ويهي ويچار ڪيو ته انهيءَ رهنماءَ جو جاءِ نشين ڪنهن کي مقرر ڪيو وڃي. . .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نصيحت– نبي خدا جا نائب آهن:

چون خدا اندر نيا يد درعيان،

نائب حقند اين پيغمبران.

معنيٰ: ”جيئن ته خدا تعاليٰ انسانن جي هنن ظاهري اکين جي ڏسجڻ کان پاڪ آهي، تنهن ڪري هي جيڪي پيغمبر دنيا ۾ ٿيا آهن، سي سڀ خدا تعاليٰ جا نائب يا ايلچي آهن جيڪي خالق اڪبر کان فيض حاصل ڪري مخلوق تائين پهچائين ٿا.“

بادشاه ۽ ايلچي جي وچ ۾ وڏو فرق به آهي تنهن ڪري مون غلطي ڪئي آهي، جوّ پيغمبرن کي حق تعاليٰ جو نائب ڪري سڏيو اٿم. حق تعاليٰ ۽ ان جي پيغمبرن کي ٻه جدا جدا صورتون تيسين ٿو ڏسين، جيسين ظاهر پرست آهين. جڏهن ظاهر پرستيءَ جي منزل کان مٿي چڙهندين، تڏهن تو کي حق تعاليٰ ۽ نبي جي وچ ۾ فرق نظر نه ايندو. ڏس تنهنجون اکيون ظاهر ۾ ٻه آهن، پر انهن ۾ ڏسڻ جي روشني هڪ ئي آهي. جيڪڏهن تون ڏهه ڏيئا ٻاري ڪٺي رکندين، ته جيتوڻيڪ ڏهن ئي ڏين جون شڪليون ڪٺي ڌار ڌار هونديون، ته به روشني سيني ۾ هڪ ئي رهٽي آهي. سؤ صوف ڪٺي نپوڙيندين، ته منجهائن پاٽي ساڳيوئي نڪرندو ۽ نه ڪي قسمن قسمن جا پاٽي نڪرندا، تنهن ڪري ئي خدا تعاليٰ فرمايو آهي ”لا نفرق بين احد من رسله“ (جيڪي انسان چون ٿا، ته اسين خدا تعاليٰ جي پيغمبرن کي هڪ جهڙو ٿا ميون ۽ انهن ۾ ڪو به تفاوت نٿا سمجهون، سي سچا مومن آهن.)

... عيسائين جڏهن مڪار وزير جي نائب مقرر ڪرڻ لاءِ ميڙ ڪيو، تڏهن جن ٻارهن اميرن کي اهو مڪار وزير جداجدا مخفي طرح ڪتاب ڏيئي پنهنجي نائب ٿيڻ لاءِ وصيت ڪري ويو هو، تن ٻارهن ئي اميرن مان هر هڪ پنهنجي مڪار رهنماءَ کان مليل ڪتاب ۽ وصيت پيش ڪري ان جي جاءِ نشين ٿيڻ جي دعويٰ ڪرڻ لڳو. انهيءَ ڪشمڪش ۾ انهن جي پاڻ ۾ اهڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ جنگ لڳي، جو لکين عيسائي هڪ ٻئي هٿان قتل ٿي ويا، رت جون نديون وهي هليون. اهي عيسائي گويا اکروٽ هئا جي ڀڃي پيا هئا. تن جا روح جسمن جي قتل ٿيڻ بعد پاڪ ۽ لطيف ٿي پيا ۽ هو جڻ تہ دنيا جي جنجل ڀري زندگيءَ کان ڇٽي راحت ڀري زندگيءَ ۾ وڃي پيا...

## نصيحت- مرڻ ڇا آهي؟

انسان جو مرڻ ڏاڙهونءَ يا صوف جي ڀڃي پوڻ مثل آهي. جيڪڏهن ڀڳل ڏاڙهون يا صوف مٺو آهي تہ قيمت پيدا ڪري ٿو، پر جيڪڏهن ڳريل سڙيل آهي، ان جي ڀڃي پوڻ وقت سڪٽي ٽڪاءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪجھ بہ ٿيٽو نہ آهي. جنهن ڏاڙهون يا صوف ۾ سٺو مغز آهي، سو مشڪ وانگر صاف ۽ سرهو آهي، پر جيڪو ڳريل سڙيل آهي سو ڌوڙ جي برابر آهي. ساڳيءَ طرح موت بعد انسان جون سڀ روحاني فضيلتون ظاهر ٿين ٿيون، جي جسماني پردي ۾ لڪل رهن ٿيون، يا اهي نفساني خرابيون کلي پون ٿيون، جي جسماني پوش ۾ ڍڪيل رهن ٿيون. جيڪو انسان با معنيٰ (روحاني فضيلتن سان ڀريل) آهي، اهو پنهنجين نيڪ صفتن سان ظاهر ٿيندو ۽ جو مرڻ بعد پنهنجي فضيلتن کان خالي آهي، سو ضرور خوار خراب ٿئي ٿو. اي صورت پرست انسان! تون وڃي معنيٰ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪر، ڇا ڪاڻ جو "معنيٰ" در حقيقت "صورت جا کنڀ" اٿيئي اها معنيٰ توکي ڪٿان حاصل ٿي سگهندي؟ اها توکي خدا شناس بزرگن جي خدمت ۾ رهڻ مان حاصل ٿي سگهندي.

صحبت صالح ترا صالح کند،

صحبت طالح ترا طالح کند۔

معنيٰ: "نيڪ انسان جي صحبت توکي نيڪ بنائي سگهي ٿي ۽ بدبخت جي صحبت توکي بدبخت بنائي سگهي ٿي."

... مڪار وزير جنهن وقت عيسائين جي خوار خراب ڪرڻ لاءِ ڄار پکيڙي هئي تنهن وقت عيسائين جي هڪڙي جماعت ان جي ڦندي ۾ نہ ڦاٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. سا اها جماعت هئي، جنهن کي ويساه هو، ته انجيل ۾ حضرت عيسيٰ عليہ السلام بعد جنهن نبي سڳوري جي اچڻ جو ذڪر لکيل آهي، تنهن جا جيڪي نالا نشان ۽ منهن مهانديون جا ارڪان انجيل ۾ بيان ٿيل آهن، سي انهيءَ مڪار وزير ۾ آهن ئي ڪين. عيسائين جي اها جماعت هميشہ انجيل پڙهندي هئي، انهيءَ ايندڙ نبي سڳوري جو ذڪر نهايت ادب ۽ حب سان پڙهندي هئي ۽ ان نبي سڳوري جي ظاهر ٿيڻ جي انتظار ۾ رهندي هئي. انهيءَ ڪري ظالم يهودي بادشاه ۽ ان جي مڪار وزير جي فتنہ انگيزيءَ ڪري عيسائين پاڻ ۾ جيڪو ڪوس ۽ قتل عام برپا ڪيو هو، تنهن کان اها جماعت بلڪل پاسي ۽ سلامت رهي. خدا تعاليٰ انهيءُ جماعت جي اولاد ۾ گهڻي برڪت وڌي...

## چوٿين آکاڻي
## ٻيو يهودي بادشاه جنهن عيسائيت جي بربادي لاءِ ڪوشش ڪئي هئي.

پهريون يهودي بادشاه، جنهن پنهنجي مڪار وزير جي معرفت بي گناهہ عيسائين جي خونريزي ڪرائي هئي، تنهن جي اولاد مان ٻيو هڪڙو يهودي بادشاه ساماڻو، تنهن به عيسائين جي بربادي‌ءَ ڀنيان سندرو ٻڌو هو، جنهن جو بيان قرآن شريف جي سوره البروج ۾ به ڏنل آهي. ان ظالم ڇا ڪيو، جو باه جو هڪڙو وڏو مچ ڪٽي ٻارايائين. ان مچ جي ڪناري تي هڪڙو بت ڪڙو ڪري بيهاريائين. پوءِ عيسائين کي گڏ ڪري چيائين، ته جيڪو هن بت کي سجدو ڪندو، سو ڇٽل آهي ۽ جيڪو بت کي سجدي ڏيڻ کان انڪار ڪندو تنهن کي هن مچ ۾ اڇلايو ويندو...

**نصيحت: سڀ خرابيون نفس مان پيدا ٿين ٿيون ان جو ڪو بلو ڪر:**

جڏهن ان يهودي بادشاه پنهنجي نفساني بت کي سزا نہ ڏني هئي، تڏهن ئي ان جي نفس اهو نرالو بت سجدي ڏيارڻ لاءِ پيدا ڪري وڌو (جيڪڏهن هو پنهنجي نفس کي سڌاري سنئين رستي تي آڻي ها ته جيڪر هي بت ڪڙي ڪرڻ جو فتنو جاڳي ئي نہ ها) اي انسان! سيني بتن جي ماءُ تنهن جو نفس آهي. ٻيا جيڪي به بت پوڄيا وڃن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تا ، سي جڏهن ته دل جي انڌائي ۽ خرابيءَ جي بنسبت ننڍڙا نانگ آهن پر تنهنجو نفس سيني خرابين ۽ گناهن جي لحاظ کان هڪڙو وڏو نانگ آهي. ٻين ٻتن کي ڀڃي پرزا پرزا ڪرڻ سولي ڳالهه آهي، پر نفس کي مات ڪرڻ سترو ڪم نه آهي. انساني نفس کي هڪڙو زبردست فرعون ڪري ڄاڻ. انهيءَ "فرعون" جي فرعونيت کان بچڻ لاءِ خدا جي دروازي ڏانهن ڊوڙ ۽ بدن جي ابوجهل کان ڇوٽڪارو حاصل ڪر.

... ظالم يهودي بادشاه جيئن ٻت کي سجدي ڏيڻ کان انڪار ڪندڙن کي مچ ۾ پئي اڇليو، تيئن هڪڙي ايماندار عيسائي زال کي ٻه مچ وٽ آندائون ۽ چيائونس ته "يا ٻت کي سجدو ڪر يا مچ ۾ اڇلجڻ قبول ڪر." مائي نهايت دينداز زال هئي، تنهن ٻت کي سجدو ڏيڻ کان انڪار ڪيو. تنهن تي مائي جي ڪڇ ۾ جو ٻارڙو هو سو کسي ڪٽي مچ ۾ ڦٽو ڪيائون. پنهنجو ٻچو مچ ۾ پوندو ڏسي مائيءَ جي دل البت لڏڻ لڳي، هوءَ پنهنجي ٻچي کي مچ مان ڪڍائڻ لاءِ ٻت کي سجدو ڏيڻ ۾ هئي، ته ٻار آواز ڪري چيو، ته "اي پياري ماءُ! متان ڊني آهين. اچ هن ۾ خوش و خورم آهيان تون ٻه هڪدم هلي اچ. پياري امان! هيءَ باه فقط ماڻهن کي باه نظر اچي ٿي، پر حقيقت ۾ خدا تعاليٰ جي رحمت جو باغ آهي، تون هت ٻي ڏڙڪ هلي اءُ. حضرت ابراهيم عليه السلام جيئن نمرود جي ٻارايل مچ ۾ گهڙي باغ جو مزو ماڻيو هو، تيئن ساڳيءَ طرح هتي اهو اسرار لڳو پيو آهي. اي امان جيئن جمڻ وقت تنهنجي پيٽ مان نڪرڻ مون کي پسند نٿي آيو، پر جڏهن دنيا ۾ آيس، تڏهن سمجهيم، ته تنگ ڪوٺڙيءَ مان نڪري راحت جهڙي جهان ۾ آيو آهيان، تيئن هينئر انهيءَ جهان کي ڇڏي هن مچ ۾ گهڙڻ ڪري ايئن ٿو سمجهان، ته دنيا جي غير آباد ميدان مان نڪري هڪڙي اهڙي عجيب ۽ روح افزا جهان ۾ اچي پيو آهيان، جنهن جي ذري ۾ حضرت عيسيٰ عليه السلام جهڙي ڪرامت آهي. پياري امان! تون ته جلد اچ، پر ٻين ماڻهن کي ٻه هوڪو ڏيئي ڇڏ ته جلد هن رحمت جي باغ ۾ اچي داخل ٿين."

ٻارڙي جي انهن سڏن تي ماءُ پنهنجو ايمان مضبوط ڪري ٽپ ڏيئي مچ ۾ وڃي داخل ٿي. ان جي داخل ٿيڻ شرط پٽس هٿ مان ڪٽي جهليس. ماءُ ٻه مچ ۾ داخل ٿيڻ شرط خلق کي خوشيءَ ڀريل آواز سان چوڻ لڳي: "اي ايمان وارا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسانو! هيءَ باھہ نہ اٿو، پر خدا تعاليٰ جي فضل جو چمن اٿو. اڇو! اڇو! هڪدمر اڇو!" مائيءَ جي سڏن ڪرڻ تي ماڻهو هڪ ٻئي پنيان مچ ۾ ڏوڪيندا ويا يهودي بادشاه جي ماڻهن انهن کي روڪڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي، پر اها ڪارگر نہ ٿي. يهودي بادشاه اهو رنگ ڏسي ڏاڍو شرمندو ۽ پشيمان ٿيو...

## نصيحت- خدا جي راه ۾ ڏک ڏسڻ سکن جو وسيلو آهي:

اي انسان! اها سدوري اک سدا بهار آهي، جا ان حقيقي محبوب جي راهہ ۾ ڏک ڏسندي ڳوڙها هاري ٿي. اي انسان! اها سڳوري ۽ سياڳي دل آهي، جا ان حقيقي معشوق جي حب ۾ جلي ٿي (ڏک سهي ٿي.)

حضرت رسول ڪريم عليہ الصلواة والسلامر جن فرمايو آهي، تہ جنهن ايمان واري انسان جي اکين مان خدا تعاليٰ جي خوف ۽ رضامندي خاطر ذرڙي جيترا لڙڪ ئي وهن ٿا، تنهن انسان کي دوزخ جي باهہ پهچڻي ئي نہ آهي. "سڀ ڪنهن کي روئڻ پنيان کلڻ نصيب ٿيڻو آهي. سدورو انسان اهو آهي، جو پڇاڙيءَ جي بهتريءَ تي نظر رکي. ڏسو جتي پاڻي وهندو آهي، اتي ضرور ساوڪ ايرندي آهي. ساڳيءَ طرح جتي اکين جو آب وهندو اتي ضرور خدائي رحمت جو باغ برسڻو اهي. اي انسان! جيڪڏهن تون پاڻ لاءِ خدا تعاليٰ جو رحمر طلبين ٿو، تہ روئندڙ انسان تي ضرور رحمر ڪر ۽ ضعيفن تي همدردي جو هٿ رک."

... اهو يهودي بادشاه لڄي ۽ پريشان حال ٿي مچ کي چوڻ لڳو تہ "اي مچ! تو ۾ جيڪا جلائڻ جي طبعي عادت آهي، سا اڄ ڪيڏانهن ويئي؟ ڇا! توتي ڪو جادو ٿي چڪو آهي يا هي ڪو چشمر بنديءَ جو کيل آهي؟ سچ پچ تو مان جلائڻ جي خاصيت گمر ٿي ويئي آهي يا اسان جي بخت جي ڪا الٽي بازي آهي؟ جيڪي هميشہ تنهنجي پوڄا ڪندا آهن، تن کي بہ تون ساڙيندي دير نہ ڪندي آهين، سو هنن کي تو ڪيئن ڇڏيو، جيڪي تنهنجي پوڄڻ کان پري ڀڄڻ وارا آهن؟ "خدائي قدرت سان باه مان آواز آيو، تہ "اي بادشاه! آءُ اهائي ساڳي باه آهيان اندر گهڙ تہ خبر ڏيانءِ. اي بادشاه ڪتو بہ پنهنجي ڌڻيءَ جي گهر ۾ گهڙي آيل مهمان کي ڪڏهن ڪين ڏاڙهيندو آهي، پر جيڪڏهن ڌڻيءَ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

در ڪان ٻاهر ڪو ڏاريو ماڻهو نظر ايندو اٿس، تہ ان کي پوپٽيون پڙهائي ڇڏيندو آهي. آءٌ انهيءَ ڪتي کان بہ ابتر آهيان ڇا، جو خدا تعاليٰ جي پناهہ ۾ آيل انسانن کي ساڙيان؟"...

## نصيحت باهہ، پاڻي، واءُ ۽ مٽي سڀ خدا تعاليٰ جي حڪم جا ٻاندا آهن

اي انسان! واءُ، ڌرتي، پاڻي توڙي باهہ اهي سڀ خدا تعاليٰ جا غلام آهن. تنهنجي يا منهنجي نظر ۾ اهي ڀل ڪٺي مئل هجن، مگر حق تعاليٰ جي اڳيان اهي جيئريون شيون آهن. اي انسان! جيڪڏهن تنهنجي طبيعت جي آتش (غم) توکي ڏک ڏئي، تہ اهو ڏک خدا تعاليٰ جي حڪم موجب سمجهہ ۽ خدا تعاليٰ جي در پيچتاءُ ڪري رحم گهر. جيڪڏهن اها طبيعت جي آتش توکي ڪا خوشي بخشي ٿي، تہ اها بہ حق تعاليٰ جي حڪم موجب حاصل ٿيل خوشي سمجهہ. ٻاهر توڙي واءُ خدا تعاليٰ جي حڪم جي تعميل لاءِ هر وقت تيار آهن. جيڪڏهن واءُ ۾ حق جي حڪم مڃڻ وارو روح نہ هجي ها، تہ هو جيڪر "عاد قوم" ۾ ايمان وارن انسانن ۽ بي ايمانن جي وچ ۾ ڪيئن تفاوت رکي ها؟"

### تمثيل ١ – واءَ جي وسيلي عاد قوم جي بربادي:

حضرت هود نبي عليہ السلام جي قوم "عاد" تي جڏهن سندن نافرمانين ۽ بدهلتن ڪري واءَ جي صورت ۾ خدائي عذاب نازل ٿيو هو، تڏهن حضرت هود هڪڙو ليڪو زمين تي گهيري جي شڪل ۾ ڪڍيو هو. جيڪي فرمانبردار، ايمان وارا انسان ان ليڪي ۾ اچي داخل ٿيا ٿي، تن کي واءَ کان ڪابہ تڪليف ڪانہ ٿي پهتي بلڪ انهن کي وٽندڙ واءَ پي لڳو، مگر جيڪي نافرمان ۽ سرڪش ماڻهو حضرت هود جي حڪم کان ٻاهر هئا، تن کي خدائي عذاب واري واءَ اُڏائي برباد ڪري ڇڏيو.

### تمثيل ٢ – شيبان راعي رح جو حفاظتي ليڪو:

"مشهور عارف شيبان (عليہ رحمت) جيڪو رڍون چاريندو هو، جنهن ڪري کيس "راعي" (ڌنار) سڏيندا هئا، سو ڇا ڪندو هو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو جڏهن جمعي جي ڏينهن جمعي نماز پڙهڻ ويندو هو، تڏهن جنهنگ ۾ زمين تي گهيري جهڙو ليڪو ڪڍي ان ۾ سڀ رڍون بيهاري هليو ويندو هو. جيسين هو شهر مان جمعي نماز پڙهي موٽي ايندو هو، تيسين نه ڪا رڍ ليڪي کان ٻاهر نڪرندي هئي ۽ نه ڪو بگهڙ ليڪي ۾ گهڙي ڪا رڍ ڪٽي ويندو هو."

**نصيحت- خدا شناس بزرگن جو ليڪو**

"ڏسو! خدا شناس شيبان جو ڪڍيل ليڪو بگهڙ جي لوڀ جي واءُ توڙي رڍن جي سڌ جي واءَ کي روڪڻ لاءِ هڪڙو ڪوٽ ثابت ٿي چڪو." (مٿين ٻن تمثيلن مان اوهين ڏسي سگهو ٿا، ته واءُ وغيره عناصر الله تعاليٰ جي ته حڪم جا ٻندا آهن، پر الله تعاليٰ جي نيڪ ٻانهن جا به تابعدار ٿي سگهن ٿا. جيئن واءَ حضرت هود جي ليڪي جو لحاظ ٿي رکيو، نه رڳو ايترو بلڪ نفساني جذبن جي هوا به خدا تعاليٰ جي نيڪ ٻانهن جي قبضي ۾ رهي سگهي ٿي، جيئن شيبان راعي رح بگهڙن ۽ رڍن جي نفساني جذبن کي هڪ ليڪي ۾ روڪي وڌو هو.) "ساڳيءَ طرح موت جي هوا به عارفن ۽ خدا شناسن تي باغ جي بهاري هير وانگر خرم ۽ وڻندڙ صورت ۾ لڳي ٿي. جيئن حضرت هود جي ليڪي ۾ ويٺل ماڻهن لاءِ عذاب وارو واءُ هير جي مثل هو، تيئن موت جي واءَ عارفن لاءِ هير آهي، جيتوڻيڪ عام جي نظر ۾ سخت آهي."

**تمثيل ٣- باهه، پاڻي ۽ زمين جي فرمانبرداري:**

حضرت ابراهيم عليه السلام کي نمرود باه جي مچ ۾ وڌو هو، ته باه خدا تعاليٰ جي حڪم سان حضرت ابراهيم کي ڪوبه نقصان نه پهچايو هو. جيئن ظاهري باه خدا تعاليٰ جي مقبول ٻانهن تي اثر نٿي ڪري تيئن نفسانيت جي اها معنوي باه به خدا شناس انسانن کي ساڙي نٿي سگهي، جا ٻي دينن کي دوزخ ۾ داخل ڪري ڇڏي ٿي. جڏهن نديءَ جي لهرن کي خدا تعاليٰ جو حڪم ٿيو هو تڏهن حضرت موسيٰ ۽ سندن همراهن کي رستو ڏنائون ۽ فرعون ۽ سندن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لشڪر کي ٻوڙي چٽ ڪري ڇڏيائون. زمين کي جڏهن خدائي فرمان ٿيو، تڏهن قارون کي هن جي تخت ۽ خزاني سميت ڳهي ويئي. الله تعاليٰ جي حڪم سان پاڻي ۾ متيءَ جون تهيل جهرڪيون حضرت عيسيٰ ع جي ڦيٽي پوڻ شرط جيئريون ٿيو اڏاڻيون ٿي. اي انسان! تنهنجي زبان مان ٻه جيڪا خدا تعاليٰ جي تعريف ۽ تسبيح نڪرندي تنهن کي تنهنجي صاف دل جي ڦيٽي سان خدا تعاليٰ بهشت جو پکي بنائيندو.

... باهه ڪان جواب ٻڌڻ بعد ٻه يهودي بادشاه جي دل مان سرڪشي دور نه ٿي. هن کي سندس ڪي وزير نصيحت ڏيڻ لڳا، ته هاڻي عيسائين جي پٺيان پوڻ جي پچر ڦٽي ڪر، پر هو پنهنجي هٺ کان هيٺ لهي ئي نه، اٿلندو نصيحت ڪندڙن جا هٿ پير ڪٽي ٻڌايائين تنهن تي آواز آيس، ته "اي ڪتا! هاڻي جهل پير! اجهو اسان جو قهر ٿو اچيئي." ايتري ۾ اهو ساڳيو باهه جو مچ چاليهه گز اڳتي وڌي آيو ۽ ان يهودي بادشاه کي چوڦيرو ڦري ويو جنهن جي وچ ۾ هو سڙي مري ويو.

## نصيحت- جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي:

"يهودي مومنن کي ساڙيندڙ باهه مثل هئا، پر سندن باهه خود کين ڪکن وانگر ساڙي ڇڏيو. جيڪو ٻين لاءِ کڏ کڻندو سو پاڻ انهيءَ کڏ ۾ ڪرندو. جي شخص ٻين لاءِ دوزخ جي مثال آهن، سي گويا دوزخ جو اولاد آهن. ماءُ اولاد کي (اصل پنهنجي شاخ کي) ضرور پاڻ ڏانهن ڇڪيندي. جيئن هوا تلاءَ مان پاڻيءَ کي ٻاڦ جي صورت ۾ ذرو ذرو ڪريو اهڙيءَ طرح کڻندي رهي ٿي، جو اسين ڏسي به نٿا سگهون. (هوا پنهنجي هم جنس کي تلاءَ مان کڻيو وڃي ٿي) تيئن اسين جيڪو دم کڻون ٿا، سو به اسان جي حياتيءَ کي آهستي آهستي دنيا جي قيد خاني مان ڇورائيندو وڃي ٿو. اسان جا جيڪي دم خدا تعاليٰ جي ذڪر ۽ تسبيح ۾ صرف ٿين ٿا، سي به پاڻ سان نسبت رکندڙ پاڪ مڪان ڏي چڙهي وڃن ٿا ۽ اسان لاءِ دارالبقا جي سوکڙي بنجيو پون ٿا. شڪاري جيڪا جڙ تڙ ٻولي پکين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڦاسائڻ لاءِ ڪندو آهي، سا پکي پنهنجي هم جنس ٻولي سمجهي اچي اتي گڏ ٿيندا آهن، پر جڏهن ات پنهنجا هم جنس نہ ڏسندا آهن، تڏهن انهن مان ڪيترائي سجاڳ پکي ڀڄيو ويندا آهن. توکي بہ گهرجي تہ جڏهن ڪنهن دولابي ۽ لباسي فقير کي ڏسين تڏهن هن جي ٻوليءَ تي ڀلجي متان وڃين. هن کي غير جنس جي ٻولي سمجهي پکيءَ وانگر وٺائنس ڀڄي پري ٿي. هينئنءَ آکاڻيءَ تي ويچار ڪري ڏس، تہ شينهن جهڙو جانور پنهنجي غير جنس سهي جي مڪر آميز ڳالهين تي لڳي ڪيئن نہ پنهنجو سر وڃائي ويٺو."

## پنجين آکاڻي

## ڪوشش ڇڏي توڪل تي گذارڻ

ڳچ جيترا جهنگلي جانور ڪنهن آباد ماٿريءَ ۾ رهندا هئا، جن لاءِ هڪڙي شينهن تڪليف پيدا ڪري وڌي. هو ڇا ڪندو هو، جو لڪيوڇپيو انهن جانورن تي اچي ڪڙڪندو هو ۽ هڪڙو يا بہ جانور ماريو وڃي ڪائيندو هو، جنهن ڪري انهن جانورن لاءِ اها سرسبز ماٿري زهر ٿي پيئي. هڪڙي ڀيري اهي جانور پاڻ ۾ صلاح ڪري شينهن وٽ آيا ۽ اچي چيائونس، "تون جو اوچتو حملو ڪريو اسان مان هڪڙي نہ ٻئي کي ماريو ڪنيو وڃين ۽ اسان جو سک ۽ آرام ڦٽائي ڏنو اٿيئي، سو آئينده مهرباني ڪري ايئن نہ ڪر. اسين تنهنجو کاڌو تو کي روزانو گهر ويٺي پهچائينداسون."

شينهن انهن کي ورندي ڏني، تہ جيڪڏهن اوهان ۾ ڪا وفاداري ۽ سچائي آهي تہ مون کي ڳالهہ منظور آهي. مگر فريب ۽ مڪر سان آءٌ ٻڌل نہ آهيان. ڇاڪاڻ جو مون فلاڻن ڏينگڙن جي هٿان گهڻيئي مڪر ۽ فريب ڏٺا آهن. آءٌ ماڻهن جي زباني توڙي عملي ذوڪيبازين کان تڪليفون ڏسيو ويٺو آهيان.

**نصيحت- مڪار نفس**

نفس هر دم از درون نم در کمين
از همه مردم بتر در مکرو کين

ٻين کي تہ ڇڏيو، پر خود منهنجو نفس، جو منهنجي اندر ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڪو ويٺو آهي، سو مڪر ۽ ڪيني ۾ ٻين سڀني ماڻهن کان بدتر آهي. حضرت پيغمبر ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن، فرمايو آهي تہ ڪوبہ مومن ساڳئي سوراخ مان ٻہ ڀيرا نہ ڏنگبو، سا پاڪ هدايت مون پنهنجي جيءَ سان جڙي ڇڏي آهي. (مولانا رومي رح آڪاٽي هلندي انساني نفس جي مڪر ۽ فريب ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو، هو حضور ﷺ جي حديث شريف سبق طور پيش ڪري ٿو، جنهن جي مراد آهي، سجاڳ ايمان وارا ٻہ ڀيرا ڪنهن دشمن کان ڌوڪو هرگز نہ کائيندا نفس کي جاچي پرکي وري ان جي فريب ۾ هرگز نہ ڦاسندا.)

... سڀئي جانور شينهن کي چوڻ لڳا، تہ "اي شينهن شير خدا جا! اها چوڪسي ڇڏي ڏي. چوڪسي تقدير جي اڳيان ڪهڙو فائدو ڏيندي؟ تون توڪل جو ترهو ڪٽي پئہ. چوڪسي ۽ دورانديشي ڪرڻ مان گهڻا لڙ ۽ بکيڙا پيدا ٿين ٿا. تون توڪل تي قائم رهي، پاڻ کي خدا تعاليٰ جي حڪم جي سپرد ڪر، ڇاڪاڻ جو خدائي تقدير سان تون وڙهي پورو نہ پوندين." شينهن انهن کي ورندي ڏني تہ "توڪل برابر پيغمبري دستور آهي، پر ڏسو، تہ جڏهن هڪڙو اعرابي حضور ﷺ جي ملاقات لاءِ آيو هو، تڏهن پنهنجو اٺ مسجد جي دروازي تي ويهاري توڪل علي الله (الله جي آسري تي اُٺ ڇڏيان ٿو) چئي حضرت ﷺ جن وٽ وڃي ويٺو، تنهن تي حضور ﷺ جن فرمايس، تہ "اعقلها و توڪل" (اُٺ جو ڳوڏو ٻڌي ڇڏ ۽ الله تي آسرو رک) هيءَ بہ تہ حضرت صلعم جن جو فرمان آهي، تہ "الڪاسب حبيب الله" (پنهنجي پيٽ قوت لاءِ حيلو ۽ ڪوشش ڪندڙ خدا تعاليٰ جو دوست ليکبو) تنهن ڪري توڪل تي باور رکي حيلي تان هٿ نہ کڻبو. جانورن ۽ شينهن جي وچ ۾ تمام گهڻو بحث ٿيو. جانورن توڪل ۽ تقدير تي ويهڻ لاءِ زوردار تقريرون ڪيون ۽ طرحين طرحين جا مثال پيش ڪيا، ۽ شينهن حيلي ۽ ڪوشش ڪرڻ بابت زوردار تقريرون ۽ تمثيلون پيش ڪيون. آخر جانورن کي قائل ڪري وڌائين ۽ انهن قبول ڪيو، تہ گذران لاءِ حيلو ۽ ڪوشش ضرور ڪرڻ گهرجي...

## نصيحت - هرحال جي بهتريءَ لاءِ حيلو ۽ ڪوشش ضروري آهي

جهد حق است و دوا حق است ودرد

منکر اند نفی جهدش جهد کرد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"حيلو ۽ ڪوشش ڪرڻ هر حال ۾ برحق آهي، ته ان جي دوا ڪرڻ به حق آهي. جيڪي ماڻهو حيلي ۽ ڪوشش جي برخلاف حجتون ڪن ٿا، سي خود به حيلي ۽ ڪوشش کانسواءِ رهي نٿا سگهن. انسان کي روحاني راز به ڪوشش ڪرڻ سان ئي حاصل ٿين ٿا. هن دنيا ۾ ڪوبه ڪم حيلي ۽ ڪوشش کان سواءِ ٿي نٿو سگهي. اهو جاهل ۽ مورک انسان چئبو جو حيلي ۽ ڪوشش کان نٽائي ٿو."

... سيني جانورن جڏهن شينهن جي دليلن اڳيان ڪنڌ جهڪايو، تڏهن پڪا قسم ويساه ڪٽي شينهن سان انجام ڪيائون ته "اسين توکي تنهنجي خوراڪ لاءِ روزانو هڪڙو جانور گهر ويٺي پهچائيندا رهنداسون." شينهن اها ڳالهه قبول ڪئي. جانورن پاڻ ۾ ٺهراءُ ڪيو، ته روز ڪٺا وجهبا، جنهنجي نالي ڪٺا پوندا، سو ڪنهن به حجت ۽ دليل کان سواءِ شينهن وٽ حاضر ٿيندو ۽ وڃي شينهن جو لقمو بڻبو. سيني جانورن اهو ٺهراءُ منظور ڪيو. انهيءَ ٺهراءُ موجب روزانو جنهن جانور جي نالي ڏارو ڏرندو هو سو بنا انڪار جي شينهن وٽ هليو ويندو هو ۽ ٻيا سڀ بي ڊپا ۽ بي اونا ٿيا پيا گهمندا ڦرندا ۽ کائيندا پيئندا هئا.

هڪڙي ڏينهن هوشيار سهي جي نالي تي ڪٺو پيو، پر سهي شينهن ڏي وڃڻ ۾ دير ڪئي، تنهن تي سيني جانورن ان کي يون يون ڪري اچي ورتو ۽ چيائونس، ته "جلد شينهن ڏي روانو ٿيءُ، اسان جي پت نه وڃاءِ، متان شينهن ڪاوڙجي پوي ۽ اسان کي گهڻو نقصان پهچائي. سهي انهن کي چيو، ته مون کي ٿوري مهلت ڏيو اميد آهي، ته آءٌ اهڙو گهاٽ گهڙيندس، جو اوهان سيني جي جند هميشه لاءِ ڇٽي پوندي." جانورن چيس، ته "اي سها! پنهنجي قد بت ۽ وت کان ٻاهر ٻٽاڪ نه هڻ. خبر نه آهي تنهنجو ڪٿو ڇو واءُ پريو آهي؟ شايد اسان جي سر تي ڪا آفت ڪڙڪڻي آهي." سهي چيو، اي دوستو! مون کي خدائي آواز ٿيو آهي، جنهن ڪري مون جهڙي ضعيف کي هڪڙي زبردست رٿ سجهي آئي آهي...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**نصيحت- ننڍڙن ۽ ڪمزور شين کي بہ خدا تعاليٰ وڏي ذات بخشي ٿو:**

آنچه حق آموخت مر زنبور را،

ان نباشد شير را و گو را-

معنيٰ: "ڏسو تہ جيڪو هنر خدا تعاليٰ ماکيءَ جي مک کي سيکاري ڇڏيو آهي، سو شينهن ۽ گورخر جهڙن وڏن جانورن ۾ نہ آهي."

ماکيءَ جي مک ڏسو تہ ڪيئن نہ ننڍڙا گهر منيءَ رس سان ڀريو ڇڏي ٿي. اهو هنر بہ تہ ان کي خدا تعاليٰ عطا فرمايو آهي. جو هنر خدا تعاليٰ ريشمي ڪنئين کي سيکاريو آهي سو ڪنهن هاٿيءَ کي اچي ٿو؟ خاڪ مان بنايل حضرت آدم کي الله تعاليٰ اهڙو علم بخشيو، جو نور مان ٺهيل فرشتن کي بہ حاصل نہ ٿيو، بلڪ ابليس جنهن ٦ لک ورهيہ عبادت ۾ گذاريو هو، تنهن کي بہ اهو حضرت آدم وارو علم عطا نہ ٿيو. انسان جي دل جو قطرو ٻين عضون بنسبت ڪيڏو نہ ننڍڙو آهي، پر الله تعاليٰ ان کي علم ۽ عقل جو اهڙو جوهر بخشيو آهي، جو دريائن ۽ آسمانن کي بہ حاصل نہ آهي. اي ظاهري ڏيک جي مڃڻ وارا انسان! تون ڪيترا ڏينهن ايئن ظاهري ڏيک تي موهيو رهندين؟ جيڪڏهن ظاهري ڏيک موجب سڀ ماڻهو انسان هجن ها، تہ حضرت احمد ﷺ ۽ ابوجهل ٻئي ساڳئي درجي جا هجن ها. پر ڏس تہ انهن ٻنهي جي انسانيت ۾ ڪيڏو نہ زمين ۽ آسمان جو تفاوت آهي!" جيڪڏهن پٽ تي ڪا انسان جي سهڻي صورت چٽيل هوندي، تہ اها ڪنهن ڪم جي نہ آهي، ڇاڪاڻ جو ان ۾ روح نہ آهي. اي انسان تون روح جو نور حاصل ڪر. جڏهن خدا جي فضل سان اصحاب ڪهف جي ڪتي کي روحاني برتري عطا ٿي، تڏهن سون شينهن کان ان جو درجو اعليٰ ۽ اُتم ٿي ويو، ان کي سندس ظاهري پليت ڪل ڪهڙو نقصان پهچائي سگهي؟ قلم سان "عالم" ۽ "عادل" لفظ لکجن ٿا، تہ فقط "علم" ۽ "عدل" جي معنيٰ ئي آهي جا قلم ظاهر ڪري ٿو، نہ تہ ڏسو تہ عالم يا عادل جي ڪا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شڪل شبيه يا بت قلم پڌائي ٿو؟ علم، عدل وغيره معنوي صفتون روح جون ئي آهن، جي بدن کي "لامڪان" (حقاني آستان) تان عطا ٿين ٿيون. جنهنڪي سج جي مثل روشني حاصل ٿئي ٿي تنهن جو مرتبو ايڏو آهي جو آسمان ۾ ئي سمائجي نٿو سگهي.

... هاٿي ڏسو ته سهو ڪهڙي ڪيڏ پڪيڙي ٿو ۽ ڪيئن ٿو ڪيڏ بازيءَ سان شينهن کي ماري ميجائي؟...

## نصيحت- علم ۽ عقل وڏي ذات آهن

خاتم ملک سليمان است علم

جمله عالم صورت و جان ست علم

معنيٰ: جيئن حضرت سليمان عليہ السلام جي بادشاهيءَ جو سارو مدار "منڊيءَ" جي ڪرامت تي هو، تيئن سڀ ڪنهن انسان لاءِ "علم سليماني منڊي" آهي.

"هي سارو جهان هڪڙو بوتو آهي ۽ علم ان جو روح آهي. شينهن، هاٿي ۽ ٻيا طاقتور جانور خواه ديو ۽ پريون جيڪي انسان اڳيان نمن ٿا ۽ ان کان ڊڄن ٿا، سو فقط انهيءَ ڪري جو انسان کي الله تعاليٰ علم ۽ عقل جو هٿيار عطا فرمايو آهي. اسان جا لڪل دشمن به گهڻا آهن پر عاقل انسان اهو آهي جو پهرين سجاڳ رهي ٿو. خدا تعاليٰ جي خلقيل ڪيتري ئي ڳجهي مخلوقات دنيا ۾ پيئي آهي، جن ۾ ڪي فائدو پهچائيندڙ ۽ ڪي نقصان پهچائيندڙ آهن. جيڪڏهن تون نديءَ ۾ وهنجڻ لاءِ گهڙين ٿو، ته اتفاق سان تنهنجي پير ۾ ڪنڊو چڀي پوي ٿو. جيستوڻيڪ اهو ڪنڊو پاڻي ۾ لڪل رهي ٿو، پر جڏهن توکي پير ۾ چڀي ٿو تڏهن توکي ان جي هئڻ جي خبر پوي ٿي. اهڙيءَ طرح انسانن جي حواسن ۽ جذبن کي ڏنگڻ ۽ نقصان پهچائڻ لاءِ ڪي ٿورا شيطاني وسوسا لڪل ڪنڊن جي صورت ۾ نه آهن پر هزارين آهن. تون عبادت ۽ رياضت ۾ تحمل سان مشغول رهندين ته توکي وسوسا پيدا ڪندڙ شيطان معلوم ٿي ويندا ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن جي ڪنڌن ڪان امن امان ۾ رهي سگهندين.

... سيئي جانور سهي کي چوڻ لڳا ته "اي چالاڪ سها! تون اسان کي ٻڌاءِ، ته شينهن جهڙي طاقتور جانور کي مات ڪرڻ لاءِ تو ڪهڙي سٽ سٽي آهي؟ اسان سان ڪا صلاح مصلحت ته ڪر"....

## نصيحت- صلاح مصلحت ڪرڻ چڱو ڪم آهي

مشورت ادراک وهشياری دهد،

عقلها مر عقل را ياری دهد-

معنيٰ: ٻئي سان صلاح مصلحت ڪرڻ ڪري سمجهه ۽ عقل وڌي ٿو، ڇاڪاڻ جو صلاح ڏيندڙن جو عقل، صلاح وٺندڙ جي عقل کي مدد ڏئي ٿو.

حضرت پيغمبر ڪريم عليه الصلواة والسلام جن فرمايو آهي، ته "المستشار موتمن" (جنهن کان صلاح پڇجي، تنهن کي گهرجي ته ايمانداريءَ سان صلاح مصلحت ڏئي) پاڻ ماڻهو ڪيترو به ڏاهو هجي ته به ٻئي کان صلاح پڇڻ گهرجيس. پڇندڙ نه منجهندڙ.

سهي انهن جانورن کي چيو ته "دل جو سڀ ڪو راز کولڻ مناسب نه آهي، ڇاڪاڻ جو "اڪي ۽ ٻڌي" راند ڪرڻ ۾ ڪڏهن چئبو آهي "اڪي" ته نڪري پوندي آهي "ٻڌي" ۽ چئبو آهي "ٻڌي" ته ٿي پوندي آهي "اڪي." بيشڪ صلاح ڪرڻ سنت آهي، پر اهڙن ڪمن ۾ جيڪي خطري جهڙا نه هجن. نه ته خطرناڪ ۽ نازڪ ڪمن ۾ دل جي راز واري ڳالهه صلاح لاءِ ظاهر ڪرڻ مان بعضي نهيل نڪيل ڪيل بگڙي ويندو آهي. جيڪڏهن آئيني تي ڦوڪ ڏبي آهي، ته آئينو پنهنجي صفائي بدلائي اسانجي نظر ۾ بي آب ٿي پوندو آهي، ساڳي طرح ڪنهن صاف دل ۽ مخلص دوست اڳيان دل جي راز کولڻ ڪري ته ان جي دل بدلجي پوندي آهي. ڇاڪاڻ جو يڪ رنگ ۽ نيڪ نيت دوست، جو طبيعت جي سادگي ۽ سلامتيءَ ۾ آئيني جو مثال ٿئي ٿو، ان تي جڏهن ڪو طبيعت جي خلاف راز



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪولجي ٿو تڏهن يا ته ان جي دل راز ڪوليندڙ دوست ڪان ڪٽي ٿي پوندي يا ته سندس دل تي حرص، طمع، بغض، نفاق، فساد يا فتنه انگيزيءَ جو ڪوهيڙو ڇانئجي ويندو ۽ هو صاف دلي ڇڏي بي دلي جهڙن ڪمن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ تيار ٿي ويندو. هيٺين ٽن ڪمن ۾ ڪڏهن به دل جو راز ظاهر نه ڪجي:

١- سفر جي تياري، مال ۽ دولت جي موجودگيءَ ۽ اچ وڃ جو رستو (يا مذهبي طريقو). ڇاڪاڻ جو انهن ٽن ڳالهين پٺيان پڪ ڇانڻ ته دشمن لڪا وتن ٿا. حضرت پيغمبر ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن به صلاح ڪرڻ وقت صلاح ڏيندڙن ڪان فقط راءِ پڇندا هئا، پر پنهنجي دل جو فيصلو مخفي رکندا هئا.

... جانورن گهٽوئي زور رکيو، ته سهو پنهنجي سناءُ ظاهر ڪري، پر سهي دل جو راز ظاهر نه ڪيو ۽ شينهن وٽ حاضر ٿيڻ لاءِ جيڪو وقت مقرر ٿيل هو، تنهن ۾ گهڻي دير ڪيائين. شينهن کي خوراڪ پهچڻ ۾ جو دير ٿي، سو چڙ ۾ پرجي ويو، ۽ گجگوڙ ڪرڻ ۽ ٻڪيون اڇلڻ لڳو. دل ۾ چيائين، ته مون اڳيئي ٿي چيو ته هنن ڪميڻن جو قول ڪڏهن به سچو نه رهندو بلڪ ڪچو ۽ ڪوڙو ثابت ٿيندو، سو ثابت ٿيو. هنن جي فريب ته مون کي گڏهه وارو ڏوڪو ڏيئي ڇڏيو! هان! ڇا هي زماني جي مخلوق مون سان ڪيترين ٺڳيون ڪري سگهندي؟...

## نصيحت- دوانديشي ڇڏڻ مورڪائي آهي

اهو بيوقوف انسان سچ پچ نڪمو آهي، جو پنهنجي بي وقوفيءَ جي ڪري اڳ پٺ نٿو ڏسي. رستو جيتوٽيڪ ظاهر، صاف ۽ سئون سڌوئي آهي ته به ان تي ڏڪيل ڄاريون پکڙيل رهن ٿيون. وڏن وڏن دلچسپ نالن ۽ لقبن ۾ معنيٰ (سچي مراد) جو ڏڪار رهي ٿو. جهڙيءَ طرح دنيا جي ظاهري ڪمن ۾ دوانديشي نه ڪرڻ ڪري انسان غلطين ۾ ڦاسيو وڃي ٿو، تهڙيءَ طرح باطني (روحاني) ڪمن ۾ به عاقبيت بيني نه ڪرڻ ڪري، گمراهي ۽ وبال ۾ ڦاسڻ جو انديشو آهي. لباس ۽ نيت کوٽن درويشن جا گفتا ۽ احوال ظاهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري سنئين رستي وانگر تسلي جهڙا نظر ايندا آهن مگر انهن ۾ مڪر ۽ فريب جون چاريون لڪل رهن ٿيون، رڳو ظاهري نالن ۽ لقبن تي ڪڏهن به ڀلجي نه وڃڻ گهرجي.

... شينهن، جو خوراڪ ۾ دير پوڻ ڪري چڙ ۾ تپي لال ٿيو بيٺو هو، تنهن جو سهي کي منڊ ڪائيندو سهڪندو پاڻ ڏي ايندو ڏٺو، سو پڇ کي ٺڪاءُ ڏيئي سهي کي چوڻ لڳو، ته "اي قول جي ڪوڙن ڪميڻن جا ساٿي! هيتري دير؟" سهو پري کان ئي هٿ ٻڌي چوڻ لڳو، ته اي شينهن شير خدا جا! اي جهنگل جا بادشاه! مون کي حضور جن وٽ حاضر ٿيڻ ۾ دير ٿي آهي، تنهن دير جو لاچاري سبب ته مهرباني ڪري ٻڌڻ فرمايو." شينهن اکيون ڪڍي گجندي چيو: "اي بيوقوفن جا سردار! بادشاهن جي حاضري ڏيڻ ۾ دير ڪرڻ لاءِ ڪهڙو عذر ٻڌبو؟ بيوقوف جو عذر هن جي گناه کان به بدتر آهي. اناڙي! مون کي به ڪو سهو سمجهيو اٿيئي ڇا، جو عذر ٻڌائي رهيو آهين.
سهي چيو: اي سائين! گهڙي ساعت لاءِ هڪڙي نالائق کي لائق ڪري سمجهو ۽ مظلوم جو عذر ٻڌڻ فرمايو. خدا تعاليٰ توهان کي هيڏو اقبال بخشيو آهي تنهن اقبال جي صدقي هڪڙي مظلوم جي داد رسي ڪريو. اي ڪرم ۽ رحم جا درياءَ منهنجو عذر سڻو جيڪڏهن اهو عذر ڪرم ۽ رحم جو لائق هجي ته مڃجو، نه ته به منهنجو سر ته اٿئن اوهان جي اڳيان حاضر آهي." سهي جي ايتري خوشامد ۽ چاپلوسيءَ تي شينهن ڪجهه ٺڌو ٿيو ۽ چيائينس ته "جلد ٻڌاءِ دير نه ڪر. چئو هيتري ساري دير توکي ڇو لڳي؟"
سهي چيو: "حضور! اسان ٻن ڄڻن کي ٻه پهرن جو اوهان جي خوراڪ لاءِ روانو ڪيو هئائون. واٽ تي هڪڙو شينهن اسان کي اچي پهتو، جنهن اسان ٻنهي کي پڪڙي ڪٽي قابو ڪيو. مون چيومانس ته "اسين شهنشاه جا ناچيز نوڪر آهيون. اسان کي ڇڏ ته ان وٽ حاضر ٿيون تنهن تي اسان کي چڙ مان چوڻ لڳو، ته "توهان جي شهنشاه جي به خبر ونان ٿو اهو ڪهڙي باغ جي موري آهي، جو منهنجي هوندي هن جهنگ جو پاڻ کي شهنشاه سڏائي سگهندو؟ جيڪڏهن مونکان نڪري ويندا ته اوهان کي اوهان جي شهنشاه سميت چيري به اڌ ڪندس." تنهن تي مون چيومانس، ته "چڱو ڀلا مون کي ايتري مهلت ڏي، جو آءٌ پنهنجي شهنشاه کي تنهنجي خبر ڏيئي اچان. تڏهن منهنجي همراه کي پاڻ وٽ روڪي وهاريائين ۽ مون کي ڇڏي چيائين، ته پنهنجي شهنشاه کي وڃي سلام ڏي ۽ جلد موٽي اچ، جيئندا قبلا! مون گهڻيون ئي منٿون ۽ آزيون نيازيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيون مانس، ته منهنجي همراه کي به ڇڏ، ته بئي ڄڻا گڏجي پنهنجي شهنشاهه وٽ وڃون، پر منهنجون آزيون نيازيون ٻڌيون اڻ ٻڌيون ڪري ڇڏيائين. سائين منهنجا اهو همراه مونکان تيٽو ٿلهو هو. حضور! حال اهو آهي، جو عرض رکيو اٿم. جيڪڏهن اهو دشمن واٽ تان دفع نه ڪندؤ ته پڪ آهي، ته اڳتي توهان وٽ ڪوبه شڪار پهچي نه سگهندو. سچ چوڻ بيشڪ ڪڙو لڳندو آهي، پر مون حضور اڳيان سچ چٽي ڏنو آهي، هاڻي اوهين مالڪ وس وارا آهيو. جي چئو ته اهو هينئر ئي هلي ڏيکاريان." شينهن، جو ڪجهه نريو هو، سو پنهنجي ٿلهي شڪار روڪجڻ جي ڳالهه ٻڌي هيڪاري گرم ٿي ويو ۽ سهي کي چيائين "ته اٿ! هينئر جو هينئر اهو حرامخور مون کي هلي ڏيکار، ته صفا خون ڪريانس. جي نٿو ڏيکارين، ته پوءِ تنهنجيون منهنجيون خبرون پونديون. سهو ٽپ ڏيئي اٿيو. اڳيان ٿيو پاڻ پٺيان ٿيو شينهن، اچي هڪڙي کوهه وٽ پهتا...

نصيحت- جي خدا هيٺي سان همراهه، ته ڏاڍو ڇا ڪندو؟

"وهندڙ پاڻي ميدان مان ڪک پن گهليندو ويندو آهي، پر هيءُ پاڻي (سهو) عجب جهڙو ڇٻو جنهن جي لهرن ۾ جبل (شينهن) لڙهندو وڃي ٿو! "بيشڪ! جڏهن خدائي همراهي ڪنهن انسان جي پشت پناهه ٿئي ٿي ته اهو هٿين خالي هوندي به هنيلن جا هنيانءِ ٽوڙي سگهي ٿو. ڏسو حضرت موسيٰ عليه السلام جهڙي غريب ۽ ڪنگال شخص ڪيئن نه فرعون جهڙي هنيلي بادشاهه کي لشڪر سميت وڃي نيل نديءَ ۾ ٻوڙيو هو! هڪڙي مڇر ڪيئن نه نمرود جهڙي خدا سڏائيندڙ سرڪش بادشاهه جي نڪ ۾ گهڙي ان جو مغز ڏاري وڌو!"

نصيحت- دشمن جي ڳالهه تي اعتبار نه ڪجي

جيڪو ماڻهو دشمن جي ڳالهه تي هلي ٿو تنهن جو حال اهڙو ٿئي ٿو، جهڙو سهي جي ڳالهه تي لڳڻ ڪري شينهن جو ٿيو.

جيڪو انسان پنهنجن حاسدن جي سنگت ۾ رهي ٿو، تنهن کي به اهڙوئي ڦل ملڻو آهي. فرعون تڏهن خراب ٿيو، جڏهن هامان جهڙي حاسد جي چوڻ تي هليو. نمرود تڏهن برباد ٿيو، جڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي نفس شيطان جي ساراه ڪرڻ لڳو. اي انسان! دشمن توکي کھڙيون بہ دوستاڻيون ڳالهيون ٻڌائي، پر انهن تي نہ لڳج. داڻو ڏيکاريئي، تہ دام ڪري سمجھج. مٺائي ڏيئي، تہ زهر ڄاڻج، مهرباني ڪري، تہ قهر پائنج.

## نصيحت- تقدير اڳيان تدبير نہ هلندي

چون قضا آيد نه بينی غير پوست

دشمنان راباز نشناسی ز دوست۔

جڏهن تقدير کي پنهنجو فيصلو ڪرڻو هوندو، تڏهن اي انسان! تنهنجي نظر فقط ٻاهرين ڏيک تي پوندي (اندر ڏانهن ڪوبہ ڌيان نہ ڏيئي سگھندين) ۽ دشمن ۽ دوستن جي وچ ۾ توکي ڪوبہ تفاوت نظر نہ ايندو. جڏهن اهو حال آهي، تڏهن اي انسان! تون خدا تعاليٰ جي درگاه ۾ هر وقت عجز ۽ نياز ڪندو رهہ. زاري تسبيح ۽ روزي جو سامان موجود رک. تقدير نازل ٿيڻ کان پناه ۾ رهڻ لاءِ، يا تقدير نازل ٿي چڪڻ جي حالت ۾ خدا تعاليٰ کي ٻاڏائڻ ۽ خير خيرات ڏيڻ نهايت چڱو ۽ فائدي وارو ڪم آهي. حضرت پيغمبر ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن جو فرمان آهي تہ "ڏٺيءَ در ڪيل پڪار ۽ دعا تقدير کي ٽاري سگھي ٿي، ۽ خير خيرات ۽ صدقو انسان جي حياتي وڌائي سگھي ٿو."

## تمثيل ١- حضرت سليمان نبي ۽ هدهد پکيءَ جو تقدير بابت قصو:

حضرت سليمان نبي عليہ السلام سيني پکين جي ٻولي ڄاڻندو هو ۽ سڀ پکي ساڻس ڳالهائيندا هئا. هڪڙي ڏينهن سڀ پکي حضرت سليمان عليہ السلام جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيا ۽ سڀ ڪنهن پکي پنهنجي پنهنجي ڪاروائي ۽ خاصيت جو ذڪر پئي ڪيو، انهيءَ لاءِ تہ حضرت سليمان وٽ وڏيڪ عزت حاصل ڪري سگھي. جڏهن هدهد پکيءَ جي ڳالهائڻ جو وارو آيو، تڏهن ان چيو تہ "حضرتا! مون ۾ اهو گڻ آهي، جو ڪيترو بہ مٿي عرش تي اُڏامندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندس ته به مون کي خبر پئجيو سگهي ٿي، ته زمين ۾ ڪهڙي هنڌ پاڻي موجود آهي ۽ ڪيتري مقدار ۾ آهي، ڪهڙو سواد يا رنگ اٿس، ۽ اهو پاڻي زمين جي اندر ڪنهن پٿر مان ٿو سمي يا مٽيءَ مان. تنهن ڪري اي حضرت سليمان تنهنجي لشڪر لاءِ سفر جي حالت ۾ تمام چڱو ڪم ڏيئي سگهندس ۽ ڪهڙي به بيابان جي مسافريءَ ۾ آءٌ تنهنجي لشڪر لاءِ زمين ۾ لڪل پاڻي جو پتو لهي ڏيندس." تنهن تي حضرت سليمان عليہ السلام خوش ٿيو ۽ هدهد کي حڪم ڏنائين "ته تون هميشه اسان جي لشڪر سان همراهه رهه."

"ڪانءَ هدهد کي هيتري ساري عزت ملڻ تي حسد جي باه ۾ جلڻ لڳو ۽ حضرت سليمان کي عرض ڪيائين ته "سائين! هدهد تو جهڙي شهنشاه جي اڳيان اهو ڏنو وائتو ڪوڙ ڳالهايو آهي ۽ ڊاڙ هنئي آهي. هن کي اهڙو بي ادب ٿيڻ نه گهربو هو. جيڪڏهن هن کي اهڙي ڪرامتي نظر حاصل ٿيل هجي ها، ته جيڪر انهيءَ چار ۾ ڪيئن ڦاسي ها، جنهن جي مٿان رڳي مٺ کن مٽي پيل هوندي آهي؟" حضرت سليمان چيو "اي هدهد! ڪانءَ جو چوڻ درست آهي، اي ٻتاڪي! تنهنجا وڪا ته اتيئي پڌرا ٿي پيا. اسان جي اڳيان اهڙو ڪوڙ ۽ لاف!" هدهد چيو، جيئندا قبلا! مون مسڪين جي باري ۾ هن حاسد ڪانءَ جي ڳالهه تي اعتبار نه ڪريو. آءٌ پنهنجي دعويٰ ۾ جيڪڏهن ڪوڙو هجان، ته تنهنجي ڪاتي ۽ منهنجو ڪنڌ. آءٌ مٽيءَ ۾ پوريل اهي دام به ڏسي سگهان ٿو پر تقدير سر تي اچي ڪڙڪندي آهي، ته عقل جون اکيون ٻوٽجي وينديون آهن."

### تمثيل ٢- حضرت آدم نبي تي تقدير جو غالب پوڻ:

"انسانن جو ابو حضرت آدم عليہ السلام، جيڪو "علم الاسماءُ" جو سردار هو جنهن جي رڳ رڳ ۾ هزارين علم سمايل هئا، (جنهن ۾ حق جو نور ڏسي ملائڪن به ڪيس سجدو ڪيو هو) سو انهن سيني سياڻپن هوندي به جڏهن تقدير جي وڪڙ ۾ اچي ويو

تڏهن هن ڪيس خدا تعاليٰ جي طرفان هڪڙي منع ڪيل ڪم جي نہ ڪرڻ جي سمجهہ پئجي نہ سگهي. گناهہ تي وجڻ ڪان پوءِ جڏهن حضرت آدم جي اک کلي، تڏهن ڏاڍو پڇتايائين ۽ خدا تعاليٰ ڪان پنهنجي گناهہ جي معافي ورتائين.

اها تمثيل پيش ڪري هدهد سليمان عہ کي عرض ڪيو، تہ تقدير تدبير جي سج کي ڍڪڻ وارو ڪڪر آهي، جنهن جي اڳيان شينهن توڙي ازدهہ نانگ بہ ڪوئي جي مثال ڪمزور آهن."

**نصيحت- خدا تعاليٰ ڪان مدد گهرندو رهہ**

"اي انسان! سڀاڳو انسان اهو آهي، جيڪو خطا ٿيڻ بعد ساڃاهہ ڏاري ۽ نيڪيءَ جا ڪم ڪري، حجت ۽ هٺ ڦٽو ڪري پڇتاءُ ڪري ۽ خدا تعاليٰ ڪان گناهہ جي معافي ۽ نيڪيءَ جي توفيق گهرندو رهي. تقدير انسان کي آئنده لاءِ هوشيار ڪرڻ ۽ گمراهيءَ ڪان بچائڻ لاءِ آهي. اي انسان! جيڪڏهن تقدير توکي ڪيرائيندي تہ وري ٻانهن ڪان جهلي مٿي چاڙهي بہ ڇڏيندي. جي توکي ماريندي، تہ وري تو ۾ روح بہ ڦوڪي ڇڏيندي."

... سهو ۽ شينهن جڏهن ڪوهہ وٽ ويا، تڏهن سهو ڊونگ ڪري ڏڪڻ ۾ پوئتي هٽڻ لڳو. شينهن هڪل ڪري چيو "نامراد! ڇو ٿو هٽين. مون کي جلد ڪلي اهوبدمعاش ڏيکار جنهن منهنجو شڪار روڪيو آهي. سهي چيو "حضور! اهو دشمن منهنجي همراهہ سميت هن ڪوهہ ۾ آهي، جو سندس قلعو آهي آءٌ ان جي دهشت جهلي ڪين سگهندس، جو سندس جلالي اکيون اڳيئي ڏسي چڪو آهيان. تون مون کي بغل ۾ جهل، تہ تنهنجي ڏڍ تي ڪوهہ ۾ جهاتي پائي سگهان ۽ توکي بہ اهو ڏيکاريان. شينهن سهي کي بغل ۾ کڻي کوهہ ۾ جهاتي پاتي، تہ کوهہ ۾ پاڻيءَ جي هڪڙو هيبتناڪ شينهن نظر آيس جنهنجي بغل ۾ سهو هو. (اهو خود سندس پاڇو هو)، هن سمجهيو، تہ برابر اهو زبردست شينهن ڪوهہ ۾ منهنجو شڪار بغل تي روڪيون ويٺو آهي، سو سهي کي پري ڦٽو ڪري امالڪ کوهہ ۾ ٽپو ڏنائين جتان وري سندس مڙهہ بہ ٻاهر نہ نڪتو...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نصيحت- ظلم جي پڇاڙي خراب آهي

چاه مظلم گشت ظلم ظالـمان

اين چنين گفتند جمله عالـمان

"سيني عالمن جو چوڻ آهي، ته ظالم پنهنجو پاڻ لاءِ اونداهو کوهه آهي. جيڪو وڏيڪ ظالم آهي، تنهن لاءِ کوهه به وڏيڪ خوفناڪ آهي. تون ڪڏهن به ضعيفن ۽ ايرن تي ظلم نه ڪر. ايئن نه سمجهه، ته ضعيفن ۽ هيٺن جو ڪو حال پائي نه آهي. ياد رک الله تعاليٰ هميشه هيٺن ۽ ضعيفن جو همراه آهيِ. جيڪڏهن تون هاٿيءَ جهڙو مضبوط آهين ۽ دشمن توکان ڏچن تا، ته من نه وڏاءِ. متان تنهنجي اعمالن جي شامت* طيرا ابابيل (ابابيل پکي) جي صورت ۾ توتي اچي ڪڙڪي. غريب مظلوم جي دانهن آسمان تي پهچي ٿي، مسڪين سان جيڪو ظلم ڪندين سو سمجهه ته تو پاڻ سان ڪيو، جيئن آڪاٽي ۾ ويري شينهن پانيو، ته ٻئي کي ٿو کوهه ۾ ماريان، پر پاڻ کي مارپائين."

... شينهن کوهه ۾ ٽپ ڏيئي غرق ٿي ويو، ۽ سهو خوشيءَ ۾ ٽپ ڏيندو پنهنجن سنگتين وٽ آيو ۽ انهن کي اچي مبارڪون ڏنائين. سڀ جانور سهي جي چوڌاري اچي گڏ ٿيا ۽ ان جا احسان ۽ انصاف مڃڻ لڳا. سهي تان گهورون گهورڻ ۽ فدا ٿيڻ ۾ پنهنجو فخر سمجهيائون. هر گهڙيءَ سهي کان اها ڪيڏ بازي پڇڻ لڳا، جنهن سان هيڏي ساري شينهن کي ناس ڪري آيو هو. سهي انهن جانورن کي چيو، ته "اي دوستو! هيءَ ڪا خدا تعاليٰ جي مهرباني چئبي، نه ته چا آءٌ سهو ۽ چا هو شينهن شير خدا جو! اوهين منهنجي تعريف نه ڪريو، پر انهيءَ خدا تعاليٰ جو شڪر ڪريو ۽ ان کي سجدو ڪريو، جنهن اسان سيني تان هيڏي ساري آفت پنهنجي فضل سان دفع ڪئي آهي. اي دوستو! دنيا ۾ وارا ڄمارا آهن. خدا تعاليٰ ڪڏهن ناقص کي ٿو وارا ڏئي، ته ڪڏهن ڪاملن کي. تنهن ڪري پنهنجي واري جي سوپ تي خوشيءَ ۾ ڪيرو ٿي وڃڻ نه گهرجي".

---

* هي اشارو آهي قرآن شريف ۾ بيان ٿيل اصحاب فيل جي قصي ڏانهن. سوره الفيل پاره ٣٠.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نصيحت- وقتي ڪاميابي ۾ سوڀ تي دل نہ وڏاءِ

چون بنوبت مى دهند اين دولتت،

از چه شد پرباد آخر سبلتت؟

"جڏهن هن دنيا جي دولت يا ڀاڳ مستقل ۽ پائدار نہ آهي، پر واري وٽيءَ سان ڦري گهري تو وٽ آيو آهي، تڏهن اي مورک انسان تنهنجيون مڇون ڇو هٺ سببان واءَ ۾ ڦڙڪي رهيون آهن؟ هن دنيا جي ڪاميابي ۾ راحت "چار دن ڪي چاندني ڦر انڌيري رات" ڪري سمجھ. جيڪڏهن انهيءَ جي حب ۾ سڌ ترڪ ڪندين تہ سچي راحت حاصل ٿيندئي. اي بزرگو! اسان جيڪڏهن دنيا ۾ ڪو زبردست دشمن مات ڪيو تہ ڇا ٿيو؟ مرڪڻ اسان کي تڏهن کپي جڏهن نفس دشمن کي ماريون، جو اسان جي اندر ۾ موجود آهي. انهيءَ دشمن ڪئين خان کپائي ڇڏيا. هن دشمن جي دفع ڪرڻ لاءِ خاص طرح خدا تعاليٰ جي مدد ۽ همراهي گهرجي. سوين ماڻهن مان ڀار پونڊڙ شينهن اهوئي انسان آهي، جو خود پرستيءَ کي ناس ڪري ٿو. اهڙي بهادر انسان جي ڳالھ اوهان کي ٻڌايان ٿو، سا ڌيان سان ٻڌو."

## ڇهين آکاڻي

## حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ وٽ رومي ايلچي جو اچڻ

حضرت عمر فاروق اعظم رضي الله تعاليٰ عنہ جي خلافت وقت قيصر روم جو هڪڙو ايلچي ملڪ ۾ بيابان لتاڙي مديني شريف ۾ آيو. اتي ماڻهن کان پڇڻ لڳو، تہ "خليفي عمر رضہ جي ماڙي يا محلات ڪٿي آهي، تہ آءٌ اتي وڃي لهان ۽ هي پنهنجو گهوڙو بہ وڃي اتي ٻڌان؟" ماڻهن ان ايلچي کي چيو تہ حضرت عمر رضہ کي ڪا ظاهري ماڙي يا محلات يا بنگلو آهي ئي ڪونہ. ان جو محلات آهي سندس روحاني روشني ڀريل دل. جيتوڻيڪ ان جي اميري جي هاڪ هنڌين ماڳين آهي، مگر هو رهندو فقيراڻي جهوپڙي ۾ آهي...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نصيحت- دل جي اکين مان ٻيائيءَ جو راز ڪڍي ڦٽو ڪر

اي بـرادر چـون بـه بـيـنـي قـصـر او؟
چـونک در چشم دلت رسته است مو

اي ڀاءُ! تون حضرت عمر رضہ جهڙي مڙس جي ماڙي ڪيئن ڏسي سگهندين؟ جنهن صورت ۾ تنهنجي دل جي اکين ۾ وار (پردو) پيل آهي. پهريائين پنهنجي دل جي اکين مان تعصب ۽ ٻيائي جو وار ڪڍي ڦٽو ڪر، پوءِ ان جي محلات ڏسڻ جي اميد رک. جنهن ماڻهو جي دل دنيائي حرص و هوس کان پاڪ آهي سو جلد ئي اها ڪچهري ۽ اڳڻ ڏسندو.

حضرت رسول ڪريم صلي الله تعاليٰ عليہ وسلم جن ہ جڏهن هوس جي باهہ ۽ ان جي دونهي (اثر) کان پاڪ ٿيا هئا، تڏهن ثَمَ وجه الله (جيڏانهن ٿي منهن ڦيرايائون، تيڏانهن الله تعاليٰ نظر ٿي آين) جو درجو حاصل ڪيو هئائون. تون نفس دشمن جي وسوسن ۾ ڦاٿو پيو هوندين تہ پوءِ ثمر وجهالله جو مزو ڪٿان ماڻي سگهندين. حق تعاليٰ ساري موجودات ۾ ايئن پڌرو آهي جيئن تارن ۾ چنڊ. تون فقط پنهنجي دل جي اکين تان غفلت جون آڱريون ڪڻ.

"اکيون اهي ئي ڏار، جن سان پسين پرين کي"
(شاهہ ڀٽائي)

... اهو ايلچي ماڻهن کان حضرت فاروق اعظم بابت دلچسپ احوال ٻڌي ان جي ديدار لاءِ وڌيڪ مشتاق ٿيو. گهوڙو ۽ سامان اتي ئي ڪٿي ڦٽو ڪيائين. جيئن ڪو عاشق پنهنجي معشوق جي ديدار لاءِ واهون ڏيندو ڦري، تيئن اهو ايلچي حضرت فاروق اعظم جي پسڻ لاءِ مديني جي گهٽين ۾ پڇائون ڪندو وتيو. هڪڙي اعرابڻ زال کان حضرت فاروق اعظم رضہ جي پڇا ڪيائين، تنهن چيس تہ حضرت عمر رض اجهو هن کجيءَ هيٺ ستو پيو آهي. ايلچي ان کجيءَ جي پر ۾ حضرت عمر رضہ کي ستل ڏٺو، پري ٿي بيٺو ۽ ان ستل مرد جي هيبت رومي ايلچي تي اهڙي ڇانئجي ويئي، جو ڏڪڻ لڳو ۽ دل ۾ راحت بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيدا ٿيس، دل ۾ چوڻ لڳو، ته ڪيترن ئي بادشاهن جي دربار ۾ آيو ويو آهيان، جنگ جي ميدان ۾ وڏن وڏن بهادرن مردن سان لڙي چڪو آهيان، شڪار ڪندي شينهن ۽ چيتن سان چوٽون ڪاڏيون اٿم پر اهڙي هيبت ڪنهن به شخص جي، دل تي نه ڇانئجي ويئي آهي! هيءَ هيبت هن بافتي پوش شخص جي نه پر ڪا حقاني هيبت آهي. بي شڪ! ...

هر ڪ ترسيد از حق و تقوىٰ گزيد،

ترسد ازوي جن وانس و هرڪه ديد۔

معنيٰ: ”جو انسان خدا تعاليٰ کان ڊڄي ٿو ۽ پرهيز گاري ڪري ٿو، تنهن کان جن، انسان خواه ڪوبه ڏسڻ وارو ڊڄي ٿو.“

... اهو ايلچي تيستائين ادب سان هٿ ٻڌي ويچار ۾ ويٺو هو، جيستائين حضرت عمر رضه جاڳيو. حضرت عمر رضه جن جي جاڳڻ تي ايلچي سلام ڪيو. حضرت عمر رضه ان کي سلام جو جواب ڏنو ۽ ان کي ڊنل ڏسي گهڻي دلداري ڏيئي پير ۾ وهاريائينس...

## نصيحت- ڊڄندڙ جي دل تان ڊپ لاهڻ ضروري آهي

”نيڪ انسان جو ڪم آهي، ته جيڪو وٽن ڊڄندو ايندو آهي، تنهن کي پهريائين بي ڊپو بڻائيندا آهن، ڇاڪاڻ جو ڊڄندڙ ماڻهو بي ڊپي ٿيڻ کان پوءِ ئي دل جو حال کولي ظاهر ڪندو آهي. ڏسو! جيڪي انسان خدا جو خوف ڪندا آهن، تن کي به الله تعاليٰ دلداري ٿو بخشي، ته ”لا تخافوا ولا تحزنوا....“ (اي خدا جي خوف کان چڱن اعمالن ڪرڻ وارا ايماندارو! اوهين هاڻي ڪوبه ڊپ نه ڪريو ۽ دل نه هاريو...) اها خدا تعاليٰ جي دلداري انهن انسانن لاءِ آهي، جن کي خدا تعاليٰ جو خوف آهي. جن کي خدا تعاليٰ جو ڊپ نه هوندو، تن کي خدا ئي دلداري ڪهڙي نصيب ٿيندي؟“

... حضرت عمر فاروق اعظم رضه ايلچيءَ جي دل کي تسلي ۽ دلداري ڏيڻ کان پوءِ هن سان خدا تعاليٰ جي پاڪ صفتن جا نڪتا بيان ڪيا جيڪو انسان لاءِ چڱي ۾ چڱو همراه آهي. پوءِ ان ايلچيءَ کي سمجهايائين، ته درويشن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان الله تعاليٰ جون کھڙيون کھڙيون نوازشون ٿين ٿيون؟ روح کي کھڙيون کھڙيون منزلون طي ڪرڻيون پون ٿيون؟ روح جو اصل مڪان ڇا آهي؟ انهن حقيقتن سمجهڻ کان پوءِ ايلچي جو صدق شوق زياده ٿيو ۽ حضرت عمر رضہ کي عرض ڪيائين، تہ "اي اميرالمؤمنين! روح، اهڙو اعليٰ مڪان ڇڏي زمين تي ڇو آيو؟ جنهن مادي (ماده مان ٺهيل) جسم سان هن جي بنيادي نسبت نہ آهي، تنهن سان ڪيئن ڳنڍجي ويو؟"

حضرت عمر رضہ فرمايو، تہ الله تعاليٰ روح کي "ڪن" (ايئن ٿي پيو) جو حڪم ڏنو، تنهن ڪري روح کي حڪم جي تعميل ڪري هن مادي جسم ۾ داخل ٿيڻو پيو. کھڙي بہ شيءِ، جنهن کي اکيون ۽ ڪن نہ ئي ڪٿي هجن، تہ بہ خدا تعاليٰ جي "ڪن" حڪم ٻڌڻ سان "نيستيءَ" مان هستيءَ ۾ يا هستيءَ مان نيستيءَ ۾ اچيو وڃي ٿي. دنيا جي هر هڪ شيءِ انهيءَ "ڪن" جي حڪم ٻڌڻ ۽ تڪميل ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار آهي. جيڪو انسان ڪنهن شڪ ۽ مونجهاري ۾ ڦاسي ٿو، تنهن جو شڪ ۽ مونجهارو بہ انهيءَ حقاني حڪم پهچڻ تي دفع ٿيو وڃي ٿو. تون جيڪڏهن شڪ ۽ مونجهاري کان سلامت رهڻ گهرين ٿو، تہ غفلت جي ڪپهہ ڪنن مان ڪڍي ڇڏ. ايئن ڪرڻ ڪري تنهنجي روح جا ڪن هميشہ حقاني آواز ٻڌڻ لاءِ تيار رهندا. انهيءَ نظاري پسڻ ۽ انهيءَ حقاني آواز ٻڌڻ لاءِ تنهنجا هي ظاهري نيڻ ۽ اکيون ڪم جا نہ آهن. پر اندر جون اکيون ۽ اندر جا ڪن ڪم ڏيندا. انهيءَ اندر جي سوجهري حاصل ڪرڻ لاءِ انسان هر طرح جي ڪوشش ڪرڻ لاءِ اختيار وارو آهي ۽ نہ بي وس آهي.

"ڏوهہ ۽ ثواب، بڇڙا ۽ چڱا ڪم بيشڪ خدا تعاليٰ جا خلقيل آهن، پر انهن جي ڪرڻ يا نہ ڪرڻ لاءِ خدا تعاليٰ انسان کي اختيار ڏيئي ڇڏيو آهي. بڇڙو ڪم ڪري پوءِ چوڻ تہ خدا تعاليٰ مون کان اهو ڪم ڪرايو، سو شيطان جو شيوو آهي. جيئن تہ جڏهن شيطان خدا تعاليٰ جي نافرماني ڪري حضرت آدم کي سجدو نہ ڪيو ۽ انهيءَ نافرمانيءَ جي ڪري حقاني درگاهہ مان تڙجي نڪتو، تڏهن خدا تعاليٰ کي هجت طور چوڻ لڳو، "فبما اغويتني" (تو ئي ڪنهن ڳالهہ ڪري مون کي گمراهہ ڪيو آهي) شيطان جي اها بي ادبي ڀريل هجت قبول نہ پيئي ۽ هو هميشہ لاءِ تڙيل ۽ لعنتي ٿي ويو. ڏوهہ ۽ بڇڙي ڪم کان هميشہ پري رهڻ گهرجي. پر جيڪڏهن نفس ۽ شيطان انسان کان ڪو ڏوهہ ڪرائي وجهن، تہ ان کي اها پنهنجي خطا سمجهي خدا تعاليٰ کان بخشائڻ گهرجي. اهو ئي انسانيت جو شيوو آهي: جيئن جڏهن حضرت آدم کان بهشت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ شيطان غلطي ڪرائي، تڏهن حضرت آدم اها پنهنجي چڪ سمجهي خدا تعاليٰ کي پڪاريو ته "ربنا ظلمنا انفسنا" (اي اسان جا پروردگار! اسان پاڻ ئي پاڻ سان ظلم ڪري چڪا آهيون.) خدا تعاليٰ حضرت آدم کي ان جي نهٺائيءَ ۽ ادب سببان اهو گناه بخش ڪيو...

جهد کن تا ترک غیر حق کنی

دل از این دنیاءِ فانی بر کنی۔

معنيٰ: "اي انسان! ڪوشش ڪر جيئن خدا تعاليٰ جي حب ۽ فرمانبرداريءَ کانسواءِ ٻيون ڳالهيون ڦٽيون ڪري ڏين ۽ هن فاني دنيا تان دل جو قرب ڪٽي ڇڏين."

... ايلچي حضرت عمر فاروق رضہ جي تقرير ٻڌي پنهنجي دل ۾ گهڻي روشني پيدا ٿيل ڏٺي. وري ادب سان عرض ڪيائين، ته "مهرباني ڪري ٻڌايو، ته "نوراني روح جيڪو هن مادي جسم ۾ قيد ٿيو آهي يعني آنريل پاڻي جو مٽيءَ سان گڏجي پيو آهي، تنهن ۾ ڪهڙي حڪمت آهي؟" حضرت عمر رضہ فرمايو، ته تون هڪڙي "معنيٰ" (غير محسوس حقيقت) کي "لفظن" (محسوس صورت) ۾ آڻڻ گهرين ٿو. ڏس! تون پنهنجي اندر جا خيال، جن کي ڪابه شڪل ۽ صورت نه آهي ۽ نه اهي تنهنجي مخاطب کي محسوس ٿين ٿا، ڪيئن نه "لفظن" (محسوس صورت) ۾ پڌرو ڪري سگهين ٿو! ساڳيءَ طرح "روح" (غير محسوس ۽ بي صورت) شئي به جسم (محسوس ۽ مادي شيءِ) جي وسيلي هلي چلي ٿو. جڏهن تون جيڪي غير محسوس ۽ بي شڪل خيال ۽ آواز محسوس ۽ باشڪل صورت ۾ ڪم آڻين ٿو، سي به حڪمت ۽ فائدي کان خالي نه آهن، تڏهن خدا تعاليٰ جيڪو سيني فائدن جو باني ۽ بي انت حڪمت جو صاحب آهي تنهن "روح" کي جو "جسم" ۾ قيد ڪيو آهي، سو حڪمت ۽ فائدي کان خالي ڪيئن هوندو؟ ڌڻي تعاليٰ جي حڪمتن جي راز پروڙڻ جي سوداءَ ۾ پوڻ کان بهتر آهي، ته اسين هر وقت سندس حڪمتون ساراهيندا رهون ۽ سندس شڪر گذاري ڪندا رهون.

رومي ايلچي حضرت عمر فاروق رضہ جي صحبت ۾ اهڙو محو ٿي ويو، جو ان جيڪي سنيها ۽ پيغام پنهنجي بادشاه جي طرفان آندا هئا، سي صفا وسري ويس ۽ سچو مومن بنجي ويهي رهيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نصيحت- چڱن جي صحبت مان فيض حاصل ڪرڻ سياڳ جي نشاني آهي

"اي انسان! اهو انسان سدورو ۽ سوڀارو ٿيندو، جو آپي کان آزاد ٿيو ۽ ڪنهن زنده دل (ڪامل مرشد) جي صحبت ۾ هڪ ٿي ويو. جيڪڏهن ڪو ڏسڻو وائسڻو ماڻهو ڪنهن مثل دل شخص جي ڦندي ۾ وڃي ڦاٿو، ته انهي جي حال تي ارمان ڪائڻ گهرجي، ڇو جو ان جي حياتي ئي برباد ٿي. جيڪڏهن تون نبين جون ڳالهيون پڙهي انهن تي عمل ڪندين ته تنهنجي روح جو پکي "ماسوا الله" (جيڪي ڪي خدا تعاليٰ کان سواءِ آهي) جي پڃري کان آزاد رهندو. پڃري ۾ محبوس (قيد) پکي جيڪڏهن (دنيا پرستيءَ جي) پڃري کان آزاد ٿيڻ جو خواهشمند آهي، ته ان جهڙو مورک ۽ موڳو پکي ٻيو ڪهڙو هوندو؟ نبين ۽ ولين جا "روح" پڃري کان آزاد ٿيل پکي آهن، اهي عالم روح مان اهوئي آواز ڏيئي رهيا آهن، ته اي پڃري ۾ ڦاٿل پکي تنهنجي ڇوٽڪاري جو رستو اجهو هيءُ آهي، تون دنيا جي سڏن کان بيزار ٿي ته اهي آزاد روح توکي آزاد ڪرڻ ۾ دير نه ڪن. روح لاءِ جيڪو مضبوط قيد آهي، سو اهي دنيا جي لوڀ ۽ سڏون. انهيءَ قيد کان آزاد ٿيڻ بنسبت هيءَ آکاڻي ڏيان سان ٻڌ."

## سنئين آکاڻي

## پڃري ۾ پيل طوطي جو آزاد طوطن ڏانهن پيغام

هڪڙو دريا دل سوداگر، سوداگريءَ خاطر پنهنجي وطن کان هندستان ڏانهن پئي آيو. گهر مان نڪرڻ مهل پنهنجي گهر جي سڀني ڀاتين، نوڪرن ۽ نوڪراڻين مان هر هڪ کان پڇيائين ته "اوهان جي لاءِ هندستان مان ڪهڙي ڪهڙي سوکڙي آڻيان؟" ان سوداگر کي هڪڙو عمدو ٻوليندڙ طوطو به هو، تنهن کان پڇيائين، ته "اي طوطا! تنهنجي لاءِ هندستان مان ڇا آڻيان؟ طوطي جواب ڏنس ته سائين هندستان جا طوطا جتي ڏسين اتي انهن کي چئج، ته اوهان جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشتاق همراهہ جو مون وٽ پڃري ۾ پيل آهي، تنهن اوهان کي سلامن ۽ دعائن بعد چيو آهي، ته ”اي منهنجو عزيزؤ! منهنجي چوتڪاري لاءِ ڪوبہ اپاءُ ڪريو، ايئن ڪو جڳائي ٿو جو آءٌ اوهان جي فراق ۾ هتي ئي مري وڃان؟ اوهين سرسبز باغن ۾ گهمندا وتو ۽ آءٌ هتي سخت بند ۾ رهان. سا ڳالهہ اوهان کي ڪيئن ٿي پسند اچي؟ اي دوستو! صحبت جون ڪي گهڙيون دل تي آڻي منهنجي ڪا يادگيري ڪريو. اسان ۽ اوهان هڪ ٻئي سان جيڪي نينهن نباهڻ جا انجام اقرار ڪيا هئا، سي ڪيڏانهن ويا؟“...

**شاعر جو حقيقي محبوب کي عرض:**

گـر فـراق بنـده از بد بنـدگـی سـت،

چون توبا بد بد کنی پس فرق چیست؟

معنيٰ: مولانا رومي وجد وحال جي غلبي ۾ عاشقانہ حجت طور حقيقي محبوب کي عرض ٿو ڪري تہ) اي حقيقي محبوب! هن غلامہ کي وڇوڙي ۾ رکيو اٿيئي، سو جيڪڏهن غلاميءَ جي فرض ادائين ۾ کنهن قصور هئڻ ڪري ڪيو اٿيئي، تہ تون پنهنجو شان سڃاڻ! جيڪڏهن بڇڙي سان تون بہ بڇڙائي ڪندين، تہ پوءِ بدڪار غلامہ ۽ تنهنجي وچ ۾ ڪهڙو تفاوت ٿيو؟ ”سماع جي وقت چنگ جي آواز مان جيڪو مزو اچي ٿو، تنهن کان وڌيڪ اي محبوب! مون کي تنهنجي انهيءَ شوخيءَ مان اچي ٿو، جا چڙ ۽ لڙائيءَ جي وقت مون سان ڪندو آهين، اي حقيقي محبوب! تنهنجيون نازل ڪيل تڪليفون مون لاءِ هن دنيا جي دولت کان وڌيڪ فائديمند آهن.“

... سوداگر جڏهن هندستان ۾ آيو، تڏهن ان کي هڪڙي جهنگ ۾ طوطن جو ولر نظر آيو. سوداگر اتي پنهنجو وهٽ بيهاري پنهنجي گهر واري چتونءَ جو پيغام ۽ جيڪي هن ڏک ڏوراپا چيا هئا، سي سڀ انهن طوطن کي ٻڌايا ۽ پنهنجو فرض ادا ڪيو. انهن طوطن مان هڪڙو طوطو پيغام ۽ ڏک ڏوراپا ٻڌڻ بعد وڻ تان ڪري پيو ۽ ڦٿڪي ڦٿڪي ساهہ ڏنائين. سوداگر ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو، تہ ”مون هيءُ ڪهڙو ڪلور ڪري وڌو، جو پيغام پهچائي هن طوطي جي موت جو سبب بنيس. شايد هيءُ چتونءَ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيغام پهچائڻ شرط مري پيو آهي، سو منهنجي گهر واري چتونءَ جو ڪو پيارو عزيز ٿو ڏسجي، جو پنهنجي جا جسم جدا هئا، پر ساهه هڪ ئي هون. اهڙو خطرناڪ پيغام نه پهچايان ها، ته وڏيڪ چڱو هو...

## نصيحت- زبان جا خلل

اين زبان چون سنگ وفم آهن وش است
آنچه بجهد از زبان چون آتش است-

معنيٰ: انسان جي هيءَ زبان چڻ چقمق جو پٿر آهي ۽ وات لوهه جي مثل آهي. زبان مان گفتگو نڪري ٿو، سو گويا هن چقمق جي باهه آهي. "اي انسان! انهيءَ چقمق کي لوهه تي سنيالي هڻ. چرچي ڀوڳ ۾، يا ٻئاڪ طور جيترو ٿي سگهيئي اوترو ضرورت کان سواءِ زبان جون چڻگون سنيالي اڇل." زبان جي گفتي سان دنيا ۾ ويراني ڇانئجي سگهي ٿي، لومڙيون ٻه جوش ۾ ٻرجي شينهن بنجيو سگهن ٿيون. "روح" پنهنجي اصل فطرت جي ڪري حضرت عيسيٰ جي ڦيٽي واري طاقت رکن ٿا. هڪڙي وقت ڪن ماڻهن لاءِ خطرناڪ زخم بنجيو سگهن ٿا، ته ٻئي وقت ڪن ماڻهن جي زخم لاءِ مرهم بنجيو سگهن ٿا. جيڪڏهن روح تان نفسانيت جو پردو ڪڇي وجي، ته پوءِ هر هڪ روح حضرت عيسيٰ جهڙا ڪم ڪري سگهي ٿو. "زبان کان سنيالي ڪم وٺڻ سڀ ڪنهن انسان جو فرض آهي."

... سوداگر هندستان ۾ سوداگري جو ڪم لاهي جڏهن پنهنجي گهر آيو، تڏهن گهر جي هر هڪ ماڻهوءَ کيس جيڪا جيڪا سوکڙي چئي هئي، سا ان کي پهچايائين. طوطي چيس، "سائين! منهنجي سوکڙي ڪٿي؟ جيڪي ڏٺو، يا ٻڌو هجيئي سو مهرباني ڪري ٻڌاءِ." سوداگر چيو، اي طوطا! آءٌ ڏاڍو پشيمان آهيان، جو بيوقوفي ڪري تنهنجو پيغام، تنهنجا ڏک ۽ ڏوراپا ذات ڀاين کي پهچايم. انهن طوطن ۾ هڪڙو طوطو، جنهن جي شايد توسان ڪا سچي پريت هئي سو تنهنجي پيغامن ۽ ڏکن ڏوراپن ٻڌڻ شرط ڪري پيو ۽ دم ڏنائين. ارمان اٿم، ته مون چو اهڙو ڪم ڪيو؟ پر ڪري وينس هاڻي ارمان ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟...

### نصيحت- ڇٽل تير واپس ڪيئن اچي؟

نکتئه کان جست ناگ از زبان،

همچو تيرے دانک جست آن از کمان-

معنيٰ:- جيڪو گفتو اوچتو زبان مان نڪري وڃي سو سمجھ تہ تير آهي جو ڪمان مان ڇٽي چڪو.

”اي ٻچا! ڪمان مان ڇٽل تير موٽي نٿو سگهي. جيڪي ڪم انسان ڪري ٿو، تن جا نتيجا انسان جي هٿ ۾ نہ آهن پر خدا تعاليٰ جي اختيار ۾ آهن، مگر خدا تعاليٰ جي ڪن پيارن انسانن کي ايتري سگھہ خدا تعاليٰ بخشي آهي، جيڪي اهي ڇٽل تير بہ موٽائي سگھن ٿا. ڇاڪاڻ جو انهن تي خدا تعاليٰ جي قرب جا دروازا کليل رهن ٿا. تنهن ڪري اهي وات مان نڪتل اڻ سهائيندو گفتگو حق تعاليٰ جي درگاه مان سوال ڪري اهڙي طرح ميسارائي سگھن ٿا، جو نہ ان جي شامت کان سيخ سڙي ۽ نہ ڪباب جلي. سڀ ڪنهن وليءَ کي اهڙي ڏات نٿي عطا ٿئي. سونارڪو ڪم سونارو ڪري سگھندو ۽ لهار لهارڪو. سڀ ڪو روح پنهنجي اصلي عطا ٿيل درجي ڏي موٽي ٿو. سڀ ڪا شيءِ پنهنجي اصل ڏي لاڙو ڪري ٿي، سڀ ڪو ”جزو“ پنهنجي ”ڪل“ سان وڃي ملي ٿو.

... سوداگر جي واتان پنهنجي عزيز طوطي جو حال ٻڌي سوداگر وارو طوطو بہ امالڪ ڪري پيو. سوداگر سمجهيو تہ ڇتون مري ويو آهي تنهن ڪري ڏاڍو ڏک ٿيس. طوطي سان ڏاڍي دل هوندي هيس، تنهن ڪري ان جا ڳڻ ۽ ٻوليون ياد ڪري روئڻ ۽ ماتم ڪرڻ لڳو. طوطي جي ٻين سيني ڳڻن کان جيڪو ڳڻ وڌيڪ سوداگر جي هنئين ۾ چڀڻ لڳو، سو هيءَ هو تہ صبح جو سوير طوطو اٿي چوندو هو ”حق پاڪ ذات الله.“ انهيءَ آواز تي گهر جا جيڪي ڀاتي ستل هوندا هئا سي بہ اٿي خدا تعاليٰ جي بندگيءَ ۾ مشغول ٿيندا هئا...

### نصيحت- روح جو طوطو

اهو روح جو طوطو، جو خدائي الهام موجب ٻولي ٿو، سو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جسم کان گھڻو اڳي موجود هو. اي انسان! اهو طوطو تو ۾ وينل آهي، پر تون ان جي بدران رڳو ان جو پاڇو ڏسين ٿو، جو هيڏانهن هوڏانهن جي شين (يعني جسم ۽ عضون) تي پوي ٿو. تون رڳو روح جا اهي اثر ڏسين ٿو، جيڪي عنصري جسم ۽ عضون تي پون ٿا، چاڪاڻ جو جسم ۽ عضون جا جيڪي به ڪم آهن، سي روح جي تحرڪ ۽ تصرف سان ٿين ٿا. هونءَ نه ته جسم ۽ عضوا فقط آهن اهڙا ئي بي حس (سڪل نوٽ) بوتا آهن جهڙا روح نڪري وڃڻ کان پوءِ رهن ٿا. انهن سڪل نوٽ بوتن ۾ جو احساس آهي سو ثابت ٿو ڪري ته:

"آهِ معشوق ڪو هن پرده زنگاري ۾."

"اي انسان! تون فقط روح جي پاڇي يعني جسماني احساس تي موهيل آهين. اهو جسماني احساس جسماني لذتن جو بنياد آهي. انهن جسماني لذتن ۾ مستان رهي تون روح جي سڃاڻپ ۽ ان جي تربيت کان غافل ٿو رهين جيڪو تنهنجي لاءِ تمام وڏو روحاني نقصان آهي. مگر افسوس! جو تون انهيءَ وڏي نقصان کي فائدو سمجهي خوش ٿو رهين. جيئن ته هن انسان جي خاڪي بدن جي چرڻ پرڻ ۽ ڪمن ڪارين جو سڄو مدار منجهس سمايل روح تي آهي، تيئن هن ساري جهان جو روح حقيقي معشوق آهي. جنهن انسان جي دل جو سارو ڌيان انهيءَ حقيقي معشوق ڏانهن آهي تنهن کي ٻئي ڪنهن پاسي نهارڻ به عيب آهي.

... سوداگر گهڻي ڏک ۽ روح ماتم کان پوءِ بي حس چتونءَ کي پڃري کان ڪڍي ڪٽي ٻاهر ڦٽو ڪيو. سوداگر جو چتونءَ کي ڦٽو ڪرڻ ۽ چتونءَ جو ڦڙ ڦڙ ڪري اڏامي وڃي سامهون بيٺل وڻ جي چوٽيءَ تي ويهڻ. سوداگر حيران ٿي چتونءَ ڏانهن منهن ڪري چيو، "اي طوطا! پنهنجي چال جي ته خبر ڏيو وڃ ته هن هندستان واري طوطي توکي ڪهڙو سبق سيکاريو، جنهن موجب تون به مکر ۽ ڊونگ ڪري اسان کي اکين ۾ سرمو پايو پيو وڃين؟ افسوس! اي طوطا! مکر ڪري اسان کي جلايو ٿو وڃين ۽ پاڻ کي خوش خورم رکيو وڃين! طوطي سوداگر کي چيو، "اي سوداگر سائين!" هندستان واري منهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عزيز طوطي توهان جي هتان مون ڏي عملي نصيحت چوائي موڪلي. مون کي چوائي موڪليائين ته "جيڪڏهن چوتڪارو ٿو گهرين، ته جيئن آءٌ سوداگر کي ڪري ٿو ڏيکاريان، تيئن ڪجانءِ. يعني ٻولڻ بند ڪر، چاڪاڻ جو تنهنجي ٻوليءَ ئي توکي پڃري ۾ قيد ڪرايو آهي. مون وانگر مري پؤ، ته پڃري جي قيد مان آزاد ٿيندين. توهان هندستان واري طوطي جو احوال ڪيو ۽ مون ان جو پيغام پروڙيو...

## نصيحت- مشهوريءَ ۾ آفت ۽ گمنامي ۾ راحت آهي

دانه باشی مرغکانت بر چنند،

غنچه باشی کودکانت بر کنند۔

معنيٰ: "اي مخاطب! جيڪڏهن داڻو ٿبين ته پکي چڳي ويندءِ جي مکڙي ٿبين، ته ڇوڪرا چُني ويندءِ."

"پنهنجا داڻا لڪائي چار ٻڄي رهه، پنهنجي مکري لڪائي ڪڏ تي اُيريل گاه وانگر پاڻ کي ٻي حقيقت ظاهر ڪر. پنهنجن گڻن کي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪر ته سوين مزا ماڻيندين ۽ سيني آفتن کان آجو رهندين. جيڪو شخص پنهنجين خوبين جي زيادتيءَ ڪري مشهور ٿئي ٿو، تنهن تي سوين آفتون ڪڙڪن ٿيون. دشمن ان کي ڏاهڻ لاءِ وجهه ڳوليندا وتن ٿا ۽ دوست ان جو اجايو وقت ضايع ڪن ٿا. اي انسان! هميشه سچي مالڪ کان مهرباني ۽ پناهه گهرندو رهه ته پوءِ توکي ڪنهن به دشمن جي پرواهه نه رهندي. حضرت نوح ۽ حضرت موسيٰ سان پاڻي مددگار ٿي بيٺو سو ڪنهن جي مهرباني سان؟ حضرت ابراهيم لاءِ باهه باغ بنجي پيئي، سو ڪنهن جي عنايت سان؟ حضرت يحيٰ کي جبل سڏ ڪري پنهنجي پيٽ ۾ پناهه ڏني. سو ڪنهنجي لطف سان؟ انهيءَ حقيقي معشوق جي نوازش سان، جو پنهنجن سچن عاشقن جي سڏ سڻڻ لاءِ هر وقت تيار آهي."

طوطي اڏامي وڃڻ کان اڳ سوداگر کي صاف دليءَ سان هي ٻه گفتا چيا:- "اي سوداگر سائين! هاڻي خدا حافظ! توهان مون تي مهرباني ڪئي ۽ مون کي انڌاري ڪوٺي مان آزاد ڪيو. اي سوداگر سائين خدا حافظ! توهين به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن ڏينهن مون وانگر قيد کان آزاد ٿيڻا آهيو.“ سوداگر چيس، ”اي طوطا! هاڻي تون بہ خدا کي پرتين! اي طوطا! مون کي تون نئون رستو ڏيکاريو ٿو وڃين.“ طوطو هندستان ڏي اڏامي اڏاڻو ۽ پنهنجن عزيزن سان وڃي خوش گذارڻ لڳو. سوداگر دل ۾ چيو:

جان من کمترز طوطی کی بود؟
جان چنین باید که نیکو بی بود۔

معنيٰ: منهنجو روح طوطي کان بہ ويو ڇا؟ جو هو انهيءَ ريت پنهنجي مقصد کي پهتو ۽ اءُ تہ پهچي سگهان! روح تہ اهڙو هئڻ گهرجي، جو حق جي راه ۾ ڊڪ ڊوڙ ڪرڻ لاءِ نيڪ قدم کڻي“.

**نصيحت- خوشامند ۽ چاپلوسي پسند نہ ڪر**

تن قفس شکل ست وزان شد خارجان،
از فریب داخلان و خارجان۔

معنيٰ: هي انساني بدن، اچڻ وڃڻ وارن خوشامدڙن جي فريب ڪري روح جي پکي لاءِ گويا پڃرو ثابت ٿي رهيو آهي، تنهن ڪري اهو پڃرو روح جي پکي کي منزل مقصود تي پهچڻ لاءِ رستي ۾ پڪڙيل ڪندڙ مثال آهي. ڪو ڪهڙي خوشامند ڪندو ڪو ڪهڙي، ڪو ڪهڙو سبز باغ ڏيکاريندو ڪو ڪهڙا. جنهن ڪري انسان تڪبر ۽ وڏائي ۾ پرجي وڃي ٿو ۽ ايئن نٿو سمجهي، تہ جهڙس هزارن ڳهيلن کي شيطان هنيلو بنائي گمراهي جي نديءَ ۾ غرق ڪري ڇڏيو آهي. انسان جو نفس پنهنجون ساراهون ٻڌي فرعون بنجي رهيو آهي. اي انسان ڏس تون جيڪڏهن فرشتو هجين، تہ بہ دنيا جا خاشامندڙ ۽ چاپلوس جيڪر توکي پنيلائي وجهن، تنهن ڪري اهڙن خوشامندڙن ۽ چاپلوسن جي شرارت کان ڇٽڻ لاءِ فقط هيءَ ئي رستو آهي تہ هر وقت حق تعاليٰ کي پناه لاءِ پڪاريندو رهہ ۽ حق شناس بزرگن جي صحبت ۾ گهاريندو رهہ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنى مـردن ز طوطى بـد نـيـاز

در نياز وفـقـر خود را مرده ساز

معنيٰ: طوطي جيڪو ظاهري طرح مري پاڻ کي پڃري جي قيد کان آزاد ڪيو، تنهن جو مقصد درحقيقت عاجزيءَ جو اظهار هو. اي انسان! تون بہ عاجزي ۽ نيستيءَ ۾ پنهنجو پاڻ فنا ڪر. (پاڻکي نفساني خصلتن کان آجو ڪر.)

جڏهن تون ايئن مري چڪندين، تڏهن پڪ ڄاڻ، تہ توکي ڪامل مرشد جي صحبت جو فيض ۽ حقاني تائيد ترت جيئرو بنائي وجهندي. ڏس! بهار جي مند ۾ پٿر ڪڏهن بہ سرسبز نہ ٿيندو آهي، تنهن ڪري تون خاڪ ٿيءُ، تہ بهار جي مند (حقاني تائيد) تو ۾ رنگا رنگي سرها گل پيدا ڪري. اي انسان! هيترا ڏينهن تہ سخت پٿر ٿي گذاريو اٿيئي پر هاڻي تہ آزمائش خاطر خاڪ بنجي پؤ (خودپرستي ۽ خواهش کي مات ڪر) پوءِ ڏس تہ ڪهڙو نتيجو ٿو نڪري، انهيءَ بابت توکي پيرسن مگنهار جي آکاڻي ٻڌايان ٿو، سا خيال سان ٻڌ ۽ ڏس، تہ سچي ويساه سان خدا تعاليٰ ڏانهن رجوع ٿيڻ جو نتيجو ڪهڙو آهي؟

# انين آکاڻي
## پيرسن مگنهار ۽ ان جي پڇاڙي

حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنہ جي خلافت جي وقت ۾ هڪڙو چنگ وڄائيندڙ مگنهار چنگ وڄائڻ جي فن ۾ ڏاڍو مشهور هو. هو مجلسن ۽ محفلن جو سينگار هوندو هو. پنهنجي چنگ جي آواز سان ڪلندا رئاري سگهندو هو ۽ رئندا کلائي سگهندو هو. هو پنهنجي چنگ جي تان تي اڏامندڙ پکي بيهاريندو هو ۽ مئل دلين جياريندو هو...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نصيحت- درويشن جي دل جو چنگ

اوليا را در درون هم نغمـها ست،
طالبان را زان حيات بی بها ست-

معنيٰ: خدا شناس بزرگن جي اندر ۾ بہ ڪي اهڙا آواز ٿين ٿا، جن جي ٻڌڻ سان طالبن کي بي بها زندگي حاصل ٿئي ٿي.

اهي آواز، انسان جا هي ظاهري ڪن ٻڌي نٿا سگهن. انهن جي ٻڌڻ لاءِ انهيءَ دل جا ڪن کپن، جا حقاني عشق جو طالبو هجي. خدا شناسن جي دل جو چنگ چٽيءَ طرح چوندو آهي تہ ”اي فاني وجود وارا غافل انسانو! فاني سڌون ۽ فاني خيال جيڪي ”نيست“ آهن، پر اوهين انهن کي ”هست“ سمجهي ويٺا آهيو، تن مان نڪري ٻاهر ٿيو ۽ فنائي جو درجو حاصل ڪريو، جا حقيقت ڪري اوهان لاءِ بهترين هستي آهي. اوليائن جي اندر واري چنگ جي اواز تي جيڪي مئل دليون جيئريون ٿين ٿيون، سي چون ٿيون:

ما بـمرديم و بکـلی کاسـتيم
بانگ حق آمد همه برخاستيم-

معنيٰ: اسين مري چڪيون هيون سين ۽ بلڪل لئي متي ٿي ويون هيون سين، ايتري ۾ حقاني آواز ٻڌوسين ۽ سڀ اٿي کڙيون ٿيون سين.

### جسم هڪ اٺ آهي:

اشتر آمد اين وجـود خار خـوار
مصطفیٰ زاده بريـن اشتـر سـوار-

معنيٰ: هي انساني جسم هڪڙو اٺ آهي، جنهن جي دل آهي ڪنڊن ڪائڻ (نفساني لذتن حاصل ڪرڻ) سان . اٺ تي هڪڙو شريف زادو (روح) سوار آهي. ”اي اوٺا اٺ! توتي سرهن جي گلن جون ٽو ڪريون لڏيل آهن، تنهن هوندي بہ تون ڪرڙ ۽ ڪانڊيرا وڃيو چرين! اهو تنهنجو حال آهي تہ پوءِ معرفت جو باغ ڪيئن ماڻيندين؟ اي انسان! توکي جيڪڏهن پنهنجو شريف زادو (روح) معرفت جي منزل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي پهچائٹو آهي، تہ انهيءَ اٹ جي واڳ ڪنهن خدا شناس بزرگ جي حوالي ڪر.

... اهو ڪاريگر چنگ وڄائيندڙ مڱٹهار جڏهن پيرسن ٿيو، تڏهن بدن طاقت ڇڏي ويس ۽ آواز بگڙي اهڙو خراب ٿي ويس، جو جنهن جي اڳيان ڳائي، سو ڪٿيو پنهنجن ڪنن ۾ آڱريون وجهي. سندس ڏند ڀڄي پري ويا، هٿن ۾ ايترو ست نہ هوس جو چنگ جهلي سگهي. ويچارو ڏاڍو حيران گذارڻ لڳو، ڇاڪاڻ جو ڪيس ڪٿان هڪ پائي بہ پنئي نہ ملندي هئي. پنهنجو اهو حال ڏسي دل جي درد سان خدا تعاليٰ کي سوال ڪيائين، تہ "اي خدا وند ڪريم! مون کي هيتري ڊگهي عمر تو بخشي ۽ مون نالائق تي تو اهي ڪرم ڪيا، جو ستر ورهن ۾ ڪڏهن بہ ٻک جو منهن مونکي نہ ڏيکاريئي، هاڻ تہ مون مان چنگ وڄائڻ جي پهچ نڪري ويئي آهي. اڄ تہ تنهنجي در جو مهمان اچي ٿو ٿيان ۽ تنهن جي دروازي تي ويهي ٿو چنگ وڄايان. ايئن چئي مديني منوره جي قبرستان ۾ ويو جتي ڏٺيءَ در دانهون ڪارون ڪندي رئندي رڙندي پنهنجو چنگ سيرانديءَ کان رکي سمهي پيو ۽ ننڊ ڪٹي ويس.

حضرت عمر فاروق رضہ کي خواب ۾ آواز ٿيو، تہ فلاڻي مقام ۾ هڪڙو فقير چنگ مٿي هيٺان ڏيو هڪڙيءَ قبر تي ستو پيو آهي، تنهن کي بيت المال مان ست سؤ دينارن جي رقم پهچائي اچ." ...

## نصيحت- حقاني آواز سڀ ڪنهن قوم کي ۽ سڀ ڪنهن ٻوليءَ ۾ هڪ جهڙو سمجهڻ ۾ اچي ٿو

اهو حقاني سڏ سڀني سڏن ۽ آوازن جو بنياد آهي. سچو پچو سڏ اهو ئي آهي ۽ ٻيا هي جيڪي سڏ سڻون، پڙون ٿا، سي سکٹا آواز آهن. اهو حقاني سڏ سڀ ترڪ، ڪرد، ايراني ۽ عرب پنهنجن ڪنن کي ڪم آٹڻ ۽ چپن چورڻ کان سواءِ بہ سڻي ٻڌي ۽ سمجهي سگهن ٿا. ترڪ تاجڪ ۽ حبشي تہ ڇڏيو، پر ڪاٹ ۽ پٿر بہ اهو حقاني آواز سمجهي سگهن ٿا.

... حضرت عمر رضہ هڪدم ننڊ مان سجاڳ ٿيو ۽ عجب ۾ پيو تہ "اهو ڪهڙو نصيب وارو بزرگ آهي، جنهن جي حق ۾ حقاني آواز فرمائي ٿو تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اسان جي خاص ٻانهي کي اهي ست سو دينار پهچاءِ ۽ چوينس ته اسان جا برگزيده ٻانها! وڌيڪ توکي پوءِ ڏينداسون!“

حضرت عمر رضه قبرستان ۾ ست سو دينارن جي ٿيلهي کڻي ويو ۽ پوڙهي مگڻهار کي هڪڙي قبر تي ستل ڏٺائين. ان کي چڱيءَ طرح سڃاتائين ۽ دل ۾ پڪ ٿيس، ته هيءُ اهو بزرگ بلڪل نه هوندو. جنهن کي هيءَ ٿيلهي پهچائڻ لاءِ حڪم ٿيو اٿم. سڄي مقام کي ڏٺائين. مگر ان مگڻهار کان سواءِ ٻيو ڪوبه انسان مقام ۾ ستل نظر نه آيس. تڏهن دل ۾ خيال ٿيس، ته اهو پيرسن مگڻهار ئي آهي جنهن سان حقاني نوازش ٿي آهي. بيشڪ اونداهي جسم ۾ به روشن دليون ٿين ٿيون.“ پوءِ حضرت عمر رضه کي اوچتو نڇ آئي، جنهن جي آواز تي پيرسن مگڻهار ٽپ ڏيئي اٿي ويٺو. حضرت عمر رضه کي پنهنجي پرسان ويٺل ڏسي عجب ۾ پئجي ويو ۽ اڃي ڏڪڻ لڳو ۽ ڀڄڻ لاءِ تياريون ڪرڻ شروع ڪيائين. دل ۾ چيائين، ته ”يا خدا! هي تنهنجو ڪهڙو داد جو مون ٻڍڙي تي هي چال چلت جو چوڪيدار آڻي ڪڙڪايو اٿيئي؟ حضرت عمر رضه ٻڍڙي کي شرمندو ۽ ڏڪندو ڏسي چيو ته ”اي ڀاڳن وارا درويش! نڪي ڊڄ، نڪي ڀڄ. مون تنهنجي لاءِ خدا تعاليٰ جي طرفان مبارڪون آنديون آهن. الله تعاليٰ تنهنجي خصلتن جي ايتري تعريف ڪئي آهي جو آءٌ تنهنجي منهن ڏسڻ لاءِ مشتاق آهيان. منهنجي اڳيان ويهه، جدائي نه ڪر. ڏيان سان ٻڌ ته آءٌ توکي تنهنجي خوش نصيبيءَ جو راز ٻڌايان. خدا تعاليٰ توکي سلام موڪليا آهن ۽ فرمايو اٿس، ته هينئر هي رقم وٺ ۽ وڃي پنهنجي ڪم آڻ ۽ وري به هتي اڇج ته گنج ٿي پوندا.

حضرت عمر جا اهي گفتا ٻڌي پير مرد مگڻهار اڇي روئڻ ۽ ڏڪڻ لڳو. هڪدم چنگ ڀڃي پرزا پرزا ڪري کڻي پري اڇلايائين ۽ چيائين ته ”اي ندورا چنگ! تنهن جي ئي شوق مون کي خدا تعاليٰ جي راهه کان پٺي روڪيو ۽ منهنجي عمر جا سڄا سارا ستر ورهيه تو برباد ڪري ڇڏيا، افسوس! مون هيتري ساري عمر ۾ پنهنجي انهيءَ سڄي سائينءَ کان نه دان گهريو نه داد، جو مونکي مونکان به وڌيڪ ويجهو آهي.

حضرت عمر رضه پيرسن مگڻهار کي زاري ڪندو ۽ پنهنجا گناه ڳڻيندو ڏسي فرمايو ته پير مردا! تنهنجو هي پڇتاءُ ۽ زاري تنهنجي سڄاڳي ۽ هوشياري جون نشانيون آهن. حضرت عمر رضه پيرسن مگڻهار کي روئڻ ۽ زاري ڪرڻ کان ماٺ ڪئي ۽ ان جو عشق الاهي ۾ محو ٿيڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ شروع ڪيو...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نصيحت- ماضيءَ تي ويچار ۽ مستقبل تي ڌيان

هست هوشياري زياد ماضيً،

ماضي و مستقبلت پرده خدا.

معنيٰ: جيڪي تي گذريو آهي، تنهن تي ويچار ڪرڻ به خوديءَ جي ڄاڻ آهي، ماضيءَ جو ويچار ۽ مستقبل جي ڳڻتي هڪڙا پردا آهن، جي توکي حق تعاليٰ جي قرب ۽ وصال کان روڪيندا. پنهنجي گناهن جي يادگيريءَ کان حق تعاليٰ جي ذڪر ۾ لڳو رهڻ بهتر آهي. حق تعاليٰ پاڻ فرمايو آهي "جيڪي انسان آهن، تن کان جيڪڏهن ڪا غلطي ٿي پوندي آهي يا ڪو پنهنجو نقصان ڪري وجهندا آهن، تڏهن هو خدا کي ياد ڪري پنهنجي خطا جي معافي گهرندا آهن. خدا تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪير آهي، جو گناه بخشيندو؟ انهن کان جيڪي ٿي گذري ٿو، تنهن تي هو ڄاڻي ٻجهي زور نٿا رکن." (سورت آل عمران ع ١۴)

اي طالبو! تون انهن ٻنهين (ماضي ۽ مستقبل) کي ڇڏي ڏي، اهي تو ۾ اهڙيون ڳنڍيون پيدا ڪري وجهندا جهڙيون بئنسريءَ جي پور ۾ هونديون آهن. ۽ جيڪي ان کي آواز ڪڍڻ کان روڪي ڇڏينديون آهن. تون پنهنجي ماضي ۽ مستقبل جي خبر رکين ٿو، پر خبر ڏيندڙ حق تعاليٰ کي وسارين ٿو تڏهن تنهنجي توبه تنهنجي گناه کان به خراب ٿئي.

... حضرت عمر رضه جي نصيحتن ڏيڻ تي ٻڌڙو مگٺهار روح راڙو ڇڏي وحدت جي درياه ۾ غرق (فنا في الله) ٿي ويو.

## نصيحت- پنهنجو روح رب سان ملاءِ

در شکار بيشئه جان باز باش،

همچو خورشيد جهان جان بارباش.

معنيٰ: روح جي ميدان ۾ شڪار ڪيڏڻ ۾ باز بڻجي پؤ، دنيا جي سج



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وانگر جانباز ٿيءُ، جيڪو پنهنجي روشنائي هيڏانهن هوڏانهن ڇنڊيندو رهي ٿو. جيڪو روح حق تعاليٰ جي محبت ۾ فنا ٿئي ٿو، سو وري تازو توانو ۽ نئين سر طاقتور بنجي پوي ٿو.

## نصيحت- مال مايا خدا جي حڪم موجب خرچ ڪندو رهه

حضرت رسول ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن فرمايو آهي ته ٻه فرشتا هميشه نصيحت خاطر هي هوڪو ڏيندا رهن ٿا. "اي خداوند ڪريم! جيڪي انسان مال مايا خرچ ڪن ٿا، تن کي خوش رک ۽ انهن کي چڱو عيوضو بخش ۽ جيڪي بخيل آهن تن کي نقصان پٺيان نقصان پهچاءِ ۽ برباد ڪر."

"اي انسان! محل ۽ موقعو ڏسي خرچ ڪرڻ گهرجي ۽ خدا تعاليٰ جيڪي چڱا ڪم سمجهايا آهن، تن تي خرچ ڪرڻ گهرجي. اجايو ۽ بي موقعي خرچ ڪرڻ اهڙو آهي، جيئن ڪنهن بادشاهه جو نوڪر بادشاهي خزانو باغي ماڻهن کي ورهائي ڏئي. اهڙو خرچ ڪرڻ ڪافرن جي عادت آهي."

## تمثيل- عرب سردارن جو حج:

مڪي جي عرب سردارن حضرت پيغمبر ڪريم عليہ الصلواة سان مقابلي ڪرڻ لاءِ وڏيون قربانيون ڪري خيراتي حج ڪيا هئا، انهي اميد تي، ته اهي خيراتي حج قبول پون، جڏهن حضرت پيغمبر ڪريم عليہ الصلواة السلام جن دين جي دعوت شروع ڪئي هئي، تڏهن ڪافر عرب سردارن سون جي تعداد ۾ اٺ قربان ڪري خيراتي حج ڪيا هئا، انهي لاءِ ته اهي قربانيون قبول پون ۽ هو حضرت صلعم جن تي غالب پئجي وڃن. انهن جون اهي قربانيون ۽ حج ظاهري طور ڪٿي چڱا هئا، پر بي محل بي موقعي هئا، تنهن ڪري الله تعاليٰ جي خوشنوديءَ بدران خدائي غضب مٿن ڪڙڪيو ۽ فتحياب ٿيڻ جي بدران هارائجي برباد ٿي ويا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**نصيحت- سنئين واٽ تي هلڻ جي گهر**

انهيءَ ڪري ايمان وارا ماڻهو خوف خدا کان سڀ نماز ۾ خدا تعاليٰ کان گهرندا آهن ته ”اهدناالصراط المستقيم“ (اي پروردگار اسان کي سِنئين رستي تي هلائج.)

اي انسان! چڱي ڪم لاءِ پئسا ڏيڻ سخيءَ جو ڪم آهي، پر پنهنجو روح حق جي حوالي ڪرڻ سچي عاشق جو ڪم آهي. خدا جي راهه ۾ جيڪڏهن ماني ڏيندين، ته ماني حاصل ڪندين، جي روح ڏيندين ته روح حاصل ڪندين.

## نائين آکاڻي

## هڪڙي ڪنگال اعرابي (ڳوناٺي) خانه بدوش ۽ سندس زال جو قصو

عربستان جو هڪڙو خليفو، جنهن جي سخاوت حاتم جو نالو به گم ڪري ڇڏيو هو، تنهن جي حڪومت وقت هڪڙو نهايت مسڪين ۽ ڪنگال اعرابي رهندو هو. هڪڙيءَ رات ان اعرابيءَ کي سندس زال چيو ته ”ميان! سارو جهان خوش پيو گذاري مگر اسان تي ئي بک جي ساري بلا اچي ڪڙڪي آهي! ڏک ۽ بک آهي اسان جو ٻوڙ ماني! اکين جا لڙڪ آهن اسان جي پيئڻ جو پاڻي! سج جي اُس اسانجي پوشاڪ ۽ چانڊوڪي اسان جي لاءِ سوڙ ۽ رلي آهي! ٻي ماني اکين سان به ڪانه ٿا ڏسون، پر چنڊ کي ماني سمجهي آسمان ڏانهن ٻانهون ڊگهيڙيون ٿا! ڪوبه پينو فقير اسان کان وڌيڪ ڏکيو بکيو نه هوندو! اسان مان ڌاريا ته ڪڪ، پر پنهنجا به پاسو وٺن! خبر نه آهي اسان ڪهڙو گناهه ڪيو آهي، جو هن حال کي اچي پهتا آهيون؟ جيڪڏهن ڪو مهمان اسان وٽ اچي ٽڪي، ته اُهُ جيڪر ان تان لوئي به (سمهڻ بعد) لاهي وٺان! اجا ڪيترا ڏينهن پيٽ تي پٿر ٻڌي گذاريندا سون؟“

تنهن تي اعرابي پنهنجي زال کي چيو، ”اي زورآور زال! تون آمدني ۽ اپراسي جون ڪهڙيون ڳڻتيون ٿي ڪرين؟ هيتري ساري حياتي گذري ويئي آهي، باقي رهيل چار ڏينهن به گذر ٿي ويندا. هوند خواه اڻ هوند، پاڻيءَ جي لهرن وانگر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الله) ڪهڙو بد صورت پيدا ٿيو آهين؟" حضرت ﷺ جن فرمايس "تون سچ ٿو چئين." ساڳي وقت حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه حضرت جن صلعم کي ڏٺو ۽ چوڻ لڳو "اي ڪماليت جا سج چمڪ! چمڪ! تجلا ڪر." حضرت ﷺ جن فرمايو "تون سچ ٿو چئين." جيڪي حاضر هئا، تن عرض ڪيو، ته يا حضرت ٻنهي هڪ ٻئي جي برخلاف خيالن ظاهر ڪندڙن کي اوهان ڪيئن ٿا سچو چوڻ فرمايو؟ فرمايائون، ته "اسين آئينو آهيون. ابوجهل کي پنهنجي شڪل اسان ۾ نظر آئي ۽ ابوبڪر رضه کي پنهنجي."

اها تمثيل ڏيئي مرد چيو "اي زال! تون پنهنجن زنانه خيال موجب مون کي ڇا جو ڇا چئي رهي آهين. تون به ڪي ڏينهن هن فقيريءَ کي آزمائي ڏس ته فقيريءَ ۾ ڪيڏي شاهوڪاري آهي. اڻ هوند ۾ صبر سان گذار ۽ الله تعاليٰ جو شان ڏس. ايتري هوندي به اي زال! جيڪڏهن تون جنگ جهيڙي جي پچر نٿي ڇڏين، ته منهنجي پچر ڪٽي ڇڏ. جي جنگ جهيڙو به نه ڇڏين ۽ منهنجي جند به نه ڇڏين، ته آءٌ توکي ڇڏي ڪنهن پاسي منهن ڪري هليو وڃان، ڇو ته سوڙهي جتي پائڻ کان پير اگهاڙا چڱا. گهرجي جنگ کان پرديس بهتر. زال ڏٺو ته هاٿي مڙس موريو هٿن مان ٿو وڃي، تڏهن روئڻ لڳي، جو روئڻ زال جي هٿ ۾ اهڙو ڄار آهي، جنهن ۾ ڪهڙي به سخت دل مرد کي ڦاسائي سگهي ٿي. هوءَ روئي نهايت نماڻائيءَ سان چوڻ لڳي، ته "ميان صاحب! آءٌ تنهنجي پيرن جي خاڪ آهيان. مون کي تو ۾ ڪهڙيون نه اميدون آهن، تون پيو وهلور وڃين! منهنجو جسم ۽ جان تنهنجي ملڪيت آهي. مون جيڪڏهن اڻ هوند ۾ صبر ڇڏيو هو، ته تنهنجي بهتريءَ لاءِ ڇڏيم. تون سڪيو ته آءٌ اڳيئي سڪي. مون مور ڳوئي توبه ڪئي. مون کي معاف ڪر، تنهنجي ڪاتي منهنجو ڪنڌ. وٺيئي ته ڪهينم، وٺيئي ته معاف ڪرينم."
مرد ته اڳيئي زال جي محبت ۾ ڦاٿل هو، باقي زال جي لڙڪن جي برسات جا مٿس بجلي ڪيرائي، تنهن هڪدم مرد جي دل تي وڃي اثر ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نصيحت- مرد تي زال جي هلندي

رسـتـم زال از بود وز حـمزه پيش،

هست در فرمان اسير زال خويش-

جيڪڏهن مشهور ايراني پهلوان رستم هجي، يا ڪو شخص حضرت امير حمزه رضي الله تعاليٰ عنہ کان وڌيڪ بهادر هجي، تہ بہ پنهنجي زال جي حڪم ۾ ضرور پـٽل هوندو. مرد هميشہ زال جي حسن پـريل غرور کان هيسيل رهي ٿو، جيڪڏهن زال اڱيايئنس نماٽي ٿي رئندي، تہ مرد جو ڪهڙو حال ٿي ويندو؟ جنهن جا ناز مرد جي دل گرفتار ڪيو وجهن ٿا، سا جيڪڏهن نياز ۾ پوندي تہ مرد جي دل ڪيئن نہ پاٽي ٿي پوندي؟ جنهن جي شوخي ۽ رسامو ئي مرد جي دل لاءِ دام آهي، سا جي هٺ ڀـڏي معافي وٺندي تہ مرد ڪيڏانهن ويندو؟ خدا تعاليٰ پنهنجي پاڪ ڪلام ۾ زال جي محبت کي مرد جي سيني جو سينگار چوڻ فرمايو آهي (زين للناس حب الشهوات من النساءِ) زال بابت پيدا ٿيل خواهشن جي حب مرد لاءِ زينت بنائي ويئي آهي. (سوره آل عمران ع ـ٢) بيبي حوا کي حضرت آدم جي دل جو آرام سڏڻ فرمايو آهي (وجعل منها زوجها ليسڪن اليها) . الله تعاليٰ حضرت آدم مان ان جي جنس جو جوڙو بنايو انهيءَ لاءِ تہ هو (حضرت آدم) ان (بيبي حوا) ڏانهن ڏيان ڪرڻ سان تسڪين (آرام) حاصل ڪري. (سوره اعراف ع ـ٢٣) . حضرت رسول ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن جي پاڪ هدايتن تي سارو جهان مست آهي، سي بہ حضرت بيبي عائشہ رضي الله تعاليٰ عنها کي ڪمال محبت سان فرمائيندا هئا تہ ”اي حميرا! مون سان ويهي ڪي ڳالهيون ڪر.“ ڏسو! پاٽي باه کي امالڪ اجهايو سگهي ٿو يعني ان تي بلڪل غالب آهي، پر جڏهن پاٽي ۽ باهہ جي وچ ۾ ديڳڙي جو پردو آڏو اچي ٿو يعني پاٽيءَ کي ديگڙي ۾ وجهي باه تي رکجي ٿو، تڏهن باه ان کي ڪيئن نہ هوا بنايو اڏايو ڇڏي ٿي! ساڳيءَ طرح جيتوٽيڪ مرد زال تي غالب آهي، تہ بہ ڪنهن آڏ ۾ هوءَ مرد کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي خواهش موجب ڪم ڪڏيو سگهي ٿي.

حضرت رسول ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن فرمايو آهي، تہ عقل واري مرد تي زال غالب ٿي رهڻي آهي، پر جاهل مرد زال تي غالب رهندو، ڇاڪاڻ جو هو سخت دل ۽ بي رحم ٿئي ٿو، رحم ۽ نرم دلي انساني وصف آهي، پر بي رحمي ۽ سنگدلي حيواني وصف آهي.

پر تو حق است آن معشوق نيست،

خالق است آن گويا مخلوق نيست۔

معنيٰ: هوءَ (زال) بنا سبب معشوق نہ آهي، پر حق تعاليٰ جي نوراني پرتوي هئڻ ڪري ئي هوءَ معشوق ٿي آهي تنهن ڪري انهيءَ صورت ۾ گويا خالق ئي معشوق آهي ۽ نہ مخلوق.

... زال جو پڇتاءَ ۽ نماٿائي ڏسي درويش مرد پنهنجي شوخ ڪلاميءَ تي اهڙو پشيمان ٿيو، جهڙو ڪو پوليس عملدار مرڻ وقت پنهنجن اعمالن کي ياد ڪري پشيمان ٿيندو آهي. زال کي چيائين: "پياري جان! مون جيڪي توکي چيو، تنهن جو ڏاڍو ارمان اٿم. اڳي جيڪڏهن آءٌ ڪافر هوس، تہ هاڻي مسلمان ٿو ٿيان. آءٌ گنهگار آهيان مون کي مهرباني ڪري معاف ڪر ۽ مون تي رحم ڪر. تون ڏک نہ ڪر. آئيندي جيئن تون چوندينءَ تيئن ڪندس." زال چيس "تون نيڪ ارادي ۽ سچيءَ دل سان مون کي اهي لفظ چئي رهيو آهين يا منهنجي امتحان وٺڻ ۽ اوڳر ڪڍڻ لاءِ اها نرم گفتگو ڪري رهيو آهين؟" مرد چيو "الله تعاليٰ دلين جو مالڪ آهي، تنهن جي ذات پاڪ جوقسم آهي، تہ مون جيڪي چيو آهي، سو صاف دليءَ سان چيو اٿم. اجا بہ توکي اعتبار نہ اچي تہ آزمائي ڏس. چو پياري جان هاڻي ڇا ٿي چوين؟ زال چيو، "ميان صاحب! جيڪڏهن ايئن آهي، تہ هاڻي منهنجي صلاح وٺ. بغداد جو درياءَ دل خليفو، جنهن جي خدا ترسيءَ ۽ سخاوت جي هاڪ هنڌين ماڳين هلي رهي آهي، تنهن سان مڪا ميلو وڃي ڪر، اميد آهي، تہ بيڙائي پار ٿيندا، جو تہ سدورن جي سام پئبو تہ ضرور سدورائي نصيب ٿيندي. مرد چيو، "آءٌ خليفي صاحب تائين ڪيئن پهچي سگهندس؟ ڪنهن بهاني ۽ حيلي وسيلي ڪانسواءِ تہ خليفي جي زيارت نصيب ٿيڻ ئي ناممڪن آهي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زال چيس، ته "بادشاه جڏهن ڪرم ۽ سخا جي ميدان ۾ نڪرندا آهن، تڏهن غريبن جي بي ثمرائي به ثمر بڻجي پوندي آهي. ڇا ڪر جو، هيءُ مينهن جي پاڻيءَ سان جيڪو دلو پري رکيو اٿئون، سو خليفي صاحب وٽ سوکڙي ڪري ڪڻي وڃ ۽ وڃي چئينس، ته "اي خليفا صاحب! اسان وٽ هن برسات جي پاڻيءَ کان وڌيڪ عمدي شيءِ اسان جي ملڪ ۾ ئي ڪانهي تنهن ڪري اهو پاڻي سوکڙيءَ طور حضور جن وٽ آندو اٿم، قبول پوي. ميان صاحب! خليفي صاحب جا خزانا هيرن ۽ جواهرن سان پريل هوندا، پر ههڙو پاڻي وٽس هرگز نه هوندو." درويش اعرابي جي مغز ۾ به اها ڳالهه ويهي رهي، ته برابر ههڙو پاڻي خليفي صاحب خواب ۾ به ڪونه ڏٺو هوندو. اها ته خبر ئي ڪانه هيس، ته اتي دجله ندي پيئي وهي جنهن جو پاڻي کير جهڙو مٺو آهي. آخر اعرابڻ اهو دلو ڳوڻ جي تڪر ۾ سبي قابو بند ڪري پنهنجي مڙس کي ڪنايو، هو دلو مٿي تي رکي رڻ ۽ ميدان جهاڳي اچي بغداد نڪتو. اتي ڏنائين ته ڪئين سوالي ۽ حاجتمند خليفي جي دربار جو در جهليو وينا آهن. هڪڙا انعام اڪرام حاصل ڪريو پيا وڃن، ته ٻيا پيا اچن.

دستور موجب خليفي جا دربان هن درويش اعرابي وٽ آيا ۽ پڇيائونس ته، ڪٿان آيو آهين؟ ۽ ڪهڙي ارادي سان آيو آهين؟ اعرابي عرض ڪيو، ته آءٌ خليفي صاحب جي نيڪي ٻڌي فلاڻي بيابان مان آيو آهيان ۽ پنهنجي وطن جي سوکڙي يعني پلر جي پاڻيءَ جو دلو به خليفي صاحب لاءِ سوکڙيءَ طور آندو اٿم، ڇاڪاڻ جو اسان جي وطن ۾ انهيءَ سوکڙيءَ کان وڌيڪ فقط خدا جو نالو مٺو آهي." درٻارين ۽ چوڪيدارن کي اعرابي جي اها ڳالهه ٻڌي کل آئي، چي: "ڪيڏانهن حضور خلافت پناه ۽ ڪيڏانهن هيءُ ڍوند جهڙو پاڻي!" پر انهن کي طاقت نه هئي، جو ڪنهن به سوالي جو سوال ۽ عرضدار جو احوال هوبهو خليفي تائين نه پهچائين. ان اعرابي کي دلي سميت خليفي وٽ حاضر ڪيائون. خليفي اعرابي جو احوال ٻڌي هن جي تنگ حاليءَ ۽ غربت جي ڳجهارت سمجهي ورتي، سو جوابدارن کي حڪم ڏنائين ته "هن اعرابي کي ساڳيو دلو پاڻي لاهڻ بعد سونين مهرن سان پري بخشيش طور ڏيو. جڏهن موٽي وڃي، تڏهن دجله نديءَ جي ڪناري تان روانو ڪجوس." جوابدارن حڪم موجب اعرابيءَ کي مهرن سان دلو پري ڏنو ۽ دجله نديءَ تي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي اماڻيائونس. اعرابي دجله نديءَ جو پاڻي پي حيران ٿي ويو، عجب لڳس ته "خليفي صاحب وٽ ههڙي مٺي پاڻيءَ جا درياءَ پيا وهن، تنهن هوندي به سندس سخاوت ۽ ڏاتاري ته ڏسو، جو منهنجو ڪنو پاڻي قبول ڪري مون کي هيتري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساري بخشش ڏني اٿس! خليفي جيئن ماڻهن کي حڪم ڏنو هو تيئن هو ان اعرابي کي دجلہ نديءَ مان ٻيڙيءَ جو سفر ڪرائي پوءِ بياباان ۾ سندس ماڳ مڪان تي سلامت پهچائي موٽيا.

## نصيحت- نفس آهي زال ۽ عقل آهي مرد

ماجراءِ مرد وزن افتاد نقل

اين مثال نفس خود مي دان و عقل

معنيٰ: مرد ۽ زال جيڪو واقعو، جو مٿي لکي آيا آهيون، سو هڪڙو تمثيلي نقل آهي، حقيقت ۾ اوهين اهو نفس ۽ عقل جو مثال سمجهو.

"اهي زال ۽ مرد يعني نفس ۽ عقل سڀ ڪنهن انسان لاءِ ضروري آهن، پوءِ اهو نيڪ هجي يا بد هجي. اهي ٻئي هن دنيا ۾ قيد آهن ۽ رات ڏينهن انهن جو پاڻ ۾ اختلافي بحث مباحثو ۽ چڪري لڳي پيئي آهي. جيئن زال هر وقت خانہ داريءَ جي طالبو رهي ٿي يعني هر وقت مرد کان گُنديون (ان رکڻ جو ٿانءُ) ڪپڙا زيور زرا ۽ ناه نوه جو سامان گهري ٿي، تيئن نفس بہ هر وقت خوشامند ۽ چاپلوسي ڪري بعضي غرور ۽ آڪڙ ڪري عقل کان جسماني راحتون گهري ٿو. عقل، جنهن کي انهن راحتن ۽ ڏيک ويک جي پرواه ڪانهي، سو خدا تعاليٰ جي محبت کان سواءِ ٻيون سڀ ڳالهيون کوٽيون ٿو سمجهي."

## نصيحت- بدني دلي جو پاڻي صاف رک

چيست آن کوزه تن محصور ما،

اندر آن آب اين حواس شور ما

معني: "اعرابي جيڪو دلو سوکڙيءَ طور خليفي ڏانهن کڻيو ٿي ويو، سو ڪهڙو دلو آهي؟ حقيقت ڪري اهو دلو آهي اسان جو بدن، چوڏاري بند آهي ۽ اسان جا حواس ان ۾ کاري پاڻيءَ جي مثل آهن."

يا خدا وند ڪريم! تون اسان جي بدني دلي واري ناچيز سوکڙي قبول



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرماءِ. اي انسان! تنهنجي بدني دلي کي جيڪي پنج حواس سوراخن مثل آهن، تن کي اهڙيءَ طرح قابو ڪر جيئن ڪا پليتي انهن سوراخن جي وسيلي تنهنجي بدني دلي ۾ پيل پاڻيءَ کي خراب نه ڪري. جڏهن توکي حقيقي بادشاه جي دربار ۾ اها سوکڙي کڻي وڃڻي آهي، تڏهن اهڙي صاف ۽ پاڪ ڪري کڻي اچ، جو بادشاه هڪدم قبول ڪرڻ فرمائي.

**نصيحت- سخي مرد هميشه فقيرن جو محتاج آهي**

خود محتاج است و خواهد طالبی
همچنانگ توبه خواهد تسائبی.

معنيٰ: سچائي هميشه عطا جي طالبن جي محتاج آهي (ڪو نه سوالي گهرجي، جو سخي کان ڪا بخشش گهري.) جيئن توبه جي قبوليت توبه ڪندڙ انسان جي طالبو رهي ٿي. فقير نه هوندا ته سخي جي سخاوت ڪٿي ڪتب ايندي؟ پڇتائيندڙ گنهگار نه هوندا، ته توبه جو شان ڪيئن پڌرو ٿيندو؟ سخي ائين فقيرن جو ڳولائو رهندو آهي، جيئن سهڻو ماڻهو آئيني جو ڳولائو رهندو آهي. جنهن صورت ۾ فقير سخاوت لاءِ آئينو آهي، تيئن ۾ آئيني تي ڦوڪ ڏيڻ نتي جڳائي يعني فقير کي تکو منو ڳالهائڻ نه گهرجي. خود حق تعاليٰ فرمائي ٿو ته فقير کي دڙڪو متان ڏيو. (سوره والضحيٰ) هڪڙا سخي گهر ڪرڻ تي فقيرن کي ڏيندا آهن، ٻيا بنا گهرڻ جي فقيرن کي بخشش ڏيندا آهن. اهڙيءَ طرح فقير به هڪڙا اُهي جو گهريو وٺن، ٻيا اهي جن کي پاڻهي ڪو ڏئي ته وٺن، نه ته پرواه ئي ڪا نه ڪن. اهي خاص خداوند ڪريم جي عشق جا اجايل فقير آهن، جن جا ڪم پاڻ ڪريم جل شانه پيو ڪري.

**نصيحت- جهڙو شاه تهڙا نوڪر، جهڙا استاد تهڙا ختابي**

خوءِ شاهان در رعيت جا کند،
چرخ اخضر خاه را خضرا کند.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ: بادشاهن جي عادت رعيت جي دل ۾ به گهر ڪري ويهي رهندي آهي. آسمان سائو، ته زمين سائو ڪري ڏيکاريندو آهي. خليفي جي خدا ترسيءَ ۽ ڪريمانه خصلتن جو اثر جيڪڏهن سندس چوڪيدارن ۽ دربانن تي پيل نه هجي ها ته هو جيڪر ڏتڙيل حال اعرابيءَ کي ٻاهران ئي تڙي ڪڍي ڇڏين ها ۽ شايد ميرو گدلو دلو به ڀڃي ڏينس ها. اي انسان! بي وطن روح شهنشاهه جو لطف ته ڏس، ڪيئن نه ساري بدن تي سندس اثر آهي! نيڪ نهاد پاڪ نسبت عقل جي لطافت ته ڏس، ڪيئن نه ساري جسم ۽ سيني عضون کي تهذيب ۾ رکندو ٿو اچي! بي آرام ۽ شوخ عشق جو اثر ڏس، ته ڪيئن نه ساري بدن کي ديوانو بنايو ڇڏي! سيڪو استاد، جهڙو علم ۽ هنر ڄاڻندو آهي، تهڙي علم ۽ هنر ۾ پنهنجي شاگرد کي پڙ ڪري ڇڏيندو آهي. جيڪي طريقت جا استاد آهن، سي طريقت جي راهه سمجهائي سگهندا آهن، پر انهن سيني علمن ۽ هنرن مان موت جي وقت جيڪو علم ۽ هنر ڪم اچڻو آهي، سو فقط تقويٰ جو علم ئي آهي جو آخرت جو توشو ۽ ثمر آهي.

**تمثيل ٢- علم نحو ڄاڻيندڙ ۽ مير بحر جو سوال جواب:**

هڪڙو علم نحو ڄاڻندڙ شخص ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ڪنهن پاسي ٿي ويو. واٽ تي مير بحر کان هن پڇيو ته "اي مير بحر علم نحو سکيو آهين؟" مير بحر جواب ڏنو ته "نه" تنهن تي نحو ڄاڻندڙ چيس ته "تنهنجي اڌ ڄمار اجائي برباد ٿي ويئي." مير بحر ويچاري کي انهيءَ ڳالهه جو ڏاڍو ارمان ٿيو. پر ان وقت ڪُڇي ماٺ ڪيائين. ايتري ۾ اٿائو واءُ اچي لڳو ۽ ٻيڙي اچي ڪن ۾ ڦڏڻ لڳي. تنهن تي مير بحر ان نحو ڄاڻندڙ کان پڇيو، ته "مولوي سائين! ترڻ ڪي سکيو آهين؟" نحو ڄاڻندڙ چيو: ترڻ مان آءٌ ڇا ڄاڻان؟" تنهن تي ميربحر چيس ته "تنهن سڄي ڄمار اجائي برباد ٿي ويئي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نصيحت- نفس کي مار، روح کي تار

محومی باید نه نحو این جا بـدان،

گر تو محوی بی خطر در آب ران-

معنيٰ: اي انسان! پڪ ڄاڻ تہ توکي محويت ۽ فنائي ڪم ايندي. نـلهو علمي فخر ڪم نہ ايندءِ. جيڪڏهن ذات حق ۾ محو آهين، تہ پوءِ بي ڏڙڪ طريقت جي درياءَ ۾ ٽپي پوُ. جيئن مردو هميشہ درياءَ جي سطح تي پيو ترندو آهي ۽ جيئرو وڃي ترو وٺندو آهي، تيئن جيڪڏهن جيئري پاڻ (پنهنجي خود پرستي) مارينديں، تہ معرفت جي درياءَ ۾ بي خوف ٿـي ترندو رهنديں. اي علم تي فخر ڪرڻ وارا! اي ماٺهو هوندي گڏه سڏجڻ وارا! هن وقت دنيا ۾ تون ائين گپي رهيو آهين، جيئن گڏه گپ ۾ گپي. جيڪڏهن ذات حق ۾ محو ٿـين، تہ جيڪر دنيا جي سيني علمن جو مقصد ماٺي چڪين.

## نصيحت- انساني عقل ۽ خدائي علم

آن سبوئی آب دانشهاءِ ماست،

وان خلیفه دجلئه علم خدا ست

معنيٰ: اعرابي جيڪو دلو (مينهن جي پاڻيءَ سان ڀريل) کنيو ٿـي ويو، سو پاڻي ڄڻ اسان جو علم ۽ عقل اهي. خليفي واري دجلہ ندي ڄڻ خدائي علم آهي. اسين پنهنجي عقل جا دلا جيڪڏهن خدائي علم ڏانهن نيون ٿا، تہ احمق ليکباسون. اهو اعرابي جنهن مينهن جو پاڻي دجلہ ڏانهن ٿـي نيو، سو دجلہ کان بي خبر هو، تنهن ڪري ان تي ميار ڪانہ هئي. جيڪڏهن دجلہ جي خبر هجيس ها تہ ڪڏهن بہ اوڏانهن دلو کڻي نہ وڃي ها، بلڪ وات تي ئي پٿر سان ڀڃي ڇڏيس ها. اي انسان! تنهنجي هستيءَ جو دلو جيڪو تنگ آهي ۽ پنهنجي بي وقعتي ۽ بي حقيقيءَ جي ڪري شرم ۽ ڦڪائيءَ جو لائق آهي سو حقاني ڪماليت جي نديءَ کي پردي مثل آڏو آهي. انهيءَ کي پٿر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿي ڀڄي ڦٿو ڪر، ته وچ مان پردو ڪڇي وڃي ۽ حقاني ذات تائين پهچڻ ۾ ڪابه رنڊڪ نه ٿئي.

**مرشد هٿ ڪر ۽ سندس حڪم موجب هل:**

پير رابگزين که بي پير اين سفر،

هست بس پر آفت و خوف و خطر

معنيٰ: اي طالبو! ڪو ڪامل مرشد ضرور هٿ ڪر. ڇاڪاڻ جو روحاني رستي جو سفر مرشد کان سواءِ نهايت خطرناڪ ۽ اوکو آهي. دنيا جي ڪنهن رواجي رستي تي ڪون واقفڪار کان سواءِ هلي ڏنو هوندو، ته توکي ڪيئن آفتون اڏيون آيون هونديون. تڏهن هيءَ روحاني رستو، جيڪو تنهنجو نه ڏٺل نه واٽل آهي، تنهن تي رهبر کان سواءِ تون ڪيئن هلي سگهندين؟ جيڪڏهن ڪنهن واقفڪار رهبر کان سواءِ انهيءَ رستي تي هلندين، ته توکي شيطان ضرور گمراه ڪري ڇڏيندو. تون جنهن ڏڏي (جسم) تي سوار ٿي روحاني سفر ڪري رهيو آهين، تنهن ڏڏي جو لغام سوگهو جهل. حضرت رسول ڪريم عليه الصلواه والسلام جن حضرت علي ڪرم الله وجه جن کي وصيت ڪرڻ فرمائي هئي، ته "اي علي! خدا جي قرب حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي عقل ۽ اندر جي قاضيءَ کان صلاح حاصل ڪندو رهج ۽ اهڙي عاقل جي صحبت اختيار ڪج جنهن کي ڪو نقلي رهنماءُ گمراه نه ڪري سگهي. اي علي! سڀني عبادتن کان اعليٰ ۽ افضل عبادت آهي خدا تعاليٰ جي سايي ۾ رهائش اختيار ڪرڻ." اي انسان! مرشد وٺين، ته ان جي حڪم ۽ هدايت موجب هل. تو کي مرشد جي هدايتن موجب تڪليفون سهڻ ۽ نفس ڪشي ڪرڻ لاءِ دل جو بهادر ٿيڻو پوندو. ڪرڙ سهڻ کانسواءِ آئينو صاف ٿي ڪين سگهندو. جيڪڏهن ڪرڙ (نفساني تڪليف) تو کان سٺي نه ٿيندي، ته دل جي آئيني جي صفائي ڪيئن ڪرائي سگهندين؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تمثيل ٣- بت تي سئيءَ سان شينهن جي شڪل ڪڍائڻ وارو قزويني:

قزوين شهر جي ماڻهن جو رواج هوندو هو ته پنهنجي بدن جي ڪنهن به عضوي تي سئيءَ سان ڪاٻه دل گهري شڪل اڪرائي ان ۾ نير (گُلي) پرائيندا هئا ۽ بدن تي اهڙيون نيري رنگ جون تصويرون ڪڍائڻ پنهنجي بدن جي سونهن سمجهندا هئا. هڪڙو قزويني جوان ڪنهن تصويرن ڪڍندڙ ڪاريگر وٽ ويو، ۽ هن کي چيائين ته "منهنجي ڪلهي تي شينهن جي شڪل اڪيري ڏي. جڏهن ڪاريگر شينهن جي شڪل اڪرڻ شروع ڪئي، تڏهن نوجوان رڙ ڪري چيو، ته "مون کي مارين ٿو، تون ڪهڙي شڪل پيو اڪرين؟" ڪاريگر چيو ته "تو شينهن جي شڪل چي هئي نه؟" جوان چيو "ڪهڙي عضوي کان اڪرڻ شروع ڪيو اٿيئي؟" ڪاريگر چيو "پڇ کان" جوان چيو ته "شينهن جي پڇ ڪڍڻ سان تو منهنجو ساه ڪڍي ڇڏيو آهي. مهرباني ڪري پڇ کان سواءِ شڪل ڪڍينس!" ڪاريگر وري ٻئي هنڌ سئيءَ سان ڪوٽڻ شروع ڪيو. جوان وري رڙ ڪري چيو، "ڪهڙو عضوو ٿو اڪرين." ڪاريگر چيو "ڪن" جوان چيو، "ڪن به ڇڏي ڏينس،." ڪاريگر ٻئي هنڌ سئيءَ سان ڪوٽڻ شروع ڪيو. جوان رڙ ڪري چيو، اهو ٽئين هنڌ ڪهڙو عضوو ڪوٽڻ شروع ڪيو اٿيئي؟" ڪاريگر چيو، ته "شينهن جو پيٽ." جوان چيو، "خدا جو نالو اٿيئي پيٽ به نه ڪڍينس آءٌ سور سان ٿو مران" تنهن تي ڪاريگر سئي ڦٽي ڪري چيو، ته "ڳالهه ٻڌا؟ ڪن، پڇ ۽ پيٽ کان سواءِ شينهن ڪيئن ٿيندو؟"

**نصيحت- صبر ڪر، ته نفس جو ڏنگ اثر نه ڪريئي**

اى بـرادر صبـر كـن بر درد نيش!

تا رهى از نيش نفس گبر خويش-

معنيٰ: اي ڀاءُ! ڏک پهچڻ تي صبر ڪر، ته پنهنجي بي دين نفس جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنگ توکي ايذاءَ نہ ڏئي. جنهن انسان جي دل صبر جو سبق سکيو آهي، تنهن کي سچ بہ ساڙي نٿو سگهي. خداتعاليٰ اڳيان پنهنجي هستي جلائي ڇڏڻ خدا تعاليٰ جي تعظيم سڃاڻڻ آهي. جيڪڏهن تون ڀانئين تہ ڏينهن وانگر چمڪين، تہ رات وانگر پنهنجي هستي مٽائي ڇڏ. انهيءَ هستي نواز (حق تعاليٰ) جي هستي پروڙڻ ۾ ئي تنهنجي هستي آهي. جيئن ڪيميائي مرڪب ۾ ٽامون ڳري هڪ ٿي ويندو آهي. تيئن تون بہ ان اعليٰ هستي (حق تعاليٰ) سان هڪ ٿي وڃ. خوديءَ (خود پرستيءَ) ۾ ئي سڀ خرابي آهي.

## ذهين آکاڻي
## شينهن بگهڙ ۽ لومڙ جي دوستي

شينهن، بگهڙ ۽ لومڙ پاڻ ۾ دوست ٿي گڏجي شڪار ڪندا هئا. جيتوڻيڪ شينهن کي انهي دوستيءَ ۾ هٺڻ ڪري لڄ ايندي هئي، تہ بہ هو پنهنجي ڪشاده دلي ڏيکاري انهن سان دوستيءَ ۾ پيو گذاريندو هو...

**نصيحت- پاڻ کان ننڍن کي پنهنجي صحبت سان فيض حاصل ڪرڻ جو وجهہ ڏيڻ گهرجي:**

اين چنين مه راز اختر ننگهاست،
او ميان اختران بهر سخاست۔

معنيٰ: هونءَ جيڪر چنڊ کي بہ تارن جي وچ ۾ ويهندي لڄ اچي، پر تارن جي وچ ۾ چند جو ويهڻ چنڊ جي درياه دليَ آهي. حضرت رسول ڪريم عليہ الصلوٰه والسلام جن بہ پنهنجي غريب ساٿين جي وچ ۾ گذاريندا هئا ۽ انهن کان صلاحون مصلحتون پڇندا هئا. جو بہ ڪنڊڙي ۾ سون سان گڏ ترندو آهي. نہ تہ ڪيڏانهن سون جو درجو، تہ ڪيڏانهن سندس درجو! روح بہ جسم سان همراه ٿيو پيو گذاري نہ؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

... هڪڙي ڏينهن تنهن سنگتين جبل ۽ بيابان گهمندي هڪڙو جابلو ڍڳو، هڪڙو ٻڪر ۽ هڪڙو سهو شڪار ڪيو. بگهڙ ۽ لومڙ جيڪي شينهن سان گڏ شڪار جي پٺيان ڊوڙيا ۽ هلاڪ ٿيا هئا تن کي طمع هئي، ته انهن تنهي شڪارن جي ورڇ شاهاڻي عدالت موجب ٿيندي. شينهن ته بگهڙ ۽ لومڙ جي طمع پروڙيو ويٺو هو. ان جي مرضي هئي ته پـل اها طمع انهن جي واتان پڌري ٿئي ته انهن کي اهڙي سيکت ڏيان، جا ملڪ ۾ ڳائبي رهي ۽ آءٌ به انهن خبيثن جي سنگت جي ڪارنهن پاڻ تان لاهي ڇڏيان. سو ظاهر ۾ انهن سان پٺي ڪليو ۽ ڳالهايائين پر اندر ۾ سڙيو ويٺو هو...

## نصيحت- مال تي موچڙا آهن

شير با اين فکر ميزد خنده فاش

از تبسمهاءِ شير ايمن مباش

معنيٰ: اهو شينهن دل ۾ سٽائون سٽي رهيو هو پر ظاهري طرح ڪلندو رهيو ٿي. اي انسان! تو ڪڏهن به ڪنهن پاڻ کان ڏاڍي جي ڪلڻ ڪڏڻ تي بانور نه ڪج. دنيا جي مال مايا تي اسين مست موهيل آهيون، پر هوءَ اسان جي مورڪائيءَ تي ڪلي رهي آهي. اي انسان! غربت ۽ مسڪينيءَ کي بهشت ڪري ڄاڻ، انهيءَ تي مال مايا تنوليون ڪري نه سگهندي.

شينهن ڪلندي ڪڏندي بگهڙ جي امتحان وٺڻ لاءِ هن کي چيو ته "اي جهونا بگهڙ! تون منهنجو نائب آهين، عدالت طور چؤ ته هي ٽي شڪار جيڪي پنهنجي اڳيان رکيا آهن، تن جي ورڇ ڪهڙيءَ طرح ڪريون؟ بگهڙ چيو، "بادشاه! توهين وڏا آهيو، تنهن ڪري وڏو شڪار (جهنگلي ڏاند) توهان جو حصو آهي. ٻڪر مون کي ملي ۽ سهو لومڙ کي." شينهن ڪاوڙجي چيس، ته اي رڍ جا پٽ مون شينهن جي اڳيان به تون پنهنجو پاڻ (خودي) ٿو ڏيکارين؟ منهنجي اڳيان تو پنهنجي نيستي قبول نه ڪئي! تنهن ڪري تو کي فنا ڪرڻ آءٌ پنهنجو فرض سمجهان ٿو. ايئن چئي وٺي جو بگهڙ کي چنبو هنيائين ته آنڊا گجيون وچي ٻاهر پيس. پوءِ شينهن وري لومڙ کي چيو ته "لومڙ! تون سچ ٻڌاءِ، ته هن شڪار کي ڪيئن ورهائي کٽڻ گهرجي؟" لومڙ مٿو زمين تي رکي چيو "جيئندا قبلا! هي جهنگلي ڍڳو، ته حضور جن جي لاءِ ٻنپهرن جو طعام به مس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيندو، ۽ڪر اوهان جي پوڄاڙيءَ جي خوراڪ آهي، ۽ سڄو رات جي وقت اوهان جو چاندو بہ مس ٿيندو، تنهن ڪري هي سمورو شڪار اوهان ڪي اير ڪير آهي. نوش جان ڪريو." شينهن خوش ٿي چيو، تہ "اي لومڙ! واه جي عدالت ڪئي اٿيئي! ٻڌاءِ! تہ انهيءَ ورهاڱي جو عقل تون ڪٿان سکين؟" لومڙ چيو، "حضور، اهو عقل بگهڙ جي حال مان پرايم." تنهن تي شينهن چيس، "شاباش لومڙ، شاباش! تون جڏهن اسان جي اڳيان پنهنجي هستي وساري ڇڏي آهي. تڏهن تون اسان جو جان جگر آهين. هاڻي هي سڀ شڪار تنهنجي ملڪيت آهي، وٺ ڪاءُ ۽ مزا ماڻ."

## نصيحت- دوستن جي حال مان سبق حاصل ڪر

عاقل ان باشد که عبرت گيرد از،

مرگ ياران و بلاءِ محترز

معنيٰ: ڏاها انسان اهي آهن، جيڪي ڪنهن آفت وگهي دوستن ڪي مرندو ڏسي سبق حاصل ڪن ۽ پاسو ڪن.

لومڙ پنهنجي سلامتيءَ جا شڪرانا ڪيا ۽ دل ۾ چيائين تہ "شڪر آهي، جو شينهن مون کي بگهڙ کان پوءِ شڪار جي ونڊ ورڇ لاءِ چيو. جيڪڏهن پهريائين مون کان پڇي ها، تہ حال بہ اهڙو ٿئي ها، جهڙو بگهڙ جو ٿيو."

## نصيحت - گذري ويلن جي احوال مان سبق پراءِ

اڳ گذريل انسانن تي ڪهڙيون ڪهڙيون سزائون خدا تعاليٰ جي طرفان نازل ٿيون. ڪهڙن ڪهڙن افعالن ڪري ٿيون؟ سي احوال معلوم ڪري اسان کي سبق ۽ نصيحت حاصل ڪرڻ گهرجي. اڳ گذري ويل انسانن جي بربادي‌ءَ جون نشانيون ڏسي اسان سبق حاصل نہ ڪيو، تہ اسان جو درجو لومڙ کان بہ گهٽ ليکبو. اسين جيڪڏهن هٺ ۽ موڙڪائي ڪري فرعون جي فوج ۽ عاد قوم جي احوالن مان نصيحت پرائي سڌيون رستو نہ ونداسون، تہ وري اسان جا پويان اسان جي گمراهيءَ ۽ نابوديءَ تي عبرت ڪندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٻارهين آڪاڻي

## حضرت يوسف ۽ سندس مهمان دوست!

حضرت يوسف عليه السلام جنهن وقت مصر جو بادشاهه هو، تنهن وقت وٽس هڪڙو اهڙو دوست مهمان ٿي آيو، جنهن ننڍي هوندي ساڻس رانديون رونديون ڪيون هيون. هڪ ٻئي سان رهاڻ ڪندي گذريل وقت جو احوال هڪ ٻئي کان پڇڻ لڳا. مهمان دوست حضرت يوسف کي سندس ڀائرن جيڪو ساڻس ڏاڍ ۽ حسد ڪيو هو سو ياد ڏياريو، تنهن تي حضرت يوسف فرمايو، ته آءٌ شينهن هوس، ڀائرن جيڪي مون سان ڪيو، سي زنجير هئا. شينهن کي زنجيرن سان منهن ڏيڻ ۾ ڪو مهٽو ڪونهي. حق تعاليٰ جي طرفان منهنجي باب ۾ جيڪي ٿي گذريو، تنهن بابت مون کي ڪا به شڪايت ڪرڻي نه آهي.“ وري دوست پڇيس، ته ”کوهه ۾ جڏهين قيد هئين، تڏهن ڪهڙو حال هيئي؟“ حضرت يوسف چيو، ”ايئن هئس جيئن آماس' رات ۾ چنڊ گم ٿي ويندو آهي ۽ پهرين تاريخ هلال جي صورت ۾ سنهڙو نڪري نروار ٿيندو آهي ۽ چوڏهين رات پوري شڪل ۾ ظاهر ٿي بيهندو آهي. سچو موتي ڪرل ۾ پيسجي ويندو آهي، ته منجهانئس اکين جو سوجهرو ۽ دل جي طاقت حاصل ٿيندي آهي. ڪڻڪ جو داڻو زمين ۾ پورجي ويندو آهي، ته وري سرسبز ٻوٽو ٿي ٻاهر نڪرندو آهي. ڪڻڪ جو داڻو جنڊ ۾ پيسندو آهي ته ان مان ماني تيار ٿيندي آهي، جنهن جي کائڻ ڪري اسان جي جان، عقل ۽ سمجهه سلامت رهندا آهن. روح وري خدا تعاليٰ سان محو ٿيندو آهي، تڏهن سدا جيئرو رهندو آهي.“ تنهن کان پوءِ حضرت يوسف پنهنجي دوست کان پڇيو ته ”تو منهنجي لاءِ ڪهڙي سوکڙي آندي آهي؟“ . . .

### نصيحت- آخرت لاءِ سوکڙي

قيامت جي ڏينهن حق تعاليٰ به انسانن کان پڇندو، ته قيامت لاءِ اوهان جي آندل سوکڙي ڪٿي؟ اي انسان! تون ننڊ ٿوري ڪر ۽ ٿورو کاءُ، ته حق تعاليٰ اڳيان ڪنهن سوکڙي نيڻ جهڙو ٿي پوين. ٿوري کاڌي سان نفس نماڻو رهندو ۽ رات جو جاڳي پنهنجي مالڪ سان من ملائڻ ڪري روحاني روشني حاصل ٿيندئي. نفس مات ٿيڻ ڪري چڱا افعال ۽ اعمال تو کان صادر ٿيندا. اهي اعمال ۽ روحاني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روشني تو کي آخرت لاءِ سوڪڙيءَ طور ڪم ايندا.

... مهمان دوست حضرت يوسف کي چيو، ته تو کي حق تعاليٰ ڪنهن به شيءِ جي کوٽ ڪانه ڏني آهي، تنهن ڪري مون کي ٻي ته ڪابه شيءِ سوکڙي طور تنهنجي اڳيان آڻيندي لڄ ٿي آئي، باقي تون حسن جو سج آهين، تنهن ڪري هي آئينو تنهنجي لاءِ سوکڙيءَ طور آندو اٿم، سو قبول ڪر. انهيءَ آئيني ۾ پنهنجو سج کي شرمائيندڙ منهن ڏسي منهنجي يادگيري پيو ڪج.“ حضرت يوسف عليہ السلام پنهنجي دوست جي اها سوکڙي قبول ڪئي ۽ جڏهن ان ۾ پنهنجو منهن ڏسندو هو، تڏهن هڪڙي پاسي پنهنجو يار ياد پوندو هوس ۽ ٻئي پاسي پنهنجي حقيقي محبوب جي شڪر گذاري ڪري ان جي اڳيان شرمسار ٿيندو هو ۽ پنهنجي منهنجي حسن کان، روح جي حسن کي وڌيڪ زيبوارو ڪرڻ لاءِ هردم ڪوشش ڪندو رهندو هو.

**نصيحت- هستيءَ جو آئينو**

هستيءَ جو آئينو حقيقت ڪري نيستي ئي آهي. اي انسان! تون جيڪڏهن مورک نه آهين (جيڪڏهن داناءُ آهين) ته ”نيستي“ اختيار ڪر، جيئن فقيرن ۾ ئي مالدار جي سخا پڌري ٿيندي آهي، تيئن ”نيستيءَ“ ۾ ئي ”هستي“ نظر ايندي آهي. ”نيستي“ پاڪ ۽ صاف درجو اهي، ”هستي“ گدلائي وارو غير شفاف درجو آهي. انسان جڏهن نيستيءَ ۾ نظر ڪندو تڏهن پاڻ سڃاڻندو ۽ ڪماليت جي درجي ڏانهن بنا رڪاوٽ جي، اسرندو ويندو. ”هستي“ (خود پرستي يا آپي) جهڙو ٻيو ڪوبہ مرض ڪونهي. شيطان کي انهيءَ هستيءَ لعنت جو طوق ڳچيءَ ۾ وڌو، جو حضرت آدم کان (تڪبر سبب) پاڻ کي اعليٰ سمجهيائين. بعلم باعور جهڙو عابد درويش حضرت موسيٰ سان تڪبر ڪري دوزخي بنجي ويو.

”جنهين ڀانيو پاڻ ڪيائين توائي تن کي“

انهي بابت هاروت ۽ ماروت نالي ٻن فرشتن جي آکاڻي ويچار سان پڙهي ڏسو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٻارهين آکاڻي

## هاروت ۽ ماروت جي خود ثنائي

هاروت ۽ ماروت ٻہ فرشتا هئا جن کي پنهنجي پاڪائيءَ ۽ پاڪدامنيءَ تي ڏاڍو فخر هوندو هو. هنن کي جڏهن دنيا جي ماڻهن کان ٿيل گناهن ۽ خرابين جي خبر پوندي هئي، تڏهن چڙ لڳندي هين ۽ خار پيا کائيندا هئا ۽ انسانن جي باري ۾ نفرت پيا ظاهر ڪندا هئا ۽ پاڻ کي پوتيءَ پاڪ پيا سمجهندا هئا...

**نصيحت- پاڻ کي نہ پڏاءِ**

خویش بین چون از کسی جرمی بدید

آتشی دروی ز دوزخ شد پدید۔

معنيٰ: ”پاڻ پڏائيندڙ شخص جڏهن ڪنهن ماڻهو کان گناه ٿيندو ڏسندو آهي، تڏهن هن کي چڙ ۽ باه وٺي ويندي آهي.“ منجهس جيڪو هٺ ۽ بيگناهي جو فخر هوندو آهي تنهن کي هو ديني حميت سڏيندو آهي. ايئن ڪين ڄاڻندو آهي تہ ديني حميت ڪا ٻي شيءِ آهي.

... الله تعاليٰ انهن پاڻ پڏائيندڙن فرشتن کي هدايت ڏيڻ فرمائي تہ ”اي فرشتو جيڪڏهن اوهان کي نورانيت مليل آهي، تہ اونداهيءَ ۾ پيل غافلن کي حقارت جي نظر سان نہ ڏسو. اوهان کي بہ جيڪڏهن نفساني شهوت ڏجي ها، تہ پوءِ جيڪر آسمان تي رهي ڪين سگهو ها. اوهين شڪر ڪريو جو اوهان کي نفساني خواهش کان پاڪ رکيو ويو آهي. اوهين پنهنجي پاڪائي ۽ پاڪدامنيءَ کي منهنجي عنايت ڪري سمجهو، پنهنجي سورهيائي نہ سمجهو. متان اوهان کي بہ شيطان گمراه ڪري وجهي. جيڪڏهن اوهان کي پکين جي ٻولي ڪرڻ ايندي، تہ بہ پکين جي دلين جي اوهان کي ڪهڙي خبر پوندي؟ جيڪڏهن بلبل جي ٻولي ڪري سگهندؤ، تہ بہ بلبل جيڪي گل کي چوندي، سو اوهين پروڙي ڪين سگهندا. جيڪڏهن سمجهندو، تہ بہ فقط گمان سان سمجهندؤ، جيئن ڪو ٻوڙو شخص پنهنجي مخاطب جا چپ چرندا ڏسي گمان سان پائيندو آهي تہ هيئن هيئن ٿو چوي...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تمثيل ١- ٻوڙي شخص جي بيمار شخص سان گفتگو:

هڪڙي ٻوڙي شخص کي ڪن ٻڌايو ته "تنهنجو فلاڻو پاڙيسري بيمار آهي." ٻوڙي دل ۾ چيو، ته آءٌ ان پاڙيسريءَ کان پڇڻ ته ضرور ويندس، پر هو جيڪو احوال مون سان ڪندو، سو ٻڌي ڪيئن سگهندس؟ هڪڙو ته بيمار ماڻهو ڳالهائيندو آهستي آهستي، ٻيو وري آءُ ڪنن کان صفا ٻُڙو. ڳالهه ته ڳري ٿي! پر مون کي وڃڻ ضرور گهرجي، پوءِ ان جا چپ چرندا ڏسي، پنهنجي عقل سان سمجهي سگهندس، ته هيئن يا هيئن ٿو چوي." آءٌ پڇندوسانس، ته ڪيئن آهين؟ ته ضرور چوندو "خوش آهيان" تڏهن آءٌ چوندس "الله سائين جا شڪرانا." وري پڇندو مانس ته "ڇا کائيندو آهين؟" هو ضرور چوندو "شربت يا رب" تنهن تي آءٌ چوندس "شال نيبهه هجيئي." وري پڇندومانس، ته "تنهنجي دوا ڪرڻ وارو حڪيم ڪهڙو آهي؟" ضرور چوندو "فلاڻو يا فلاڻو." چوندومانس "خدا تعاليٰ شال ان جا پير سجايا ڪري! آءٌ انهيءَ حڪيم کي چڱي طرح سڃاڻان، وڏو آزمودگار آهي، جتي ويندو آهي، اتان هٿ جس پائي ايندو آهي."

اهي خيالي جواب دل ۾ سٽي اهو ٻوڙو ان بيمار وٽ ويو ۽ ان جي سيرانديءَ کان وڃي ويٺو ۽ پڇيائينس، ته "ادا! ڪيئن آهين؟" بيمار چيو "مران ٿو." ٻوڙي چيو "شڪر آهي." ٻوڙي جو اهو جواب ٻڌي بيمار کي دل ۾ ڏک پيدا ٿيو، دل ۾ چوڻ لڳو، "هي منهنجو دشمن چئبو يا دوست؟" وري ٻوڙي پڇيس ته "ڇا کاڌو اٿيئي؟" بيمار جواب ڏنو ته "زهر" ٻوڙي جواب ڏنو ته "شال نيبهه هجيئي." وري ٻوڙي پڇيس ته "ڪهڙي حڪيم جي دوا ڪندو آهين؟" بيمار چيو ته "منهنجو حڪيم آهي عزرائيل." ٻوڙي چيو: الله سائين هن کي جَس ڏنو آهي، ان جا قدم شال سڀاڳا ٿين. آءٌ اڃهو ان حڪيم وٽان پيو اچان ۽ هن کي تنهنجي گهڻي پارت ڪئي اٿم." ٻوڙو جڏهن ٻاهر نڪتو، تڏهن ڏاڍو خوش ٿيو ۽ دل ۾ چيائين ته شڪر آهي. جو چڱي طرح سوڀ سان مهل ٿپائي آيس." بيمار دل ۾ چوڻ لڳو، ته "هيءُ ته ڪو منهنجو ظاهر ظهور دشمن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چئبو، جو منهنجي دل کي تسلي ڏيڻ جي بدران الٽو وڌيڪ بيمار ڪري ويو. اهڙو دوست ئي وڃي ڪٿ ۾ پوي.

## نصيحت- انومان تي هلڻ نہ گهرجي

اين قياس خويش را رو ترک کن،

کز قياس تو شود ريشت کهن

معنيٰ: اي انسان! (ٻوڙي وانگر) انهيءَ پنهنجي انومان کي ڦٽو ڪر، ڇاڪاڻ جو اهڙن انومانن جي ڪري، تون پنهنجي ڦٽ کي ناسور بنائي وجهندين. تنهنجو ڪن جيڪڏهن رڳو حرفن ٻڌڻ تي ڳنڍ ٿو ٻڌي ۽ حقيقت پروڙڻ جي طاقت نہ اٿس، تہ اهو پنهنجو ڪن ٻوڙو ڪري سمجھ.

... هاروت ۽ ماروت بہ مٿين آڪاٿيءَ واري ٻوڙي وانگر انومان تي لڳي انسانن جي حال تي فتوائون ڏيئي پاڻ پڏائيندا رهيا. الله تعاليٰ جي طرفان هدايت ملڻ تي بہ هو باز نہ آيا ۽ چوڻ لڳا، تہ "يا خدا! بيشڪ تنهنجي بچاءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ بچاءُ ڪونهي، پر اسين ڪڪ سان ڇئي سگهون ٿا تہ اسين جيڪڏهن انساني صورت ۾ زمين تي وڃي رهنداسون تہ بہ اهڙيءَ طرح اتي پاڪدامن ۽ صاف دل رهنداسون، جهڙيءَ طرح آسمان تي رهون ٿا. اسان جي پيدائش ڪامٽيءَ ۽ پاڻيءَ مان نہ آهي، جو انسان وانگر گناهن ۾ ڪاهي پونداسون؟ اسين زمين تي عدل ۽ انصاف ڪنداسون، رات جو وري آسمان تي اچي تنهنجي ذڪر ۽ تسبيح ۾ مشغول رهنداسون. زمين تي هر طرح امن امان ٿي ويندو ۽ سارو زمانو حيرت ۾ پئجي ويندو ۽ اسان جا ڳڻ ڳائيندو رهندو"...

## نصيحت- پنهنجي پهچ ۽ پڄنديءَ بابت ٻٽاڪ نہ هڻجي

اين قياس حال گردون بر زمين،

راست نايد فرق دارد در کمين.

معنيٰ: آسمان وارن فرشتن زمين تي رهڻ بابت جيڪي خيالي پلاءَ پچايا هئا، سي ڪارگر ثابت نہ ٿيا. انهن جي چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ وڏو تفاوت هو، جو انهن کي بہ معلوم نہ ٿيو. اي انسان! جتان فيض ۽ طاقت حاصل ٿي هجي، اتان جيڪا هدايت ٿئي، تنهن هدايت کان ٻاهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن به پنهنجي طاقت تي ڀانور نہ ڪجي. هاروت ۽ ماروت به خدا تعاليٰ کان مليل هدايت موجب عمل ڪن ها، تہ اهو بدنصيبيءَ جهڙو نتيجو لوڙڻو نہ پوين ها، جو نيٺ لوڙيو هئائون. خدا تعاليٰ ڪين فرمايو هو:

بربد يهاءِ بدان رحمت ڪيند،
برمنی و خويش بينی کم تنيد.
هين! مبادا غيرت آيد از ڪمين،
سرنگون افتيد در قعرِ زمين.

معنيٰ: ٻچڙن جون ٻچڙايون ڏسي انهن تي ترس ڪريو، خوديءَ ۾ خود بينيءَ تي تورِي ٻتاڪ هڻو. خبردار متان اوهان جي انهيءَ ٻتاڪ ڪري خدا تعاليٰ جي طرفان ڪا تبديلي برپا ٿئي ۽ اوهين زمين جي تري ۾ ڪنڌ ڀر وڃي ڪرو.

**نصيحت- نفساني خواهشون ڦٽيون ڪر**

همچون آهن ز آهنی بير نگ شو،
در رياضت آئينه بی زنگ شو.
خويش را صافی کن از او صاف خويش
تا به بينی ذات پاک صاف خويش.

معنيٰ: اي انسان! جيئن لوهہ (روات) سان گسي صاف ٿيندو آهي، تيئن تون ڪنهن ڪامل انسان جي صحبت ۾ رهي نفسانيت کان صاف ٿيءُ. زهد ۽ رياضتون ڪري پاڻ کي اڻ ڪٽيل آئينو بناءِ، خودي (خود پرستي) جي وصفن کان صاف ٿيءُ، تہ توکي پنهنجي سچي پچي روحانيت ۽ اصليت معلوم ٿي پوي. نفسانيت کان صاف ٿيڻ بعد توکي نبين وارا سڀ علم معلوم ٿي ويندا، جن کي سيکارڻ لاءِ توکي پوءِ ڪنهن ڪتاب يا پاڙهيندڙ جي محتاجي نہ رهندي. انهيءَ اندروني علم بابت هيءَ نقاشن جو قصو ڏيان سان ٻڌ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تيرهين آکاڻي
## چيني ۽ رومي نقاشن جو مقابلو

هڪڙي ڀيري چيني نقاشن ۽ رومي نقاشن جو پاڻ ۾ اچي بحث لڳو. چيني نقاش چون، تہ نقش (چٽسالي‌ءَ) جي ڪم ۾ اسين تکا آهيون ۽ رومي چون تہ اسين. چيني چٽسالي‌ءَ، بہ بنسبت هٿ جو هنر ڄاڻندا هئا ۽ رومي انهي‌ءَ فن بابت دل ۽ دماغ جو علم ۽ حڪمت ڄاڻندا هئا. آخر اهي ٻئي ڌريون وقت جي بادشاهہ وٽ فيصلي ڪرائڻ لاءِ آيون. بادشاهہ امين تي انهن جي نقاشي‌ءَ جي امتحان وٺڻ لاءِ تيار ٿيو. هڪڙي خلاصي ورانڊي جي هڪڙي پٽ چيني نقاشن جي حوالي ڪيائون ۽ ان جي آمهون سامهون ٻي پٽ رومي نقاشن کي ڏنائون. وچ ۾ پردو اڏو ڏيئي ڇڏيائون. چيني نقاشن رنگن جا هڪ سو نمونا گهريا، جيڪي بادشاهہ انهن کي موجود ڪرائي ڏنا، مگر رومين ڪنهن بہ رنگ جي گهر ڪانہ ڪئي. چيني نقاشن اهو هڪ سو ئي رنگ ڪم آڻي اهڙي قسم جي گلڪاري تيار ڪئي، جو ڇا ڪٿي چئجي ۽ رومين فقط پٽ کي اهڙي قسم جي سفيد ۽ صاف پالش ڪئي، جو پٽ آئينو بنجي پيئي. جڏهن ٻنهي ڌرين پنهنجي ڪم جي تيار هجڻ جي رپورٽ پادشاهہ کي پهچائي، تڏهن بادشاهہ پهريائين چيني نقاشن جي تيار ٿيل پٽ تي اچي ڏٺي. ان جا نقش ۽ نگار ڏسي حيران ٿي ويو ۽ انهن کي آفرين ڏنائين. وري پردو کڻي جان کڻي رومين جي پٽ ڏانهن نهاري، تہ چيني پٽ وارو سمورو نقش ونگار انتي اهڙو صاف ۽ چٽو نظر آيس، جو چيني پٽ تي نڪتل نقش و نگار ان جي مقابلي ۾ جهڪو ۽ زرد پئي لڳو. بادشاهہ انصاف ۽ انعام رومين کي ڏنو، جن جي فقط پالش (صيقل يا صفائي) چينين جي ساري چٽسالي‌ءَ کي پاڻ ۾ جذب ڪري ڇڏيو هو.

**نصيحت- دل جو آئينو صاف ڪراءِ**

رومیان آن صوفیان اند ای پسر
نی ز تکرار کتاب ونی هنر۔
لیک صیقل کرده اند آن سینه ها،
پاک زآز و حرص و بخل وکینه ها۔

معنيٰ: اي پٽ! صوفي درويش ئي رومي نقاش آهن، جيڪي ڪنهن بہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب پڙهڻ ۽ هنر سکڻ جا محتاج نہ آهن، مگر انساني دلين کي سڌ، لوڀ، ڪنجوسائيءَ ڪوتاين کان پاڪ ڪري ڇڏيندا آهن. جنهن سدوري شخص جي دل جو آئينو اهڙن روحاني صيقلگرن (نقاشن) صاف ڪيو آهي، تنهن جي دل ۾ اها پاڪ صورت نظر اچي ٿي، جا بي صورت آهي جيئن سڀ پنهنجي اندر ۾ سچا موتي سمائي چپ چاپ آرام ۾ پيئي رهي. تيئن اهڙي پرپور دل بہ راحت جي سمنڊ ۾ بي فڪري سان پيئي رهي. سڀ کي ٽوبڻ جي دست درازيءَ جو کٽڪو رهي ٿو، پر ان پرپور دل تي موت بہ غالب پئجي نٿو سگهي.

## چوڏهين آکاڻي

## حضرت زيد (رضي اللہ تعاليٰ عنہ) جي دل جو آئينو

هڪڙي ڏينهن صبح جو حضرت پيغمبر ڪريم صلي اللہ عليہ وسلم پنهنجي پياري پٺيلي غلام زيد رضي اللہ تعاليٰ عنہ کان پڇڻ فرمايو تہ "اي زيد تنهنجي رات ڪهڙي طرح گذري؟" حضرت زيد رضہ چيو "حضرتا! مومن ٻانهي جي حالت ۾ مون رات گذاري صبح ڪيو آهي." وري حضرت صلعم جن پڇيس تہ "ايمان جو باغ، جيڪو ڪليل ۽ برسيل هو ان جون نشانيون ڪهڙيون؟ زيد جواب ڏنو، تہ "آءٌ ٻچ ڏينهن کان رياضت ۽ عبادت ڪري ۽ روزن رکڻ ڪري سندس اجايل هوس. رات جو عشق ۽ سوز کان مون کي ننڊ ڪانہ آئي. رات ۽ ڏينهن کان آءٌ ائين جدا ٿي ويس، جيئن ڀالو سپر مان لنگهي ڌار ٿي وڃي. آءٌ اتي وڃي پهتس جتي سڀ مذهب هڪ آهن ۽ لک ورهيہ هڪ ساعت جي برابر آهن، جتي ازل ۽ ابد (شروعات ۽ پڇاڙي) ساڳي ڳالهہ آهي ۽ جتي عقل لاءِ پير کوڙڻ جي جاءِ ڪانهي. حضرت جن فرمايس "اتان ڪا اهڙي سوکڙي بہ آندي اٿيئي. جا هن دنيا جي عقل موافق هجي؟" حضرت زيد جواب ڏنو تہ "جيئن هن دنيا جي ماڻهن کي آسمان نظراچي ٿو، تيئن مون کي عرش ۽ عرش تي رهڻ وارا نظر اچن ٿا. اٺ بهشت ۽ ست دوزخ منهنجي نظر اڳيان ائين آهن جيئن بت پرست جي اڳيان بت. آءٌ هڪڙي ماڻهوءَ کي ائين پيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچائن جيئن جنڊ ۾ پيسڻ وقت ڪٽڪ ۽ جو سچائي سگهجن. ڪهڙا بهشتي آهن ۽ ڪهڙا دوزخي آهن، سي ايئن سچائي سگهان ٿو، جيئن نانگ ۽ مڇي سچائي سگهجي" اتي حضرت صلعم جن هڪل سان چوڻ فرمايو ته "بس! وڌيڪ نه ڪڇ" حضرت زيد اجا به بيخودي ۾ رهي وڌيڪ راز جون ڳالهيون کولڻ لڳو، پر حضرت صلعم جن گريبان کان جهلي ڇيس ته چپ ڪر. تنهنجو آئينو ڳوٿريءَ کان ٻاهر نڪري ويو آهي، ان کي بغل ۾ لڪاءِ. اهو آئينو حق جي ديدار حاصل ڪرڻ لاءِ آهي، پر خلق ۾ کولي رکڻ لاءِ نه آهي." حضرت زيد عرض ڪيو، ته "حضرتا حقاني پيچ کي بغل ۾ لڪايان؟ هي ته منهنجو بغل به ڦاڙي ٻاهر نڪري ويندو." حضرت صلعم جن فرمايس جيئن اک تي آڱر رکڻ سان سارو جهان سج سميت گم ٿيو وڃي، تيئن ادب جو پردو دل تي رکبو، ته حقاني راز ڍڪيل رهندا. الله تعاليٰ سمنڊ به انسان جي قبضي ۾ رکي ڇڏيا آهن. بهشت ۽ بهشت جون نهرون به روح جي فرمان ۾ رکيون آهن. انسان جا ڏه حواس ۽ ست عضوا به دل جي تابعداري ۾ رکيا آهن. اها دل تون پنهنجي لاءِ ايئن سمجهه، جيئن حضرت سليمان جي ڪرامتي منڊي. خبردار! ڪو شيطان صفت ديو اها منڊي توکان چورائي نه وڃي. اهو ديو تنهنجو اندر وارو نفس ئي آهي. هوشيار رهه.

## تمثيل ١- لقمان حڪيم جي حڪمت:

لقمان (جيڪو پوءِ لقمان حڪيم جي نالي سان مشهور ٿيو) سو (هڪڙي يهودي شاهوڪار) جي شيدي غلامن ۾ هڪڙو ننڍي عمر جو غلام هو. هي شڪل ۾ ڪارو شيدي پر سمجهه ۽ ذات وارو هو. لقمان کي سندس يهودي رئيس ٻين غلامن سان گڏ باغ مان ميوات چوندي اچڻ لاءِ موڪليو. غلام ھبچي ۽ حرڪتي هئا، تن اهي چونديل ميوا ڏؤ تي کاڌا پر لقمان ماٺيٽو ۽ ادب وارو هو، تنهن ڪوبه ميوو نه کاڌو. غلامن ياڻيو ته لقمان متان اسان تي چغلي هڻي، تنهن ڪري اڳرائي ڪري پنهنجي رئيس کي چيائون ته لقمان ميوا کاڌا آهن. رئيس لقمان تي اچي ڪاوڙيو ۽ کيس ڪنهن سزا ڏيڻ تي هو، ته لقمان عرض ڪيس "سائين چور غلام کي خدا تعاليٰ ڪنهن به ڪين بخشيندو. مون ۾ چوري ۽ خيانت جي عادت ئي ڪانهي، توهان مهرباني ڪري اسان جو امتحان وٺو پوءِ جيڪو چور ثابت ٿئي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن کي جيڪا سزا وٽيو سا ڏيو. هيئن ڪريو جو ٽورڙو گرم پاڻي اسان سيني کي ڏؤ تي پياري پوءِ اسان کي ميدان ۾ ڊوڙايو ته سچ ۽ ڪوڙ جي خبر پئجي وڃي. يهودي رئيس لقمان جي چوڻ موجب سيني غلامن کي گرم پاڻي پياري هر هڪ کي ڏار ڏار ميدان ۾ ڊوڙايو. جن غلامن ميوا کاڌا هئا، تن جي پيٽ مان کاڌل ميوا الٽيءَ جي رستي نڪري نروار ٿي پيا ۽ لقمان جي پيٽ مان فقط پاڻي نڪتو. لقمان کي يهودي رئيس آفرين ڏني ۽ ٻين غلامن کي جوڳي سزا ڏنائين.

## نصيحت- ڪوبہ انسان حق تعاليٰ کان ڏوهہ لڪائي نٿو سگهي

حکمت لقمان چون تاند این نمود

پس چه باشد حکمت رب الوجود۔

معنيٰ: جڏهن لقمان جي سياڻپ ٿي انهيءَ نموني ڏوهين جا ڏوهہ پڌار ڪري وڌا، تڏهن حق تعاليٰ جي دانائيءَ جي حڪمت جا ويچار ڪري ڏس، ته ان کان ڇا لڪي سگهندو؟ بيشڪ الله تعاليٰ بہ پاڪ ڪلام ۾ فرمايو آهي "وسقوا ماءَ حميما" (گنهگارن کي دوزخ ۾ گرم پاڻي پياريو ويندو) "يوم تبلي السرآئر" (قيامت جي ڏينهن گهنگارن جا سڀ ڪرتوت پڌرا ٿي پوندا." اي انسان توکي جيڪڏهن دوزخ جي ياهہ کان بچڻو آهي، ته حقيقي دوست (الله) جي محبت کان پاسو نہ ڪر، بلڪ ان جي اڳيان هر وقت سچائيءَ ۽ نياز سان ڪنڌ جهڪائي سجدو ڪندو رهہ.

... حضرت رسول ڪريم عليہ الصلواه والسلام جن پوءِ حضرت زيد کي هدايت ڪرڻ فرمائي ته "اي زيد! جيڪا زبان درازي غيب جي پردن سان دست درازي ڪري، سا وڏو عيب آهي. "غيب" يعني ڳجهہ اصل کان وٺي خدا تعاليٰ کي منظور آهي. "غيب" جي پردن کڻڻ کان پنهنجي زبان روڪڻ گهرجي، ته سڀ ڪو پل پنهنجي اميد ۽ خوف سان حق تعاليٰ سان پورو رهي ۽ ڪوبہ انسان "خدا تعاليٰ" جي رحم کان نا اميد نہ رهي. جيڪڏهن تون "غيب" جا پردا کوليندين ته پوءِ "غيب" بابت جيڪا اميد ۽ جيڪو خوف قائم رهڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهرجي، سو ڪيئن رهندو.

حق تعاليٰ فرمايو آهي ته، "يؤمنون بالغيب" هدايت حاصل ٿيل اهي انسان آهن، جيڪي "غيب" (اڻ ڏٺي) تي ايمان آڻين ٿا. حق تعاليٰ جي فرمودي تي يقين ۽ صدق رکي اڻ ڏٺي تي ويساهه رکڻ سچو ايمان آهي. جيڪڏهن بهشت ۽ دوزخ جو "غيب" اکين سان ڏسي پوءِ ان تي ايمان آڻبو ته اهو ڪلمو ايمان نه چئبو. تنهن ڪري اي زيد! آخرت جا احوال کولڻ بند ڪر.

## پندرهين آکاڻي

## حضرت عمر جي وقت ۾ شهر کي باهه لڳڻ

حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه جي وقت ۾ شهر کي اچڻ باهه لڳي. ماڻهن پاڻيءَ ته پاڻي، پر ٻي به جيڪا پاڻياٺي شي هٿ اچي سگهي پئي، سا باهه وسائڻ لاءِ ڪم آندي وئي، پر باهه بند نه ٿئي. ماڻهو حضرت عمر رضه وٽ ڊوڙي آيا ۽ اچي عرض ڪيائون ته "امير المومنين! اسان وس ڪري بيهي رهيا آهيون پر باهه وسامي ئي نٿي." حضرت عمر رضه فرمايو، ته "اي ڀائرو! اها باهه به خدا جي نشانين مان هڪڙي نشاني آهي اهو اوهان جي ڪنجوسائيءَ جي باهه جو پڙڪو آهي، جو اوهان جي گهرن کي وڪوڙي ويو آهي. پاڻي اڇلائڻ ڇڏي ڏيو، وچي خير خيرات ڪريو." ماڻهن عرض ڪيو، ته حضرتا! اسان گهرن جا دروازا کولي ڇڏيا آهن. اسين سخي آهيون، بخيل ڪين آهيون. حضرت فرمايو ته "هميشه جي رسم موجب خيرات ڏيو ٿا پر خاص خدا ڪارڻ دروازا کولي نه ڇڏيا اٿو. اوهان جو ڏيڻ وٺڻ فخر ۽ ڏيک ويک واسطي آهي، پر نه خاص طرح خدا جي خوف، عبادت ۽ تقوا (پرهيزگاريءَ) جي خيال سان آهي."....

### نصيحت- مال مايا سچائيءَ طرح خيرات ڪر

مال تخم است و بهر شوره منه،

تيــغ را در دســـت هر رهزن مــده-

معنيٰ: "مايا هڪڙو ٻج آهي، سو ڪلر ۾ نه هار ۽ تلوار رهزن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿ ۾ ڏيڻ نہ گھرجي (مال مايا اهڙي کي نہ ڏي، جيڪي خراب ڪم ۾ وجي ڪتب اٿين) "ديندار ۽ بي دين کي سڃاڻي پوءِ خيرات ڏي. ڪو حق تعاليٰ جو پيارو هٿ ڪري ان جي صحبت ۾ رهہ. اڪثر سڀ ڪو خيرات جي بهاني پنهنجن ذات ڀائين جي خوشامد ڪري ٿو ۽ پوءِ بہ سمجهي ٿو، تہ مون چڱيءَ طرح خيرات ڪئي آهي، اهو نادانن جو ڪم آهي. اهو ڪم اخلاص (خاص خدا ڪارڻ ڪم ڪرڻ) کان ٻاهر آهي.

### اخلاص عمل (خاص خدا ڪارڻ ڪم ڪرڻ)

از علی رضه آموز اخلاص عمل،

شیر حق را دان منزه از دغل۔

معنيٰ: اخلاص عمل جو نمونو حضرت علي المرتضيٰ (ڪرم الله وجہ) کان سک. انهيءَ شير خدا رضہ کي رياءَ ۽ ٺڳائيءَ کان بلڪل پاڪ دل سمجھہ.

## سورهين آکاڻي

## حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنہ ۽ بي ادب بي دين

هڪڙي لڙائيءَ ۾ حضرت علي (ڪرم الله وجهہ) هڪڙي پهلوان بي دين مخالف کي سخت مقابلي کان پوءِ ڌسي وڌو ۽ هن کان تلوار کسي هن جي سيني تي چڙهي ويٺو. تلوار سان هن جي سسي لاهڻ تي هو، تہ ايتري ۾ هن دسيل بي دين (جنهن حياتيءَ تان آسرو لاٿو هو،) تنهن بي ادب تي ٿڪ ڪٿي حضرت مولا سائين رضہ جي منهن ۾ هنئي. بي دين جي انهيءَ بي ادبيءَ جي هلت ڪري حضرت علي رضہ هڪدم هن جي ڇاتيءَ تان لهي پيو ۽ تلوار ڪٿي هٿ مان ڦٽي ڪيائين. بي ادب بي دين حضرت علي رضہ جي اهڙي رحم ۽ ٻي موقعہ ڪرم ڪرڻ تي حيران ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو "اي علي! تون مون تي سڀ ڪنهن طرح غالب هئين ۽ ڪهڙي نہ جوش سان تو مون کي ڌسيو ۽ منهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سسي ڪپڻ تي هئين! تو ڇا ڏٺو جو تنهنجو جوش ۽ غصو هڪدم ٺري ويو. تو مون کي دسي وري ڇڏي ڏيڻ ۾ ڪهڙي مصلحت ڏٺي؟ تو مون کي ڇڏي ڏيڻ ۾ ڪهڙي بهتري سمجهي؟ شجاعت ۾ ته تون بيشڪ پنهنجو مٽ پاڻ آهين، پر مروت ۾ تو کي ڇا سمجهجي؟

اي علي! آءٌ تنهنجي مروت کي ڏسي پنهنجي بي ادبيءَ تي نهايت شرمسار آهيان ۽ سچيءَ دل سان تنهنجي هٿان تنهنجو دين قبول ڪريان ٿو. پر مهرباني ڪري اهو اسرار مون کي ضرور سمجهاءِ.

حضرت علي رضہ هن کي ٻڌايو، ته "اي يار! شڪر، جو خدا تعاليٰ تو کي سچي دين قبولڻ جي توفيق بخشي. ٻڌ، آءٌ جيڪا تلوار ڪم آڻيان ٿو، سو خاص طرح خدا ڪارڻ لڙان ٿو. انهيءَ تيغ زنيءَ ۽ لڙڻ ۾ مون کي پنهنجو ذاتي غرض ڪوبہ نہ آهي، نہ پنهنجي نفس کي خوش ڪرڻ لاءِ وڙهان ٿو. تو کي مون دسيو ۽ تنهنجي سسي ڪپڻ تي هوس، سو بہ انهي ڪري، جو تون حق جو دشمن بنجي اسان سان لڙي رهيو هئين. آءٌ تنهنجي سيني تي چڙهي وينس ۽ تو ٿڪ ڦٽي ڪئي، تڏهن مون کي پنهنجي نفس ڪري چڙ پيدا ٿي. انهيءَ حالت ۾ گويا حق جي طرفان لڙڻ جو جوش ۽ منهنجي نفس جو جوش ٻئي اچي گڏيا. مون کي حق جي جوش سان نفس جي جوش کي ملائڻ بلڪل منظور نہ هو جيڪو ڪم آءٌ خاص خدا ڪارڻ ڪري رهيو هوس، تنهن ۾ نفسانيت ۽ ذاتي چڙ ڪم نہ اچي، تنهن ڪري مون تنهنجي مارڻ جي پچرئي ڪٽي ڦٽي ڪئي ۽ تنهنجي تلوار تو کي واپس ڪٽي ڏنيم. اي دوست، مون کي اها بہ خبر آهي، ته تنهنجو موت منهنجي فلاڻي نوڪر جي هٿان ٿيڻو آهي ۽ منهنجي انهيءَ نوڪر کي بہ حضرت رسول ڪريم عليہ الصلوات والسلام جن خبر ڏني آهي، ته اي ابن ملجم! تنهنجي هٿان ئي حضرت علي رضہ شهيد ٿيڻو آهي، تنهن تي ابن ملجم مون کي اچي چيو، "اي علي! تو جهڙي انسان جو خون منهنجي هٿان ٿئي، تنهن کان بهتر آهي، تہ تون منهنجي سسي لاهي ڇڏ. منهنجو خون تو کي مباح آهي." پر آءٌ پنهنجي نوڪر ابن ملجم کي ڪجھ بہ چوڻ ضروري نٿو سمجهان. خدا تعاليٰ جي طرفان منهنجي حق ۾ جيڪي ٿيڻو هوندو تنهن کي آءٌ اٿو اچڻ مناسب نہ ٿو سمجهان. جيڪڏهن منهنجي ڪنهن سان حب ۽ محبت آهي تہ بہ خالص خدا ڪارڻ آهي ۽ جي ڪنهن سان عداوت آهي تہ بہ خدا ڪارڻ آهي. پنهنجي غرض ۽ نفسانيت خاطر نہ ڪنهن سان دوستي اٿمءِ نہ دشمني: انهيءَ نو مسلم، حضرت علي رضہ جي حليمائي ۽ اخلاص ڏسي نہ فقط پاڻ سچي دل سان سچو دين اختيار ڪيو، پر پنهنجن عزيزن ۽ مٽن مائٽن کي بہ سچي دين ۾ داخل ڪيائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نصيحت- حليمائي جو اثر

او به تيغ حلم چندين خلق را
وا خريد از تيغ چندين خلق را
تيغ حلم از تيغ آهن تيز تر۔
بل ز صد لشكر ظفر انيگز تر۔

معنيٰ: ”ڏسو! حضرت علي المرتضيٰ (ڪرم الله وجهہ) حليمائيءَ جي تلوار سان ڪيتري ساري خلق کي ملھ وٺي ڇڏيو ۽ ڪيترا سارا گل تلوار سان ڪپجڻ کان بچايا. حليمائيءَ جي تلوار رڳو جي تلوار کان وڌيڪ تکي آهي، بلڪ سؤ سپاهين جي فوج کان وڌيڪ فتحمند آهي.“ حضرت علي رضہ جيڪڏهن حليمائي ڪم نہ آڻي ها، تہ فقط هڪڙو ڪافر قتل ڪري ها، پر حليمائي ڪم آڻڻ سان اهو ڪافر پنجاه عزيزن سان اسلام ۾ آيو، تنهن ڪري چئبو تہ رڳو جي تلوار هڪڙو مخالف ڪٽي ها، پر حليمائي ايڪونجاه مخالف ڪٽيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حقاني قرب حاصل ڪرڻ ۾ اٽڪاءُ ۽ انهن جا علاج

### (١) حرص ۽ هوس:

آفت اين در هوا و شهوت است

ورنه اينجا شربت اندر شربت است

(هيءُ جو مثنوي شريف جي دفتر جو دروازو کوليو ويو آهي، تنهن دروازي ۾ داخل ٿي فيض يا حقاني قرب حاصل ڪرڻ ۾ جيڪڏهن طالبن لاءِ) ڪا وڏي ۾ وڏي آفت، وڏي ۾ وڏي مشڪلات يا وڏي ۾ وڏو اٽڪاءُ آهي ته حرص ۽ هوس ئي آهي، نه ته هونءَ هن دفتر ۾ دل ۽ دماغ کي روشني ۽ طاقت بخشيندڙ لذت ڀريا روحاني شربت هڪ ٻئي پٺيان پلٽايا ويا آهن. سڀ ڪنهن نيڪ ڪم ۾ ظاهري توڙي باطني اٽڪاءُ ضرور آهن. هڪڙي متفق عليه حديث شريف ۾ چيل آهي ته سخت اٽڪائن ۽ تڪليفن کي منهن ڏيندڙ جي آخري منزل بهشت آهي ۽ نفساني لذتن ۽ مزن ماڻڻ واري جو گهر دوزخ آهي. تنهن هوندي به ڪي حرص ۽ هوس جا پتلا خدائي ڪلام جهڙي پاڪ ڪتاب کي به پنهنجي لاءِ هدايت جي وسيلي بنائڻ جي بدران حرص ۽ هوس جا تابعدار ٿي تفاوت ۽ گمراهيءَ جو وسيلو بنائين ٿا. (جيئن فرمايل آهي ته گهڻا حرص ۽ هوس ۾ مبتلا ٿي قرآن شريف پڙهندي به گمراه ٿيو وڃن ٿا ۽ گهڻا قرآن شريف کي سچيءَ هدايت حاصل ڪرڻ جو وسيلو سمجهي ان مان هدايت حاصل ڪن ٿا)، تڏهن اسان کي به هنن توحيد ۽ روحانيت ڀريل مضمونن جي دروازي کوليندي انهي حرص ۽ هوس جي آفت جو انديشو رکڻو پوي ٿو، ته متان ڪو ڪم فهم ۽ هلڪڙو طالب حرص ۽ هوس ۾ مبتلا ٿي هنن توحيد ۽ روحانيت ڀريل مضمونن مان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گمراهيءَ جو رستو اختيار ڪري. بعضي علم ۽ روحاني روشني حاصل ڪرڻ ۾ اتڪاءُ بنجي پوندو آهي، مثلا طالب لاءِ ڪامل استاد نہ ملڻ، غفلت، سستي ۽ ويسر، يا طالب ۾ غرور، رياڪاري ۽ حق لڪائڻ جو اوگڻ پيدا ٿيڻ.

حرص ۽ هوس جي آفت کي ٽارڻ جو پهريون علاج آهي وات ۽ زبان تي قبضو ڪرڻ.

## (٢) وات ۽ زبان:

ايئن دهان بربند تا بيني عيان

چشم بند آن جهان حلق ودهان

اي انسان! پنهنجي وات کي وس آهر طعام ۽ ڪلام کان بند رک تہ معرفت جا اسرار پڌرائي پڌرا پسين. حقيقت هيءَ آهي، تہ وات ۽ نڙيءَ جو چشڪوئي عالم ارواح جي طرف کان اهڙي طرح "بي بصر" ڪري ٿو، جو گويا اکين تي پٽي ٻڌيو ڇڏي. طعام ۽ ڪلام انسان جي زندگيءَ جا بہ ضروري ڪم آهن، جن جو مرڪز وات آهي. وات بند رکڻ جي مراد اها نہ آهي تہ کائڻ ۽ ڳالهائڻ صفا بند ڪري ڇڏ، پر وات بند رکڻ جو مطلب آهي ٿورو کائڻ ۽ ٿورو ڳالهائڻ. حضرت رسول ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو آهي، تہ "مسلمان جي خوبي اها آهي، تہ اجائي ۽ بي معنيٰ گفتگو نہ ڪري." ٻيون بہ ڪيتريون حديثون آهن، جن ۾ تاڪيد ٿيل آهي تہ چرچي ڀوڳ، گار گند، طعني تنڪي، ڪوڙي قسم کڻڻ، پاڻ پڏائڻ، وعده خلافي، ڪوڙ، گلا، چغلي جهڙن اوگڻن کان زبان سنڀالڻ گهرجي. زبان قبضي ۾ رکڻ مان سوين فائدا آهن.

اي وات! تون جڏهن کائڻ ۽ ڳالهائڻ لاءِ کلين ٿو، تڏهن برن نتيجن نڪرڻ جي لحاظ کان گويا تون دوزخ جو منهن آهين، تنهن ڪري تنهنجو بند رهڻ ئي بهتر آهي. اي دنيا! کائڻ ۽ ڳالهائڻ کانسواءِ تو ۾ گذارڻ بہ مشڪل آهي، ڇاڪاڻ تہ تون نيڪي ۽ بديءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو وچ آهين، تنهن ڪري تو ۾ زندگيءَ کي قائم رکڻ به ضروري ڳالهه آهي، انهيءَ لاءِ ته اهو ڪاڏو پيتو ۽ ڳالهه ٻولهه چڱن اعمالن ڪرڻ جو وسيلو بنجي.

"دنيا ۾ اطاعت، عبادت ۽ نيڪ ڪم ڪري پاڻ کي بهشت جو مستحق به بنائي سگهجي ٿو ۽ بڇڙن ڪمن ڪرڻ سان پاڻ کي دوزخ جو لائق به ڪري سگهجي ٿو، تنهن ڪري دنيا آهي "برزخ" (بهشت ۽ دوزخ جي وچ وري منزل) جنهن ۾ طعام ۽ ڪلام فقط ضرورت آهر ڪم آڻڻ گهرجن. سدا قائم رهڻ وارو هدايت جو نور هن ڪمينيءَ دنيا جي اونده ۾ ڪلهو ڪلهي ۾ لڳايو پيو آهي ۽ نيڪ ڪمن جو صاف ۽ نج کير، گناهن ۽ خرابين جي رت پريل نديءَ سان گڏو گڏ پيو وهي. جيئن رت ۽ کير جو مادو ساڳيوئي آهي تيئن دنيا جون ڪيتريون ئي خصلتون، اعمال، افعال ۽ اخلاق ڪن حالتن ۾ کير يعني نفعو بنجيو پون ٿا، ته ڪن حالتن ۾ رت يعني نقصان بنجيو پون ٿا مثلا غصو جيڪڏهن خالص خدا ڪارڻ آهي، ته کير آهي، پر جيڪڏهن نفسانيت پنيان آهي، ته رت آهي. خرچڻ ڪپائڻ جيڪڏهن پنهنجي عيال جي زندگي ۽ صحت برقرار رکڻ لاءِ آهي ته کير آهي، پر جيڪڏهين نفساني لذتن لاءِ آهي ته رت آهي. جيڪڏهن هن دنيا ۾ تون بي احتياطيءَ سان هلندين چلندين ته پوءِ تنهنجن نيڪ اعمالن جو کير گناهن ۽ خرابين جي ملاوٽ سببان رت وانگر ناپاڪ ٿي پوندو.

بي احتياطي يا لاغرضائيءَ سان ڪوبه نيڪ عمل فاسد ۽ خراب ٿي پوي ٿو. نماز، روزو، زڪواة، حج وغيره سيني عبادتن ۽ عملن ۾ احتياط ضرور رکڻ گهرجي.

## تمثيل ١- حضرت آدم جي ڀُل ۽ پڇتاءُ:

يک قدم زد آدم انـدر ذوق نفـس،
شد فراق صدر جنت طوق نفس۔



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ڏسو حضرت آدم عليہ السلام پنهنجي نفس کي خوش ڪرڻ لاءِ داڻي کائڻ سان خدائي حڪم جي برخلاف هڪڙو قدم کنيو هو، تہ بهشت جي اعليٰ مڪان مان نڪرڻ جي مصيبت سندس ڳچيءَ جو هار بنجي پيئي هئي.) حضرت آدم ۽ بي بي حوا کي خدا تعاليٰ حڪم ڏنو هو، تہ اوهين ٻئي ڄڻا بهشت ۾ گهاريو گذاريو ۽ ٻي جيڪا بہ شيءِ اوهان کي وڻي سا کائو پيو، پر هن وڻ کي ويجهو بہ نہ وڃجو نہ تہ خرابيءَ ۾ پئجي ويندؤ. شيطان، جنهنجو حضرت آدم سان اصل کان وني وير هو، سو انهن (آدم ۽ حوا) کي ڦري آيو ۽ انهن جي دل ۾ وسوسا وڌائين ۽ چيائين تہ "اوهان ٻنهي کي خدا تعاليٰ هن وڻ جي ميوي کائڻ کان روڪيو آهي، سو رڳو هن ڪري تہ اوهين ٻئي ڄڻا متان فرشتا بنجي پئو يا هميشہ هتي بهشت جا رهاڪا ٿي وڃو." شيطان قسم کڻي انهن کي چيو تہ "آءٌ اوهان جو خيرخواه ٿي اوهان کي نصيحت ٿو ڪريان تہ انهيءَ وڻ جو ميوو اوهين ضرور کائو" نيٺ شيطان جي برغلائڻ تي حضرت آدم ۽ بي بي حوا انهيءَ وڻ جو ميوو کائي ويٺا. هڪدم کائڻ جنتي لباس لهي ويو ۽ وڻن جي پنن سان پنهنجي اوگهڙ ڍڪڻ لڳا، جنهن تي اڳ نظر بہ ڪانہ پوندي هين. تنهن تي الله تعاليٰ جو حڪم آين، تہ "مون اوهان کي منع ڪين ڪئي هئي، تہ هن وڻ کي نہ چکجو؟ اوهان کي ٻڌايو ڪين هوم تہ شيطان اوهان جو ظاهر ظهور دشمن آهي؟ هاڻي نڪرو بهشت مان ۽ وڃي زمين تي رهو.

همچو ديو از وی فرشته می گريخت

بهر نانی چند آب از چشم ريخت

(جن فرشتن آدم کي تعظيم جو سجدو تي ڪيو سي هينئر هن کان ايئن پري ڀيڻ لڳا، جيئن شيطان کان پري ڀڄي. بي احتياطيءَ سببان وڻ جي ڪجھ خوراڪ کائڻ جي عيوض حضرت آدم کي هنجون هارڻيون پيون.) دستور آهي، تہ جڏهن ڪنهن عملدار تي بادشاه ناراض ٿيندو آهي، تڏهن سڀ امير، وزير ۽ درٻاري دوست بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڪان منهن موڙيندا آهن. تنهن ڪري حق تعاليٰ جو حضرت آدم تي عتاب فرمائڻ ۽ فرشتن جو هن ڪان ڪني ڪرڻ. حضرت آدم جو گناه جيتوڻيڪ ڪو اهڙو ڳرو گناه نہ هو مگر ان جي نازڪ درجي (مرتبي) ۽ پاڪيزگي آستان جي مدنظر اهو ننڍڙو گناه بہ سخت ڏوه ليکجڻ ۾ آيو. حضرت آدم جو درجو اهڙو بلند ۽ اعليٰ هو، جو هو گويا ذات حق جي اک هو. اک جهڙي نازڪ عضوي ۾ هڪڙو وار بہ ڍنگر جهڙو ناگوار بار لڳندو آهي.

**نصيحت- پڇڻو نہ منجهڻو**

گر دران حالت بکردی مشورت

در پشیمانی نگفتی معذرت۔

(حضرت آدم جيڪڏهن شيطان جي برغلائڻ واري حالت ۾ حق تعاليٰ ڪان هدايت وٺي ها، تہ پوءِ جيڪر ائين پشيمان ٿي پڇتائڻو نہ پويس ها. ڪنهن بہ غلطيءَ ڪان بچڻ لاءِ خدا تعاليٰ ڪان رهنمائي گهرڻ ضروري آهي، پوءِ اها سڌي طرح خدا تعاليٰ ڪان انسان کي عطا ٿئي يا ڪنهن روحاني رهنماءَ جي معرفت ملي. تنهن ڪري سڀ ڪنهن طالب کي گهرجي تہ روحاني غلطين ۽ گمراهين کان بچڻ لاءِ ضرور ڪنهن نہ ڪنهن رهنما جي پٺ وٺي. الله تعاليٰ پنهنجي پاڪ ڪلام ۾ فرمايو آهي، جيڪڏهن اوهان کي ڄاڻ نہ هجي، تہ ڄاڻن کان پڇندا ڪريو.

**(٣) مرشد هٿ ڪرڻ جي ضرورت:**

رو بجو یار خدائی را تو زود

چون چنان کردی خدایار تو بود

(اي طالب! تون جلد وڃي ڪنهن ولي الله جي تلاش ڪر، جڏهن تون ائين ڪندين، تڏهن پڪ ڄاڻج تہ خدا تعاليٰ تنهنجو حامي همراه ٿي رهندو.) زماني ۾ اسين ڏسون پيا، تہ دوست جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوست ٻہ اسان جو دوست ٿيو پوي ٿو، پوءِ جيڪڏهن الله جي
ڪنهن دوست کي پنهنجو دوست بنائيندين تہ اڻ پڇيو الله تعاليٰ ٻہ
تنهنجو دوست ٿي پوندو. انسان جڏهن ڪنهن ٻہ مشڪلات يا
مسئلي ۾ پنهنجي عقل کان ڪم وٺي نہ سگهي، تڏهن ٻئي عقل
واري جي مدد وٺڻ سان هو پنهنجي مشڪلات جلد حل ڪري
سگهي ٿو. ساڳي طرح سان روحاني بزرگن جو عقل ئي مدد ڏيئي
سگهندو. گوشہ نشيني ڏارين کان ٻہ ڪبي آهي، يارن کان ڪانہ
ڪبي آهي. پوستين سياري لاءِ سبائبي آهي، بهار لاءِ نہ سبائبي آهي.
جڏهن توکي ڪو ولي الله هٿ اچي تہ ان جي خدمت ۾ اهڙيءَ طرح
رهہ، جيئن ان کي ناراض ٿيڻ لاءِ ڪوبہ سبب پيدا نہ ٿئي، ڇو تہ
مرشد ناراض هئڻ جي حالت ۾ ڪيئن فيض بخشي سگهندو؟ مرشد
هڪڙو آئينو آهي، جنهن ۾ جهاتي پائڻ سان مريد پنهنجا سڀ عيب
معلوم ڪري سڌاري سگهي ٿو، تنهن ڪري اي طالب! آئيني تي متان
ڪڏهين ڦوڪ ڏين. مرشد جي اڳيان ڪڏهن ٻہ دم نہ هڻج، بلڪ
صبر ۽ سانت ۾ رهج تہ سندس صحبت مان فيض حاصل ڪرين

**تمثيل ٢- وڻ، زمين ۽ بهار جي موسم:**

کم ز خاکی؟ چونک خاکي يار يافت،
از بهاري صد هزار انوار يافت۔

(تون مٽيءَ کان ٻہ وئين ڇا؟ مٽي جڏهن پنهنجي دوست موسم
بهار سان ملي ٿي، تڏهن ان جي صحبت مان فائدو حاصل ڪري
لکين گل حاصل ڪري ٿي.) وڻ جڏهن پنهنجي دوست موسم بهار
جي همراهي حاصل ڪري ٿو، تڏهن ان جي صحبت مان فيضياب
ٿي نهن کان چوٽيءَ تائين سرسبز ٿيو پوي. وڻ جڏهين موسم خزان
۾ مخالف رفيق جو پاڻ تي پاڇو ڏسي ٿو، تڏهين هو پنهنجي سرسبزي
۽ شادابي ڦٽي ڪري اوگهڙ جي اوڇڻ ۾ ڪٽيو پاڻ کي ويڙهي ٿو.
ڪامل ولي بهارجي موسم وانگر آهي، هن کان سرسبزي ۽ شادابي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاصل ڪر. نااهل ولي خزان جي موسم برابر آهي هن جي صحبت مان سوڪ ۽ ساڙ ڪانسواءِ ٻيو ڪجھ به حاصل نه ٿيندو. جيئن ”اصحاب ڪهف“ دقيانوس جي مجلس ۾ رهڻ کان غار ۾ ويهي سمهي پوڻ پسند ڪيو هو، تيئن اي طالب! ڪنهن نااهل جي صحبت کان اڪيلائيءَ ۾ سمهي پوڻ بهتر چاڻ.

**(۴) ننڊ ۽ سجاڳي:**

خواب بيداري ست چون بادانش ست
واي بيداري كه نادان نشست.

(خدا شناسيءَ واري ننڊ به حقيقت ڪري سجاڳي آهي، انهيءَ جاڳندڙ جي حال تي ارمان آهي، جو ڪنهن نا اهل ۽ معرفت کان ناواقف ماڻهوءَ جي صحبت ۾ ويهي وقت وڃائي ٿو.) مشڪوات شريف ۾ هيءَ حديث آيل آهي ته ”علم جي سبق ڏيڻ ۽ وٺڻ ۾ رات جي هڪڙي گهڙي مشغول رهڻ ساري رات جي عبادت کان بهتر آهي. رات مان ايترو وقت ننڊ ڪي ڏجي جيتري مان صحت برقرار رهي. باقي سڀ وقت رات جو عبادت، تعليم ۽ تعلم ۽ رشد ارشاد ۾ صرف ڪرڻ گهرجي. ويچار ڪرڻ گهرجي ته جڏهن عبادت جي سجاڳي تعليم ۽ تعلم (پڙهڻ ۽ پاڙهڻ) جي ننڊ اڳيان پست آهي، تڏهن گمراهيءَ جي سجاڳي، جا نا اهل شخص سان گذري ٿي، سا انهيءَ ننڊ بنسبت ڪهڙي ليکي ۾ ليکبي، جنهن ننڊ لاءِ فرمايل آهي ته اها ننڊ سجاڳيءَ جهڙي ۽ تعريف جوڳي آهي.“

**(۵) ڪوتن جي ياري:**

چونک زاغان خيمه بر گلشن زدند
بلبلان پنهان شدند وتن زدند.

جڏهن باغ ۾ ڪانگن اچي ديرو دمايو آهي، تڏهن بلبليون لڪي ويون آهن ۽ چپ چاپ ۾ پيون گذارين.) زماني جي هوا بدلجڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري جيئن اهل الله بزرگ ڪوتن ۽ اهل باطل کان پاسو ڪري علحدا گذارين ٿا. تيئن اي طالب! تون به ناجنس ۽ نااهل جي صحبت کان پري رهه. حضرت رسول ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن هڪڙي موقعي تي سانده ٿي ڀيرا هي لفظ چوڻ فرمايا هئا ”سدورو شخص اهو آهي، جو فتنہ انگيزي جهڙن ڪمن کان پري گذاري.“

گلزار ڪانسواءِ بلبليون ماٺ ۾ رهنديون آهن ۽ سچ جو نہ هجڻ سجاڳيءَ لاءِ موت آهي. عارفن لاءِ معتقدن ۽ مريدن جو حلقو هڪڙو گلزار آهي، جتي ڪن سياه ڪار ڪانگن جي غلبي سبب جو جڏهن عارف، (حق تنوارينڌڙ بلبلن) سچن معتقدن ۽ مريدن جو حلقو نٽا قائم ڏسن تڏهن اتي چپ چاپ ۾ رهڻ ئي بهتر ٿا سمجهن. جيئن سچ ايرڻ شرط دنيا ۾ سجاڳي ۽ هلچل شروع ٿي ويندي آهي ۽ سج لهڻ کان پوءِ اها سجاڳي ۽ هلچل نري ويندي اهي، تيئن مريدن ۽ معتقدن جو حلقو، جيڪو عارفن جي جوش ڪلام لاءِ محرڪ جي لحاظ کان سج جي برابر آهي، سو جيڪڏهن نہ آهي تہ عارفن جي بيداري يعني اظهار اسرار ۾ بہ خاموشي ڇانئجو وڃي.

**(٦) ظاهري ۽ حقيقي سج ۾ تفاوت:**

(اي ظاهري سج! توکي زمين جي ٻئي پاسي روشن ڪرڻ لاءِ هي گلشن (زمين جو مٿيون پاسو) ڇڏڻو پوندو آهي، پر معرفت جي سج کي هڪڙي هنڌان هٽي ٻئي هنڌان ايرڻ جي ضرورت نہ آهي. ان جي ايرڻ جي جاءِ روح ۽ عقل کان سواءِ ٻي ڪا بہ نہ آهي.) اها تہ ٿي ظاهري سج ۽ معرفت جي سج (ڪامل ولي) جي ڀيٽ، پر آفتاب حقيقي (حق تعاليٰ) جيڪو عالم امڪان کان ٻاهر آهي، ان جو ڪهڙو بيان ڪري سگهبو! ان جو ڪم آهي رات ڏينهن (بنا ناغي) ساري مخلوقات جي هر هڪ شيءِ کي روشني پهچائڻ. معرفت جو سج (ڪامل ولي) جنهنجو فيض طالبن کي هر وقت پهچي ٿو سو فيض رسائيءَ ۾ ظاهري سج کان وڌيڪ آهي ۽ ان جو تعلق ”عالم امڪان“ (هن جهان) سان آهي، پر حقيقي آفتاب، جنهنجو نوراني .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فيض ايتري قدر وسيع آهي جو ڪائنات جو ذرو ذرو منور آهي، تنهن جو تصور ڪرڻ محال آهي.

**(٧) ظاهري ۽ باطني حواس:**

حس خفاشت سوءِ مغرب دوان

حس درپاشت سوءِ مشرق روان-

(تنهنجو چمڙي جهڙو حواس يعني تنهنجو چنجهو حواس مغرب (ناسوت يا جسماني عالم) ڏانهن وڃي رهيو آهي ۽ تنهنجو موتي چنڊيندڙ حواس (جيڪو نورانيت جو طالبو آهي، سو) مشرق يعني مطلع انوار الهيه ڏانهن ڪاهيندڙ آهي.) اي انسان! تو ۾ ٻن قسمن جا حواس (احساس جون طاقتون) آهن. هڪڙا چمڙي جي سياءَ وارا حواس، جيڪي ناسوت (جسماني عالم) جي اونده تي مست آهن. چمڙي وانگر روشني ۽ نورانيت کان لڪندڙ ۽ اونده (نفسانيت) تي اکن چڪن آهن، ۽ موتي چٽيندڙ حواس، جيڪي حقاني نور جو احساس رکن ٿا. انسان جا ظاهر وارا پنج حواس، (اکيون، ڪن، نڪ، زبان ۽ چمڙي) سياءَ وارا حواس آهن- جن جو لاڙو مغرب يعني نفسانيت ۽ جسمانيت ڏي آهي. اي انسان! انهن چمڙي صفت حواسن جي قندي ۾ پاڻ نه ڦاساءِ، پر موتي چنڊيندڙن اندرين پنجن حواسن (حس مشترڪ، خيال، وهم، حافظو ۽ متصرفه) کان ڪم وٺ، جيڪي خدا تعاليٰ سان واصل ڪندڙ آهن ۽ مجاهده ۽ رياضت سان تقويت حاصل ڪن ٿا. اي معرفت جا طالبو! تنهنجن پنجن ظاهر حواسن وارو رستو ته دنيا جي گڏهن وارو رستو آهي. تون ڪو شرم ته ڪر. هيڏي انساني شرف ۽ شان هوندي به گڏهن وانگر پيو هلين چلين! دنيا جا طالبوئي دنيا جا گڏه آهن، ڇاڪاڻ ته نفساني لذتن جو ڪک ڪچرو، چرڻ چگهڻ انهن جوئي شيوو آهي. حق جي طالب کي ڪڏهين به انهن دنيا جي طالبن وارو رستو وٺڻ نه گهرجي. لذتن ۽ خواهشن ترڪ ڪرڻ جي اها مراد نه آهي ته بکن ۽ اڃن ۾ پاڻ کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڪائي ٻڙنگ ڪجي. ايئن ڪرڻ جي نہ اسلام ۾ سخت منع آهي، جيئن تہ "لارهبانيت في الاسلام" (سنياسي يا راهب ٿي رهڻ اسلام ۾ جائز نہ آهي.) تنهن ڪري ترڪ لذت جي معنيٰ آهي ٿورو سمهڻ، ٿورو کائڻ، حد ۽ اعتدال کان ٻاهر قدم نہ کڻڻ. حضرت رسول ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن پنهنجن اصحابن کي فرمايو تہ "مون کي توهان سڀني کان وڌيڪ خدا جو خوف ۽ تقوا آهي تنهن هوندي بہ روزا رکان ٿو، ڪڏهن (لاچاري حالتن ۾) ڇڏي بہ ٿو ڏيان، نماز بہ پڙهان ٿو، ننڊ ڪريان ٿو، گهربار جا فرض بہ ادا ڪريان ٿو، پوءِ جو شخص منهنجي انهيءَ سنت (دستور) کان منهن موڙيندو سو منهنجي جماعت ۾ داخل نہ سمجهڻ گهرجي. (مشڪوات شريف) اي انسان! هي جيڪي تنهنجا ظاهري پنج حواس آهن، سي گويا ٿامون آهن ۽ تنهنجا اندروني پنج حواس گويا سون آهن. اندروني پنجن حواسن (مشترڪ، حسن خيال، وهم، حافظو ۽ متصرفہ) کان سواءِ اهل تصوف اجا بہ ٻيا روحاني حواس ليکين ٿا، جن کي حواس مجرده، خالص حواس يا "لطائف ستہ" ڇهہ لطيف (تمام نازڪ) جنسون چوندا آهن. اهي هي آهن:- (١) قلب (٢) روح (٣) نفس (۴) سر (٥) خفي (٦) اخفيٰ. قلب جي جاءِ دل آهي، روح جي جاءِ ڇاتيءَ جو ساڄو پاسو آهي، نفس جي جاءِ دن هيٺان آهي، سر جي جاءِ ڇاتيءَ جي وچ تي معدي جي منجهہ آهي، خفي جو آستان پيشاني آهي ۽ اخفيٰ جو آستان دماغ آهي. سچو سون اهي ئي روحاني حواس آهن، جن کي لطائف ستہ يا لطائف غيبيہ چئجي ٿو.

اندران بازار ک اهل محشر نند
حس مس را چون خس زرکی خرند؟

قيامت جي ڏينهن جن کي حساب ڪتاب ڏيڻو آهي، سي ٿامي جهڙن حواسن (ظاهري ۽ جسماني حواسن) کي سون جهڙن حواسن (حواس مجرده يا ٻحواس روحانيت) جي اگهہ تي ڪيئن خريد ڪندا؟ اي طالب! توکي بہ جسماني حواسن جي محتاجي ڦٽي ڪري روحاني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حواسن هٿ ڪرڻ ۽ انهن ڪان ڪم وٺڻ گهرجي. هي جسماني حواس ته ناسوت (جسماني دنيا) جي خوراڪ جا هيراڪ آهن. روحاني حواس (حواس مجرده يا لطائف سته) حقاني سچ ڪان روشني حاصل ڪرڻ جا هيراڪ آهن.

**(٨) روح جي ڪا ذات نه آهي:**

روح با علم است و باعقل است یار
روح را با ترکی وتازی چه کار
تو نه ایئن باشی نه آن در ذات خویش
ای فزون ازو همها وز بیش بیش

(جهڙيءَ طرح روح علم ۽ عقل سان موصوف آهي، ان کي ترڪ، عرب، وغيره سان ڪوبه خاص تعلق نه آهي، تهڙيءَ طرح اي انساني وهم ۽ عقل ۾ اچڻ ڪان زياده اعليٰ ۽ بالا پاڪ ذات پروردگار! تون نه هي (جيڪي شيون اسين ظاهري حواسن سان دنيا ۾ ڏسي سگهون، تن جهڙو) آهين ۽ نڪي هو (جيڪي شيون عقل ۽ ويچار ۾ آڻي ٿا سگهون تن جهڙو) آهين، اي شڪل شباهت ۽ جنس ڪان پاڪ حقاني ذات! جيتوڻيڪ تنهنجو مظهر (ظهور جا هنڌ) يا هستيءَ جا ثبوت دنيا ۾ گهٽائي آهن، ته به تنهنجي پاڪ ڳجهه پروڙڻ ۾ سڀ حيران آهن، جيڪي توکي مخلوق شين سان مشابهت ڏيڻ جي غلطي ڪن ٿا سي ته ڀليل آهن، پر جن کي تنهنجي "تنزيه" ۽ "توحيد" جو خاص خيال آهي، سي به منزل مقصود تي پهچڻ ڪان عاجز آهن. ظاهري حواسن جا پابند ٿي ڪري جدا جدا فرقن جا پيروڪار (جهڙا سني، معتزله، شيعه وغيره) تنهنجي بي نقش پاڪ هستيءَ کي خيالي نقش ڏيئي رهيا آهن، تن کي فقط دل جو آئينو صاف رکڻ گهرجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (۹) دل جو آئينو:

آئنه دل چون شد صافی و پاک

نقشها بینی برون از آب و خاک

(اي انسان! جڏهن تنهنجي دل جو آئينو صبر جي مالش سان صاف ۽ پاڪ ٿي ويندو، تڏهن عالم ناسوت (جسماني دنيا) ڪان ٻاهر جا نظارا ۽ مشاهدا ڏسي ۽ ماڻي سگهندين.) دل جو آئينو رياضت ۽ مجاهده سان صفا ٿئي ٿو ۽ رياضت ۽ مجاهده جو بنياد آهي صبر جي سگهه تي. ناسوت (جسماني دنيا) ڪان ٻاهر جا نظارا ۽ مشاهدا ٻن قسمن جا آهن، هڪڙن کي چئبو آهي "ڪونيات" (وجودي نظارا) جهڙوڪ عالم برزخ، بهشت، دوزخ وغيره جون حالتون. ٻين کي چئبو آهي "الاهيات" (عالم ارواح جون حالتون) يا "عالم قدس" يعني پاڪ دنيا جا نظارا. عارفن کي انهن مان گهڻا نظارا وقت به وقت "ڪشف" طور نظر ايندا آهن. الاهيات جي معلومات کي "علم مڪاشفہ" (دل جي آئيني تي ڪليل طرح عڪس پوڻ جو علم) چوندا آهن. دل جي آئيني ۾ اهي نظارا تڏهن نظر ايندا، جڏهن پنهنجي دل مان ماسوا الله (جيڪي به الله تعاليٰ کان سواءِ آهي تنهن) جي سڪ، سڌ ۽ خيال ڪڍي ڇڏيندين."

## (۱۰) مرشد جو تصور:

چون خلیل آمد خیال یار من

صورتش بت معنیٌ اوبت شکن

حضرت ابراهيم خليل الله عليہ السلام (جي گفتار "هذاربي") جي طرح منهنجي مرشد جو خيال (تصور) ظاهر طور "بت پرستي آهي، مگر حقيقيت ۾ "بت شڪني" آهي.) مرشد جو وجود به عالم ناسوت (جسماني دنيا) جي هستيئن مان هڪڙي هستي آهي، تنهن ڪري ان کي به "ماسوي الله" ليکڻ گهرجي انهيءَ صورت ۾ مرشد کي "بت" ۽ ان جي تصور کي بت پرستي چئي سگهجي ٿو، پر اهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏهن، جڏهن ان ڏي لاڙو ۽ ڌيان ڪرڻ اسان جو آخري مقصد هجي پر اسين ته مرشد جو تصور ڪريون ٿي فقط ايتري لاءِ ته ته هو اسان جي دل مان ماسوي الله جو نقش مٽائي (۽ ان سان گڏ پاڻ به مٽجي) ۽ "وصل الي الله" (الله تعاليٰ سان واصل ٿيڻ) جو طريقو سمجهائي.

انهيءَ ڪري مرشد "بت" نه ٿيو پر شڪن (بت ٽوڙيندڙ) ٿيو ۽ سندس تصور بت پرستي نه ٿي پر، "بت شڪني" ٿي. اسين هيئن به چئي سگهون ٿا، ته "خيال يار" يا "مرشد جو تصور" اگرچ "عين حق" (هو بهو خدا) نه آهي، مگر "غير الله" (خدا کان جدا) به نه آهي، ڇاڪاڻ جو تصوف ۾ "غير الله" اها شيءِ آهي، جنهن جو خدا تعاليٰ سان ڪوبه واسطو نه هجي. "خيال يار" يا "مرشد جو تصور" ته خدا سان تعلق رکڻ لاءِ آهي.

## تمثيل ۳- حضرت خليل الله جي گفتگو، "هٰذا ربي" ۽ مرشد جو تصور:

حضرت ابراهيم خليل الله عليه السلام جڏهن سمجهه لائق ٿيو تڏهن پنهنجن مائٽن مٽن کي بتن جي پوڄا ڪندو ڏسي چوڻ لڳو ته "اوهين ڀليل آهيو. اهي بت آهن، بت اوهان جي هٿن جا ٺهيل آهن، اوهان جا ۽ اسان جا خدا نه آهن." پوءِ انهيءَ ويچار ۾ پيو ته پنهنجو پروردگار مالڪ ڳولي لهان. رات جو چٽو چمڪندڙ تارو ڏسي حضرت ابراهيم چوڻ لڳو "هذاربي" (هي منهنجو رب آهي)، وري جڏهن چنڊ ڏٺائين، تڏهن چوڻ لڳو، ته "سوير ڪو منهنجو خدا نه آهي، ڇو جو هو ننڍڙو هو، پر هيءُ چنڊ منهنجو خدا آهي ۽ وري جڏهن صبح جو سج اڀريو تڏهن ان کي ڏسي چوڻ لڳو "هذا ربي هذا اڪبر" هيءُ ئي منهنجو رب آهي، ڇاڪاڻ جو هي اڳين کي خدا سمجهو هوم، تن سڀني کان وڏو آهي. پوءِ جڏهن شام جو سج لٿو، تڏهن سج کي لهندو ڏسي چيائين ته هيءُ به خدا هئڻ جو لائق نه آهي، ڇو ته فنا ٿي ويو، خدا وري فنا ڪيئن ٿيندو. آخر خيال ڪندي ڪندي اندر ۾ ليئو پائي خدا جو مشاهدو ماڻيائين. آخر انهيءَ طرح


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن کي غير فاني سچو خدا حاصل ٿيو. حضرت خليل الله جا لفظ "هذاربي" ظاهر ڪري شرڪ ۽ بت پرستيءَ جي شروعات هئا، مگر حقيقت ڪري اهي ساڳيا لفظ بتن جي پائمالي ۽ شرڪ کي تباه ڪرڻ وارا هئا حضرت خليل الله جا اهي لفظ ظاهر ۾ بت آهن، مگر حقيقت ۾ بت شڪن آهن. انهيءَ ڪري ئي مولانا رومي عليہ الرحمت مرشد جي تصور جي تشبيهه حضرت خليل الله جي "هذاربي" سان ڪئي آهي.

شکریز دان راک چون اوشد پدید

در خیالش جان خیال خود پدید

(خدا تعاليٰ جو شڪر آهي جو جڏهن مرشد جو خيال دل ۾ پئدا ٿيو تڏهن ان جي خيال ۾ منهنجي روح بہ پنهنجو نقشو ڏٺو.) جڏهن طالب پنهنجي ناقص روحانيت کي پنهنجي مرشد جي ڪماليت جي سامهون آڻي ٿو، تڏهن مرشد جي آئينہ ڪمال ۾ پنهنجو نقش ڏسي سگهي ٿو ۽ پنهنجي ناقصيءَ جي پورت ۽ ڪمال جي حاصلات لاءِ تياري ڪري ٿو. "حضرت رسول ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن فرمايو آهي، تہ بزرگن جو ديدار ڪجي ٿو تہ الله ياد پوي ٿو. بزرگن جي صحبت مان جو صحبتيءَ تي اثر پوي ٿو تنهن کي "معرفت نفس" (پاڻ سڃاڻڻ) چئبو آهي. اها "معرفت نفس" ڏاڪڻ آهي "معرفت رب" جي، جيئن تہ "من عرف نفسہ فقد عرف ربہ" (جنهن پاڻ سڃاتو تنهن الله سڃاتو) تنهن ڪري پاڻ سڃاڻڻ لاءِ مرشد بہ هڪڙو آئينو آهي. مرشد جي اکين تي نظر پوڻ سان ئي مريد پنهنجي روحانيت جي صورت ڏسي ٿو ۽ معرفت نفس حاصل ڪري سگهي ٿو. ضرورت فقط هيءَ آهي، تہ طالب پنهنجن اکين مان "نيستيءَ جو سرمو پائي" يعني نفسانيت پري نظر ڪدي جڏي ۽ حقاني حب جي سرمي سان پنهنجون اکيون پري. اي طالب جيڪڏهن وار جيتري نفساني نظر تنهنجيئن اکين ۾ هوندي، تہ بہ سچو موتي توکي پٿر نظر ايندو. پٿر ۽ موتي ۾ تفاوت تڏهن پروڙي سگهندين، جڏهن خودي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي خيالن واري نظر ڦتي ڪندين. انهيءَ بابت هيءَ آکاڻي ڏيان سان پڌ:

## پهرين آکاڻي
## ڪوڙو چنڊ ڏسندڙ شخص

حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنہ جي خلافت وقت مديني منوره ۾ رمضان شريف جي چنڊ رات سڀئي ماڻهو چنڊ ڏسڻ لاءِ جبل تي چڙهيا. حضرت عمر رضہ پاڻ بہ ان جبل تي حاضر هو. جيئن رمضان شريف جو چنڊ ڏسڻ ثواب ۽ چڱو سوڻ ليکبو آهي، تنهن ڪري سڀ ڪو ماڻهو چڱيءَ طرح آسمان ۾ چنڊ جي ڳولا ڪري رهيو هو. ايتري ۾ هڪڙي شخص وڏي آواز سان چيو تہ يا اميرالمومنين! اجهو چنڊ بيٺو آهي، مبارڪون هجنو. حضرت عمر رضہ تمام چڱيءَ طرح آسمان ۾ جاچيو، پر هن کي چنڊ نظر نہ آيو. تڏهن حضرت عمر رضہ ان شخص کي چيو تہ "متان خيالي چنڊ ڏٺو اٿئي؟ منهنجي نظر آسمان جاچڻ ۾ گهٽي قدر تکي آهي، تنهن هوندي بہ مون کي چنڊ ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. اي شخص! تون پاڻيءَ سان هٿ پسائي پنهنجا ڀنجڻ هيڪر ڌوئي صاف ڪر ۽ پوءِ آسمان ڏانهن نهار تہ چنڊ ڏسڻ ۾ اچئي ٿو. ان شخص حضرت عمر رضہ جي هدايت موجب ڀنجڻ ڌوئي پوءِ آسمان ڏانهن نهاريو تہ چنڊ نظر ئي ڪونہ آيس. تنهن تي حضرت عمر رضہ چيس تہ "اي شخص! ڀنجڻ جو ڪو وار هو، جنهن اهو وهمي تير اڇلايو هو ۽ توکي چنڊ جي خيالي شڪل آسمان ۾ نظر اچڻ لڳي.

**نصيحت- پنهنجي اندر ۾ ٿورڙي خرابي بہ پيدا ٿيڻ نہ ڏي**

چون يکی مرکژ شد از ابروء او
شکل ماه نو نمود آن موء او-

(جڏهن ڀنجڻ جو هڪڙو وار مڙي ان شخص جي اک تي اچي پيو، تڏهن اهو ونگڙ وار ان شخص کي چنڊ پي نظر آيو.) هڪڙي وار جهڙي بي حقيقت شئي ڏنگي ٿي هيڏي ساري آسمان تي پردو بنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واپس ونان، پر خدا تعاليٰ جا شڪرانا ٿو بجاءِ آڻيان، جو منهنجو اهو سوال قبول نہ ڪيائين، جنهن ڪري اهو زهري نانگ مون کي وري نہ مليو. مون نانگ جي گم ٿيڻ کي پنهنجو نقصان ڪري ڄاتو، پر انهيءَ زهريلي نانگ جو چورائجي وڃڻ اٿلندو منهنجي لاءِ فائديمند ثابت ٿيو، جو، آءٌ ان جي ڏنگجڻ کان ڇٽي پيس."

## نصيحت- دعا قبول نہ پوڻ ۾ بہ ڪا ڀلائي ڄاڻ

بس دعاها كان زيان ست و هلاک

وز کرم می نشنود يزدان پاک-

(ڪيترين ئي دعائون، جيڪي دعا گهرندڙ جي حق ۾ درحقيقت نقصان واريون آهن، پر هو پنهنجي حق ۾ فائدي واريون سمجهي گهرندو رهي ٿو، سي دعائون خداوند ڪريم پنهنجي رحم ۽ ڪرم سان قبول ڪرڻ نٿو فرمائي.) جيڪي خداوند التجائون نٿو اونائي، تہ دعا گهرندڙ جي حق ۾ بيپرواهي ڏيکارڻ جي خيال کان نہ، پر انهيءَ نوازش سان تہ اٽڄاڻ ٻانهون زيان ۽ نقصان کان ڇٽل رهي. بيشڪ خدا تعاليٰ ڀلائي ڪندڙ ۽ ڀلائي پروڙيندڙ آهي، جو ڪنهن ڀلائيءَ جي خيال کان ڪا دعا قبول نٿو بہ ڪري تہ اهڙين حالتن ۾ دعا گهرندڙ شڪي ۽ بي ويساهو ٿي پوندو آهي، پر ايئن پاڪ ذات پروردگار جي رحم ۽ ڪرم ۾ ڪڏهن بہ شڪ ۽ بي ويساهي نہ رکڻ گهرجي، بلڪ پڪ سمجهڻ گهرجي تہ اسان جي ڪنهن ڀلائيءَ خاطر اها دعا قبول نہ پيئي آهي. قادر ڪريم فرمائي ٿو تہ "مون کي پڪاريو تہ آءٌ اوهان جي پڪار اونايان." (قرآن شريف) ۽ "الله تعاليٰ جي نوازش ۽ مهربانيءَ مان ڪڏهن بہ اميد نہ لاهيو." (قرآن شريف) اهڙي ڪريم، ڪار ساز جي رحم ۽ ڪرم ۾ بي ويساهي، شيطان جو ڪم آهي.

اى اخى دست از دعا كردن مدار

با اجابت يا رد اويت چه کار؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(اي ياءَ ڪنهن ٻه دعا گهرڻ ڪان هٿ نه هٽاءِ. ان جي قبول پوڻ يا رد ٿيڻ سان تنهنجو ڪهڙو واسطو؟)

## ٽين آڪاڻي
## هڏن ۾ ساه وجهڻ لاءِ گهر

هڪڙو مورک ماڻهو حضرت عيسيٰ عليه السلام سان گڏ سفر ڪندو هو. هڪڙي ڏينهن ڪنهن انهيءَ کڏ ۾ هڏا پيل ڏسي هو حضرت عيسيٰ کي چوڻ لڳو ته "اي منهنجا سڳورا رفيق! جنهن وڏي خدا تعاليٰ جي پاڪ نالي (اسم اعظم) پڙهي چوڪارڻ سان تون مئا جياريندو آهين، سو اسم اعظم مون کي سيکار ته آءٌ به ان جي وسيلي هڪڙو نيڪ ڪم ڪريان يعني هن کڏ ۾ پيل هڏن ۾ ساه وجهان." حضرت عيسيٰ چيس ته صبر ڪر، اهو تنهنجو ڪم نه آهي. تون اسم اعظم پڙهڻ ۽ چوڪارڻ جي درجي تي پهتو ئي نه آهين، اسم اعظم پڙهڻ لاءِ اهڙو دم (ڦيٽو) گهرجي، جيڪو برسات جي پاڻيءَ کان به پاڪ هجي ۽ قبوليت جي پهچڻ ۾ فرشتن کان به تکو هجي. ڪي ورهيه رياضتون ۽ مجاهدا ڪيا، تڏهن دم اهڙي پاڪ درجي تي پهچندو جو عالم ملڪوت جي خزانن جو ڏؤ جهلي سگهندو. تنهنجي هٿ ۾ به ساڳي لٺ آهي، جهڙي حضرت موسيٰ جي هٿ ۾ هئي، پر تون پنهنجي لٺ کان ته اهڙو ڪم وٺي ڏيکار، جهڙو حضرت موسيٰ پنهنجي لٺ کان وٺندو هو! تنهن تي اهو مورک همراه حضرت عيسيٰ کي چوڻ لڳو ته "جيڪڏهن آءٌ اسم اعظم پڙهڻ جي لائق نه آهيان ته تون ئي اهو اسم پڙهي هنن هڏن تي ڦيٽو وجهه."

حضرت عيسيٰ خدا تعاليٰ جي درگاه ۾ سوال ڪيو ته "يارب سائين! هن ڳالهه ۾ تنهنجي قدرت جو الائي ڪهڙو راز رکيل آهي، جو هن مورک انهيءَ ڪم تي هوڏ ڪئي بڌي آهي؟ منهنجو چوڻ ئي نٿو مڃي. هي پاڻ مورکائيءَ جي مرض جو بيمار ۽ روحاني خزانن کان خالي آهي تنهن کي پنهنجي عقلي روحاني صحت جو فڪر ڇو نٿو ٿئي؟ جيڪڏهن پنهنجي روحانيت زنده ڪرڻ يا پنهنجي جان جي حفاظت لاءِ اسم اعظم جو مطالبو ٿئي ها ته بهتر هو. پنهنجي مئل روحانيت کي ته هن صفا بي علاج ڇڏي ڏنو آهي. هن کي پنهنجي مئل عزيزن جي جيارڻ جو به فڪر ڪونهي. وچان ئي ڪن گمنام جيون جي هڏن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي جيئري ڏسڻ جي خواهش چوڪري رهيو آهي؟" حضرت عيسيٰ ڪي خدا تعاليٰ جي طرفان الهام ٿيو تہ "اي عيسيٰ! جيڪڏهن ڪو بدبخت شخص پنهنجي بدبختي ڳوليندو وتي تہ ڳولڻ ڏينس، ان جي ٻنيءَ جي اپت ڪنڊا نہ هوندا تہ ٻيو ڇا هوندو؟ جيڪو شخص دنيا ۾ ٻجڙن ڪمن جا ڪنڊا پوکيندو، تنهن کي ڪڏهن بہ نيڪ اعمالن واري سڳوري باغ ۾ نہ ڳولجو. اهو بدبخت شخص جيڪڏهن گل هٿ ۾ کڻندو تہ ڪنڊا بنجي پوندا. جيڪڏهن هو ڪنهن مهربان يار جي طرف ويندو تہ اهو بہ هن لاءِ نانگ ثابت ٿيندو. اي عيسيٰ! تون هن جي ڳالهہ کي ڪو وزن نہ ڏي. هن ۾ بيد جي وڻ وانگر ڪوبہ ڦل پيدا ٿيڻو نہ آهي.

آخر جڏهن حضرت عيسيٰ ڏٺو تہ بيوقوف همراه ضد تان نٿو لهي ۽ منهنجي صبر ڪرڻ کي بخل ٿو سمجهي ۽ ڪابہ نصيحت نٿو مڃي، تڏهن اسم اعظم پڙهي انهن هڏن تي چوڪاريائين تہ خدا تعاليٰ جي حڪم سان انهن هڏن ۾ ساه پئجي ويو ۽ هڪڙو ڪاري رنگ جو زبردست شينهن ٽپ ڏيئي ڪڏ مان نڪتو. شينهن ٻاهر نڪرڻ شرط حضرت عيسيٰ جي مورک همراه جي مٿي ۾ چنبا وجهي ڪوڙيا ۽ ڦاڙي چيري ڇڏيائينس. حضرت عيسيٰ شينهن کي چيو تہ "تو ايترو جلد هن کي ڇو ماريو؟" شينهن جواب ڏنو تہ "توکي پريشان ڪيو هئائين، تنهن ڪري ترت ڇٽ ڪيو مانس ڇاڪاڻ تہ خدا جي نيڪ ٻانهن کي ورڇائيندڙن ۽ انهن جي هدايتن کي نہ مڃيندڙن کي درگاه حق مان مهلت ملڻي نہ آهي." وري حضرت عيسي پڇيس تہ "هن جو رت تو ڇو نہ چکيو، جيئن سڀ ڪنهن شينهن جو دستور آهي، تہ پنهنجي شڪار جو رت چٽيندا آهن؟" شينهن چيو تہ "مون کي هن جي رت چکڻ جو حڪم نہ آهي، ڇاڪاڻ جو منهنجي قسمت ۾ جيڪو بہ کاڌو پيتو لکيل هو، سو آءٌ کائي پئي پوءِ دنيا مان مري ويو هوس جيڪڏهن هن جو خون چکڻ منهنجي قسمت ۾ هجي ها تہ هن جو خون چکي پوءِ مران ها."

## نصيحت- پڪي ماني بہ يا نصيب

اي بساهس همچون آن شير زبان،

صيد خود نا خوردۂ رفتۂ از جهان-

(اي انسان! اهڙا ڪيترائي ماڻهو آهن، جيڪي انهيءَ شينهن وانگر روزيءَ جي شڪار ڪرڻ ۾ بلڪل چالاڪ آهن، مگر انهيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمايل روزي ڪائڻ ڪان اڳيئي دنيا مان هليا وڃن ٿا.) ڪنهن جي قسمت ۾ ڪک جيترو به اضافو اچڻو نه هوندو ته به سندس حرص جبل جيڏو ٿئي ٿو، جنهن ڪري ناجائز رستن سان آمدني حاصل ڪرڻ ۾ گهٽتائي نٿو ڪري. پاڻ مال گڏ ڪري قبر ڏي هليو وڃي ٿو ۽ هن جا دشمن هن جي مرڻ جي ماتم ڪرڻ بدران هن جي ميڙيل مال مان موجون ماڻين ٿا. يا خدا! اسان کي اهڙي انڌي حرص کان امن ۾ رکج ۽ حرام جي ڪمائي کان بچائج.

**نصيحت- فائدي جهڙي هنڌان نقصان نه پراءِ**

ايئن سزائي آنک بايد آب صاف

همچو خردر جو بميرد از گزاف

(جيئن گڏهه صاف پاڻيءَ واري نديءَ جو قدر نه سڃاڻي ان ۾ پيشاب ڪندو آهي، تيئن جيڪو نادان ماڻهو ڪنهن نيڪ انسان کي خوش رکڻ بدران تنگ ڪري تنهن کي اهڙي ئي سزا ملندي جهڙي حضرت عيسيٰ جي مورک همراهه کي ملي.) اولوالعزم پيغمبر کان پنهنجي روح جي زندگي گهرڻ ئي سدورائي آهي. خبردار! پنهنجي ڪتي نفس جي زندگيءَ جو طالبو متان ٿين، ڇو ته اهو ڪچ وقت کان وٺي تنهنجي روح جو دشمن آهي. جسم ته هڏن ۽ رت جو پتلو آهي. ڪتو آهين ڇا، جو هڏن لاءِ ٿو مرين؟ جور آهين ڇا، جو رت تي مست ٿو رهين؟ تون جسم جو سينگار ڦٽو ڪر ۽ وڃي روح جي ترقيءَ جو ڳولائو ٿي. روحانيت بابت جيڪا هدايت ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهين يا ڪنهن بزرگ کان ٻڌين، تنهن تي عمل ڪر ڇاڪاڻ جو جنهن کي علم تي عمل نه آهي، سو شرناءِ جي مثل آهي، جيڪا پنهنجي دردناڪ آواز جيان سٽنڊڙن تي اثر وجهي ٿي، پر پاڻ سڪي ڪانيءَ جيان سڪي ڪاني رهي ٿي، جنهن تي ڪوبه اثر نٿو ٿئي. تون پنهنجي روح جي هدايت لاءِ سچي دل سان خدا تعاليٰ کي پڪاريندو رهه، پر پينو فقيرن وانگر متان ڪرين جو در در تي ڏينهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات ۾ سوين ڀيرا خدا جو نالو مانيءَ تڪر لاءِ ڳنهندا وتن، پر خدا تعاليٰ ڪي سڃاڻن ئي نٿا. جي سڃاڻن ته در در ڌڪا ڇو کائين؟

## چوٿين آکاڻي
## نوڪر کي پنهنجي وهٽ جي پارت ڪندڙ صوفي

هڪڙو صوفي فقير جيڪو سير ڪندي هڪڙي پيري ڪنهن خانقاه ۾ مهمان ٿي اچي لٿو. پنهنجو وهٽ (گڏه) ڪٽي ڪڙه ۾ ٻڌائين ۽ پاڻ فقيرن سان گڏ خانقاه جي ممتاز جاءِ تي وڃي ويٺو. اتي هو ٻيو درويشن سان مراقبي ۾ خدا سان مشغول رهيو. مراقبو درويشن لاءِ هڪڙو ڪتاب آهي، جو مطالعي لاءِ هميشه سندن اڳيان کليو رهي ٿو. اهو ڪتاب ڪو مس جي اکرن سان لکيل نه، پر اهو فقط روشن ۽ برف جهڙو صاف اڇو دل جو ڪتاب آهي، جيئن ڪو شڪاري هرڻ جي پٺيان پوي ۽ مشڪ جي خوشبوءِ تي ان کي آساني سان ڳولي وڃي هٿ ڪري تيئن صوفي درويش به مراقبي ۾ روحاني شڪار ڳولي، ان ۾ محو رهي ٿو...

**نصيحت- عارفن جون روشن دليون**

آن دلی کو مطلع مهتابها است
بهر عارف فتحت ابوابها است

(اها دل، جيڪا حقاني انوارن سان ڀرپور هئڻ ڪري گوياهزارن چانڊوڪين جو مطلع (اڀرڻ جو هنڌ) آهي، سا عارف لاءِ معرفت جي حقيقتن جي بهشتن جي دروازي کولڻ جي ڪنجي آهي يعني جڏهن هو پنهنجي دل جو ڪتاب ويهي مطالع ڪن ٿا، تڏهن انهن جي اڳيان اهڙيون حقيقتون کلن ٿيون، جيڪي اکين ڪڏهن نه ڏٺيون، نه ڪنن ڪڏهن ٻڌيون ۽ نه انسان جي دل کي ڪڏهن ويچار ۾ آيون.) اي طالب! تون يا آءٌ جيڪي به آئيني ۾ ڏسي سگهون ٿا سو عارف منيءَ جي سير ۾ ڏسي سگهن ٿا. اسين جيڪي به هن جهان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ڏسي سگھون ٿا. سو عارف جهان پيدا ٿيڻ کان اڳي ئي حقاني نور جي وسيلي ڏسيو ويٺا آهن. اجا هي جهان موجود نہ هو تہ عارفن جا روح معرفت جي درياہ ۾ ٽٻيون هڻندا هئا.

**تمثيل- دنيا خلقڻ بابت خدا جي فرشتن سان صلاح:**

مشورت مى رفت در ايجاد خلق

جان شان در بحر قدرت تا بحلق۔

(دنيا جي خلقت پيدا ڪرڻ بابت حق تعاليٰ جي صلاح مصلحت فرشتن سان ٿي هئي، ان وقت انهن عارفن جو روح حقاني قدرت جي درياءَ ۾ ڳچيءَ تائين پيو هو ۽ قدرت جا عجائب پئي ڏسنائين.) جڏهن فرشتن خدا تعاليٰ کي دنيا جي مخلوقات نہ خلقڻ لاءِ پئي عرض احوال ڪيو تڏهن عارفن جي ارواحن خدائي ڏنل مصلحتي علم جاڻڻ ڪري فرشتن تي ٺاڙيون پئي وڄايون (پي کليا) مطلب تہ عارفن جا ارواح آسمان کان بہ اڳ موجود هئا.

**نصيحت- عارفن جا روح هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن**

چون از يشان مجتمع بينى دوبار

هم يکى باشند وهم سى صد هزار

(تون جڏهن ڪٿي بہ ٻہ درويش گڏ ويٺل ڏسين، تڏهن سمجھ تہ حقيقت ڪري اهي ٻئي هڪ آهن ۽ قوت ۽ طاقت جي لحاظ کان ٻہ بہ نہ سمجھج، پر ٽي لک درويش ڪري ڄاڻج.) روحن جو سچ يعني روح اعظم (ذات حقاني) هڪ ئي آهي. مختلف بدنن جي درين مان الڳ الڳ پيو نظر اچي. حيواني روح بيشڪ الڳ آهن، پر انساني روح تہ هڪ ئي آهي.

.... مهمان صوفي جڏهن فقيرن سان روح رهاڻ ڪري واندو ٿيو ۽ سندس لاءِ کاڌو آندائون، تڏهن هن کي پنهنجي وهٽ جي يادگيري پيئي. خانقاہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي نوڪر کي سڏ ڪري چيائين ته "ابا! ڪڙهه ۾ وڃي منهنجي وهٽ جي داڻي پاڻيءَ جي خبر لهه." نوڪر جواب ڏنو ته "سائين! اهو ڪم منهنجو آهي اوهين انهيءَ جو ڪوبه ويچار نه ڪريو." صوفي درويش وري پنهنجي نوڪر کي چيو ته "ميان! جؤ پهريائين پسائي پوءِ منهنجي وهٽ کي ڏج، چاڪاڻ جو هو ويچارو پوڙهو گڏه آهي، ڏند بلڪل بي زور اٿس." نوڪر چيو "سائين! مون کي سڀ خبر آهي اهي ڳالهيون ته مون کان ڪو سکي."

صوفي: آئر جلد لاهجانس، چاڪاڻ جو پٺيءَ واري زخم تي ملم رکيل اٿس.

نوڪر: سائين! مون کي اوهين ڪهڙي حڪمت ٿا سيکاريو آءٌ هزارن مهمانن جي وهٽن جون چاڪريون ڪندو آهيان.

صوفي: ٿڌو يخ ۽ رکيل پاڻي نه پيارجانس پر تازو پاڻي پيارجانس.

نوڪر: سائين! مون کي لڄي نه ڪريو، مان اها ضرورت به پروڙيان ٿو.

صوفي: وٿاڻ تان ڪن ڪچرو ٻهاري ڇڏجانس. جيڪڏهن وٿاڻ ۾ آلاڻ هجي ته سڪل مٽي اتي وجهجانءِ.

نوڪر: سائين! جنهن ڪي اڳيئي سڀ خبر آهي تنهن کي ڪهڙي خبر ٿا ڏيو؟

صوفي: گڏه جي پٺن تي ڪرڙو هٿ ج. پڇاڙي چوتي ٻڌ جانس ته ليٽڻ ۾ ڏکيو نه ٿئي، سردي سرس آهي تنهن ڪري جهل سعي سان ٻڌي ڇڏجانس.

نوڪر: سائين! اوهين ڪوبه فڪر نه ڪريو انهن سڀني ڳالهين کان چٽل آهيو.

نوڪر ايئن چئي ٽپ ڏيئي اٿيو وڃي ڪن لوفرن سان مليو جنهن ڪري صوفي مهمان جو گڏه وسري ويس. هوڏانهن وري صوفي صاحب نوڪر جي ڏٺن تي خوش ٿي بي اونو ٿي سمهي رهيو. هڪڙو هو پنڌ جو ماريل ۽ ٻيو فقيرن سان روح رهاڻ ۾ به گهڻيءَ رات تائين وهاريل، سو سمهڻ شرط ننڊ ڪٺي ويس رات جو خواب ۾ ڏسي ته سندس گڏهه کي بگهڙ کنيو پيو وڃي ۽ وري ڏسي ته گڏهه هلندي هلندي ڪنهن کوه يا کڏ ۾ ڪري پيو آهي. صوفي پنهنجي گڏهه جو اهو حال خواب ۾ ڏسيو ڇرڪ ڀري اٿيو، پر خانقاه جا در دروازا ڏنا پيا هئا، تنهن ڪري ڪجهه ڪري به نه ٿي سگهيو. هوڏانهن ويچارو گڏه سياري جي قيامت جهڙي رات سيءَ ۾ ٺرڪندو ۽ بک ۾ پاهه ٿيندو رهيو. خانقاه وارو نوڪر صبح جو سويل ڪڙهه ۾ آيو، سو گڏه تي آئر رکي ان کي بيگناه به سونٽيون چڪائي هليو ويو. صوفي درويش کي ته صبح جو اتان روانو ٿيڻو هو، سو جيئن گڏه ڇوڙي ان تي سوار ٿي هليو تيئن گڏهه به وکون کنيو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪريو پوي. رستي تي ايئندڙ ويندڙ ماڻهو گڏه کي ڪن ۾ پچ ڪان جهليو اتاريو ڪڙو ڪن ته گڏه وري به به وکون پريو ڪريو پوي. اتي صوفي فقير کي پڪ ٿي ته گڏهه ساري رات سيءَ، بک ۽ ڪن ڪچري ۾ بيهي گذاري آهي تنهن ڪري هلڻ ڪان عاري آهي.

**نصيحت- پنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻ بهتر آهي**

چون ندارد کس غم تو ممتحن،

خويش هارا خويش بايد ساختن.

(جڏهن تون پنهنجو ڪو هڏ ڏوکي نه ڏسين، تڏهن توکي پنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻ گهرجي.) گهڻا ماڻهو رڳو وات جا مٺا ۽ اندر جا رذل ٿيندا آهن. اهڙن ماڻهن جي ڏٺن تي ڀروسو متان ڪرين. اهڙن ماڻهن جون دليون شيطان جو گهر آهن. انهن جي فريب ۾ متان اچين. منافق دوست ڪان هميشه خبردار رهه، هن جي مٺين ڳالهين تي متان لڳين. زمين تي منافقن چار پکيڙي مٿيءَ سان ڍڪي ڇڏي آهي. هوشياريءَ سان هل. هميشه شينهن وانگر پنهنجو شڪار پاڻ ڪندو ره. پنهنجن توڙي پراون جي مڪر آميز ڳالهين تي متان نڳجيئن.

**نصيحت- تن پروري ڇڏ**

تنهنجو بدن خاڪي آهي جنهن جي پرورش ۽ آرائش جي توکي جهوري لڳي پيئي آهي. انهيءَ بدن کي جيتري قدر تون ڪارائي پياري، سيرو ڪندين اوتري قدر پنهنجي روح کي اپرو ڪندين. تون ڪاملن جي صحبت ۾ پنهنجو پاڻ سجاڻ ۽ حقيقي محبوب سان سچو نيهن رک. اندر ڪيني ڪان صاف هوندو، ته خدا تعاليٰ جي طرفان جيڪو معرفت جو علم توکي عطا ٿيندو، سو توسان ايئن رلي ملي ويندو، جيئن ڪو هٿ جو ڏاريل پکي. جنهن منافق جي دل صاف نه هوندي، سو سؤ ڪوششون ڪٽي ڪندو ۽ سؤ ڪتاب ڪٽي پڙهندو، ته به ان جي اندر جي معرفت جو علم اهڙو رهندو جهڙو بادشاه جو باز ڪنهن ڳوناٽي جي گهر ۾ رهي سگهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پنجيئن آڪاڻي

## بادشاه جو باز پوڙهيءَ جي گهر ۾

ڪنهن بادشاه جو باز ڀڄي ويو ۽ اچي هڪڙي پيرسن زال جي جهوپڙيءَ ۾ پيو. پيرسن زال وڃي پنهنجي ٻارن جي مانين لاءِ اٽو ڳوهيو تنهن پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ جيئن باز کي آيل ڏٺو، تيئن امالڪ ڪٺي پڪڙيائينس. ٽنگون ڪٺي ننوڙيءَ سان ٻڌائينس. اها پوڙهي زال باز سان ڳالهيون ڪرڻ لڳي. چي "اي باز! نالائق ماڻهن تو جهڙي پکيءَ جو قدر ئي ڪونہ سڃاتو. جو تنهنجا ڪنپ هيترا سارا وڌي ويا آهن، تہ ڪتري هلڪا نہ ڪيا اٿن، تنهنجا ننهن ڏڦن جهڙا ٿي ويا آهن، تہ وڌي ننڍڙا سهٽا نہ ڪري بيهاريا اٿن!" . . .

### نصيحت- (مورک جي سڄڻپائي بہ گهوري)

مهر جاهل را چنا دان اى رفيق!

(اي دوست! مورک جي محبت جو اهو حال آهي، جيڪو هن ٻڍڙيءَ باز سان ڪيو. مورک هميشہ سنئين سڌي رستي تي بہ پاسيرو هلندو.) مورک جيڪڏهن تو سان ڪٺي همدردي ڪري تہ بہ اها ڀروسي جي لائق نہ آهي. نيٺ پنهنجي جهالت سببان توکي ڪونہ ڪو نقصان پهچائي ڇڏيندو.

. . . بادشاه باز ڳوليندو آخر اچي انهيءَ پوڙهيءَ جي جهوپڙيءَ وٽان نڪتو. جان ڪٺي جهوپڙيءَ ۾ نهاري، تہ سندس باز ڏوڙ ۽ دونهي ۾ برن حالن سان وينو آهي. بادشاه پنهنجي باز جو اهو حال ڏسي ڏاڍو ارمان ڪيو ۽ باز کي چيائين، "اي باز جيتوڻيڪ جيڪا جٺ توسان ٿي آهي، سا تنهنجي غداريءَ جي سزا توکي ملي آهي تنهن هوندي تنهنجو هي حال ڏسي روئڻ ڪانسواءِ دل نٿي رهي. تو بهشت ڇڏي اچي دوزخ ۾ ڪيئن پنهنجو آستان ڪيو؟" . . .

### نصيحت- خدا کان ڦيري ٿيڻ واري جي حالت

(جيڪو شخص پنهنجي داناءَ ۽ بينا بادشاه کان ڦيرو ٿي، ڪنهن ٻئي محتاج مخلوق جي پاسي لاڙو ڪري ٿو، تنهن کي باز



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙي سزا ملي ٿي، جيڪو بادشاه کان پڇي پوڙهيءَ زال جي پناري اچي پيو هو.) هيءَ ڪميڻي دنيا هڪڙي پيرسن زال آهي، جيڪو شخص خدا تعاليٰ جي محبت ڇڏي هن دنيا جي محبت اختيار ڪري ٿو، سو خوار خراب ٿئي ٿو ۽ پاڻ کي مورک ثابت ڪري ٿو. دنيا پاڻ به جاهل آهي ۽ قرب به جاهل سان ڪري ٿي. ڏاهو انسان اهو آهي، جيڪو دنيا جي محبت کان پاسو ڪري ٿو. جيڪو شخص ڪنهن مورک سان حال پائي ٿئي ٿو، تنهن کي پڇاڙيءَ ۾ اهڙو نتيجو ملي ٿو، جهڙو انهيءَ باز کي مليو هو.

... باز نهايت پشيمان ٿي بادشاه جي هٿن تي پنهنجا پر اگهڻ لڳو ۽ زبان حال سان چوڻ لڳو ته "حضور مون کان گناه ٿيو آهي. آءٌ پنهنجي خطا جي ڪري نهايت پشيمان آهيان، آءٌ توبه ٿو ڪريان ۽ تنهنجي تابعداري وري سچيءَ دل سان قبول ٿو ڪريان." بادشاه باز جي حال تي رحم آڻي ان کي ڪٺي وري وچي پاڻ وٽ سانديو.

## نصيحت- معافي گهرندڙ کي معافي ڏيڻ گهرجي

آنک تو مستش کنی وشیر گیر
گرز مستی کڑ رود عذرش پذیر۔

(تنهنجو ڪو زيردست يا نوڪر جنهن کي تو پنهنجي نوازش سان مست بڻائي ڇڏيو هجي، سو جيڪڏهن انهيءَ نوازش جي نشي ۽ مستيءَ سببان ڪو غلط ڪم ڪري وجهي ۽ وري انهيءَ غلطيءَ تي پڇتائي تو کان معافي گهري، ته توکي گهرجي، ته هن کي اها غلطي معاف ڪرين.)

## نصيحت - احسان جي شڪر گذاري ڪرڻ گهرجي

گر بگو ئی شکر ایئن رستن بگو،
کز بت باطن همت برهانند او۔

(باز کي جڏهن پيرسن زال جي بنديخاني مان بادشاه ڇڏايو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏهن ان بادشاه جي گهڻي شڪرگذاري ڪئي پر اي انسان! تون جيڪڏهن شڪرگذاري ڪرين، ته انهيءَ چوڻڪاري جي ڪر، جو حضرت محمد ڪريم عليہ صلواة والسلام جن توکي اسلام جي راهہ ڏيکاري بت پرستي کان ڇڏايو. ڪوڙي بت (نفس) جي پرستش کان بہ توکي اهوئي ڇڏائيندو.) بت پرستيءَ جي لعنت کان ڇڏائڻ الله تعاليٰ جو ڪم آهي ۽ ان جي شڪرگذاري ئي اسان تي فرض آهي، مگر جنهن صورت ۾ اها نجات جي نعمت اسان کي حضرت رسول ڪريم جن جي وسيلي ملي آهي تنهن صورت ۾ انهن جو شڪر بجاءِ آڻڻ بہ واجب آهي ۽ ان جي شڪرگذاري جي صورت هيءَ آهي تہ سندس پوري پوري پيروي ڪريون. سندس پيروي جي برڪت سان اسين ندوري نفس جي تابعداري کان بہ تڏهن ڇٽي پونداسون.

## نصيحت- رب اڳيان زاري ڪرڻ سان رحمت حاصل ٿئي ٿي

چون بگريانم بجوشد رحمتم

آن خروشنده نيوشد نعمتم.

(الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ آءٌ جڏهن پنهنجي ڪنهن ٻانهي کي ڪا تڪليف اڳيان ڏيئي رئاريان ٿو، تڏهن منهنجي رحمت جوش ۾ اچيو وڃي ۽ انهيءَ پڪاريندڙ ڏي منهنجي نعمت سڏ ڪندي ايندي، جيڪي سڏ هو ٻڌي سگهندو.) حق تعاليٰ فرمائي ٿو تہ منهنجي رحمت نازل ٿيڻ جو مدارئي درد ڀرئي روئڻ تي آهي. انسان روئي ٿو تہ منهنجي رحمت جو درياءَ موجزن ٿئي ٿو. جيستائين ڪڪر نہ روئندو تيستائين چمن ڪيئن کلندو؟ جيستائين ٻارڙو نہ روئندو تيستائين ماءُ جي ڇاتيءَ جو کير ڪيئن جوش ۾ ايندو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڇهين آڪاڻي

## لهٽيدارن لاءِ قرض تي حلوو خريد ڪرڻ

شيخ احمد حضرويہ نالي هڪڙو درويش هوندو هو جيڪو هميشہ قرض ڪٽيو، فقير فقرائن کي پيو کارائيندو پياريندو هو. خانقاه بہ قرض کڻي ٺهرائي هئائين. گهربار سڀ قرض تي پيو هلائيندو هو. درويش ۽ خدا جي عاشقن جي خدمت ڪرڻ لاءِ هزارن منهان قرض ڪڻندو هو. خلق حيران هوندي هئي تہ خدا تعاليٰ هن کي ايترو ڪٿان ٿو ڏياري جو هو قرض کڻي بہ ٽڪرڻ ۾ لاهي بہ ٽڪرو! حيرت ۾ پوندڙ ماڻهو پليل هئا. جنهن خدا تعاليٰ حضرت ابراهيم کي واريءَ مان اٽو بنائي ڏنو، تنهن کي ان درويش جي قرض لاهڻ ۾ ڪهڙي دير؟...

### تمثيل- حضرت ابراهيم عليہ السلام جي مهمان نوازي:

حضرت ابراهيم عليہ السلام جي مهمان نوازي عالم آشڪار آهي. تاريخ ۾ لکيل آهي تہ هڪڙي ڏينهن حضرت ابراهيم وٽ هڪڙو قافلو اچي مهمان طور لٿو. ان وقت حضرت ابراهيم عليہ السلام وٽ سيڌو سامان گهر ۾ موجود ڪونہ هو. پنهنجي نوڪر کي بہ ٿي اٽ ڏيئي روانو ڪيائين تہ "فلاڻي هنڌان وڃي ڪڻڪ سان پرائي اچ." نوڪر اتي اٽ وني ويو پر ڪڻڪ سا ڪانہ ملي سگهي. نوڪر موٽڻ وقت دل ۾ خيال ڪيو تہ خالي اٽ وني وڃڻ شرم جهڙي ڳالهہ آهي، تنهن ڪري انن جا ٻورا واريءَ سان ڀري اتي روانو ٿيو. جڏهن گهر پهتو، تڏهن حضرت ابراهيم عليہ السلام ٻورا ڏسي چيو تہ هنن ٻورن ۾ ڪڻڪ تہ ڪانہ ٿي ڀانئجي، شايد ڪڻڪ جي اٽي سان ٻورا ڀرائي آيو آهين. نوڪر بيٺل ماڻهن جو لحاظ ڪري ڪوبہ جواب نہ ڏنو. خيال ڪيائين تہ حضرت ابراهيم کي اڪيلائيءَ ۾ احوال ڏيندس، حضرت ابراهيم عليہ السلام خدا جي زبان مان جيڪي لفظ نڪتا، سي ڪي گسٽا ڪيئن هئا. ٻورا اتي جو اتي کولي ڏنائون تہ سڀ ڪڻڪ جي اٽي سان ڏٺيا پيا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نصيحت- سخين کي خدا تعاليٰ نہ ڇڏيندو

حضرت پيغمبر ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن فرمايو آهي تہ ٻہ فرشتا هميشہ بازارن ۾ هوڪو ڏيندا وتن ٿا تہ "اي خدا سائين! تون خرچ ڪرڻ وارن کي سندن خرچ ۽ خير جو عيوضو عطا ڪر ۽ مرچوٽن ۽ ڪنجوسن کي برباد ڪر. جيڪو شخص مال مايا تہ ڇڏيو پر پنهنجو ساهہ بہ خدا جي راهہ ۾ قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهي ۽ حضرت اسماعيل ذبيح وانگر ڪنڌ ڪپائڻ لاءِ اوچي ڳاٽ اچي ٿو، تنهن جي ڪنڌ تي ڪاتہ ڪاتي وهٽي نہ آهي. خدا تعاليٰ پنهنجي ڪلام ۾ فرمايو اهي تہ شهيد هميشہ جيئرا آهن، سو بہ خاص انهيءَ ڪري. اي انسان! تون آتش پرستن وانگر شهيدن جي درجي جو منڪر متان ٿين.

... احمد خضرويہ اهو قرض ڪٽڻ ۽ ادا ڪرڻ وارو طريقو مرڻ گهڙي تائين قائم رکيو. جڏهن ان درويش وفات تي ڪئي تڏهن سيني لهڻيدارن کي پاڻ وٽ گهرايائين. قرضي درويش جي حالت ڏسيو ڪڏهين پنهنجي قرض جي وصوليءَ کان نااميد پئي ٿيا تہ ڪنهن وقت وري درويش تي دل ۾ چڙيئي ڪيائون. درويش ان وقت چوڻ لڳو تہ "عجب آهي جيڪو هنن شاهوڪارن کي اهائي بدگماني ويڙهي ويئي آهي تہ الله تعاليٰ وٽ شايد چار سؤ سونيون مهرون بہ ڪيئن آهن، جو مان سندن قرض مان جند ڇڏائي سگهان!" ايتري ۾ خانقاهہ جي ٻاهران حلوي وڪڻندڙ گهورڙئي حلوي جو هوڪو ڏنو. درويش پنهنجي نوڪر کي چيو تہ حلوائيءَ کان حلوي جو سڄو ٿالهہ خريد ڪري ڪٺائي اچ نوڪر هڪ دينار ۾ سڄو ٿالهہ چڪائي ڪٺي آيو. درويش سيني لهڻيدارن کي چيو تہ سڀ اچو ۽ اچي هي حلوو کائو. اوهان کي حلال آهي. سڀ حاضرين مڙي سڙي اچي ٿالهہ تي وياءِ ٿالهہ کي اگهي ڇڏيائون. جڏهن ٿالهہ خالي ٿيو، تڏهن حلوائي درويش کان حلوي جو ملهہ گهريو درويش چيس تہ "ابا! آءٌ هڪ دينار ڪٿان آڻيان. آءٌ تہ هيترن سارن لهڻيدارن جو قرض بہ سر تي کنيو آخرت ڏي ٿو وڃان." ائين ڪرڻ ۾ درويش جو ارادو هو تہ حلوائي، جو ڪنهن سيٺ جو نوڪر هوندو ۽ ان جي دڪان جو حلوو وڪڻڻ آيو هوندو، سو پئسن نہ ملڻ جي حالت ۾ ضرور روئندو پٽيندو. خدا تعاليٰ هن جي روح راڙي جي صدقي پاڻهي اسان کي ڪٿان نہ ڪٿان رقم ڏياريندو، ٿيو بہ ائين. حلوائي ٿالهہ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قيمت لاءِ ايترو ته روح ۾ ماتم ڪٽي مچايو، جو جيڪي لهڻيدار درويش وٽ پنهنجي قرض جو آسرو لاهيو ويٺا هئا، تن کي به حلوائي جي حال تي قياس پئي آيو. ڪن ماڻهن اتي راءِ ڏني ته اسين ڦوڙي ڪري حلوائي کي ٿالهه جو ملهه ڏيون ٿا. درويش انهن کي منع ڪئي تان جو ٽيپهري (وچين) نماز جو وقت ٿيو. درويش ۽ ٻين حاضرين ماڻهن نماز پڙهي پوري ڪئي ته ايتري ۾ هڪڙي شاهوڪار مريد جو موڪليل نذرانو ٿالهيءَ ۾ ڍڪجي آيو. ٿالهي درويش جي اڳيان آڻي رکيائون. درويش ٿالهيءَ جو ڍڪ لاٿو ته چار سؤ دينار ٿالهيءَ جي پاسن کان رکيا هئا ۽ هڪڙو دينار ڌار ڪاغذ ۾ ويڙهيو ٿالهيءَ جي وچ تي رکيو هو. درويش اهي چار سؤ دينار ويٺل لهڻيدارن کي ورهائي ڏنا ۽ هڪ دينار حلوائي کي ڏنائين. خانقاه ۾ ويٺل ساري خلق هيءَ ڪرامت جهڙو ڪم ڏسي عجب ۾ پئجي ويئي. لهڻيدار توڙي حلوائي هٿ ٻڌي درويش کان معافي گهرڻ لڳا، چي: "اسين اندا هئاسون جو اسان بي ادب تي پنهنجي لهڻي اوڳارڻ خاطر ڪچا ڦڪا اکر ڳالهايا. اسان کي اسان جي ناداني معاف ڪريو." درويش هنن کي چيو ته "اوهان کي مون اوهان جو چيو اکيو سڀ معاف ڪيو. هن سموري ڳالهه ۾ حڪمت هيءَ هئي جو اهي سڀ دينار حلوائيءَ جي روح راڙي پٺيان اچڻا هئا. جيڪڏهن هي غريب حلوائي ايترو پئسن لاءِ نه روئي رڙي ها ته خدا جي بخشش جو درياءُ جوش ۾ نه اچي ها."

## نصيحت- روئڻ جو ڦل اعليٰ آهي

اي برادر طفل طفل چشم تت
کام خود موقوف زاری دان ست

(جيئن حلوائي ڇوڪر جي روح راڙي تي سيني لهڻيدارن کي پنهنجي اوڌر موتي ملي تيئن اي ياءُ! توکي به مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪو روئڻ وارو ڇوڪر گهرجي. اهو تنهنجي اک جو ڇوڪر آهي، جنهن جي روئڻ تي ئي تون پنهنجن مقصدن پوري ٿيڻ جو پهريون مدار سمجهه.) ياد رک ته ڪوڙو روئڻ ڪار نه آهي. روئڻ اهو جو دل سان هجي. دل سان روئڻ تي ئي دل جي مرادن پچڻ جو مدار آهي. جيڪڏهن توکي پنهنجا سڀ مشڪل حل ڪرائڻا آهن، جيڪڏهن نا اميديءَ جا ڪنڊا ڦلن جي صورت ۾ تبديل ڪرائڻا آهن ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن توکي خدا تعاليٰ جي درگاهه مان قبوليت جي خلعت حاصل ڪرڻي آهي ته پنهنجي اک جي چوڪر کي جسماني لذتن جي خواهشن جي ارمان ۾ رئار.

## ستين آڪاڻي
## ڪنهن زاهد کي گهٽي رئڻ کان ديڇارڻ

هڪڙي زاهد کي سندس ڪنهن دوست چيو ته "تون ٿورو روئندو ڪر، متان اندو ٿي پوين." تنهن تي زاهد پنهنجي ان دوست کي جواب ڏنو ته ادا! منهنجي حال جون فقط ٻه صورتون آهن، يا ته منهنجي اک خدا جي جمال کي ڏسندي يا نه ڏسندي. جيڪڏهن منهنجي اک کي حق جي نور ڏسڻ جو موقعو حاصل ٿيو، ته پوءِ مون کي اکين وڃڻ جو ڪهڙو غم؟ حقاني وصال ۽ جمال جي مشاهدي وقت ٻه اکيون ملنديون سي ڪي گهٽ ٻه آهن ڇا؟ پر جيڪڏهن منهنجي اک کي حق جو نور ڏسڻ نصيب نه ٿيو، ته پوءِ اها اک وڃي چڱي. اهڙي بدنصيب اک کي اندو ٿيڻ ڏيو."

**نصيحت- سچيون اکيون**

غم مخور از ديده کان عيسىٰ تر است
چپ مروتا بخشدت دو چشم راست-

"اي طالب! اکين جو ڪو غم نه ڪر، جو ته جيڪڏهن اهي وينديون، ته اهو حق تعاليٰ حضرت عيسيٰ وانگر (جو انڌن جو اکيون سچيون ڪندو هو) تنهنجي لاءِ اکين جي بينائيءَ جو سامان موجود ڪري ڏيڻ وارو آهي. بي صبر ٿي ڏنگي چال متان اختيار ڪرين جيئن هو توکي دنيا ۽ آخرت ۾ ٻه سچيون ۽ تندرست اکيون عطا ڪري." تنهنجي روح جو عيسيٰ توسان هر حال ۾ حاضر ناظر آهي. هن کان مدد گهر، جنهن کان وڌو مددگار ٻيو ڪونهي. انهيءَ عيسيٰ جو ڪم روح کي زنده ڪرڻ آهي. هڏ ۽ چم يا بدن جي سينگار ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناهه نوه جو ڪم انهيءَ کان نه گهر. جيئن حضرت عيسيٰ ۽ سندس موري همراهه واري آڪاٽيءَ ۾ حضرت عيسيٰ کان هڏن ۽ روح وجهڻ جي گهر ڪئي هئي، تيئن تون روح جي عيسيٰ کان تن جي زندگي نه گهر. موسيٰ کان فرعون جو ڪم ڪو گهرڻ گهرجي؟ پنهنجي دل تي گذران جي ڳڻتيءَ جو بار گهٽ ڪر ۽ حق تعاليٰ جي درگاهه ۾ حاضر ره، پوءِ ڏس ته انهيءَ گذران جي سامان ۽ ظاهري آسائش ۾ به ڪا گهٽتائي ٿئي ٿي. بدن روح لاءِ هڪڙو تنبو آهي يا فوج لاءِ ڀيڙي آهي. جيئن سپاهيءَ کي بادشاهه جي طرفان تنبو ۽ ٻيو هر طرح جو گذران جو سامان ملندو رهي ٿو ۽ هو بي فڪر پنهنجي نوڪريءَ تي قائم رهي ٿو، تيئن جيڪو انسان پنهنجي مالڪ جي تات ۽ اطاعت ۾ مشغول رهي ٿو، تنهن جو تنبو ۽ ٻيو ضروري سامان (جسماني خواهه روحاني) از خود ميسر ٿيندو رهي ٿو. منتر ۽ جادو پڙهڻ وارا ماڻهو شيطان ۽ جنن ڀوتن جا نالا بار بار وٺن ٿا، ته انهن جا منتر ۽ جادو به اثر ڪن ٿا. اي انسان! تون پنهنجي سچي مالڪ قادر مطلق جو نالو دل ۽ جان سان وٺندو رهندين، ته پوءِ نا ممڪن آهي، جو تنهنجا جسماني ۽ روحاني سڌارا نه ٿين.

## اٺين آڪاڻي
## هڪڙي ڳوناٺي جو شينهن کي ڪنهڻ

هڪڙو ڳوناٺو پنهنجو ڏاند وٿاڻ ۾ بند ڪري وڃي گهر سمهي پيو. آڌيءَ رات جو هميشه جي دستور موجب هو ڏاند جي نگاهه ڪرڻ ۽ ان جي بت تي هٿ ڦيرڻ لاءِ وٿاڻ ۾ آيو. هڪڙو شينهن ان ڳوناٺي جي ڏاند کي کائي ڪپائي اتي ئي سمهي پيو هو. رات هئي اونداهي. ويچارو ڳوناٺو وٿاڻ ۾ شينهن کي ليٽيل ڏسي پانيائين ته ڏاند ليٽيو پيو آهي، سو ان جي بت تي هٿ ڦيرڻ ۽ ان کي کنهڻ لڳو، جيئن هو هميشه ڪندو هو. شينهن دل ۾ ويچار ڪري ته هي ڀورڙو ڳوناٺو مون کي ڏاند سمجهي هٿ چراند ڪري رهيو آهي. جيڪڏهن سوجهرو هجي ها ته منهنجي هيبت کان هنيون ڦاٽي پويس ها.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نصيحت- خدا تعاليٰ کي خدا سمجهي هن جو نالو ياد ڪر

حق همی گوید که ای مغرور کور!

نی زنامم پاره پاره گشت طـور؟

"حق تعاليٰ انسان کي چوي ٿو، ته اي انڌا مغرورانسان! توکي خبر نه آهي ڇا؟ ته منهنجي نالي جي تجلي کان طور سينا جبل پرزا پرزا ٿي پيو هو؟" حضرت موسيٰ خدا تعاليٰ کي عرض ڪيو هو، ته يارب سائين! مون کي پاڻ ڏيکار ته تو ڏانهن نهاريان. تنهن تي الله تعاليٰ فرمايس، ته تون مون کي ڏسي ڪيئن سگهندين هاڻي رڳو تون جبل ڏانهن نهار جيڪڏهن اهو پنهنجي جاءِ تي قائم رهيو ته پوءِ تون به مون ڏانهن نهاري سگهندين. پوءِ الله تعاليٰ طور سينا جبل تي پنهنجو تجلو وڌو ته جبل پرزا پرزا ٿي پيو ۽ موسيٰ ڏڪي ڏڪي ڪري پيو (سوره اعراف ع ١٥) انسان خدا جو نالو بي پرواهيءَ سان وٺن ٿا ۽ سندس ڪلام بنا غور جي پڙهن ٿا. خدا تعاليٰ فرمائي ٿو ته "اي انسان! رڳو پنهنجي ماءُ پيءُ استاد کان اسان جو نالو ۽ اسان جو ڪلام ٻڌي طوطي وانگر ٻوليندو رهين ٿو، تنهن ڪري ئي توتي ڪو اثر نٿو ٿئي جيڪڏهن تون "تقليد" کي ڇڏي تحقيقات کان ڪم وٺين، ته جيڪر "هاتف" (اُهو فرشتو جو انسان کي آواز پهچائيندو آهي پر ڏسڻ ۾ نه ايندو آهي.) وانگر تنهنجو ڪنهن کي نشان پتو به ڪونه پوي. هاڻي انهيءَ تقليد بابت هيءَ آکاڻي ٻڌ.

## نائين آکاڻي
## صوفين هڪڙي مسافر صوفي جو ڪيئن گڏهه وڪيو

هڪڙو گهمندڙ صوفي ڪنهن خانقاه ۾ مهمان ٿي اچي لٿو. پنهنجو گڏهه ڪڙهه ۾ ٻڌائين ۽ پنهنجن هٿن سان ان کي گاه پاڻي ڏنائين. پنهنجي گڏهه جي پوريءَ طرح نظرداري ڪندو رهيو، پر تقدير کي ڪير آڏو اچي سگهي؟ خانقاه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارا صوفي تمام مسڪين ۽ ڪنگال هئا، تن جي دل اچي ڦيرو ڪاڏو، سو چيا ڪيائون، جو مسافر صوفي جي بي خبريءَ ۾ هن جو گڏه وڪڻي ڇڏيائون. صوفي فقيرن کي عمدي ڪاڏي کائيندي ڳچ ڏينهن گذري ويا هئا، ۽ مسافر صوفي جي گڏه به چڱي رقم پيدا ڪئي هئي، سو اٽا، چانور، گوشت ۽ گيهه مصالحا اچي ويا، قوالن ۽ ٻين سماع جي شوقينن کي دعوتون موڪليون ويون. شمع بتيون اچي حاضر ٿيون. شام ٿيڻ شرط هڪڙي خانقاه مان ٻه خانقاهون ٿي ويون. سماع راڳ ۽ رنگ لڳي ويا، مسافر صوفي به هن سماع ۾ مشغول ٿي ويو. جڏهن سڀ صوفي سماع جي موج ۾ مست ٿي ويا، تڏهن قوال ونئي ڳائڻ شروع ڪيو:

هو گڏهه، سو ويو گڏهه، سو ويو گڏهه

سيني سماع ڪندڙن جي زبان تي موج ۾ اهو ئي آواز هڪ ٿي ويو تان جو مسافر صوفي به ٻين جي تقليد ڪري موج سان پئي ڳايو ته:

هو گڏهه، سو ويو گڏهه، سو ويو گڏهه

آخر انهيءَ سماع، راڳ روپ ۽ ڪائڻ پيئڻ ۾ اڌ رات گذري ويئي تنهن ڪان پوءِ جڏهن مجلس برخاست ٿي ۽ سيڪو ٽڙي پکڙي ويو، تڏهن خانقاه وارا صوفي به مسافر صوفيءَ سميت ٽڪي ٽٽي وڃي ستا. صبح جو مسافر صوفي حُجري مان ٽپر ڪڍي ڪڙه ڏانهن ويو پر ڪڙه ۾ ڏسي ته گڏهه آهي ئي ڪونه. دل ۾ سمجهائين ته خانقاه جو خادم ويو هوندو گڏهه کي پاڻي پيارڻ. آخر خانقاه جي خادم اچي منهن ڪڍيو، تنهن کي مسافر صوفي چيو، "ابا! منهنجو گڏهه ڪٿي؟ خانقاه جي خادم چيس درويش! ڊچ خدا کان، مون کان تون گڏهه ڪيئن ٿو گهرين؟" مسافر صوفي چيو ته "تون خانقاه جو خادم آهين. توکي مون گڏهه جي پارت ڪئي هئي، تون ئي خانقاه جي مهمان جي شئي شڪل جي سنڀال لاءِ جوابدار آهين. تنهن ڪري گڏهه منهنجو پيدا ڪر." خادم چيو ته "ڪالهه هيترا سارا صوفي خانقاه ۾ ويٺل ڏٺا هيئي، تن سيني يڪ صلاح ٿي تنهنجو گڏهه وڪيو، جنهن جي پئسن مان رات سماع جا منڊل ۽ ٻوڙ پلاءُ خانقاه ۾ پئي هليا. انهن سيني سان مان ڪيئن پڇان ها، جو تنهنجو گڏهه بچايان ها؟" مسافر صوفي چيو ته "مورک! جڏهن اهو حال ڏٺو هيئي، تڏهن مون کي ته هوشيار ڪرين ها ته ان وقت سڀ صوفي حاضر ويٺا هئا، آءٌ جيڪر پنهنجي گڏهه جو جوڳو عيوضو وٺان ها. هينئر ته سڄ ايرڻ شرط ٽڙي پکڙي خانقاه مان نڪري ويا آهن، هاڻي آءٌ ڪنهن کان حساب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ونان؟ هاڻي توکي قاضيءَ وٽ هلڻو پوندو، اهو تنهنجو قصور آهي، جو تو مون کي خبردار به نه ڪيو؟" خادم چيو ته "درويش! اوهان پاڻ سماع جي وقت موج ۾ خوشيءَ سان پئي ڳايو ته.

"هو گڏهه، سو ويو گڏهه، سو ويو گڏهه."

تڏهن مون کي پڪ ٿي ته اوهان کي به شروع کان وٺي انهيءَ ڳالهه جي خبر آهي ۽ اوهين ڪي توڪلي عارف آهيو جو پنهنجي رضا خوشيءَ سان گڏهه سهسايو اٿو. مسافر صوفي چيو ته اهي لفظ ته مون رڳو ٻين جي "تقليد" ڪري پئي چيا، باقي منهنجي گڏهه وڪامڻ جي خبر منهنجي ملائڪن کي به ڪانه هئي. هاءِ افسوس! مون کي ته انهن لفنگن جي تقليد نقصان پهچايو آهي. ناحق انهن چورن لفنگن ۽ بيهودن صوفين جي ڪوڙي چاپلوسيءَ ۽ ٻوڙ پلائن تي هرڪي انهن جي رنگ ۾ رڱجي ويس ۽ جيئن پئي انهن چيو، تيئن انهن جي پيروي پئي ڪيم."

## نصيحت- هوند وارو هجين ته ڪنهن جي آڻ هوند تي نه ڪل

"خانقاه وارا صوفي ڪنگال ۽ محتاج هئا، جيئن حديث شريف ۾ آهي ته اڻ هوند ۽ ڪنگالپڻو ڪفر جهڙا ڪم به ڪرايو وجهي، تيئن انهن صوفين جي به نيت بگڙي ويئي هئي. اي هوند وارا! اي دولتمند! تون جو ڏاول آهين، سو بکين ڏکين ۽ ڪنگالن جي غلطين تي متان کلين ۽ چڙ ڪرين، ڇو ته تو اڻ هوند جون اکيون ڏٺيون ئي ڪين آهن. حضرت رسول ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي ته جيڪو ماڻهو ڪنهن گنهگار جي گناه تي ٺوڪبازي ڪري ٿو سو ضرور مرڻ کان اڳ انهيءَ گناه ۾ مبتلا ٿئي ٿو."

## نصيحت- تقليد ڪيتري قدر ڪجي؟

"سهڻن سچن يعني عارفن جي تقليد فقط ايتري قدر چڱي آهي ۽ ڪرڻ گهرجي جو ان جي وسيلي حق تعاليٰ جي بيعڪس بحر (نورانيت) مان فيض حاصل ڪري سگهجي ۽ بس، انهيءَ کان وڌيڪ تقليد جي ضرورت ڪانهي" جيسين مريد ڪماليت جي درجي تي نه پهتو آهي تيسين مرشد جو جيڪو عڪس ان تي پوي ٿو سا تقليد آهي، پر ڪماليت جي درجي تي پهچڻ کان پوءِ مريد جيڪي ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تـو سو تحقيق موجب ڪري ٿو، پر نہ تقليد موجب. تون جيسين تحقيق جي درجي تي نہ پهتو آهين تيسين عارفن جي تقليد نہ ڇڏ. مرشد جي تقليد ڪنهن طمع پٺيان نہ ڪر، ڇو تہ طمع اکين ۽ عقل لاءِ پردو آهي. مسافر صوفي بہ ڪاڏي پيتي ۽ ذوق سماع جي طمع تي نڳجي صوفين جي تقليد ڪئي ۽ گڏهہ قرائي ويهي رهيو.

## نصيحت- طمع تمام بڇڙو اوگڻ آهي

گر تـرازو را طـمـع بـودی بـمـال
راست کی گفتی ترا زو وصف حال

”جيڪڏهن ساهميءَ کي بہ مال جي طمع هجي ها تہ پوءِ هوءَ تور جو صحيح حال ڪيئن بيان ڪري سگهي ها؟“ طمع مان هٿ ڪيل مال مان جيڪڏهن تون قارون ٿي پوندين تہ بہ آخر انهيءَ هنڌ وڃڻو پوندئي جتي غريب ۽ شاهوڪار جي وچ ۾ ڪوبہ تفاوت نہ آهي. طمع انسان جي ڪنن کي ٻوڙو، زبان کي گونگو ۽ دل جي اکين کي جيءَ جي جاءِ نٿا ڏين. سچي محبوب جو ديدار ڪرڻ وارا هن دنيا کي مردار ڪري سمجهن ٿا.

## ڏهين آکاڻي
## قيدين کي ڪڪ ڪندڙ ڪنگال قيدي

هڪڙو ڇڙو ڇانڊ مفلس شخص ڪنهن گناهہ ڪرڻ ڪري قيد ۾ اچي پيو هو. هو اهڙو ڪو هٻڇي هو جو ٻين قيدين جو ڪاڏو بہ انهن کان زبردستيءَ سان کسيو کايو ويندو هو. ڪوبہ قيدي بي ڊپو ويهي ماني کائي نہ سگهندو هو. سڀ ڪو ماني کائيندي ڪن پيو ڦڙڪائيندو هو تہ متان اهو عقاب اچي مٿان پوي ۽ جهپو هڻي ماني کسي وڃي. انهيءَ هٻڇيءَ قيدي ٻين قيدين لاءِ قيد خانو، جيڪو اڳيئي هلڪو سلڪو دوزخ هو سو هيڪاري دوزخ بنائي ڇڏيو...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نصيحت- دنيا بہ قيد خانو آهي

گر گريزي بر اميد راحتي

زان طرف هم پيشت آيد آفتي

"دنيا ۾ جيڪڏهن تون ڪنهن تڪليف کان تنگ ٿي ڪري آرام جي اميد تي ڪنهن طرف ويندين تہ اتان بہ ڪانہ ڪا آفت تو ڪي ڏوڙائي ڪنديي." دنيا جي ڪابہ ڪند ڪرڇ چيريندڙن ۽ ڦاڙيندڙن جانورن کان خالي نہ آهي. دنيا ۾ انسان لاءِ جيڪڏهن ڪا، آرام جي جاءِ آهي تہ فقط حق جي خلوت گاه آهي. دنيا جي قيد خاني ۾ محنت ۽ مشقت ڪرڻ ڪانسواءِ ڪانہ سرندي تنهن ڪري صبر جو ثمر ٻي آهي، جنهن سان هن دنيا جي قيد خاني مان انسان نجات حاصل ڪري راهي ٿيندو.

... قيد خاني جي سيني قيدين وڪيل جي معرفت قاضيءَ وٽ فرياد ڪيو تہ "هن هبچي قيدي اسان جا تتڙ تپائي ڏنا آهن. ڪوبہ قيدي هن پيٽوڙيءَ کان پنهنجو ڪاڏو بچائي نٿو سگهي. هو مڪ وانگر سڀ ڪنهن ڪاڏي تي هيڪو بيٺو آهي سڀ ماڻهن جو ڪاڏو هو اڪيلي سر کايو وڃي ٿو. سرڪار مهرباني ڪري يا هن کي قيد مان ڪڍي يا هن لاءِ ڪاڏي جو بندوبست رکي." وڪيل ساري حقيقت قاضي جي اڳيان وڃي پيش ڪئي. قاضي ان هبچي قيدي کي گهرائي هن کان حقيقت ورتي ۽ قيد خاني جي عملدارن کان پڇا ڳاڇا ڪئي تہ قيدين جو فرياد سربستو سچو ثابت ٿيو. تنهن تي قاضي ان قيدي کي حڪم ڏنو تہ "تون هڪدم قيد خاني مان نڪري وڃ." قيديءَ عرض ڪيو "جيئندا قبلا! منهنجو نڪو آهي گهر نڪو گهاٽ تنهن ڪري جيڪڏهن جيل ۾ رهڻ ڏيندا تہ احسان پيو ڳائيندس جيڪڏهن مون کي قيد خاني مان ڪڍي ڇڏيندا تہ بکن ۾ بيحال ٿي مري ويندس. يا تہ قرمار ۽ لچائي جي ڪمن کان رهندس ئي ڪين." قاضي هن جي مفسلي ۽ ڪنگاليٽي بابت شهر جي ماڻهن کان شاهديون ورتيون. سيني هن جي سچائيءَ جي شاهدي ڏني پر تنهن هوندي بہ قاضي هن کي قيد خاني مان ڪڍي ڇڏيو ۽ شهر ۾ ڍنڍورو ڦيرايائين تہ "هن کي ڪوبہ ماڻهو قرض پڪو نہ ڏئي. هن کان پوءِ جيڪڏهن ڪوبہ ماڻهو هن جي ڏيتي ليتي جي دانهن آڻيندو تہ ٻڌڻ ۾ نہ ايندي."...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نصيحت- دنيا دين ايمان جي مفلسي ۽ شاهوڪاري جي پرک جو قيد آهي

جيئن قرضيءَ کي سول جيل ۾ انهيءَ ڪري رکندا آهن، ته هو يا ته قيد جي تڪليف کان تنگ ٿي قرض ادا ڪري جنهن مان هن جو مالدار هئڻ ثابت ٿئي يا ته قيد جي تڪليف سهندي به قرض ادا نه ڪري جنهن مان هو مفلس ۽ سچو ثابت ٿئي، تهڙيءَ طرح:

آدمی در حبس دنیا زان بود

تا بود کا فلاس او ثابت شود

انسان کي به دنيا جي سول جيل ۾ انهيءَ لاءِ قيد ڪيو ويو آهي، ته هيءَ ڳالهه چڱيءَ طرح ثابت ٿئي ته هو دين ۽ ايمان جي دولت سان مالا مال آهي يا انهيءَ دولت کان تهي دست ۽ بدحال آهي ته جيئن اڳتي هن جي ديني حالت مطابق ساڻس سلوڪ ڪيو وڃي.

## نصيحت- شيطان جي ڏيوالپڻي جو ڍنڍورو

جيئن مفلس قيديءَ جي مفلسيءَ بابت قاضي ساري شهر ۾ ڍنڍورو ڦيرائي ڇڏيو هو، ته هن سان ڪوبه ڏيتي ليتي يا وهنوار نه رکي تيئن:

مفلسی دیو را یزدان ما

هم منادی کرد قرآن ما

(اسان جي خدا تعاليٰ پاڪ پروردگار شيطان جي مفلسيءَ بابت اسان جي قرآن پاڪ ۾ منادي ڪري ڇڏي آهي، ته اهو شيطان سراپا دغاباز آهي، جنهن جي ايمانداريءَ جي مال جو ڏيوالو نڪتل آهي، هن سان ڪنهن به قسم جي ڀائيواري ۽ سودو سلف هرگز نه ڪجو ڇاڪاڻ جو هو اوهان جو پڌرو ئي پڌرو دشمن آهي؟ (سوره يس ع ۴)

اي انسان! جيڪڏهن تون ان مفلس (شيطان) سان ڪا ڏيتي ليتي ڪندين، ته آخرت جي عدالت ۾ دعوا ڪري تون هن کان دعوا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو خرچ ۽ ڏگري جي رقم ڪيئن وصول ڪندين؟ ڇاڪاڻ جو جنهن ڏينهن الله تعاليٰ ڪافرن کي فرمائيندو، ته جن شيطانن کي اوهين منهنجو شريڪ سمجهندا هئا، تن کي سڏ ڪريو، ته اهي اچي هينئر اوهان جي مدد ڪن تڏهن ڪافر انهن شيطانن کي سڏ ڪندا پر جواب ئي ڪونه ملندن (يعني اهي مدد ۽ همراهي ڪرڻ ته نهيو بلڪ جواب ڏيڻ کان ئي قاصر هوندا) ۽ اسين انهن جي وچ ۾ هڪڙي هلاڪت جي ڪڏ قائم ڪنداسون.

(سوره ڪهف ع٧)

**نصيحت- هر درد جي دوا خدا کا گهر**

ليک در در مان نه بيني رنگبا ويو

بهر درد خويش پی فرمان او-

"جيڪڏهن زماني ۾ تون ڪهڙو به علاج ڪٿي هٿ ڪندين ته به خدا تعاليٰ جي حڪم ۽ رضامندي کانسواءِ توکي پنهنجي درد لاءِ ڪوبه ڪارگر علاج نظر نه ايندو" تنهن ڪري تون پنهنجي سڀ ڪنهن درد جي دفع لاءِ جيڪا دوا ڪرين يا ڪنهن به مشڪلات جي حل ڪرڻ لاءِ حيلو ڪرين، ته دوا جو دارو مدار يا تنهنجي حيلي جو وسيلو، اها دعا سمجهه، جا درد پري دل سان پنهنجي خالق ۽ مالڪ کان گهرندين. حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جن فرمايو ته "جيڪو ايمان وارو ٻانهو خدا تعاليٰ کان ڪا دعا گهري ٿو، جنهن ۾ ڪنهن گناه جهڙي ڪم ۽ متي مائٽي ٽوڙڻ جي گهر ٿيل نه اهي، ته الله تعاليٰ تنهن ٻانهي جي انهيءَ دعا بابت ٽن ڳالهين مان هڪڙي ضرور ڪري ٿو: (١) يا ته ترت ان جي دعا قبول ڪري ٿو. (٢) يا ته ان جو اجر ۽ ثواب آخرت ۾ ان کي ڏيڻ لاءِ ذخيرو ڪري رکي ٿو. (٣) يا ته ان دعا جي عيوض ان تان ڪا آفت دور ڪري ٿو." اهو ٻڌي اصحابن سڀني عرض ڪيو ته "حضرتا! تڏهن ته تمام گهڻيون دعائون گهرندا رهنداسون. پاڻ فرمايائون ته "الله تعاليٰ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فضل ۽ ڪرم ٻه بي انت آهي. تنهنجي سچي سوپ انهيءَ ۾ آهي، ته الله تعاليٰ کي حاضر ناظر سمجهي منجهس محو ٿي وڃين، جو پنهنجي هستي ٻه وسري وڃئي.

**نصيحت- صورت جو عشق ڦٽو ڪر فقط الله جو عشق اختيار ڪر**

هين رها کن عشقهاءِ صورتی
عشق بر صورت نه بروءِ ستی

(خبردار! صورت (ظاهري) جي عشقبازين جي خيال کان پري رهج. ظاهري صورت جو عشق رڳو زالن جي حسن جي عشق کي نه چئبو آهي. جيئن ته پت تي پيل تڙڪي کي سج نه چئبو، تيئن صورت تي پيل تجلي کي مصور نه چئبو، (صورت چٽيندو يعني حق تعاليٰ). صورت فاني شئي آهي، ان جو عشق ٻه فاني سمجهڻ گهرجي. مصور دائم قائم هستي آهي. ان سان لڳايل نينهن غير فاني آهي. جڏهن ان غير فاني مصور جي هستيءَ اڳيان تنهنجي خودي نيست ٿي ويندي، تڏهن:

خود هم او آب و هم او ساقی و مست
هرسه یک شد چون طلسم تو شکست

(جڏهن تنهنجي خوديءَ جو طلسم ٽٽي ويندو، تڏهن توکي نظر ايندو، ته خدا اهو پاڻي آهي، ساقي آهي ۽ پيئندڙ آهي يعني ٽيئي هڪ ٿي ويا آهن.) اهو سچي محويت وارو حقيقي عشق توکي فقط عبادت مان حاصل ٿي سگهندو، نه عقلي دليلن مان. حق جي عبادت ۾ يڪدل ٿي لڳي پئو "اگر مگر" (دل جي دليلن دوڙائڻ) مان ڪجهه ڪين ورندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## يارهين آڪاڻي

## رهڻ لاءِ گهر گهرندڙ غريب

هڪڙي غريب ماڻهوءَ ڪي رهڻ لاءِ ڪو گهر ڪپندو هو. هڪڙو سندس واقف ڪار هن کي پنهنجي پاڙي ۾ هڪڙي پڪل جاءِ وٺ وٺي آيو ۽ چوڻ لڳو، ته "ادا جيڪڏهين هن گهر کي ڇت هجي ها ته تنهنجو گهر منهنجي پاڙي ۾ ٿئي ها، اگر هن گهر کي ڪوٺي هجي ها ته تنهنجا ٻار ٻچا به آسودا رهي سگهن ها، اگر اوطاق جو ٽڪر به ساڻس شامل هجي ها، ته تنهنجا مهمان به ڏاڍا سکيا رهن ها. "اگر" هي گهر رهڻ جهڙو هجي ها ته پوءِ اسان جي پاڙي ۾ تنهنجو وسندڙ گهر ٿي پوي ها. گهر جي ڳولائو پنهنجي دوست کي چيو ته، اي دوست تنهنجو پاڙو مون کي ڏاڍو پسند آهي پر "اگر مگر" جي لفظي محلي ۾ آءٌ گذاري ڪين سگهندس."

**نصيحت- دنيا کي قتل گهر ڪري سمجهه**

اين همه عالم طلبگار خوشند

وز خوش تز وير اندر آتشند

"ساري دنيا جا ماڻهو سني شيءِ جا ڳولائو آهن، پر نفس ۽ شيطان جي فريب ڪان سني جي بجاءِ بڇڙي شئي انهن جي پلئه پوي ٿي ۽ اهي شيطان جي ڏنل سني شئي جي سببان حسرت جي باهه ۾ سڙندا رهن ٿا." مٿينءَ آڪاڻي واري گهر جي ڳولائوءَ وانگر دنيا ۾ گهڻا ماڻهو حق تعاليٰ سان واصل ٿيڻ جي بستيءَ جا طالبو آهن، پر شيطان جي قرب ڪان هو اهڙي رستي تي وڃيو پون ٿا، جنهن کي هو شيطان جي برغلائڻ تي حق سان واصل ٿيڻ جو رستو سمجهن ٿا. مگر آخر هو حسرت ۽ شرمندگيءَ جي جهنم ڏي وڃن ٿا. دنيا ۾ پوڙها توڙي جوان سون جا طالب آهن، پر ڪوٺي ڪري سون جي پرک ڪن ٿورن کي پوي ٿي. دنيا ۾ ڪوڙي سون جي چمڪ دلڪش معلوم ٿئي ٿي جنهن ڪري ڪوڙو به سچو پيو ليکجي. خبردار! ڪسوٽيءَ ڪانسواءِ رڳو ڏکي تي سون خريد نه ڪج. جيڪڏهن تو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٽ ڪسوٽي نہ آهي تہ صراف هٿ ڪري هن جي پناري پؤ تہ توکي ٺڳجڻ کان بچائي.

## ٻارهين آکاڻي
## ماءُ جو قاتل

هڪڙي شخص پنهنجي ماءُ کي خنجر هڻي ماري وڌو. ڪنهن شخص چيس تہ "اي نادان! هھڙي ڪميڻائي ڪا ٻي؟ تو کي ماءُ جو ڪوبہ حق ياد نہ پيو آخر ڪميڻا! تون ٻڌاءِ تہ سهي تہ تنهنجي ماءُ تنهنجو ڪهڙو گناه ڪيو هو؟ ڪڏهن پنهنجي ماءُ کي بہ ڪنهن پنهنجن هٿن سان ماريو؟ مگر وات ۾ چو پيا اٿيئي؟ آخر ٻڌاءِ تہ ماٺهين ڇا ڪيو هو، جنهن جي ڪري تو قتل ڪيس؟ هن جواب ڏنو تہ "هن هڪڙو اهڙو ڪم ڪيو هو، جو خود هن جي شان وٽان نہ هو انهيءَ ڪري ماريومانس. هن هڪڙي شخص سان بچڙو ناتو رکيو هو، تنهن ڪري هن کي ماري ڇڏيو اٿم." پڇڻ واري شخص چيو تہ "جنهن شخص سان ڏنو هئيس تنهن شخص کي ڇو نہ ماريئي؟" هن جواب ڏنو تہ "ايئن روزانو نوان ماڻهو مارڻا پون ها، تنهن کان هن هڪڙيءَ کي ماريم. هاڻي وري ڪنهن ٻئي کي مارڻو نہ پوندو."

**نصيحت - نفس کي بد چال ماءُ ڪري سمجهہ**

نفس تست آن مادر بد خاصيت
کہ فساد اوست در ناحيت

(اي انسان! تنهنجو "نفس اماره" اها بدچال ماءُ آهي جنهن جي خرابي چوڌاري پکڙجندڙ آهي) تنهن ڪري تون هر وقت ان کي ئي مار، ڇاڪاڻ جو تون ان ڪميڻي واسطي هر وقت ڪنهن نہ ڪنهن عزت واري آدم کي مارڻ کان نٿو گسين. انهيءَ جي سببان ئي هيءَ دنيا تنهنجي لاءِ تنگ ٿي پيئي آهي. تن جي واسطي ئي هڪڙي پاسي خدا سان تہ ٻئي پاسي خلق سان وڙهي رهيو آهين. نفس مارينديں تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ دنيا ۾ ڪوبہ تنهنجو دشمن نہ رهندو ۽ نہ ڪنهن جي اڳيان تو کي پنهنجن قصورن جي آزي نيازي ڪري معافي وٺڻي پوندي.

**نصيحت - حسد تمام بڇڙو لڇڻ آهي**

خود حسد نقصان و رعيب ديگر ست

بلک از جمله کمی ها بد ترست

(خود حسد هڪڙو ٻيو عيب ۽ انسانيت جي گهٽتائي آهي بلڪ سيني گهٽتائين کان تمام بڇڙي گهٽتائي آهي.) حسد وارو چاهيندو آهي تہ فلاڻو جيڪو چڱي مرتبي تي پهتل آهي، سو ڇو؟ شل هو گهٽ حالت ۾ ٿئي ۽ آءٌ وڌيڪ ممتاز هجان. مگر حسد واري کي اندر جي ساڙ ۽ ڦٽ کان سواءِ ٻيوڪجھ بہ حاصل ٿيڻو نہ آهي. دنيا ۾ حسد جي بڇڙائي ڪيئن ظاهر ٿئي، تنهن لاءِ حق تعاليٰ هر هڪ نبي سڳوري جي پٺيان حاسد لڳائي ڇڏيا آهن تہ نيڪ دلي ۽ حسد جو تفاوت پڌرو ٿيندو رهي.“ نبوت جو دور ختم ٿيڻ کان پوءِ:

پس بهر دوری ولی قائم است

تا قيامت آزمائش دائم است.

(سڀ ڪنهن دؤر ۾ هڪ نہ ٻيو ولي قائم رهندو جنهن جي ڪماليت ۽ مقبوليت نيٺ ڪوتن انسانن جي اندر ۾ حسد پيدا ٿيڻ جو سبب بنبي رهندي ۽ قيامت تائين اهو سلسلو هميشہ جاري رهندو.) نيڪ خصلتن وارو انسان انهيءَ امتحان ۾ ضرور ڪامياب ٿيندو ۽ جيڪو شخص هلڪي طبيعت وارو ۽ دل جو ڪوتو هوندو، سو امتحان ۾ ناڪامياب ٿيندو ۽ تباه ٿي ويندو.“

تنهن ڪري جيئرو جاڳندو ۽ قائم امام (جيڪڏهن هن دنيا ۾ ڪو آهي تہ) اهو ئي ولي آهي پوءِ اهو فاروقي هجي خواه علوي هجي. انهيءَ سدا جيئري جاڳندي ولي کي طريقت جا صاحب ”قطب“ سڏيندا آهن، جنهن کان هيءَ دنيا ڪنهن بہ وقت خالي نہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيٺي آهي.

اي راهه هدايت جا طالبو! اهوئي پنهنجي وقت جو ”مهدي“ آهي ۽ اهو ئي هدايت ڏيڻ وارو آهي. اهو پنهنجي باطني ڪماليت جي لحاظ کان لڪل به آهي ۽ برڪتن جي ظهور جي ڪري پڌرو به اهڙو آهي جو جڻ سامهون وينو آهي. اهو ولي اعظم يعني قطب الا قطاب نور جي مثل آهي ۽ عقل ان جي لاءِ جبرئيل جي سمان آهي ۽ اهوولي جيڪو ”ان قطب“ کان گهٽ درجي وارو آهي سو گويا ان جو قنديل (روشن ڏيئو) آهي. مطلب ته ”قطب“ کان وٺي هيٺ درجي بدرجي ولين جو سلسلو هليو اچي ٿو، جيڪو اچي عارفن ۽ تارڪ دنيا فقيرن تي ڇيهه ڪري ٿو. جيئن دنيا ۾ هڪڙيون شيون ٿوري گرمي سهي سگهنديون آهن ۽ ٻيون شيون گهڻي گرمي سهي سگهنديون آهن، تيئن هڪڙا ولي ۽ درويش روحانيت جو گهڻو بار کڻي سگهندا آهن ۽ ٻيا ٿورو. اي درويش! تون جڏهن ڪنهن طالب کي روحاني فيض ڏين، تڏهن طاقت ۽ پهچ جو ويچار ڪري ان سارو ڏينس. ان بابت هيءَ آکاڻي غور سان پڙهي ڏس.

## تيرهين آکاڻي
## بادشاهه ۽ ان جا ٻه نوان خريد ڪيل غلام

هڪڙي بادشاهه ٻه غلام خريد ڪيا، جيڪي هن کي بلڪل سستا مليا هئا. انهن ٻنهي مان هڪڙي سان گفتگو ڪيائين جنهن مان پڪ ٿيس ته اهو غلام ڏاهو ۽ مٺي زبان وارو آهي...

**نصيحت- ڳالهائڻ ۾ حڪمت**

آدمی مخفی ست در زیر زبان

این زبان پرده ست بردرگاه جان

(انسان پنهنجي زبان هيٺ لڪل رهي ٿو. اها زبان ڇا آهي؟ اها



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زبان گويا روح جي درگاهَ جو در پردو آهي.) جڏهن پڻ ڪجي ٿو، تڏهن ڏبليءَ جو سارو احوال معلوم ٿئي ٿو ته ان ۾ موتي آهن يا پٿر. اسان ۾ جيڪا روحاني يا اخلاقي خوبي آهي، سا اسان جي ڳالهائڻ ٻولهائڻ مان ئي پڌري ٿئي ٿي.

... بادشاه کي جڏهن هڪڙي غلام جي ذهن ۾ هوشياريءَ جي خاطري ٿي تڏهن وري ٻئي غلام کي پاڻ وٽ سڏيائين. اهو ٻيو غلام جڏهن بادشاه وٽ آيو، تڏهن بادشاه ڏٺو ته هن جي وات ۾ ڏپ هئي ۽ سندس ڏند اگرن جهڙا ڪارا هئا. جيتوڻيڪ ان غلام جي وات ۾ ڏپ هئڻ ڪري ان سان گفتگو ڪرڻ لاءِ راضي نه هو ته به ان جي لياقت پرکڻ ضروري سمجهائين. بادشاه ان غلام کي چيو ته "تون وات جي ڏپ ۽ شڪل جي ڪوجهائيءَ ڪري مون کان پريرو ٿي ويهين ته چڱو. پر هيڪاري پري به نه وڃي ويهه. ڀريائين ته تنهنجي ڏپ واري وات جو علاج ڪرڻو اٿم، ڇاڪاڻ جو تون جيڪڏهن بيمار آهين ته آءٌ آزمودگار حڪيم آهيان، توکي پريرو ويهڻ جو حڪم انهيءَ ڪري ڏيان ٿو جو منهنجي خيال ۾ تون فقط خط پٽ آڻڻ نيڻ جي لائق آهين ۽ حاضريءَ جي نوڪر ٿي رهڻ جهڙو نه آهين. ٽئين رليءَ ۾ جوئون هونديون ته اها رلي ساڙي ڪين ڇڏبي، تنهن ڪري تنهنجن ڪن عيبن ڪري توکي بيڪار سمجهي ڇڏڻ ڏيڻ مناسب نٿا سمجهون. خير، انهن سيني ڳالهين هوندي به تون ويهي ٻـ ٿي گفتا ۽ نقل ٻڌاءِ ته تنهنجي عقل ۽ سمجهه جي خبر پوي. ائين چئي بادشاه ڀرئين منـي زبان واري غلام کي حڪم ڏنو ته "تون وڃي حمام مان وهنجي سهنجي چڱي طرح بت صاف ڪري اچ." ان کي حمام ڏي روانو ڪري پوءِ وري ان بد صورت غلام کي وڌيڪ پرکڻ لاءِ بادشاه چيو ته "اي غلام! تون ته ڪو ڏاڍو ڏاهو ٿو ڏسجين، تون ته هڪڙو ئي سؤ غلامن جي برابر آهين. تون پنهنجي همراه کان سو ڀيرا وڌيڪ هوشيار آهين. تون مون وٽ ويجهو اچي ويهه. هن تنهنجي حاسد همراه، ته اسان جي دل ڀڃڻ لاءِ تنهنجون ڏاڍيون گلائون ڪيون، چي: "هو چور بد چال، ٻي ڏينگو ۽ بزدل آهي." غلام نهايت سچو ۽ پاڪ دل انسان هو، سو بادشاه کي چوڻ لڳو: جيئندا قبلا! هن جيڪي منهنجي بنسبت سائيجن کي چيو آهي، سو سچ هوندو. ڇو ته هو هڪڙو سچار ماڻهو آهي، ڪڏهن به مون هن کي ڪوڙ ڳالهائيندي نه ڏٺو آهي. سچ ڳالهائڻ، سلڇڻائي، حياءَ، حليمائي ۽ دينداري ته هن جي ڄائي ڄم جو ڏاج آهن. اي بادشاه! آءٌ پنهنجا عيب نه ڏسي سگهيو هوندس، ته به هو منهنجا عيب ضرور ڏسي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهيو هوندو. آءٌ پنهنجو منهن ڏسي نٿو سگهان پر هو منهنجو منهن ڏسي سگهي ٿو.“

بادشاهه چيو، تہ ”اي غلام! تون بہ پنهنجي حاسد سنگتي جا عيب ٻڌاءِ، جيئن هن تنهنجا عيب مون کي ٻڌايا، تہ مون کي خبر پوي، تہ هو ڪيتري قدر مون وٽ رهڻ جي لائق ۽ ڪارائتو ٿي سگهندو؟“ غلام عرض ڪيو تہ ”جيئندا قبلا! جيتوڻيڪ هو منهنجو دل گهريو ۽ همر حال آهي، تہ بہ آءٌ هن جا عيب بہ حضور کي ٻڌايان ٿو، سي ٻڌو. هن ۾ وڏو عيب هي آهي، جو هو محبتي، وفادار ۽ انسانيت وارو آهي. ٻيو عيب منجهس آهي: سچ ڳالهائڻ، صاف دلي ۽ همدردي. سندس ڪني ۾ ڪنو عيب منجهس آهي بهادري ۽ سخاوت، ايتري قدر جو پنهنجو ساهه قربان ڪندي بہ ڪين گسندو آهي. ٻيا منجهس هي عيب آهن، جو هو پاڻ پڏائيندڙ نہ آهي، پنهنجا عيب پاڻ ڏسندو ۽ ٻڌائيندو آهي ۽ پنهنجو نقصان سهي بہ ٻئي جو فائدو ڪندو آهي.“ بادشاهه چيو، ”اي غلام! تون پنهنجي همراهہ جي عيبن ٻڌائڻ بدران هن جا گڻ واکاڻي رهيو آهين، پاڻ کي گهٽ ۽ هن کي وڌيڪ بيان ڪري رهيو آهين، سو جڻ اڻ سڌيءَ طرح تون پنهنجي واکاڻ ڪري رهيو آهين. اها سياڻپ ڦٽي ڪر، تون سڌين سڌيءَ طرح پنهنجي همراهہ جي عيبن کان اسان کي واقف ڪر، ڇاڪاڻ جو آءٌ وري ان غلام جو امتحان وٺندس. جيڪڏهن تنهنجا بيان ڪيل گڻ يا اوگڻ درست نہ نڪتا تہ پوءِ تو کي پڇتائڻو پوندو.“ غلام چيو تہ ”اي بادشاهه سلامت! خدا جو قسم آهي، تہ مون پنهنجي همراهہ جون جيڪي وصفون سائين جن کي ٻڌايون آهن، تن کان سو ڀيرا وڌيڪ سهڻيون وصفون هن ۾ موجود آهن.“

بادشاهه چيو، ”چڱو ڀلا، تو پنهنجي همراهہ جون وصفون تہ بيان ڪيون، هاڻي پنهنجون وصفون بہ تہ ٻڌاءِ؟ اهڙو بہ ڪونُور اٿئي جو سياڻي قبر جي نشاني ٻڌجي؟ جڏهين تنهنجا هٿ پير ڪوبہ ڪم ڏيئي نہ سگهندا، تڏهن تنهنجو روح جن ڪنين جي آڌار تي اڏامي سگهندو، سي ڪنب اٿيئي؟ ڪو انسانيت جو ”جوهر“ (اصليت) بہ اٿيئي يا رڳو انسانيت جو ”عرض“ (ٻاهرين رنگ) وارو گڏه آهين؟ ڪنهن شيءِ جو جوهر (اصليت) غير فاني آهي ۽ ”عرض“ (ٻاهريون رنگ) فاني آهي. انسان جو جوهر آهي ”روح ڪامل“ ۽ ”عرض“ آهن نمازون، روزا وغيره عمل. دنيا جا ”عرض“ آخرت ۾ هلي ڪين سگهندا، تنهن ڪري نمازون، روزا وغيره عمل گويا روح کي گناهن جي مرض کان بچائڻ لا، جنهن ڪري جواهر روح انهيءَ عرض (عبادت) جي ڪري منجهو ڇوٽڪاري لائق ٿيو پوي، جيئن پرهيز جي ڪري بيمار مرض کان ڇوٽڪارو حاصل ڪندو آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پس مگو که عملها کرده ام

دخل آن اعراض را بنما مرم

(تنهن ڪري اي غلام! اهڙي ڪوڙي دعوا ڪڏهن بہ نہ ڪر، تہ مون فلاڻا عمل ڪيا آهن انهن اعراض جا قل ڏيکاري سگهندو هجين، تہ ڏيکار، ڏچ نہ.) رڳو عمل (عرض) تي فخر ڪرڻ ۽ "جوهر" (روحانيت) نہ ڏيکارڻ اهڙو ڪم آهي، جهڙو ٻڪريءَ جي بدران ان جو پاڇولو قربانيءَ لاءِ ذبح ڪرڻ.

بادشاه جڏهن پنهنجي تقرير پوري ڪئي، تڏهن غلام عرض ڪيو تہ "بادشاه سلامت! اوهين جيڪي فرمايو ٿا، تہ "عرض" (ٻاهرين رنگ) هن دنيا مان ٻيءَ دنيا تائين هلي نہ سگهندو، سو تہ عقل جي لاءِ نااميديءَ جو سبب آهي. اوهين چئو ٿا تہ اعمال يعني نمازون، روزا وغيره سڀ "عرض" آهن، سي آخرت ۾ هلڻا نہ آهن. جيڪڏهن اهي اعمال هن جهان ۾ هلڻا نہ آهن تہ پوءِ ڪهڙو ماڻهو آخرت جي فائدي لاءِ هن دنيا ۾ سٺا اعمال ڪندو؟ جيڪڏهن "عرض" (عمل) جو هن جهان ۾ وڃڻ ۽ حاضر ٿيڻ نہ مڃيو ويندو، تہ پوءِ زندگيءَ جو هر هڪ ڪم بيڪار آهي. انهن سڀني عرضن جو هن جهان ۾ هلڻ هن ظاهري صورت ۽ ڪيفيت ۾ نہ، بلڪ هڪڙي ٻئي رنگ ۾ ٿيندو. سڀ ڪنهن فنا ٿيندڙ شئي جي "جوهر" ۽ "عرض" جو حشر هڪ جدا هستيءَ ۾ ٿيندو. حشر ۾ سڀ ڪنهن "عرض" جي هڪڙي صورت ٿيندي ۽ سڀ ڪنهن عرض جي صورت لاءِ هڪڙو وارو (نوبت) آهن. ٻهريائين توهين پنهنجي وجود تي نظر ڪريو. ڇمڻ ڪان توهين "عرض" نہ هئا؟ جيئن تہ هڪ خاوند جي هڪ گهرواريءَ سان خاص خواهش جي سببان هڪ ڇرير تي جنهن مان اوهين پيدا ٿيا يعني اول توهين فقط هڪڙي "موجود في الذهن" (خيالي) شئي هئا (عرض جي منزل تي هئا) پوءِ وري "موجود مستقل في الخارج" ظاهريءَ ۾ پڪيءَ طرح موجود روح ٻري شئي آهيو (جوهر جي منزل تي آهيو.) گهر ۽ محلات ڏي ڏسو ٻهريائين انهن جي صورت ۽ نقشو فقط انجنيئر جي ذهن ۽ خيال ۾ هو (عرض جي منزل تي) ۽ پوءِ ڪمرا، ڪوٺيون، دالان، دروازا سڀ پڪيءَ صورت ۾ ظاهر ظهور ڏسڻ ۾ اچڻ لڳا (جوهر جي منزل تي). ڪوبہ هنر يا ڪاريگريءَ جو ڪم ڏسبو تہ ان جو بنياد خيال ۽ فڪر (عرض) کان سواءِ نہ هوندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساري دنيا جي هر هڪ شيءِ کي صاف دليءَ سان جاچي ڏسبو، ته معلوم ٿيندو، ته ڪابه شيءِ "عرض" کان سواءِ ڪنهن ٻيءَ شيءِ مان حاصل نه ٿي آهي. ساري جهان جي پيڙهه آهي اول فڪر ۽ ويچار ۽ پوءِ عملي صورت، باغ تيار ڪرائيندڙ شائق جي دل ۾ ميون جو تصور باغ تيار ڪرائڻ کان به اڳ موجود ٿئي ٿو. الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ فرمايو آهي. ته "انسان تي اهڙو وقت نه گذريو آهي ڇا، جنهن ۾ هو ڪجهه به ڪين هو." انهيءَ مان ئي صاف ثابت آهي ته هي ساري دنيا جو مانداڻ اول عرض هو، پوءِ جوهر جي درجي کي پهتو آهي. اهي "عرض" ڇا مان پئدا ٿيا؟ صورتن مان پيدا ٿيا. اهي صورتون ڇا مان پيدا ٿيون؟ فڪر مان. هي جهان اصل ۾ حق تعاليٰ جو "علم" آهي. حق تعاليٰ گويا بادشاه آهي ۽ ان جون علمي صورتون گويا قاصد آهن. جهان جا ٻه حصا آهن. هڪڙو هيءَ پهريون جهان جيڪو آزمائش جو مڪان آهي. ٻيو وري هو جهان جيڪو عملن جي جزا ۽ سزا جو مڪان آهي. اي بادشاه توهان جو نوڪر خيانت جي ڪم جو "عرض" آهي، سو سزا جي وقت قيد ۽ زنجير جي صورت ۾ متجيو پوي ٿو، جيڪي "جوهر" آهن. جيئندا قبلا! "عرض" ۽ "جوهر" جو پاڻ ۾ اهڙو لاڳاپو آهي، جهڙو پکي ۽ آني جو، جيڪو هن مان پئدا ٿئي ٿو، ته هي وري هن مان ڦٽيو نڪري ٿو.

غلام جڏهن تقرير پوري ڪئي تڏهن بادشاه چيو ته "تنهنجي اها ڳالهه مون قبول ڪئي، ته عرض مان جوهر ۽ جوهر مان عرض پيدا ٿين ٿا. مگر تنهنجن عملن مان ته ڪو جوهر پيدائي ڪونه ٿيو آهي. جيڪڏهن ٿيو آهي ته ڏيکار. غلام عرض ڪيو، ته "خدا تعاليٰ اعمالن جا عرض جوهرن جي صورت ۾ پيدا ڪري عام نظرن کان مخفي رکيا آهن، اهي قيامت ۾ ظاهر ڪندو ته جيئن هن دنيا ۾ عملن جو چڱو يا بڇڙو توشو امتحان خاطر نگاهن کان لڪو رهي. سڀ ڪنهن عقيدي (نيت ۽ ارادي) جون اهي صورتون جيڪي عالم غيب ۾ جوهر جي صورت ۾ موجود آهن سي جيڪڏهن ظاهر ٿي پون ته پوءِ ڪافر ۽ مومن سڀ ساڳي طرح ذڪر کان سواءِ ٻي ڪابه ڳالهه زبانن مان جيڪر نه ڪڍن. جيڪڏهن سڀ ڪنهن جا ذوه ثواب ظاهر ظهور نظر ايندڙ هجن ته مومن ۽ ڪافر کي سڀ ڪو پيشانيءَ مان سڃاڻي سگهي ها. پوءِ جيڪر نه دنيا ۾ ڪو بت هجي ها، نه بت ساز هجي ها ۽ نه دين حق تي ڪو ٺٺولي ڪرڻ وارو هجي ها. سڀ ڪنهن کي پنهنجا اعمال ۽ جزا ۽ سزا نظر اچي ها ته پوءِ هيءَ دنيا ئي جيڪر قيامت ليکي وڃي ها. وري بادشاه چيو ته "بيشڪ حق تعاليٰ نيڪ ۽ بد، جزا ۽ سزا فقط عام ماڻهن کان لڪل رکي ٿو، پر سندس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاص ٻانهن کي سڀ ڪجهه معلوم ڪرائي ٿو. آءٌ جيڪڏهن ڪنهن امير کي ڪا سزا ڏيڻ گهران ٿو ته اها ٻين کان لڪايان ٿو، پر اها وزير کان ڪڏهن به نٿو لڪايان. مون کي الله تعاليٰ اعمالن جا بدلا لڪين عملن جي صورت ۾ ڏيکاري ڇڏيا آهن. تون پنهنجن اعمالن جي صورتن جو ڪو نشان پتو مون کي ڏي ته جيئن آءٌ انهن سيني کان واقف ٿيان. حقيقت جي چنڊ کي، منهنجي اڳيان هيڏانهن هوڏانهن جي ڳالهين جو ڪڪر لڪائي نٿو سگهي.“ غلام عرض ڪيو ته ”جڏهن حضور جن ڄاڻن ٿا ته منهنجا عمل ڪهڙا آهن، تڏهن مون کي انهن جي بيان ڪرڻ مان ڪهڙو مطلب؟“ بادشاه چيو ته ”جيتوڻيڪ مون کي معلوم آهن، پر تنهنجي زباني ٻڌڻ گهران ٿو. انسان جي حياتيءَ ۾ اهڙو هڪڙو پل به نه آهي، جنهن ۾ هو ڪو نيڪ يا بد ڪم يا خيال نه ڪندو هجي. هيءُ جهان توڙي هو جهان هميشه نتيجا پيدا ڪندا رهن ٿا. هر هڪ سبب آهي ماءُ، ته نتيجا آهن ان جا ٻار. سببن مان نتيجا ۽ نتيجن مان سبب پيدا ٿيندا رهن ٿا ۽ اهو سلسلو اڻ کٽ آهي، جنهن جي ڏسڻ لاءِ ڪي روشن اکيون گهرجن.

اتي هو مٺو ڳالهائڻو غلام به وهنجي سهنجي بادشاه وٽ اچي حاضر ٿيو. بادشاه وري ان وهنجي آيل غلام جي انسانيت ۽ لياقت پرکڻ لاءِ هن سان گفتگو ڪرڻ شروع ڪئي ۽ جنهن سان ڳالهايائين وينئي، تنهن کي ٻاهر روانو ڪري ڇڏيائين. بادشاه چيو ته ”اي غلام خدا تعاليٰ توکي تندرست ۽ خوش رکي. تون ڪهڙو نه خوبصورت ڏسڻو وائسڻو ۽ خوش مزاج آهين، مگر جيڪي تنهنجا عيب هو تنهنجو همراه غلام بيان ڪري ويو آهي سي جيڪڏهن تو ۾ نه هجن ها ته پوءِ سڀ ڪو تنهنجي صورت وانگر تنهنجي سيرت به سهڻي ڏسي ڏاڍو خوش ٿئي ها. غلام عرض ڪيو ته ”سائين! منهنجا ڪهڙا عيب بيان ڪيا اٿس؟ ڪجهه ته مون کي به ٻڌايو.“ بادشاه چيو ته هو تنهنجي نالي چوي ٿو ته تون ٻيائي رکندڙ ماڻهو آهين دل ۾ هوندي اٿيئي هڪڙي ته زبان تي آڻيندو آهين ٻي. اها ڳالهه ٻڌي غلام ٽپي لوه ٿي ويو ۽ اچي ان غير حاضر غلام جي گلائن ۾ چنڊڪيو، چي ”سائين! هو جڏهن پهريائين مون سان گڏ غلام ٿي وڪاڻو هو، تڏهن ڪتي وانگر اوبر ڪائيندو هو.“ جڏهن اهو غلام هن غلام جي گلائن ۾ اهڙو محو ٿي ويو ۽ گف اچي وات ۾ پيس، تڏهن بادشاه حڪم ڏنس ته ”هاڻي صبر ڪر، مون تنهنجي ۽ هن غلام جي وچ ۾ چڱي طرح پيٽ ڪئي آهي. تنهنجي همراه جو رڳو وات ڏپ وارو آهي پر تنهنجي دل وڏيڪ ڪني ۽ ڏپ واري آهي، تنهن ڪري اي ڪنيءَ دل وارا غلام! تون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇي پري ٿيءُ. هو غلام تنهنجو امير ٿي رهندو ۽ تون هن جو نوڪر ٿي رهندين.

**نصيحت - ٻاهرين سونهن کان اندر جي سونهن بهتر آهي**

پسن بد انک صورت خوب نکو
با خصال بد نيرزد به تو
ور بود صورت حقير ونا پزير
چون بود خلقش نکو در پايش مير

(توکي معلوم هئڻ گهرجي ته ٻاهرين سٺي ۽ وڻندڙ سونهن سان جيڪڏهن لڇڻ برا هوندا ته اها سونهن ڪسيرو به نٿي لهي. پر جيڪڏهن ڪنهن جي صورت ڪوجهي ۽ اڻ وڻندڙ هجي ۽ لڇڻ چڱا هجن ته ان جي پيرن تي ڪري پؤ.) گهڙي (دلي) جي ٻاهرين چٽن گلن کي ڇا ڪندين؟ ان ۾ پيل پاڻيءَ ڏي ڏس. ظاهر صورت تي نه مر، پر معنيٰ (اندروني خوبي) سان دل ڏر. جيڪڏهن معنيٰ کي ڇڏي صورت تي موهجين ٿو ته ڇٻو ته تون سپ جو عاشق آهين، پر موتيءَ کي سڃاڻين به ڪين ٿو. انساني جسم سپن جي مثل آهن. جيئن سمنڊ جي تري ۾ پيل سڀ سپون سچن موتين سان ڀريل نه هونديون آهن تيئن هر ڪو انساني جسم سٺن خصلتن سان آراسته ڪونه هوندو آهي. ڪن سپن ۾ وڏا موتي ٿين ٿا ته ڪن ۾ ننڍا ۽ ڪي ته خالي ئي خالي. اهڙي طرح هن دنيا ۾ هي انسان جي جسم جون سپون آهن، سي سڀ انسانيت ۽ روحانيت سان ڀريل ٿيڻيون ئي نه آهن. ڪي رڳو نلها کوکا سمجهج. ڏيک جي ڪري ته جبل هيڏو سارو وڏو آهي، پر ذرڙي جيتري لعل جو به مٽ نه آهي. تنهنجي هيڏي ساري جسم کان تنهنجون ٻه نديون اکيون وڌيڪ ملهائتيون آهن. ذرڙي جيترو خيال ۽ فڪر ڪيڏا نه وڏا ڪم ڪريو وجهي ٿو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## چوڏهين آکاڻي
## هڪڙي غلام تي ٻين نوڪرن جو حسد

هڪڙو بادشاه ڪنهن غلام کي ٻين سڀني نوڪرن کان وڌيڪ پيار ڪندو هو. پڳهار ۽ عزت آبروءَ ۾ هو سڀني اميرن ۽ وزيرن کان زور هو. اهو بخت وارو غلام گويا اياز هو ۽ ان تي فدا ٿيندڙ گويا بادشاه گويا محمود غزنوي هو. ان غلام جو روح ۽ بادشاه جو روح عالم ارواح کان ئي پاڻ ۾ ڪي هڪ ٿيل هئا.

**نصيحت- روحاني عالم وارا ڪم اعتبار لائق آهن، جسماني عالم وارا ڪم اعتبار جوڳا نه آهن**

عارف شخص جي اک زباني تقدير جي اوائلي ڪيتين تي پوي ٿي. اي انسان! تون پنهنجون سڀئي تدبيرون پنهنجي حقيقي محبوب کي سپرد ڪر ڇاڪاڻ جو آخر ٿيڻو اهو ئي آهي، جو خدا تعاليٰ کي منظور آهي.

**نصيحت- انسان جي روح جي خوراڪ**

قوت اصلی بشر نور خدا است

قوت حیوانی مر اورا نا سزا است

(انسان جي اصلي روحاني خوراڪ (معرفت) خدا تعاليٰ جو نور آهي، تنهن ڪري انسان جي لاءِ حيواني خوراڪ بلڪل نامناسب آهي.) مگر هاضمي بگڙڻ سبب دل انهيءَ حيواني غذائن ۾ به ڦاسي ويئي آهي ۽ هر وقت ايئن ٿي گهري ته رات ڏينهن انهيءَ پاٽيءَ ۽ مٽيءَ يعني ناسوتي لذتن کي چڪندي رهان.

دل سڀ ڪنهن راءِ مان خوراڪ حاصل ڪري ٿي ۽ سڀ ڪنهن علم مان صفائي (نورانيت) ماڻي ٿي. تون سڀ ڪنهن انسان جي ديدار مان ۽ سڀ ڪنهن شخص جي ملاقات مان ڪجهه نه ڪجهه اخلاقي يا روحاني خوراڪ حاصل ڪري سگهين ٿو. مرد ۽


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زال جي ملڻ سان ٻار، پٽر ۽ لوهہ جي ٺهڪڻ سان چٽگون، برسات ۽ مٽيءَ جي ملڻ سان ميوا ۽ گل قل ساوڪ، خوراڪ، دوست جي گڏجاڻيءَ مان دل جي خوشي ۽ بي حجابي، خوشي ۽ روح جي ميلاپ سان خوبي ۽ ڀلايون پيدا ٿين ٿيون. جڏهن چڱي طرح گهمجي ڦرجي ۽ ڪم ڪار ڪجي ٿو، تڏهن ان جي اثر ڪان اسان جو جسم خوراڪ هضم ڪرڻ جي لائق ٿئي ٿو. جسم جي خوراڪ جيڪڏهن حق حلال جي ڪمائيءَ مان آهي تہ ان خوراڪ مان روحانيت جو نور پيدا ٿيندو، جيڪو نور انسان جي روح جي سچي خوراڪ آهي. هر هڪ انسان کي گهرجي تہ حلال جي ڪمائي ڪائي پنهنجي روح کي خوراڪ پڄائي.

بيدار مغز بادشاہ پنهنجي ملڪ جو باغبان آهي. هن کي باغ جي هر هڪ وڻ ۽ ٻوٽي جي خاصيت ۽ خوبي معلوم هوندي آهي. هن کي چڱي طرح خبر هوندي آهي تہ ڪهڙا وڻ ڪارائتا ۽ قيمتي آهن ۽ ڪهڙا بيڪار ۽ بي قيمت آهن. جيڪي حاسد ماڻهو آهن، سي بادشاہ جي ملڪي باغ جا بيڪار وڻ آهن. بادشاہ جي دربار جا ڀيا ننڍا وڏا نوڪر بادشاہ جي پياري غلام جي حق ۾ حسد وچان پيا سڙندا پچندا هئا ۽ وجهہ پيا ڳوليندا هئا تہ ڪنهن طرح سان غلام جو سر وڃايون ۽ پاڙ پٽي ڇڏيونس، پر جنهن جو روح خود بادشاہ هو، سو ڪيئن ٿو قتل ٿي سگهي؟ جنهن جي پاڙ الله جي حفاظت ۾ هئي، سا ڪيئن ٿي پٽجي سگهي؟ بادشاہ کي حاسدن جي ارادن جي سموري خبر پئجي ويئي، پر چپ ڪٽي ڪيائين ۽ هنن جي منصوبن ۽ جعلسازين کي چڱي طرح جاچيندو رهيو. انهي ڪري حاسدن کي ڪابہ فتحيابي ڪانہ ٿي. جنهن جنهن حاسد جي ڪا چرپر ظاهر ٿي، تنهن کي بادشاہ پڪڙي بروقت جوڳي سزا ٿي ڏني. انهن موروکن کي اهو بہ ڏيان نٿي پيو تہ ههڙو بيدار مغز بادشاہ سندن فريب ۾ ڪيئن اچي سگهندو؟

## نصيحت- استادن سان استادي ڪانہ هلندي

نجس شاگردی که با استاد خويش
همسری آغازدو آيد به پيش



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اهو شاگرد نهايت نيا۾گو چئبو، جو پنهنجي مربي يا پنهنجي استاد سان برابريءَ جي دعويٰ ڪري ۽ ان سان سامهون ٿئي." شاگرد جي ڪا به ٽڳي استاد سان هلي نه سگهندي ۽ نه مريد جو مڪر ۽ ڍونگ مرشد سان هلي سگهندو. شاگرد ۽ مريد کي استاد ۽ مرشد جي ادب ۽ خدمت مان ئي هدايت ۽ ڪاميابي نصيب ٿيندي آهي. استاد ۽ مرشد جو پٺيو شاگرد يا مريد ڪٿي به عزت نه لهندو.

## پندرهين آکاڻي

## هڪڙو باز چبرن جي وچ ۾

هڪڙو باز جهنگ ۾ شڪار خاطر اڏامندي پلجي پيو ۽ هڪڙي بيابان ۾ اچي نڪتو، جتي رڳا چبرا ئي چبرا رهندا هئا. چبرا باز کي ڦري آيا ۽ نونگن سان متو چيني چيڏيائونس ۽ ڪنيڙاتيون پٽي ڇڏيائونس. چبرن ۾ هوڪو پئجي ويو ته باز اسان ڪان ملڪ ڪسڻ آيو آهي. جيئن گهٽيءَ جا رولو ڪتا فقيرجي گودڙيءَ کي چنبڙي پوندا آهن، تيئن چبرا به هن غريب باز کي چنبڙي ويا. باز هنن کي چيو ته ٻيلي آءٌ اوهان جي هن سڃي بيابان کي ڇا ڪريان؟ اهڙن بيابانن کي آءٌ ڪک برابر به نه ٿو ليکيان. آءٌ بادشاهن جي بنگلن ۽ محلاتن ۾ رهڻ وارو سو مون کي هٿ هڪ گهڙي به سک نه ايندو. ڀلائي ڪري ڇڏيو، ته آءٌ ڀڄي وڃي پنهنجي بادشاه ڀيڙو ٿيان. تنهن تي هڪڙو چبرو ٻين چبرن کي چوڻ لڳو، ته "ڀائرو هن مڪار جي ڳالهين تي متان ويساه ڪريو. ڀوت ته ڏسوس، جو بادشاه جي ڪرائيءَ تي ويهڻ جون لافون ٿو هڻي "ڪيڏانهن منهن مريم جو، ڪيڏانهن الهيار!" ميٺو ٿي مڪر سان اسان ڪان گهر ڇڏائڻ آيو آهي. وٽ منجهس ايترو آهي، جو جيڪر هڪڙو ئي چبرو هڪڙي ئي نونگي سان مغز ڏاري ٻه اڌ ڪري وجهيس، سو ٿو بادشاهن جي محلاتن ۾ رهڻ جون ڊاڙون هڻي!" باز چيو "اي چورؤ! ياد رکجو. منهنجي شهنشاه کي جڏهن خبر پوندي، ته مون کي چبرن هيتري قدر تڪليف ڏني آهي، تڏهن اوهان جو سارو ملڪ الٽ پلٽ ڪرائي ڇڏيندو. اوهين ته چبرا آهيو. پر جيڪڏهن ڪو باز ڪٿي مون سان اجايو سجايو قدم کٽي ته به منهنجو شهنشاه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪر هن کي به پوريتيون پڙهائي ڇڏي. بادشاه سلامت جو مون تي تمام گهڻو راز آهي ۽ ان کي منهنجي خدمتن جو گهڻو قدر آهي. اي ڇيرا! اوهين منهنجي ڳالھ تي اعتبار ڪريو. جيڪڏهن اوهين منهنجي ڳالھ مڃيو ۽ منهنجي چوڻ موجب عمل ڪريو، ته اوهين به وڏا باز تي پئو.“

## نصيحت- جنسيت يا هم جنسي ڇا آهي؟

نيست جنسيت زر و شهل و ذات

آب جنـس خـاک آمـد در نبـات

(جنسيت يا هم جنسي جي معنيٰ اها نه آهي، ته ڪي به شيون شڪل ۾ هر طرح هڪ جهڙيون هجن، پر جنسيت يا هم جنسي جي معنيٰ آهي ته ڪن شين جي پاڻ ۾ پوري مناسبت هجي. ڏسو نباتات ۾ پاڻي ۽ مٽي ڪيئن نه پاڻ ۾ هم جنس ٿيو وڃن ٿا، جيتوڻيڪ سندن شڪليون ۽ صورتون عليحديون عليحديون آهن.) نباتات واري جنسيت يعني مناسب جو مثال: يعني پاڻي ۽ مٽي نباتات جا عنصر ۽ انهن جون غذائون آهن جيتوڻيڪ پاڻ ۾ ذاتي طرح يا صورت جي لحاظ کان هم جنس نه آهن. ساڳيءَ طرح انسان جي به حق تعاليٰ سان مناسبت آهي، پر ذاتي يا صورتي هڪجهڙائي نه آهي. هوا کي باه سان ايتري قدر مناسبت آهي، جو ان کان سواءِ ٻري ئي نٿي پر انهن جون ماهيتون نراليون آهن. آخر هي روح به بدن سان مليو پيو آهي، پوءِ ڀلا روح بدن جي مثل ٿي سگهي ٿو؟ هرگز نه. دل جو نور هڪڙي رت جي ڦڙي ۾ لڪل آهي. حالانڪ ٻنهي جي ماهيت ۾ وڏو تفاوت آهي. خوشي گردي ۾، غم جگر ۾، عقل جي شمع مغز جي فانوس ۾، بوءِ نڪ ۾، ڳالهائڻ زبان ۾، راند نفس ۾ ۽ بهادري دل ۾ پيدا ٿئي ٿي. اهي اهڙا تعلق آهن جن جي نه ڪيفيت بيان ڪري سگهجي ٿي ۽ نه مثال ڏيئي سگهجي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سورهين آڪاڻي

## هڪڙي اجايل جو پٿر تان نديءَ ۾ پٿر اڇلڻ

ڪنهن نديءَ جي ڪناري تي هڪڙي پٿر هوندي هئي. ان پٿر جي ڀرسان هڪڙو مصيبت جو ماريل اجايل شخص ويٺو هو. اجايل پاڻيءَ جو طالب، پاڻيءَ جي شوق ۾ مست ۽ بيقرار هو. اهو اجايل شخص مڇيءَ وانگر پاڻيءَ لاءِ پئي ڦٿڪيو. هو رڙيون ڪرڻ لڳو. آخر هڪڙو سر جو ٽڪر پٿر مان پٽي اڇلي نديءَ ۾ ڦٽو ڪيائين. تنهن تي نديءَ جي پاڻيءَ مان آواز آيو. پاڻيءَ گويا هن کان پڇيو ته "تو جو سر ٽڪر اڇلائي مون کي هنيون، تنهن مان توکي ڪهڙو فائدو پهتو؟"

اجايل جواب ڏنو، "ته اي پاڻي! مون کي ٻه فائدا ٿيا آهن، تنهن ڪري هاڻي آءٌ سرن پٽيان سر تو ۾ اڇليندو رهندس. پهريون ته سر اڇلڻ ڪري جيڪو آواز تو مان نڪري ٿو سو اجايل لاءِ شافي جواب آهي. اهو آواز اسرافيل جي آواز وانگر اجايل کي سنڌ سنڌ ۾ ساه وجهيو ڇڏي. ٻيو فائدو هي آهي جو جيڪا سر پٿر مان ڪيندس سا توڏانهن منهنجو رستو پيدا ڪندي ويندي ۽ آءٌ توکي ويجهو ٿيندو رهندس."

### نصيحت- وچ واري اٽڪ ٽار ته ويجهو ٿين وصال کي!

سجده آمد کندن خشت لزب

موجب قربی که واسجدو اقترب

(بد اخلاقيءَ جي جميل سرن کي پنهنجي وجود جي پٿر مان اکيڙي ڪڍڻ، سجدو ڪرڻ آهي ۽ اهو حق جي قرب جو سبب آهي. جيئن فرمان آهي ته "واسجدو اقترب" سجدو ڪر ۽ ويجهو ٿيءُ.) جيستائين هن وجود جي پٿر کي مٽي ڪبو رهبو، تيستائين اها پٿر سجدي جي بجا آوري کان روڪيندي رهندي. جيستائين هن خاڪي بدن کان ڇوٽڪارو نه ماڻيندين تيستائين آب حيات تي سجدو ڪري نه سگهندين. وچ جي اٽڪ ٽارڻ لاءِ جوانيءَ واري ڪوشش جهڙي ڪارگر ۽ فائديمند ٿيندي، تهڙي پيريءَ واري ڪوشش نه ٿيندي. بد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اخلاقي جي ٻوٽي جون جڏهين پاڙون مضبوط ٿي وينديون تڏهن ڪيئن اکڙي سگهنديون؟

## سترهين آکاڻي
## رستي ۾ ڪانڊيرا پوکيندڙ شخص

هڪڙي ڪنور دل واتراڌي ماڻهوءَ رستي جي وچ ۾ ڪانڊيرا ڪٽي پوکيا. رستي تان ايندڙ ويندڙ ماڻهو هن کي چوندا هئا ته ڪانڊيرا پٽي ڇڏ پر هو ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيندو هو، تان جو اهي ڪانڊيرا ويا پکڙندا ۽ وڌندا ۽ رستي تان ايندڙ ويندڙ ماڻهن جي پيرن کي زخم ۽ ايذاءُ پهچائيندا. هڪڙي پاسي درويشن ۽ غريبن جا پير ڦٽبا هئا ته ٻئي پاسي هنن جا ڪپڙا ڦاٽندا هئا. آخر وقت جي حاڪم کي اها خبر پيئي جنهن ان خبيث کي گهرائي رستي تان ڪانڊيرن پٽي ڇڏڻ جو حڪم ڏنو. حاڪم کي چيائين ته ”حاضر آءٌ ڪنهن ڏينهن پٽي ڇڏيندس.“ اج نه سڀان ڪندي ڪي ڏينهن گذري ويا ۽ ڪنڊيرا به رستي ۾ پاڙون هڻي پڪا ٿي ويا مگر ان خبيث نه وڍيا ته نه وڍيا. هڪڙي ڏينهن حاڪم گهرائي چيس ته ”نامراد تون جو اڄ نه سڀان، اڄ نه سڀان پيو ڪرين تنهن جو چيهه ئي نٿو ٿئي. جيئن ڏينهن وڃن پوندا تيئن ڪانڊيرا وڃن جوان ٿيندا ۽ تون پٽڻ وارو وڃين پوڙهو ٿيندو، تنهن ڪري هڪدم اهي ڪانڊيرا وڍي رستو صاف ڪر.“...

### نصيحت- خراب عادتون رستي ۾ ڦٽل ڪانڊيرا آهن

خاربن دان هر يکی خوءِ بدت

بارها درپاءِ خار آخر زدت

”تون پنهنجي هر هڪ خراب عادت کي ڪنڊي جو وڻ سمجهه، انهيءَ جا ڪنڊا آخر ڪئن ڀيرا تنهنجن پيرن ۾ به چڀيا هوندا.“ ڪئين ڀيرا تون پنهنجن برن ڪمن جي ڪري شرمندو ٿيو هوندين. جيڪڏنهن تون ٻين جي نقصان کان غافل آهين (جيڪا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي بداخلاقيءَ جي نشاني آهي) تہ آخر پنهنجي زخمہ کان تہ غافل نہ رهہ. گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي بچاءَ خاطر ئي انهيءَ بلا کان پاسو ڪر. تنهنجيون بريون عادتون نہ رڳو تنهنجي لاءِ، پر ٻين لاءِ بہ آزار آهن. جيڪڏهن تون پنهنجي همت سان پنهنجون بريون عادتون پاڻ مان ڪڍي ڇڏيو سگهين تہ ڪنهن مرشد جي اوٽ ۽ صحبت وٺ، مرشد جو نور تنهنجي نار (باهہ) کي اجهائيندو ۽ مرشد جو وصل تنهنجي ڪندن کي باغ بنائيندو.

## نصيحت- پيريءَ ۾ بہ جيڪي ڪري سگهين سو ڪر

هاڻي هن پيريءَ ۾ جيڪي بہ ڏينهن تو ۾ اجا ڪمہ ڪرڻ جي پهچ آهي، سي بہ ڏينهن عبادت ۽ بندگيءَ ۾ مشغول رهہ. پيرسن تي ڪري جوانن وارا شوق نہ پچاءِ. جيسين سسيءَ ۾ ساهہ اٿيئي يا جيسين زندگيءَ ۽ روح جو جوهر دار ڏيئو نہ وساڻو اٿيئي، تيسين اُن ڏئي ۾ عبادت ۽ صالح اعمالن جو تيل ۽ وٽ وجهندو رهہ، جهڙيءَ طرح وٽ سورڻ ۽ تيل ڏيڻ سان ڏيئو ٻرندو رهي ٿو، تهڙي طرح روح بہ چڱن اعمالن جي ڪري روشن رهندو اچي ۽ عمر ۾ خدا برڪت بخشي ٿو. اڄ جو ڪمہ سڀان تي نہ رک. سڀاڻي سڀاڻي ڪري ٻچ پوڪڻ جو باقي رهيل وقت بہ هٿان وڃائي نہ وهين.

## نصيحت- روح جي آزاديءَ جا وسيلا

### (۱) بدني سخاوت:

پند من بشنو ڪ تن بند قوی ست
کهنه بيرون کن گرت ميل نوی ست
لب ببند وکف پرزر برکشا
بخل تن بگذار و پيش آور سخا

”منهنجي نصيحت ٻڌ! بدن روح جي لاءِ هڪڙو ڳرو قيد آهي. جيڪڏهن نئين روحاني زندگيءَ جي خواهش اٿئي تہ هن پراڻي بنديخاني کي ٽوڙ. چپن کي اجائي گفتگو ڪاڻ بند رک. جيڪڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجا هٿ چانديءَ ۽ سون سان ڀريل هجن ته حق جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ لاءِ کول، بدن جو بخل ڦٽو ڪر ۽ سخاوت اختيار ڪر." جسماني لذتون ۽ سڌون ڦٽو ڪرڻ جسماني سخاوت آهي، ڇو ته لذتن ۽ سڌن ۾ جيڪو ٻڏندو سو وري نه ترندو. اها بدن جي سخا بهشت جي وڻ جي شاخ آهي. افسوس آهي انهيءَ جي حال تي، جيڪو اها ٽاري هٿان ڇڏي ٿو ڏئي.

(٢)صبر:

يوسف حسني تو اين عالم چو چاه

وين رسن صبر ست ازا مرالاه

"تون روحاني حسن جي لحاظ کان يوسف آهين ۽ هيءُ جهان گويا هڪڙو کوهه آهي ۽ هيءَ رسي جنهن جي وسيلي تون خدا تعاليٰ جي حڪم سان اُنهيءَ کوهه مان نڪري سگهين ٿو، سا رسي آهي صبر." انهيءَ رسيءَ کي قابو جهل ته کوه مان نڪري حقيقي بادشاه جي دربار ۾ پهچين ۽ اتي هڪڙو اهڙو نئون عالم ارواح ڏسين جو اهل بصيرت جي لاءِ نهايت پڌرو آهي. پر بي بصيرت لاءِ لڪل ۽ ڳجهو آهي. هميشه حق جي طرفان جيڪي پيش اچي، سو پنهنجي حق ۾ بهتر ڄاڻجي ۽ صبر (استقامت) ڪري رضا تي راضي رهجي.

(٣)مرشد:

اسپ بی راکب چه داند رسم و راه

شاه باید تا بداند شاهراه

"گهوڙو سوار کان سواءِ سنئون رستو ڪيئن هلندو. شاهي رستي جو واقف ماهر سوار گهرجي، جيڪو گهوڙي کي چڱي طرح هلائي." مرشد حقاني نور جو مظهر آهي. مرشد ئي روح کي سنئين سڌي رستي تي هلائي حق سان واصل ڪرائيندو ڇاڪاڻ ته هو رستي جي لاهين چاڙهين کان بخوبي واقف هئڻ ڪري رهبري ڪري سگهندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**تمثيل- پليتائي واري شخص سان پاٽي جي گفتگو:**

هڪڙي پليتائيءَ واري شخص کي پاٽيءَ چيو ته ”اي شخص تون جلدي مون وٽ اچ.“ ان شخص چيو ته ”مون کي تو کان شرم ٿو اچي، ڇاڪاڻ جو آءٌ ناپاڪ آهيان سو وري تو جهڙي پاڪ شئي ۾ داخل ٿي توکي ڪيئن ناپاڪ ڪريان؟“ پاٽيءَ چيس ته ”مون ۾ گهڙڻ کانسواءِ تنهنجو شرم ڪيئن لهندو ۽ مون ۾ گهڙڻ کانسواءِ تنهنجي پليتائي ڪيئن دفع ٿيندي؟“

**نصيحت- دل جو حوض ۽ بدن جو حوض**

دل زپايئه حوض تن گلناک شد

تن ز آب حوض دلها پاک شد

(اي انسان! تنهنجي اندر ٻه حوض آهن، هڪڙو دل جو حوض ۽ ٻيو بدن جو حوض. دل بدن جي حوض ۾ گهڙڻ سان گدلي ٿيو پوي ٿي، پر بدن دل جي حوض جي وسيلي پاڪ ٿي پوي ٿو.) اي پيارا! دل جي حوض جي ڍاڪڻ تي بيشڪ لهه چڙهه ڪر، پر خبردار! بدن جي حوض کي ويجهو به نه وڃ. دل جو حوض آهي سهڻن اخلاقن جو چشمو ۽ بدن جو حوض آهي بداخلاقن جو چشمو. جيئن ته هلي سگهين يا رڙهي سگهين تيئن دل جي حوض ڏانهن هل.

## ارڙهين آکاڻي

## ذوالنون مصريءَ جي بيماري ۽ سندس دوست

حضرت ذوالنون مصري عليه الرحمه ۾ ڪو اهڙو عشق جو ولولو اچي پيدا ٿيو جو ظاهر پرست هن مان بيزار ٿي پيا. هن جي آتش صفت تقرير، مڪر ۽ فريب پرين ڏاڙهين کي ساڙيو دف ڪري ڇڏيو ٿي. جيئن ته حضرت ذوالنون جي انهيءَ عاشقانه بيماريءَ ظاهر پرست عالمن ۽ بزرگن جا وکا پڌرا ڪري وڌا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا. تنهن ڪري انهن هلنديءَ وارن عالمن ۽ بزرگن وقت جي حاڪم کي دانهون ڏيئي حضرت ذوالنون مصري کي چريائي جي تهمت هيٺ ڪٽي قيد ۾ رکايو. حق پرست انسان سچ چوڻ کان نه رهندا آهن ۽ عام خلق ۽ خود غرض ماڻهو سچ کي پنهنجي حق ۾ مچ ڪري ڄاڻندا آهن. جڏهن اهڙن سچ جي دشمنن ۾ اندر جي انڌن جي هٿن ۾ حڪومت جون واڳون هونديون آهن، تڏهن ئي حضرت ذوالنون مصري جهڙن املهه ماڻڪن جو قدر ڪونه ٿيندو آهي...

**نصيحت- جتي ڪا خوبي هوندي اتي حسد پيدا ٿيندو**

زر خالص را وزر گررا خطر

باشد از قلاب وخايئن بيشتر.

(سچي سون ۽ سچي سون گهڙيندڙ سوناري کي هميشه گلٽ ساز ۽ ننگ سوناري کان گهڻو خطرو رهنو آهي.) اڪثر خدا شناس انسان دنيا ۾ اندر جي انڌن انسانن کان لڪي ڇپي گذاريندا آهن، سو به انهيءَ ڪري جو اهڙن بيقدرن اڳيان پنهنجي سلامتي خطري ۾ سمجهندا آهن. حضرت يوسف کي به سندس ڀائرن جو حسد ئي بگهڙ ٿي لڳو. قيامت جي ڏينهن جيئن حرص ۽ لوڀ وارو ماڻهو سوئر جي شڪل ۾ هوندو ۽ ٻين بد افعالن وارا ماڻهو به جدا جدا صورتن ۾ هوندا تيئن حاسد ماڻهو بگهڙن جي صورت ۾ ظاهر ٿيندا.

**نصيحت- انسان جو اندر هڪڙو جهنگل آهي**

بيشئه آمد وجود آدمی

پر حذر شو زين وجودار آدمی

(انسان جو وجود جهنگلي جانورن ۽ ڏاريندڙ ۽ ڦاڙيندڙ مرن جي عادتن ۽ لڇڻن سان ڀريو پيو آهي، تنهن ڪري انسان جو وجود گويا هڪڙو خطرناڪ جهنگ آهي، جنهن ۾ ڏاريندڙ ڦاڙيندڙ مرون رهن ٿا. جيڪڏهن تون سچو پچو سياڻو انسان آهين ته انهيءَ جهنگ جو خيال رکندو هل.) تنهنجين عادتن ۾ جيڪا عادت توتي وڌيڪ غالب هوندي، تنهن عادت جي لحاظ کان قيامت جي ڏينهن تنهنجي صورت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيندي. جيئن سمجهو انسان جانورن کي بہ انساني ڪم سيکاري سگهن ٿا، مثلاً رڇ ۽ پولڙي کي نچائڻ، ٻڪر کي سلام ڪرائڻ، طوطي کي ڳالهائڻ سيکارڻ، گهوڙن شينهن ۽ ٻين جانورن کان ناٽڪن ۽ کيلن ۾ انسانن جهڙا ڪم ڪرائڻ وغيره) تيئن عارف ۽ ڪامل بزرگ، انسان جي اندروني جهنگ جي درندن کي سڌاري ۽ نمائي سگهن ٿا. (خراب لڇڻن ۽ عادتن کي مٽائي چڱا لڇڻ ۽ سٺيون عادتون بنائي سگهن ٿا.)

... جڏهن حضرت ذوالنون مصري کي قيد روانو ڪيائون تڏهن سندس دوست ۽ خاص مريد جدا جدا طرفن کان اچي نڪتا ۽ هن کان حال احوال ونڻ لاءِ قيد خاني ڏي روانا ٿيا. واٽ تي پاڻ ۾ راءِ زني ڪندا ويا، تہ "سچ پچ ديوانو ٿي پيو آهي ۽ شايد ان ۾ بہ الله تعاليٰ جي حڪمت آهي." ڪي چون تہ ههڙو خدا جو سنواريو انسان عقل جو درياءَ وري چريائيءَ جون ڳالهيون ڪيئن ڪندو؟ هو پاٺهي جاٽي پاڻ کي ديوانو بنائي قيد ۾ ويو آهي، ٻڌو ڪين اٿو تہ هو پاڻ قيد ۾ سپاهين کي پيو چوي، تہ "اي سپاهيو! مون کي زنجيرن ۾ قابو ٻڌو ۽ ڳائي چم جي خرد من سان منهنجا پنا ڪٽيو ۽ انهيءَ ڳالھ جو ڪوبہ سبب مون کان نہ پڇو. پل تہ آءٌ انهن زخمن جي وگهي مري وڃان، يا جيئن حضرت موسيٰ ڳائي چمڙي سان ڪنل انسان کي جياريو هو تيئن نئين سر جي پوان...

### تمثيل- حضرت موسيٰ جي ڳئون:

حضرت موسيٰ جي وقت ۾ هڪڙو شاهوڪار بني اسرائيل ۾ هوندو هو، جنهن جو ڀائٽيو تمام ڪنگال ۽ مسڪين هوندو هو. ڀائٽي پنهنجي چاچي کي رات جو قتل ڪري ان جو لاش رات وچ ۾ ئي ڪنهن ٻئي ڳوٺ جي ٻاهران ڦٽو ڪري، صبح جو حضرت موسيٰ کي اچي دانهن ڏني، تہ فلاڻن بني اسرائيلن منهنجي چاچي کي قتل ڪيو آهي. حضرت موسيٰ پڇا ڳاڇا ڪئي پر ڪوبہ پتو ڪونہ پيو. جن معتبرن تي ان قاتل تهمت رکي هئي، سي ۽ ٻيا سڀ بني اسرائيل حضرت موسيٰ وٽ آيا ۽ اچي عرض ڪيائونس تہ "تون مهرباني ڪري طورسينا جبل تي خدا تعاليٰ کان دعا گهر، تہ سچو پچو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاتل پڌرو ٿئي.“ حضرت موسيٰ وٽي دعا گهري. دعا قبول پيئي ۽ حضرت موسيٰ اسرائيلن کي اچي چيو تہ ”ان الله يامرڪم ان تذبحوا بقره (الله تعاليٰ اوهان کي حڪم ٿو ڏئي، تہ هڪڙي ڳئون ذبح ڪريو)“ قالوا اتتخذنا هزوا؟ (بني اسرائيل چوڻ لڳا تہ تون اسان سان چرچا ٿو ڪرين ڇا؟ جڏهن حضرت موسيٰ انهن کي يقين ڏياريو تہ سچي پچي قاتل هٿ ڪرڻ جو اهوئي رستو خدا تعاليٰ ڏسيو آهي. تڏهن هنن کي دلجاءِ ٿي. پوءِ پڇڻ لڳا تہ ڳون ڪهڙي نموني جي هجي، سندس رنگ ڪهڙو ۽ عمر ڪهڙي هجي؟ جڏهن انهن سيني سوالن جا جواب انهن کي حضرت موسيٰ کان مليا تڏهن انهن نشانين واري ڳئون جي ڳولا ڪرڻ لڳا.

هڪڙو نيڪ بخت بني اسرائيل مرڻ وقت پنهنجي زال ۽ ننڍڙي پٽ لاءِ هڪڙي ڳابي ڇڏي ويو هو. جهڙي هئي اها مائي خدا پرست ۽ ديندار، تهڙو ئي سندس يتيم پٽ بہ نهايت ديندار ۽ حق پرست ساماڻو هو. ڪاٺيون جهنگ مان ڪريو ايندو هو ۽ اهي وڪڻيو ٻئي ماءُ ۽ پٽ پيا گذران ڪندا هئا. ڇوڪر کي پٽس کان جيڪا ڳابي ورثي ۾ ملي هئي، سا بہ هينئر مڇي مواڙ ٿي پيئي هئي نيڪ بخت مائيءَ کي الهام ٿيو، تہ ”اها ڳئون حضرت موسيٰ تو کان خريد ڪرڻ ايندو ان جو ملھ ڇئجانس تہ ڳئون جو چوڙو سون سان ڀري ڏئي. هو توکي اهو ملھ ڏيئي سگهندو ۽ پوءِ اوهين ٻئي ماءُ پٽ پنهنجي حياتي سکي ۽ آسودي گذاري سگهندا.“

جن نشانين واري ڳئون ذبح ڪرڻي هئي، سا فقط اها ئي هئي، جا يتيم ڇوڪر ۽ بيوه زال جي ملڪيت هئي. حضرت موسيٰ اها ڳئون وٽي خريد ڪئي، مالڪن جيترو سون ملھ طور گهريو، جو سيني بني اسرائيل ڏيڻ قبول ڪيو. تنهن کان پوءِ انهيءَ ڳون جي قرباني ڪئي ويئي ۽ ان مان هڪڙو گوشت جو ٽڪر قتل ٿيل مرد جي جسم سان حضرت موسيٰ ڇهايو. اهو مرد جيئرو جاڳندو ٿي اٿي وينو ۽ بني اسرائيلن جي ميڙ ۾ بلند آواز سان پنهنجو سچو پچو قاتل (سندس ڀائيٽو) ٻڌايائين ۽ وري پوءِ اتي جو اتي دم ڏنائين، بني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسرائيلن چوڙو سون سان ڀري ڳون جي مالڪن کي ڏنو ۽ قاتل کي جوڳي سزا ملي. انهيءَ تمثيل جي مدنظر تي حضرت ذوالنون مصري قيد خانہ جي سپاهين کي تي چيو تہ اي سپاهيو اوهين مون کي ڳائي چمر جي خرد من سان سٽيو تہ:

تاز زخم لخت يا بمن حيات
چون قتيل ازگا و موسی ای ثقات

(تہ جيئن اي معتبر آدميو! آءٌ انهيءَ ڳائي چمر مان ٿهيل خرد من جي ڌڪ کان جيئرو ٿي پوان، جيئن حضرت موسيٰ جي خريد ڪيل ڳئون جي گوشت جي ٽڪر ڇهائڻ سان قتل ٿيل بني اسرائيل جيئرو ٿي پيو هو.)

**نصيحت- جسماني نفساني ڳئون کي ذبح ڪر**

چونک کُشته گرد د این جسم گران
زنده گرد د هستی اسرار دان-

(اهڙيءَ طرح جڏهن هي ٿلهو جسم فنا ٿي ويندو تڏهن راز دان هستي زنده ٿي پوندي.) هن جسم جي فنا ٿيڻ سان روح ۾ لطافت ۽ پاڪيزگي پئدا ٿي پوندي ۽ تمام گهڻا اهڙا علم ۽ حقيقتون کلي پونديون جيڪي جسماني زندگيءَ ۾ ان کان لڪل رهن ٿيون. پوءِ روح بهشت ۽ دوزخ کي ڏسي سگهندو ۽ سڀ اسرار ان کي معلوم ٿي ويندا. پوءِ جيئن قتل ٿيل بني اسرائيل قاتل ۽ ان جا سڀ صلاحڪار پڌرا ڪري وڌا هئا، تيئن روح بہ قاتل شيطان جا سڀ مڪر ۽ فريب کولي وجهندو. معرفت جي دستور موجب جسماني ڳئون توکي ضرور ذبح ڪرڻي آهي، تہ جيئن روح، ان جي چمر جي خردم جي ڌڪ سان هوش ۾ اچي نفساني ڳون کي جلد ذبح ڪر، تہ روح جيڪو هينئر ڪمزور آهي، سو مخالف طاقت جي برباد ٿيڻ ڪري طاقتمند، ۽ باهوش ٿئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن حضرت ذوالنون جا دوست قيدخاني ۾ وجي چوڻ لڳا ته "اسين تنهنجا فلاڻا دوست ۽ معتقد آهيون ۽ توکان پڇڻ آيا آهيون. اسان کي مهرباني ڪري سچي خبر ڏي. اسين تنهنجا خيرخواه دوست آهيون، اسان کان ڪابه لڪ چپ نه ڪر. دوستن کان لڪ ڪرڻ مروت کان ٻاهر آهي. هرويرو دل جي ڳالهه دل ۾ رکي پاڻ کي ڳٽين ۾ نه ڳار. تڏهن حضرت ذوالنون دوستن جون واجبي ۽ حجت ڀريون ڳالهيون ٻڌيون ۽ هنن جي دوستيءَ جي سچائي پرکڻ لاءِ تيار ٿيو. ڀريائين گارگند ڏيڻ ۽ فحش بڪڻ شروع ڪيائين. چڙ منجهان اٿي انهن تي پٿر وسائڻ ۽ لٺيون هڻڻ شروع ڪيائين. سڀ دوست لٺين جي ڏڪن جي خوف کان قيد خاني کان پٺي ٻاهر نڪري ويا. دوستن جي پٺي ٻاهر نڪرڻ تي ذوالنون ٽهه ڪري کلڻ ۽ مٺو لوڏي چوڻ لڳو ته "يارن جي سچائي ۽ نيت جي صفائي ته ڏسو! واهه جا دوست ٿيا آهن! دوست اهي جيڪي دوست جي هٿان پهتل تڪليف کي ساه جهڙو پيارو سمجهن. هي به دوست چئبا جو ٿونٺ لڳي ته ساهيڙي ڀڄي!".

## نصيحت- سچي دوست جي نشاني؟

نی نشان دوستی شد سر خوشی؟
دربلا و محنت و آفت کشی
دوست همچوزر، بلاچون آتش ست
زر خالص در دل آتش خوش ست

(ڏک وقت دوست سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏيئي بيهڻ سچي دوستيءَ جي نشاني نه آهي ڇا؟ دوست آهي سون. ۽ آفت يا ڏک آهي باه. جيئن نج سون جو جوهر باه ۾ پڌرو ٿيندو آهي، تيئن سچي دوست جي دوستي جي پرک به ڏک وقت ٿيندي آهي.)

## اوڻهين آکاڻي

## حضرت لقمان جي ذاهپ جي آزمائش

حضرت لقمان (جيڪو پوءِ لقمان حڪيم جي نالي سان مشهور ٿيو) سو در اصل هڪڙي يهودي شاهوڪار جو زر خريد شيدي غلام هو. هو ننڍي عمر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ئي نيڪدل غلام هوندو هو ۽ رات ڏينهن ڪم ڪار ڪرڻ ۾ چست رهندو هو، تنهن ڪري پنهنجي ڏٽيءَ ڪي ڏاڍو وڻندو هو. سندس مالڪ سڀ ڪنهن ڪم ۾ ڪانئس صلاح پڇندو هو ۽ ڪيس پنهنجن پٽن وانگر ڀائيندو هو ڇاڪاڻ جو حضرت لقمان پنهنجي ذاتي صفتن جي ڪري ۽ نفساني خواهشن جي غلاميءَ ڪان بلڪل آزاد هئڻ ڪري املھ ماڻڪ هو. حضرت لقمان جو آقا هن جي لڇڻن ۽ فضيلت ڪري اهڙو ته خوش هو، جو هن کي آزاد ڪري ڇڏيائين، پر حضرت لقمان جي مرضي هئي ته آءٌ گمنامي ۾ رهان تنهن ڪري غلام ٿي رهڻ پسند ڪيائين. آقا جو ايڏو راز حضرت لقمان تي ٿي ويو جو جڏهن سندس طعام ايندو هو، تڏهن حضرت لقمان کي سڏي پاڻ سان گڏ ماني کارائيندو هو. هڪڙي ڏينهن آقا کي ڪو گدرو سوکڙيءَ طور ڪٿان مليو. گدري گڏجي کائڻ لاءِ حضرت لقمان کي سڏايائين. جڏهن حضرت لقمان آيو تڏهن آقا ڇڙيءَ سان ڀهريائين گدري جي قار وڍي حضرت لقمان کي ڏني، جا هن ڪرچ ڪرچ ڪري کائي ڇڏي. آقا ٻي قار ڏنيس، اها ٻه کائي ويو. ايئن هڪ ٻئي پٺيان سترهن قارون حضرت لقمان کي ڏنائين. اهي سترهن ئي لقمان کائي ويو. باقي وڃي رهي هڪڙي قار. آقا دل ۾ چيو ته گدرو اهڙو ڪو لذيذ آهي، جو لقمان انڪار ڪرڻ ڪانسواءِ خوشيءَ سان سترنهن قارون کائي ويو آهي، تنهن ڪري هيءَ باقي رهيل قار آءٌ ٻه ته کائي ڏسان. ايئن سوچي آقا ان قار جو هڪ ٻُترو وات ۾ وڌو ته ڪوڙاڻ جي سختيءَ کان وات ٻرڻ لڳس، زبان ڦلهارجي پيس، لقمان ڏي نهاري چوڻ لڳو ته "اي پيارا پٽ لقمان! تون هيءُ زهر جهڙو گدرو ڪيئن منهن گهنجائڻ ڪانسواءِ کائي وئين؟ ايڏو تحمل ۽ صبر! توکي پنهنجو ساه ڪڙو آهي ڇا! آءٌ قار پٺيان قار ڏيندو ويس ته تو وري کائڻ کان انڪار ڪرڻ لاءِ ڪو عذر ۽ بهانو ٻه نه ڪيو!" حضرت لقمان جواب ڏنو ته "منهنجا مهربان آقا! تنهنجي هٿان مون اهڙيون عمديون ۽ عجيب عجيب شيون کاڌيون آهن، جو انهن جي احسان جي بار کان آءٌ ڪنڌ کڻي نٿو سگهان. اڄ تنهنجي هٿان زهر جهڙي شيءِ مون کي ملي ۽ آءٌ ان جي کائڻ کان انڪار ڪريان يا عذر بهانو ڪريان سا ڳالھ مون پنهنجي لاءِ شرم جهڙي سمجهي. ساري ڄمار تنهنجي هٿان مٺيون شيون کائي هڪڙي ڀيري تنهنجي هٿان ڪڙي شيءِ کائڻ کان انڪار ڪريان سا ڳالھ محبت جي خلاف ڄاتم."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نصيحت -محبت ۾ ڪوڙاڻ به مٺاڻ آهي

از محبت تلخها شيرين شود

وز محبت مسها زرين شـود

"محبت جي چاشني سان ڪڙي ۾ ڪڙيون شيون به مٺيون لڳنديون آهن ۽ محبت جي اڪير سان ٽامو به سون ٿي پوندو آهي." محبت جا ڪنڊا به گل ٿي لڳندا آهن، محبت ۾ سرڪو به شراب کان وڌيڪ سواد ڏيندو آهي. محبت جي ڦاسي به تخت نظر ايندي آهي ۽ محبت ۾ بار به بخت نظر ايندو آهي. محبت ۾ قيد باغيچو، ديو حور، نار نور، ڏک سک، نيش نوش ۽ بيماري صحت نظر اچي ٿي. محبت ۾ مئل جيئرو ٿيو پوي ۽ بادشاه محبت ۾ غلام بنجيو پوي. اها محبت به دانائيءَ جو نتيجو آهي، ڇاڪاڻ جو عقل مان ئي عشق پيدا ٿيندو آهي، بيوقوفيءَ مان عشق ڪين پيدا ٿيندو؟

## ويهين آکاڻي
## حضرت سليمان عليه السلام ۽ بيبي بلقيسا

سبا ولايت جي راڻي بيبي بلقيسا کي خدا تعاليٰ سؤ مردن جو عقل عطا ڪيو هو. هد هد پکي حضرت سليمان جو خط ۽ نشاني کڻي جڏهن بيبي بلقيسا کي پهچايو تڏهن بيبي بلقيسا حضرت سليمان جو خط تعظيم سان وٺي پڙهيو پر خط آڻيندڙ هد هد جو ايرو جسم ڏسي ڏانهنس نفرت سان نهارڻ لڳي. جيتوڻيڪ بيبي بلقيسا جسماني لحاظ کان هد هد ڏانهن حقارت ڏيکاري، پر جڏهن ان جي پيغام آڻڻ جي قابليت تي ويچار ڪيائين، تڏهن هد هد کي تعظيم جي لائق سمجهيائين. هد هد جي جسم کي درياءِ جي گجي سمجهيائين پر هد هد جي دل کي وڏو درياءَ ڪري ڄاتائين. بلقيسا جي جسماني احساس (ظاهري حواس) هد هد کي رواجي پکي ڪري سمجهيو، پر سندس روحاني ادارڪ (عقل) هن کي وڏي عزت جي لائق ڪري سمجهيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### نصيحت- عقل ۽ حواس ۾ تفاوت

اي انسان! تون حواسن تي باور نہ ڪر، ڇو تہ حواسن واري اک عقل جي دشمن آهي. عقل توکي انهيءَ حق تعاليٰ ڏي نيندو جنهن جو حڪم باه، هوا، زمين، پاڻي، جبل وغيره سڀ تي هلي ٿو.

### تمثيل- زمين ۾ گم ٿيل پاڻيءَ کي ٻاهر آڻڻ بابت هڪڙي فيلسوف جو بحث:

ڪنهن شخص وڏي آواز سان قرآن شريف جو دؤر پئي ڪيو. جڏهن هن هي لفظ پڙهيا "قل ارايتم اِن اَصبح ماءُڪم غورا فمن يا تيڪم بماءِ معين" (اي حضرت محمد ﷺ! تون حق کان انڪار ڪندڙن کي چؤ تہ "ڏسو جيڪو پاڻي اوهين پيو پيا، سو جيڪڏهن زمين ۾ گم ٿي وڃي ٿو، تہ پوءِ ڪير اوهان جي لاءِ زمين مان پاڻيءَ جا چشما پيدا ڪندو؟") تڏهن هڪڙو منطق دان فيلسوف اتان اچي لنگهيو. هو قرآن شريف جي مٿين حجت ٻڌي چوڻ لڳو تہ "اسين اهو پاڻي زمين مان ڪوڏرن جي وسيلي پيدا ڪري سگهنداسون." رات جو جڏهن اهو فيلسوف ننڊ ۾ سمهيو پيو هو، تڏهن هڪڙي شير مرد منهن تي اهڙو ٿڦڙ هنيس، جو ٻنهي اکين کان انڌو ٿي پيو. پوءِ ان غيبي مرد چيس تہ اي بدبخت جيڪڏهن تون پنهنجي حجت ۾ سچو آهين تہ هاڻي انهن پنهنجن ٻنهين چشمن ۾ تہ ڪوڏرن سان ڪوتي پاڻي آڻ."

صبح جو اهو شخص اٿيو تہ ٻنهي اکين کان پاڻ کي انڌو ڏٺائين. جيڪڏهن حق تعاليٰ جي درگاهہ ۾ آهہ زاري ۽ توبہ ڪري ها ۽ دعا گهري ها تہ چڱو ٿي پويس ها، پر هن کي اها سمجهہ ڪانہ آئي. خدا تعاليٰ کي ستائڻ سان ڪهڙو بہ مشڪل ڪم آسان ٿي پوي ٿو، جيڪو ڪم انسان جي نظر ۾ ناممڪن آهي سو بہ ممڪن ٿي پوي ٿو. پر حق جو منڪر پنهنجي شامت سببان سون کي ٽامو ۽ صلح کي جنگ بنايو وجهي ٿو. حق جي منڪر جي دل سختيءَ جي ڪري سخت پٿر ٿي ويندي آهي تہ پوءِ توبہ ان سخت پٿر کي اعمال



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪيتي پوڪڻ لاءِ ڪيئن چيري نرم ڪري سگهندي؟

نصيحت- رڳو توبہ تي بہ متان ياڙي وهين

هين! به پشتي آن مکن جرم وگناه

که کنم توبه داريم در پناه

"اي انسان! خبردار انهيءَ ڀروسي تي گناه متان ڪرين، تہ آءٌ توبہ ڪري پنهنجا گناه بخشرائي ڇڏيندس ۽ حق تعاليٰ جي پناه ۾ اچي ويندس." توبہ جي لاءِ قلب جي سوزش ۽ اکين جي اشڪباري جي ضرورت آهي. توبہ جي لاءِ بجلي جهڙي بيقراري ۽ ڪڪر جهڙي اشڪباري ضروري آهي. جيستائين ڪڪر نہ رئندو آهي، بجلي نہ چمڪندي آهي، جيستائين بوندون نہ ڪرنديون تيستائين ذوق وصال جي ساوڪ ڪيئن ايرندي؟ ڪيئن باغ باغيچا ٽڙندا؟ سڀ ڪان سهڻي اها ڳالهہ آهي تہ اي انسان! تون سچيءَ دل سان خدا تعاليٰ کي سيني تشبيهن ۽ تمثيلن کان پاڪ ڄاڻي هن جي ذڪر ۾ مشغول رهہ ۽ ٻين ڳالهين ۽ قصن کي ڪٽي ڦٽو ڪر.

## ايکهين آکاڻي

## هڪڙي ٻڪرار جي عبادت ۽ حضرت موسيٰ عليہ السلام جو ان ۾ دخل

حضرت موسيٰ هڪڙي ٻڪرار کي رستي تي ڏٺو، جنهن خدا تعاليٰ جي يادگيري هن ريت پئي ڪئي. چي: "يا خدا! تون ڪٿي آهين؟ تہ تنهنجي خدمت ڪري توکي ڪپڙا سبي ڏيان. توکي کير پياريان. جيڪڏهن تون بيمار ٿي پوين، تہ سچو سڄڻ بنجي تنهنجي ٽهل ٽڪور ڪريان. تنهنجا هٿ چمان. تنهنجا پير مهٽيان، تنهنجي سمهڻ لاءِ جاءِ جڳهہ ٻهاري چنڊي تيار ڪريان. جيڪڏهن تنهنجو گهر ڏسل هجيم، تہ جيڪر صبح جو توڙي شام جو توکي تازو کير پياري وڃان. ڏونرو، مکيل مانيون، جيڪر سانجهي صبح ايترو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهچائيانءِ جو ڪائي ٿڪجي پئين. اي خدا! آءٌ توکي ڏاڍو ساريان ٿو، پر افسوس جو تون مون کي منهن ئي نٿو ڏيکارين."

حضرت موسيٰ جنهن هڪڙي پاسي کان بيٺي ان ڀڪرار جي اها جهڪ ٻڌي سو سامهون اچي ڪيس چوڻ لڳو ته "اي اناڙي! تون ڪنهن سان پيو ڳالهائين؟" ڀڪرار چيو "آءٌ ان سان ٿو ڳالهايان جنهن اسان کي خلقيو آهي، جنهن هيءَ زمين آسمان خلقيا آهن." حضرت موسيٰ چيس ته اي مورک! تون ته ڪو وڏو ڪافر آهين؟ هيءُ ڪهڙي بڪواس ۽ ڪفر جهڙيون ڳالهيون ڪري رهيو آهين؟ تنهنجو ڪفر ته دين جي ريشمي ۽ قيمتي لباس کي داغدار بنائي رهيو آهي! چريا! جوڙرا جتيون تنهنجو وڙ آهن، حق تعاليٰ کي اهڙين شين جو ڪهڙو ڪپ آهي؟ نعوذ بالله منها. اي سودائي! ڪيڏانهن ان پاڪ ذات پروردگار جون صفتون ۽ ڪيڏانهن تنهنجي بڪ شڪ. جيڪڏهن تون ڪنهن مرد جي زال کي چوين "اي زال! هيڏانهن اچ" ته اهو مرد جيڪر موچڙا هڻني يا نه؟"

ويچارو ڀڪرار حضرت موسيٰ جي چڙٻ ۽ دڙڪا ٻڌي ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ پاڻ کي ڦٽڪارون ڏيڻ لڳو ۽ موسي کي چيائين ته "مون توبه ڪئي. هاڻي منهنجي زبان تو بند ڪئي وري منهنجي زبان مان اهڙي بي ادبي جا لفظ نه ٻڌندين." ايئن چئي ڏک ۽ پريشاني سببان روئيندو اٿي رڻ پٽ ڏانهن ڀڄو.

ان وقت حضرت موسيٰ تي خدا تعاليٰ جي طرفان وحي آيو، جنهن هي ڏوراپو ڏنس ته "اي موسيٰ تو اسان جي ٻانهي کي اسان کان ڇو وڇوڙيو؟ تون ٻانهن کي خدا سان ملائڻ لاءِ نبي ڪيو ويو آهين يا ٻانهن کي خدا کان جدا ڪرڻ لاءِ؟ اسان سڀ ڪنهن انسان کي سيرت ۽ ڳالهائڻ جا مختلف اصطلاح ڏنا آهن. سڀ ڪو پنهنجي سيرت ۽ طرز ڪلام موجب ڳالهائيندو آهي. سڪ ۽ حب ڏيکارڻ ۽ ساراه ڪرڻ لاءِ ڪنهن کي ڪهڙا لفظ ۽ اصطلاح وڻندا آهن ته ڪنهن کي ڪهڙا. قبوليت جو مدار دل ۽ نيت جي سهڻائيءَ تي آهي ۽ نه لفظن جي سهڻائيءَ تي. جيڪي لفظ تو ڳلا ۽ بي ادبي جهڙا ٿي سمجهيا، سي ڀڪرار جي نظر ۾ ساراه ۽ ادب جهڙا هئا. اي موسيٰ آءٌ سڀ ڪنهن جي ساراه ۽ ڳلا کان پاڪ ۽ اعليٰ آهيان. نه ڪو انسان منهنجي پاڪائي ڳائڻ سان مون کي وڌيڪ پاڪ ڪري سگهي ٿو، نه ڳلا ڪرڻ سان مون کي ڪو داغ رسائي سگهي ٿو. آءٌ پنهنجن ٻانهن سان سودي ۽ واپار جو رستو نه وٺندو آهيان، پر هر هڪ پنهنجي پنهنجي ٻوليءَ ۽ اصطلاحن ۾ ۽ پنهنجي سمجهه آهر مون کي ياد ڪري ۽ ساراهي ٿو. منهنجي ماڻهن جي لفظن تي نظر نه آهي، پر انهن جي دلين تي نظر آهي...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نصيحت- دل ۽ گفتار

زانک دل جو هر بود گفتن عرض

پس طفيل آمد عرض جوهر غرض

(چو تہ دل آهي ”جوهر “ ۽ گفتار آهي ”عرض“. تنهن کري ظاهر آهي تہ مقبوليت جو مدار دل تي آهي نہ کہ گفتار تي) رنگا رنگي ۽ بناوتي لفظن مان ڇا ورندو؟ حق جي راهہ ۾ دل جي اجائي کپي. اي درويش ادب جي نيڪي اندر هلڻ وارا ٻيا آهن ۽ جن جو جيءُ الاهي سڪ جي سوز ۾ سڙيل آهي، سي ٻيا آهن. جيئن ويران ٿيل ميدان تي ڍل نہ آهي، تيئن سوز جي سڙيل دل کي کا ڄهل نہ آهي. جليل جيءَ مان کو ڳتو لفظ نڪري تہ ان کي خطا نہ سڏ، رت ۾ ٻڏل شهيد کي وهنجارڻ جو ضرور نہ جاڻ، کعبي ۾ داخل ٿيڻ بعد قبلي ڳولڻ جي ضرورت نہ آهي. ٽوٻن کي پير ۾ جتي پائڻ جو ضرور نہ آهي.

ملت عشق از همه دينها جدا ست

عاشقان را مذهب و ملت خدا ست

(عشق جو مذهب سيني مذهبن کان الڳ آهي. عاشقن جو مذهب ۽ ملت خاص خدائي تعلق آهي.)

... حضرت موسيٰ کي جڏهن حق تعاليٰ جي طرفان ڏورانهي پريل الهام پهتو، تڏهن بيابان ڏي منهن کيائين ۽ تمام گهٽي ڊک ڊوڙ ۽ پريشانيءَ کان پوءِ ان ٻکرار کي رڻ پٽ ۾ ڳولي هٿ کيائين. هن کي پيار ۽ دلداري ڏيئي چيائين تہ ”ٻکرار بابا! توکي مبارکون هجن، جو خدا تعاليٰ کان توکي اجازت ملي آهي تہ جيئن تنهنجي دل کي وڻي تيئن خدا کي ياد کندو رهہ. توکي کابہ ڄهل کانهي، توتي کنهن بہ ادب جو بار کونهي تنهنجي جنهن ڳالهہ کي مون ”کفر“ چيو، سو ”دين“ آهي.

ٻکرار حضرت موسيٰ کي چيو تہ ”اي خدا جا نبي! آءٌ هينئر اڳوٽي منزل کان اکري ويو آهيان. هاڻي تہ آءٌ دل جي رت ۾ ٻڏل آهيان. آءٌ سدره المنتهيٰ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان اڳيرو لڪن ورهين جي مسافري جيترو مفاصلو ڪري ويو آهيان. تنهنجي چڙٻ جي چهبڪ سان منهنجي طبيعت جو گهوڙو ان طرف ڏانهن وريو ۽ هڪڙي ئي سرڙاٽ سان آسمان ڪان اڳيرو وڃي ويو. اي خدا جا نبي! توکي آفرين هجي، جو تو مون کي هدايت ڪرڻ فرمائي.

## نصيحت- بندگيءَ تي ناز نه ڪر

هان وهان گر حمد گوئی در سپاس

همچون نافر جام آن چوپان شناس

(اي انسان! تون جيڪا به خدا تعاليٰ جي ساراهه ۽ شڪر گذاري ڪرين، سا ايئن نڪمي سمجهه، جيئن ٻڪرار پنهنجي مناجات ۽ حمد گوئي حضرت موسيٰ جي چوڻ تي نڪمي سمجهي اگرچ اها تمام ڪارائتي هئي) تنهنجو ڪو ذڪر ۽ عبادت جيڪا حق درگاه ۾ قبول پوي ته اها خدا تعاليٰ جي خاص رحمت ۽ نوازش سمجهه ۽ نه پنهنجي ڪاريگري ۽ لائقي جاڻ. زمين ۾ ته ڏسو خدا تعاليٰ ڪيڏي حليمائي رکي آهي. جيڪو گند ڪچرو مٿس ڦٽو ڪيو وڃي ٿو، تنهن کي پاڻ بنايو ڳهيو وڃي ۽ پوءِ پنهنجي وجود مان گل ۽ ميوا ڪڍيو نروار ڪري. اي انسان! دل ۽ دماغ کي نهٺائيءَ ۾ رک ته تنهنجي روح کي بالائي ۽ بلندي نصيب ٿئي.

## ٻاويهين آکاڻي

## حقاني دربار ۾ حضرت موسيٰ عليه السلام جو عرض

حضرت موسيٰ عليه السلام حقاني دربار ۾ عرض ڪيو ته "اي ڪريم ڪار ساز! تو ڪي انسان اهڙا خلقيا آهن، جن جو اندر بدڪارين مان ڌاپي ئي نٿو. اهڙن انسانن خلقڻ ۾ تو ڪهڙي حڪمت رکي آهي؟ اي قادر ڪريم! انسان جو نقش بنائي ان ۾ فساد جو ٻج پوکي ڇڏڻ جو مقصد ڪهڙو؟ ظلم ۽ فساد جي اهڙي باهه ٻارڻ، جيڪا مسجدن توڙي سجدو ڪندڙن کي جلائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڏي يا رت ۽ پونءِ کي گهڙي ڪن جي لاءِ جوش ۾ آڻڻ جو مطلب ڪهڙو! هونءَ تہ آءٌ سمجهان ٿو تہ اهڙن ظالمن جو پيدا ٿيڻ عين حڪمت آهي، پر منهنجو مقصد آهي تہ انهيءَ حڪمت جو ڪجھ راز مون تي کلي.

خدا تعاليٰ جي طرفان حضرت موسيٰ کي حڪم آيو تہ "اي موسيٰ! دنيا جي هر هڪ شيءِ ۾ مون فائدو بہ رکيو آهي تہ نقصان بہ رکيو آهي. مون دنيا ۾ سڀ ڪا شيءِ انسان جي فائدي لاءِ ئي پيدا ڪئي آهي ۽ ان شيءِ ۾ رکيل نقصان بہ فائدي جوئي تابعدار رهي ٿو. يعني ان شئي ۾ رکيل نقصان بہ ڪنهن نہ ڪنهن فائدي جو سبب بنجي ٿو. مثلاً

حشر تو گويد ڪ ستر مرگ چيست

ميـوها گوينـد سـتـر برگ چيـست؟

(موت هڪڙي تلخ ۽ نہ وڻندڙ شيءِ آهي. جيڪڏهن ڪو پڇي تہ اهڙي سخت ڪڙي ۽ اڻ وڻندڙ شئي ڇو پيدا ڪئي ويئي آهي تہ قيامت جو ڏينهن از خود پڌائيندو تہ موت جو راز ڇا آهي. موت قيامت جي ڏينهن جي هڪڙي پل آهي، جنهن تان لنگهي بهشت ڏي وڃبو ۽ حق جو ديدار حاصل ڪبو. جيڪڏهن موت نہ هجي ها تہ نہ دارالاخرت ۾ وڃي سگهجي ها، نہ بهشت جون نعمتون ماڻي سگهجن ها ۽ نہ حق جو ديدار پسي سگهجي ها. اهڙي طرح وڻ جا پن بہ ظاهريءَ طرح بي فائدا نظر ايندا آهن (انسان جي ڪاڏي ۾ ڪم نٿا اچن پر جڏهن ميوات جو مزو ماڻيون ٿا، تڏهن چئون ٿا تہ چڱو جو پن هئا، نہ تہ ميوا ڪيئن ٿين ها ۽ ڪيئن سلامت رهي سگهن ها.) اي موسيٰ! ظالمن جي سرڪشيءَ ۾ بہ اها حڪمت آهي تہ جيئن ظالم غالب رهندا، تيئن ظلم گهٽو ٿيندو تہ مظلومن جا درجا زياده ٿيندا. ڏس! سهٽي ۾ سهٽي انسان جي پيدا ٿيڻ جو ٻج هڪڙو ڪنو غليظ پاڻيءَ جو ڦڙو آهي. مائٽ پنهنجي ٻار جي فائدي لاءِ هن جي بدن مان نشتر يا سڱيءَ جي رستي رت ڪڍائي ٿو تہ ٻار اهو ڪم پنهنجي لاءِ ايذاءُ سمجهي رڙيون ڪري ٿو، پر هن جا ماءُ پيءُ ئي پروڙي سگهن ٿا تہ سندن ٻار لاءِ اها فائدي واري ڪارروائي آهي. اي موسيٰ انسان کي دنيا ۾ جيڪا بہ نقصان واري شئي نظر اچي ٿي، سا انهن جي فائدي لاءِ ئي خلقيل آهي. انسان ان شئي مان جيڪو نقصان ٿو سمجهي، سو نقصان بہ حقيقت ۾ ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ انسان ذات لاءِ فائدو ئي ثابت ٿيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نصيحت- داناءَ جي هٿان ظلم ٿئي، سو نادان جي مهربانيءَ کان بهتر آهي

از انک از عاقل جفائی گر رود
از وفاءِ جاهلان آن به بود

(جيڪڏهن ڪنهن عقل واري جي هٿان ظلم پهچي ته اهو ڪنهن جاهل هٿان ٿيل مهرباني کان بهتر آهي.) عقل وارو ته تجربي ۽ شناخت کان ڪم وٺندو آهي، پر نادان شناخت جي ڳالهين کي فقط زبان تي آڻي ٿو، پر عمل ۾ نٿو آڻي. حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جن جو فرمودو آهي ته ”جيڪا عداوت عقل سان هجي، سا انهيءَ محبت کان چڱي، جا نادانيءَ سان هجي.“ دانائن سان دوستي رکڻ بهتر آهي. نادان دوست کان داناءَ دشمن چڱو آهي.

## ٽيويهين آکاڻي
## هڪڙي امير جي هٿان سنل ماڻهوءَ کي تڪليف

هڪڙو داناءُ امير پنهنجي گهوڙي تي چڙهيو پئي ويو. پري کان ڏٺائين ته وڻ هيٺ هڪڙو ماڻهو سنئون سڌو ٿيو ستو پيو آهي ۽ هڪڙو نانگ هن جي وات ۾ گهڙڻ جا سعيا پيو ڪري. سوار ان نانگ کي سنل جي وات ۾ گهڙڻ کان هٽائڻ لاءِ تڪڙو گهوڙي کي ڊوڙائي آيو، پر نانگ تيستائين وات مان گهڙي ان سنل جي پيٽ ۾ وڃي پيو.

سوار داناءُ انسان هو، تنهن هڪدم گهوڙي تان لهي ٻه چار ڏک چهبڪ جا ان سنل ماڻهوءَ کي ڦهڪائي ڪڍيا. سنل ننڊ مان اٿيو ۽ چهبڪ جي ڏکن کان اٿي ڀڳو ۽ سوار ٻه پٺيان لڳس. آخر پر واري باغ ۾ وڃي جهليائينس ۽ اتي وڻ هيٺ جيڪي ڪنا ۽ سڙيل ڳريل صوف پڪڙيا پيا هئا، سي دڙڪا ۽ ڌمڪيون ڏيئي ايترا ته کارايائينس جو وات مان موتي نڪرڻ لڳس. هن مظلوم شخص دل ۾ چيو ته هي ڪهڙو عزرائيل اوچتو اچي منهنجي سر تي نازل ٿيو آهي؟ آخر هن آزيون نيزاريون ڪري سوار کي چيو ته ”جيڪڏهين منهنجو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هروپرو ساهہ ڪڍڻو اٿيئي تہ ترار هٽي سسي لاهي ڇڏينمر، نہ تہ پلائي ڪري منهنجي جند ڇڏ. بي گناه تون مون کي ڇو ستائي رهيو آهين جو ڪٿو ڪافر بہ ڪنهن کي نہ ستائي!" جيئن هن جند ڇڏائڻ لاءِ منٿون ڪرڻ شروع ڪيون، تيئن سوار ڏڪن پنيان ڏڪن جو وارو لڳائي ڏنس ۽ چيائينس تہ هن پوني تي ڊوڙ پاءِ. جيئن سوار گرز ڪٽي ان جي پنيان پيو ۽ پوني ۾ ڊوڙايائينس تيئن ان کي هڪڙي زبردست الٽي اچي ويئي جنهن ۾ ڪنن صوفن سان گڏ پيٽ ۾ ويل نانگ بہ سڄو سارو نڪري اچي پٽ تي پيو. ان شخص جڏهن نانگ پنهنجي پيٽ مان ٻاهر نڪتل ڏٺو، تڏهن ڊوڙي اچي سوار کي پيرين پيو ۽ ڇهڪ جا ڏڪ ٻڪ سڀ وسري ويس. نهايت شڪرگذاري ڪري ان سوار کي چوڻ لڳو، تہ "اي سردار! تون تہ منهنجي لاءِ ڪو جبرائيل پيدا ٿئين ۽ خدا جي طرفان رحمت بنجي آيو آهين، جو منهنجي حياتي اچي بچائي اٿئي. مون توکي اولا سؤلا لفظ ڳالهايا آهن، سي تون مهرباني ڪري مون کي معاف ڪر. توکي اها ئي شاباش هجي جو منهنجا ڪچا ڦڪا سخن سهي بہ تو منهنجي حياتيءَ بچائڻ لاءِ هيتري مٿا ڪٽ پٽي ڪئي آهي." سوار هن کي چيو، تہ "جيڪڏهن آءٌ ان وقت توکي ٻڌايان ها تہ تنهنجي پيٽ ۾ نانگ آهي، تہ جيڪو خوف ۽ سراپ ۾ ئي تنهنجو هنيانءُ ڦاٽي پوي ها ۽ تون مري وڃين ها.

## نصيحت- انسان جي اندر وارو نانگ

مصطفیٰ گوید اگر گویم براست
شرح آن دشمن که در جان شما است
زهر های بردلان برهم درد
نی رود ره نی غم کاری خو رد.

(حضرت پيغمبر ﷺ جن فرمايو آهي، تہ جيڪو دشمن اوهان جي جان ۾ موجود آهي، تنهن جو احوال جيڪڏهين ذري پرزي ٻڌايان تہ جيڪر وڏن وڏن بهادرن جا جگر ڊپ کان ڏري پون ۽ اهڙا حوصلا خطا ٿي وڃن جو نہ رستي جي خبر پوين ۽ نہ جيڪر ڪو ڪم ڪري سگهن.) اهو اندر وارو دشمن هي نفس ۽ شيطان جنهن جي ڪار گذارين جو زهر هر قسمر جون بد اخلاقيون آهن، جيڪي روح کي بيمار ۽ بيڪار ڪريو وجهن ۽ هميشہ جي عذاب ۾ وجيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

داخل ڪن. اي انسان! تو کي ڪو داناءُ دوست (ڪامل مرشد) گهرجي، جو ڪي تجويزون ڪم آڻي تنهنجي اندر مان اهو دشمن ٻاهر ڪڍي ۽ تنهنجي روحاني زندگي سلامت رکي.

## چوويهين آکاڻي
## رڇ جي چاپلوسيءَ تي لڳل مورک ماڻهو

ڪو ارهڻ نانگ هڪڙي رڇ کي ڳهي وڃڻ لاءِ وڪوڙيو ويٺو هو. رڇ جي دانهن ڪوڪن تي هڪڙي بهادر مڙس وڃي ارهڻ نانگ کان رڇ جي جند ڇڏائي...

**نصيحت- هميشه مظلومن جي مدد**

شير مردانند در عالم مدد
آن زمان کافغان مظلومان رسد.

(دنيا ۾ گهٽائي شير دل مرد پيا آهن، جيڪي مظلومن جي دانهن ٻڌڻ شرط انهن جا مددگار وڃي ٿيندا آهن.) اهي شير دل مرد جتي به مدد جي گهرج ڏسندا آهن، اتي بنا طمع ۽ بنا ڪنهن لوڀ جي ايئن وڃي پهچندا آهن جيئن پاڻي از خود هيٺاهينءَ ڏانهن وهي اتي هلندو آهي. اي انسان! تون هيٺاهين وٺ ته رباني رحمت جو پاڻي پاڻ مرادو توڏانهن پلٽي. جيئن ٻار جي روئڻ ڪري ماءُ جي ٿڃ وڌندي آهي ۽ ٻار کي ڏارائڻ لاءِ ماءُ به بي قرار ٿي پوندي آهي، تيئن انسان خدا جي اڳيان جيڪڏهن زاري ۽ گريه ڪري ٿو، ته خدا تعاليٰ جي رحمت به هن جي مشڪل ڪشائيءَ لاءِ بي قرار ٿيو پوي ٿي.

... انهيءَ بهادر مرد ارهڻ نانگ کي ماريو ۽ رڇ جي حياتي بچايائين...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نصيحت - بدني طاقت ۽ عقل جتي استعمال ٿين اتي استعمال ڪجن

ارهڙها را هست قوت حيله نيست

ليک فـوق حيـله تو حيلتـي سـت

"ارهڙ نانگ کي جسماني طاقت ته گهڻي آهي، پر عقل ۽ تجويز جو منجهس ذرو به نه آهي. اي انسان! تون جو عقل ۽ تجويز سان ارهڙ بلائون ماري سگهين ٿو، پنهنجي عقل ۽ تجويز تي فخر متان ڪرين، ڇو ته تنهنجي عقل ۽ تجويز کان متي وڏو عقل ۽ حيلو (قدرتِ حق) موجود آهي." الله تعاليٰ ته وڏي قدرت جو صاحب آهي، پر استادن اڳيان به پنهنجي عقل ۽ حيلي جو فخر نه ڪجي.

... ڪنهن ماڻهوءَ اهو حال ڏسي ان شخص کان پڇيو ته هي رڇ تنهنجو ڇا ٿئي؟ شخص سڄي حقيقت رڇ جي، ڪري ٻڌايس. تنهن تي ان ماڻهوءَ کيس چيو ته "اي مورک شخص! رڇ جي سچٽپائيءَ تي متان ڀروسو ڪرين. بي عقل جي دوستي دشمني کان بڇڙي آهي." رڇ وارو چوي ته "تون رڳو حسد کان ٿو مون کي رڇ جي صحبت کان پلين، نه ته ڏس ته ويچارو رڇ ڪيئن نه ساروئي منهنجي اڳيان وڪاڻو بيٺو آهي!" سياڻي سڄڻ گهڻوئي ان مورک کي رڇ جي صحبت تي ڀروسي نه ڪرڻ لاءِ سمجهايو پر ان مورک جي دل تي ڪوبه اثر نه ٿيو. رڇ جهڙي بي تميز جانور جي دوستيءَ تي ڀروسو رکيائين، پر داناءَ انسان جي مت تي ويساه نه ڪيائين...

## تـمثيـل- حضرت موسيٰ ۽ ڳابي جو پوڄاري

اي مت موڙهل ندورا! تو کي مون هزارين نمونن جا معجزا ڏيکاريا آهن، جهڙوڪ نيل نديءَ مان رستو ڪڍڻ، آسمان مان ڪاڏو خوراڪ نازل ڪرائڻ، جبل مان ٻارهن چشمان پيدا ڪرڻ، لٺ مان نانگ بنائڻ وغيره ايترن معجزن ۽ ڪرامتن ڏسندي به اي نادان! تون ڳابي جي رنڀ ٻڌي ان کي خدا سمجهي پوڄيندو رهين ٿو؟ اها تنهنجي وڏي ناداني ۽ نياڳ آهي. تنهنجي انهيءَ عقل ۽ پوڄا تي حيف هجي! تون ته قتل جي لائق آهين." حضرت موسيٰ جي ڪنهن به سمجهاڻيءَ هن ڳئون پرست تي ڪوبه اثر ڪونه ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نصيحت- جنس جنس ڏي ڇڪجو وڃي ٿي

زانک هر جنس ربايد جنس خود

گاو سوئی شیر نرکی رونهد۔

(سڀ ڪا جنس پنهنجي جنس ڏانهن مائل رهي ٿي. تڏهن هڪڙو ڏِگو شينهن جي طرف ڪيئن ويندو؟) بگهڙ حضرت يوسف تي عاشق ڪيئن ٿيندو؟ ابوبڪر رضہ نيڪ سيرت انسان هو ته حضرت محمد ڪريم ﷺ جن کي ڏسڻ شرط چيائين ته "هي سچو انسان ۽ سچو نبي آهي ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ جهڙو انسان ئي نه آهي." هوڏانهن وري ابو جهل اندر جو انڌو هو ته شق القمر جهڙن معجزن ڏسڻ کان پوءِ به ويساه نه ڪيائين. هي مڙيوئي دل جي آئيني جي صفائي جو ڪم آهي. جيڪڏهن آئينو صاف هوندو ته نيڪ ۽ بد جو تفاوت آسانيءَ سان سمجهي سگهبو.

... آخر رڇ واري شخص جڏهن پنهنجي سچڻ دوست جي نصيحت نه مڃي، تڏهن اهو پنهنجو منهن وٺي هليو ويو...

## نصيحت- ڪو نصيحت نه مڃي ته ارمان نه ڪجي

چون دوايت مى فزايد درد پس

قصه بر طالب بگو پر خوان عبس۔

"جڏهن ڏسين ته دوا (نصيحت) مان اُٽلندو بيماري (ضد) وڌي ٿي، تڏهن ڪنهن ٻئي نصيحت جي طالبو کي وڃي نصيحت ڪر ۽ ان اڻ گهرڻي ڪاڻ تي سوره عبس پڙهه جنهن جو مضمون آهي ته حق جي طالب ڏانهن منهن ڪرڻ ۽ ان کي هدايت ڪرڻ گهرجي ۽ سرڪش کي ڪوبه منهن يا ڌيان ڏيڻ نه گهرجي."

... هڪڙي ڏينهن اهو ماڻهو ستو پيو هو ۽ رڇ هن جي منهن تان مکيون ويٺي هڪليون. جيئن جيئن مکيون هڪليائين تيئن تيئن اهي وري پئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيون، جيئن مکين جو دستور آهي. رڇ کي مکين تي ڪاوڙ آئي، سو ڇا ڪيائين جو هڪڙو ڳرو پهڻ وٺي جبل تان ڪٽي آيو. رڇ پانيو ته جيئن مکيون اچي مڙنديون ۽ مٿان هي پهڻ هڙندو سان ته سڀ چيچجي مري وينديون. اها ته سمجهه ئي ڪانه پيس ته سنگتيءَ جو ڪهڙو حال ٿيندو؟

آخر جڏهن مکيون ان ستل جي منهن تي اچي ميڙ ڪري وينيون، رڇ اها چپ چتائي مکين تي ڦهڪائي ته سندس دوست جو منهن چيهون چيهون ٿي پيو ۽ سڄي جهان ۾ مشهور ٿي ويو ته:

مهر ابله مهر خرس آمد يقين

کين او مهرست و مهراوست کين.

(بيوقوفن جي دوستي بيشڪ رڇ واري دوستي سمجهڻ گهرجي. ان جي عداوت کي دوستي ۽ ان جي دوستيءَ کي عداوت سمجهڻ گهرجي.)

**نصيحت- مورک جي سنگت کان پري ڀڄ**

مورک جو انجام ڏلو، بيڪار ۽ گرگلو آهي. هن جون ڳالهيون ٻڙ ٻڙ واريون ۽ هن جي وفاداري ڪمزور آهي متان ڪڏهن به ڪنهن مورک جي قسم ۽ سنهن تي ويساه ڪرين.

## پنجويهين آکاڻي
## حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن جو هڪڙي بيمار اصحابي کي پڇڻ لاءِ وڃڻ

اصحابن سڳورن (رضي الله تعاليٰ عنهم) مان هڪڙو اصحابي بيمار ٿيو، جنهن جي پڇڻ لاءِ حضرت پيغمبر ڪريم صلعم جن تشريف فرما ٿيا...

**نصيحت- بيمار کي پڇڻ مان فائدا**

در عيادت رفتن تو فائده است

فائده آن باز باتو عائده است



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(اي انسان! تون جيڪڏهن بيمار کي پڇڻ ويندين ته ان ۾ فائدو آهي ۽ اهو فائدو وري به توکي رسي ٿو.) ممڪن آهي ته اهو بيمار ڪو خدا رسيدو بزرگ هجي. تون جيڪڏهن اندر جون اکيون نٿو رکين ته به هر ڪنهن بيمار کي پڇڻ ويندو ڪر. جيڪڏهن تون خزانو دنيا ۾ نٿو ڏسين ته حرج نه آهي. سپ ڪو بيابان خزاني کان خالي نه هوندو. بيمار جيڪڏهن تنهنجو دشمن هوندو ته به جيڪڏهن پڇڻ ويندينس ته هن جي دل کي شرم ايندو ۽ جيڪڏهن تندرست ٿي پيو ته از خود تنهنجو احسانمند دوست ٿي پوندو.

**تمثيل ١- حضرت موسيٰ کي بيمار جي پڇڻ لاءِ خدائي وحي:**

حضرت موسيٰ کي حق تعاليٰ جي طرفان عتاب طرح وحي آيو ته "اي منهنجا ڪليم! آءٌ بيمار پيو آهيان ته مون کي پڇڻ نه آيو آهين؟" حضرت موسيٰ عرض ڪيو يا پاڪ ذات پروردگار! تون هر نقصان ۽ بيماريءَ کان پاڪ آهين، پوءِ اهو ڏوراپو ڪهڙي معنيٰ رکي ٿو؟ خدائي حڪم آيس ته "منهنجو فلاڻو خاص ٻانهو بيمار آهي، سمجھ ته آءٌ بيمار آهيان. هن کي وڃي چڱيءَ طرح پڇ ڳاڇ. هن جي درماندگي منهنجي درماندگي آهي، هن جي بيماري منهنجي بيماري آهي.

**نصيحت - درويشن وٽ ويندو ڪر**

هرکه خواهد هم نشيني با خدا

اونشيند در حضور اولياء-

(جيڪو شخص خدا تعاليٰ سان هم نشيني گهري، ته اوليائن جي حضور ۾ رهي.) جيڪڏهن اوليائن جي حضور ۾ رهڻ کان تهين ٿو ته پوءِ هلاڪت ڏسندين، نه گهر جو ٿيندين نه گهاٽ جو.

... هڪڙو اصحابي بيمار ٿي پيو. حضرت پيغمبر ڪريم عليه الصلوات والسلام جن جڏهن هن کي پڇڻ لاءِ ويا تڏهن هو سڪرات جي حالت ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. حضرت جن جي وڃڻ شرط هن کي جڻ نئين حياتي ملي ويئي. اصحابي سڳورو چوڻ لڳو تہ "چڱو ٿيو جو بيمار ٿيس، جو منهنجي تڏي تي حضرت ﷺ جن تشريف فرما ٿيا آهن. آءٌ پنهنجا وڏا ڀاڳ ٿو ڀانيان. مون کي پنهنجي بيماري مان هي سبق حاصل ٿيا آهن:- ١) سور هئڻ ڪري رات جو ننڊ نہ ايندي هيم ۽ "الله! الله!" پيو ڪندو هوس. جيڪڏهن چڱ ڀلائيءَ ۾ غافل ٿي نہ سمهان ها ۽ آڌيءَ جو اٿي الله سائين کي ياد ڪندو رهان ها، تہ مون کي هيڏيءَ بيماريءَ جي تڪليف پهچي ئي نہ ها. (٢) مون کي هي فائدو ٿيو، جو حضرت جن جي تشريف آوريءَ ۽ سندن جي منهنجي حق ۾ جي صدقي مون تان دوزخ جي باه معاف ٿي، جا هونءَ منهنجي لاءِ تيار هئي."

**نصيحت- بيماريءَ مان سبق پراءِ**

رنج گنج آمد که رحمتها در وست

مغز تازه شد چو بخراشيد پوست-

(تڪليف ۾ بيماري هڪڙو خزانو آهي. جنهن ۾ طرحين طرحين خدائي رحمتون رکيل آهن. ڏسو جڏهن ڪنهن بہ ميوات جي کل لهي ٿي تہ اندران تازو ئي تازو مغز نڪريو اچي ٿو.) اي ڀاءُ! سختي ۽ تڪليف ۾ هميشہ صبر ڪرڻ گهرجي، جو صبرجو نتيجو نهايت قيمتي آهي. بيماريءَ جي خزان ۾ بهار لڪل آهي. غم ۽ تڪليف کان نہ ڊڄ تہ دائمي روحاني حياتي ملئي.

**نصيحت - سڄڻن جو ديدار بہ صحت آهي**

چون نتيجه هجر همراهان غم ست

کی فراق روءِ شاهان زان کم ست

جڏهن عام ۽ رواجي رفيقن جو وڇوڙو بہ ڏک جهڙو آهي، تڏهن بادشاهن (سچن سڄڻن ۽ الهہ لوڪن) جي ديدار جو فراق ڪيئن گهٽ ليکبو. توکي هر وقت ڪنهن ڪامل جي حاضريءَ ۾ رهڻ ۽ ان جي ديدار مان روحاني صحت حاصل ڪرڻ گهرجي جيئن بيمار اصحابي سڳورو حضرت جن جي ديدار مبارڪ سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صحت ياب ٿي پيو. جي هڪ هنڌ ويٺي ڪو دل گهريو رهنما نہ ملئي تہ ڳولا قولا ڪري بہ اهڙو هادي هٿ ڪر.

## ڇويهين آکاڻي
## باغائي، صوفي فقير ۽ سيد

هڪڙي باغبان پنهنجي باغ ۾ ٽي مرد ڏٺا جن بنا موڪل ميوا پٽي پٽي کاڌا. انهن مان هڪڙو هو صوفي، ٻيو هو فقيہ (علم فقہ جو عالم) ۽ ٽيون هو سيد. باغائي دل ۾ خيال ڪيو، تہ هنن کي زباني طرح سيکت ڏيڻ لاءِ مون وٽ گهٽي ئي حجتون آهن، پر جيڪڏهن هٽين پئجي وڃڻ تائين وڃي ڳالهہ پهتي تہ پوءِ لاچار ٿي پوندس ڇاڪاڻ جو هو گهڻا آهن ۽ آءٌ هڪڙو آهيان. هنن جي پاڻ ۾ ٻڌي آهي تنهن ڪري سيئي وري ويندا. بهتر آهي تہ پهريائين هنن کي ڪنهن تجويز سان ٽوڙي جدا جدا ڪريان. هر هڪ کي جدا جدا طرفن روانو ڪري پوءِ هر هڪ جي چڱيءَ طرح پوڇا ڪريان! اهو خيال ڪري پهريائين صوفي کي چيائين، تہ "سائين صوفي صاحب! اوهين تہ اڳيئي اسان جا واقف ڪار درويش آهيو، مهرباني ڪري منهنجي گهر مان رلي ڪٽي اچو، توهين سڀ معزز ان تي چڙهي وهو." صوفي امالڪ باغائي جي گهر مان رلي ڪڻڻ ويو. پٺيان مولوي ۽ سيد کي باغائيءَ چيو تہ "مولوي صاحب توهين تہ اسان جي لاءِ وڏو اوجر آهيو. اوهان جي فتويٰ تي تہ اسان جو کاڌو پيتو اٽڻ وهڻ حلال ٿئي ٿو ۽ شاه صاحب! توهين تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جو اولاد آهيو. اسان جي لاءِ ٻنهي جهانن جا وسيلا آهيو. اوهان ٻنهي ڀلارن سان پيٽ بکيو صوفي ڪو گڏ سونهي ٿو؟ ڪيڏانهن اوهان جو شان ڪيڏانهن هن پنٽي جو شان! هو اچي تہ ان کي ڀلائي ڪري موچڙا هٽي ڪڍو. پوءِ اوهين سارو هفتو منهنجي باغ ۾ وينا موجون ڪريون. هي باغ پنهنجو ڪري ڄاڻو.

مولوي ۽ سيد سرها ٿيا، تن صوفي کي اچڻ شرط اهڙا ڏنڊا ڏنا جو هو ويچارو باغ جي پچر ڇڏي ٻاهر روانو ٿي ويو. صوفي جيئن باغ مان نڪتو تيئن باغائي ڏنڊو کڻي ٻئي پاسي کان ڦري آيس ۽ اچي چيائينس تہ "اي چور صوفي! توکي ڪهڙي مرشد اهو سبق سيکاريو آهي، تہ پرائي باغ ۾ وڃي بنان موڪل ميوا کاءُ؟" ايئن چئي صوفي کي اهڙي ڦيهہ ڪڍيائين، جو اڌ مئو ٿي مٽي مان رت ٿمائيندو ويو. صوفي سڳوري جي پوڇا ڪري باغائي وري باغ ۾ آيو ۽ اچي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيد کي چيائين تہ "قبلا سائين! هاڻي اوهان کي بہ بک لڳي هوندي ۽ ماني بہ گهر تيار ٿي پيئي هوندي. مون ۾ بہ هينئر هلڻ جي پهچ ڪانهي. مهرباني ڪري منهنجي گهر جي در تي آواز ڏئي ماني کڻي اچو." شاہ صاحب ويو مانيون ۽ ٻوڙ کڻڻ تہ پٺيان باغائي ٿو مولوي کي چوي تہ "مولوي صاحب! هي جو پاڻ کي سيد پيو سڏائي تنهن جي ماءُ خبر اٿو ڪير هئي؟ ۽ ڪهڙا ڪم ڪندي هئي؟ ڪير ٿو چوي تہ ماڻس کي اهو سيد مان ٿيو هو؟ اڄ جيڪو ماءُ ڪان ٿو رسي سو بہ پرديس ۾ سيد سڏايو پيو پيٽ پالي. سيد جو ارڪان ڪو منجهس ڏسين ٿو؟" سيد سڳورو اچان ٻوڙ ۽ مانيون کڻي باغ ۾ اچي گهڙيو تہ مولوي اچي سڱن تي ڪنيس. چي اهڙا تهڙا نڱپ! چوي ڪير ٿو تہ تون سيد آهين؟ ساداتيءَ جي ورثي ۾ توکي چوري ملي آهي ڇا؟ مولوي صاحب اهڙو اچي شاہ صاحب کي سڱن تي ڪنيو جو رڏي ڀڪي ماني ڇڏي شاہ صاحب باغ ڇڏي روانو ٿي ويو. شاہ جو باغ مان نڪرڻ ۽ باغائي جو ٻئي پاسي ڪان ڪيس ڏڪي سان ڦري اچڻ. شاہ صاحب سان بہ اهڙي ڪار ڪيائين جهڙي ڪو خارجي ڪري عليءَ جي اولاد سان. سادات مان هٽ ٺاري پوءِ باغائي آيو مولوي صاحب وٽ ۽ اچي چيائين تہ "مولوي صاحب! تون ڏکيون ڏکيون فتوائون ڏيندو آهين، ٻڌاءِ تہ ڪنهن جي حد ۾ موڪل وٺڻ ڪانسواءِ گهڙي اچڻ ڪنهن جي فتويٰ آهي" ائين چئي مولوي صاحب کي اهڙي تہ مهميز ڏنائينس جو مرڻ گهڙيءَ تائين نہ وسرنديس.

**نصيحت- جيڪو کڏ کٽيندو سو کڏ ۾ ڪرندو**

اين جهان کو هست گفت وگوئی تو

از صــدا هــم يار آيــد ســوء تــو.

(هن جهان ۾ تون جيڪو بہ ڳالهائيندين، تنهن آواز جو پڙاڏو تو ڏانهن ئي موٽي ايندو يعني جيڪي ٻئي جي حق ۾ ڪندين سو توکي ئي پيش ايندو.) جيئن سيد ۽ مولويءَ جيڪي صوفي سان ڪيو ڪين ئي پيش آيو.

**نصيحت- ٻئي کي ڪميڻو اهو ڄاڻندو جو پاڻ ڪميڻو هوندو**

هرک باشد از زنا وز رانيان

اين برد ظن در حق ربانيان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(جيڪو شخص خود حرامي ۽ حرامين جو اولاد هوندو، سو الله لوڪ انسانن جي حق ۾ اهڙوئي گمان آڻيندو رهندو.) جيڪو ٻئي کي ڪميڻو سڏي ٿو، سو پنهنجي ڪميڻائي ثابت ڪري ٿو. جيئن باغائي پاڻ ڪميڻو هو، تہ هن سادات جي حق ۾ بہ اهڙو ئي گمان ڪيو ۽ پاڻ کي ڪميڻو ثابت ڪيائين.

**نصيحت- يارن کان جدائي ڪرڻ ۾ نقصان آهي**

هرکه تنها ماند از یاران خود

اینچنین آید مر اورا جمله بد

جيڪو شخص پنهنجن دوستن کان ڇڇي ڌار ٿئي ٿو، سو اهڙوئي بڇڙو نتيجو ڏسي ٿو جهڙو صوفي، سيد ۽ مولويءَ ڏٺو.

## ستاويهين آکاڻي
## بايزيد بسطامي عليہ الرحمہ جي هڪڙي بزرگ سان ملاقات.

حضرت بايزيد بسطامي حج ڪرڻ جي ارادي سان مڪي معظم ڏانهن وڃي رهيو هو. هو جنهن شهر مان لنگهندو هو انهيءَ شهر ۾ پڇا ڪري ڪنهن فقير يا درويش جي وڃي ملاقات ڪندو هو ۽ پوءِ ٻئي شهر ڏانهن راهي ٿيندو هو...

**نصيحت- جتي وڃين اتي درويشن جي زيارت ضرور ڪر**

گفت حق اندر سفر هرجا روی

بایـد اول طالـب مـردی شـوی

(الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ سفر ڪندي جتي وڃين اتي نيڪ مرد هٿ ڪر، ان مان روحاني فيض حاصل ڪر.) ڪنهن بہ سفر ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن تو کي ڪو عارف شخص هٿ اچي ويو ته سارو سفر سجايو سمجهجانءِ.

**تمثيل ١- مرشد ۽ مريد:**

هڪڙي مريد کي نئون گهر ٺاهيو هو. مرشد اچي اهو گهر ڏٺو ۽ مريد کي آزمائڻ لاءِ چيائين ته "ابا! هيءَ دري ڇا جي لاءِ رکي اٿيئي؟" مريد جواب ڏنو ته "اها انهيءَ لاءِ رکي اٿم ته سوجهرو اندر اچي." مرشد چيس ته "اهو مقصد ته ٻئي درجي ۾ آهي اول درجي وارو مقصد ته ٻيو آهي. چؤ ته اها دري بانگ جي آواز ٻڌڻ لاءِ رکي اٿم."

**نصيحت- ارادو هميشه سٺو رکجي**

قصد گنجي کن که این سودو زیان
در تبع آید تو آن را فرع دان-

(سفر ۾ يا ٻئي ڪنهن به مشغوليءَ ۾ ارادو هميشه ڪنهن وڏي فائدي جهڙي ڪم (گنج) هٿ ڪرڻ جو رکڻ گهرجي پوءِ اُن ڪم يا سفر جا جيڪي تعلق رکندڙ فائدا يا نقصان، ڪيل وڏي ڪم جون شاخون سمجهج.) حضرت جن جو فرمودو آهي ته الاعمال با النيات (سيني عملن جو مدار نيت تي آهي) عمل کان به نيت جو درجو اعليٰ آهي، تنهن ڪري سڀ ڪنهن سفر يا ڪم ۾ نيت مڙيئي سٺي رکڻ گهرجي.

... حضرت بايزيد، سفر ۾ درويشن جي ڳولا ڪندي ڪندي هڪڙي هنڌ هڪڙو بزرگ ڏٺو، جيڪو پهرين تاريخ جي چنڊ وانگر پيريءَ سبب ڪمان ٿي ويو هو، مگر عارفاڻا سڀ اهڃاڻ سندس چهري ۾ موجود هئا. هن جون ظاهري اکيون پوريل هيون، پر سندس باطني اکيون سج وانگر روشن هيون. حضرت بايزيد هن جي خدمت ۾ وڃي ويٺو ۽ حال احوال ڏنائون ورتائون جنهن مان حضرت بايزيد معلوم ڪيو ته درويش غريب ۽ عيالدار آهي.

بزرگ: ڪيڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪيو اٿيئي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بايزيد: حج ڪرڻ لاءِ ڪعبي جي زيارت جو ارادو ڪيو اٿم.

بزرگ: رستي جو ٿمر پاڻ سان ڪيترو کنيو اٿيئي؟

بايزيد: ٻه سو چانديءَ جا درهم مون پاڻ سان کنيا آهن، جي اجهي چادر جي پلاند ۾ قابو ٻڌا پيا اٿم.

بزرگ: "اي بايزيد! طواف جا ست ڦيرا منهنجي چوڌاري ڏي. اهي ڪعبي شريف جي ڦيرن کان بهتر ڄاڻ. اهي ٻه ٻه سو درهم مون کي ڏي ۽ سمجهه ته تنهنجو حج ٿيو ۽ تنهنجون سڀ مرادون پوريون ٿيون. جنهن خدا تعاليٰ توکي روحانيت بخشي آهي، تنهن ۾ ويساه ڪندين ته ڳالهه هيءَ اٿيئي جو مون کي الله تعاليٰ ڪعبه الله کان وڌيڪ فضيلت بخشي آهي. هو ڪعبو ميدان آهي ته هي ڪعبو (دل درويش) سندس راز آهي. هُن ڪعبي ۾ پاڻ خدا ڪڏهن نه گهڙيو آهي. هِن ڪعبي ۾ ڪانئس سواءِ ڪوبه داخل نه ٿيو آهي. منهنجو ديدار سو خدا جو ديدار. منهنجي خدمت سا خدا تعاليٰ جي عبادت سمجهه. چڱيءَ طرح اکيون کول ته خدا جو نور نظر اچيئي.

حضرت بايزيد اهي نڪتا هنئين جي ڪن سان ٻڌا ۽ اتان روحانيت جو اعليٰ درجو حاصل ڪري پوئتي موٽيو.

## نصيحت- هميشه ڪنهن ڪامل مرشد جي صلاح موجب هل

نفس جي صلاح هرگز نه وٺج. اي انسان تون نفس سان مهاڏو اٽڪائي پورو نه پوندين. تون جيڪڏهن ان جي مقابلي جي طاقت پاڻ ۾ نٿو سارين ته وڃ ۽ ڪو سڄڻ دوست (عارف) هٿ ڪر.

## اناويهين آکاڻي
## فاحشه عورت سان مگٽهار جي شادي

ڪنهن مگٽهار کي سندس رئيس چيو ته "اي يار! توکي ڪهڙو لاچار هو، جو تڪڙ ڪري هڪڙي فاحشه زال سان ڪٽي نڪاح وڌو آهي؟" پنهنجي شاديءَ جي شوق جو مون سان احوال ڪرين ها ته آءٌ توکي ڪنهن اشراف زال سان پرڻايان ها.

مگٽهار پنهنجي رئيس کي جواب ڏنو ته "سائين! هڪڙي نه، پر ۹ زالون مون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ٻئي پٺيان پرٽيون، جيڪي سڀ فاحشه ثابت ٿيون، تنهن ڪري هيءَ جا اڳيئي ظاهر ظهور فاحشه آهي، تنهن سان شادي ڪئي اٿم" ڏسان ته هن جي پڇاڙي ڪهڙي ٿي ٿئي.

## نصيحت - چريو بنجي لوڪ پرکڻ

عـقـل را هــم آزامــودم مـن ســی

زين سپس جويم جنون را مغرسی

(جيئن مڱڻهار اشراف زالن جا آزمودا وٺي پوءِ فاحشه زال جو آزمودو ٿي ورتو، تيئن اسين به هيترا ڏينهن عقل جو آزمودو ڪري فقيري پنڌ وٺي چڪا آهيون. هاڻي چريائي جو آزمودو به وٺي ڏسون ته ڪهڙي پڇاڙي ٿي بيهي؟)

## اوڻتيهين آکاڻي
## شيخ بهلول عليه الرحمت جي چريائي

خليفي هارون الرشيد جي زماني ۾ شيخ بهلول نالي هڪڙو ڪامل ولي هو. هو چريو بڻيو وتندو هو، پر خاص خاص موقعن تي اهڙا گفتا ڪندو هو، جو وڏا وڏا عالم حيرانّ ٿي ويندا هئا. هڪڙو شخص شهر ۾ هوڪو ڏيندي وتيو ته مون کي ڪو مشڪل روحاني مسئلو حل ڪرائڻو آهي، ڪنهن عالم' با عمل درويش جو ڪو ڏس ڏيو. ان شخص کي هڪڙي ماڻهوءَ چيو ته "اسان جي شهر ۾ شيخ بهلول جهڙو عالم ۽ عارف ٻيو ڪوبه ڪونهي. هو چرين جي صورت ۾ ٻارن سان ڪاني جو گهوڙو ڊوڙائيندو وتي ۽ ڏڙهي مار راند ڪندو وتي اهو هڪڙو لڪل خزانو آهي، پر جيڪڏهن ريجهي پوي ۽ چار گفتا ويهي ڳالهائي ته پوءِ پڻون ٻارنهن سمجهج."...

## نصيحت- سڀ ڪنهن چرئي کي ولي نه ڄاڻج

لـيـک هـر ديـوانه راجا نـشـمـری

سر منی گوسالی راچون سامری



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محتسب "آءٌ اهي نات نخرا سجاڻان ئي نتو، ات! هل قيدخاني ۾."
موالي- "ماٺ ڪري هليو وڃ. ڪير تون ۽ ڪير آءٌ؟"
محتسب- "تون نشي ۾ چور آهين، تنهن ڪري هل قيد خاني ۾.
موالي- ميان محتسب! ماٺ ڪري هليو وڃ. اڳهاڙن کان ڪهڙي شي گروي رکڻ لاءِ ملي سگهندئي؟ مون ۾ جيڪڏهن هلڻ جي طاقت هجي ها ته پنهنجي گهر وڃي سکيو آسودو ننڊ ڪين سمهان ها؟

... شيخ بهلول به ان سوال ڪندڙ ماڻهوءَ کي چيو ته جيڪڏهن مون ۾ ڪو عقل هجي ها ته آءٌ به جيڪر زماني جي ٻين پيرن مشائخن وانگر ڪا گادي وسائي وهان ها ۽ مون کي به جيڪر جام ڪاڌا پيتا ۽ نذرانا گهر ويٺي پيا ملن ها.
سائل وري شيخ بهلول کي چيو "اي ڪاني جي گهوڙي جا سوار! هيڪر ته اهو گهوڙو هيڏانهن ڊوڙائي اچ." شيخ بهلول ڪاني جي گهوڙي سميت ان سائل جي اڳيان اچي بيٺو ۽ چيائينس "هاڻي چؤ، جلدي چؤ، ڇا ٿو چوين؟ منهنجو گهوڙو هينئر شوخ ٿيو بيٺو آهي، ترسڻ جي نٿو ڪري، سيگهه ڪر متان منهنجو گهوڙو لتن سان چڪي نه وجهئي." سائل دل جي راز کولڻ جو مناسب موقعو نه سمجهي ڳالهه ٽارڻ لاءِ وري چرچي جو رستو اختيار ڪيو ۽ شيخ کي چيائين، ته "بڌاءِ ته هن ڳوٺ ۾ ڪهڙي لائق زال آهي، جنهن سان آءٌ نڪاح ڪريان؟"
حضرت بهلول سائل کي چيو ته عورتون ٽن قسمن جون آهن، جن مان ٻن قسمن وارين عورتن سان نڪاح ڪرڻ مان ڪا چڱائي نه آهي. هڪڙي عورت اها جيڪا نڪاح ڪرڻ بعد ساري تنهنجي ٿي رهندي، (اها چڱي عورت آهي،) ٻي اها، جيڪا اڌ تنهنجي، اڌ پرائي ٿي گذاريندي. ٽين اها، جيڪا توڙ تائين تنهنجي ٿيڻي نه آهي. خبردار متان منهنجو گهوڙو اهڙي ڪا لت هڻئي، جو اٺي مئو پيو هجين؟"
ايترو چئي شيخ بهلول وري پنهنجو ڪاني جو گهوڙو ڊوڙائي وڃي ٻارن جي ٻاريءَ ۾ بيٺو. سائل وري هڪل ڪري چيس، ته "او گهوڙي سوار! ڀلائي ڪري انهن ٽن قسمن جي زالن جي سمجهاڻي ته ڏينم." تنهن تي شيخ وري ڪاني جي گهوڙي کي ڊوڙائي اچي اٺي بيٺو ۽ چيائين ته "ڪنواري پرڻي، ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساري تنهنجي ٿيندي، رن زال جنهن کي اڳين مڙس مان به اولاد نه ٿيو هوندو سا پرٽبين ته اڌ تنهنجي رهندي ۽ اڌ اڳين مڙس جي محبت ۾ بدل رهندي. رن زال جنهن کي اڳين مڙس مان به اولاد هوندو سا پرٽبين، ته تنهن جي ٿيٽي ٿي نه آهي. هاٿي پري ٿيءُ ته منهنجو گهوڙو لت نه هڻئي." ايئن چئي وڃي ٻارن سان راند ڪرڻ ۾ مشغول ٿيو.

سائل وري سڌ ڪيس ته، "مهرباني ڪري هيڏانهن اچ ۽ باقي منهنجو هڪڙو سوال حل ڪري وڃ." شيخ بهلول وري آيو ۽ اچي چيائينس ته، "جلد ڪر چؤ ڇا ٿو چوين؟ منهنجو ڏڙهو چوڪر ڪٽيو تا وڃن؟" سائل چيس ته "هيڏي عقل ۽ ادب هوندي ٻارن سان راند ۾ لڳي پوڻ جي معنيٰ ڇا؟ تون حقيقت بيان ڪرڻ ۾ خود عقل کان به وڌيڪ آهين. تون ته ڪماليت جي انوارن جو سج آهين سو ڇرپائيءَ جي ڪکرن ۾ ڪيئن لکي سگهندين؟"

شيخ بهلول جواب ڏنو ته، "هتي جي اميرن امرائن ۽ عام خاص ماڻهن جو زور انهيءَ ڳالهه تي اچي بيٺو آهي ته مون کي شهر جو قاضي مقرر ڪن، جو ٻيو ڪوبه ماڻهو انهيءَ عهدي هلائڻ جهڙو شهر ۾ ڪونهي مون کي اهو قضا جو عهدو ڪٽو ڪونه آهي تنهن ڪري چريو بڻجي جند ڇڏائي اٿم."...

## نصيحت- علم ۽ عقل کي ڏيکاءُ جي ضرورت نه آهي

علم ۽ عقل دنيا جي هر متاع کان وڌيڪ قيمتي آهن، علم اهڙي شيءِ ڪانهي جنهن کي نمائش ڪرڻ لاءِ پيدا ڪيو ويو هجي. اهو علم تقليدي ۽ نقلي ڇئبو جنهن جو ڏٽي چوي ته ماڻهن ۾ منهنجي علم جو قدر ڪونهي. جيڪو علم پيٽ قوت ڪمائڻ لاءِ پڙهبو، سو بيشڪ قدر شناسي ڪانه حاصل ڪندو، پر جيڪو علم نور هدايت حاصل ڪرڻ لاءِ پڙهبو، تنهن جي بي قدريءَ جي شڪايت ڪڏهن به ڪرڻي نه پوندي.

# ٽيهين آکاڻي
# دنيا جو عذاب گهرندڙ اصحابي

هڪڙو اصحابي سڳورو جڏهن هڪڙيءَ سخت بيماري ڀوڳڻ کان پوءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تندرست ٿيو تڏهن حضرت پيغمبر ڪريم ﷺ جن هن کان پڇيو ته ”اي دوست! تو بيمار ٿيڻ کان اڳ خدا تعاليٰ کان ڪهڙي دعا گهرندو هئين؟“ هن عرض ڪيو ته، ”حضرتا! هڪڙي پاسي نفس اماره جي شامت ۾ گناهن پٺيان گناه پيا ٿيندا هئا، ٻئي پاسي گناه ڪندڙن جي لاءِ سخت عذابن جي بابت حضور جن جا وعظ ٻڌندو هوس، پوءِ ته الله جي رحم کانسواءِ ٻيو وسيلو نه ڏسي خدا تعاليٰ کي هر وقت اهو عرض ڪندو هوس ته ”يارب سائين! مون کي جيڪا به گناهن جي سزا ڏين، سا هن دنيا ۾ ئي ڏي.“

اها ڳالهه ٻڌي حضرت جن فرمايو ته ”خبردار! اڳتي متان ڪڏهين دنيا جو عذاب گهري وٺين. توکي ڪهڙي طاقت آهي، جو ماڪوڙي تي ڪري جبل پنهنجي سر تي کڻين. هي دنيا اهو بيابان جاڻ، جنهن ۾ حضرت موسيٰ جي قوم چاليهه ورهيه حيران پريشان گذاريو هو.“

# اڪتيهين آکاڻي

## حضرت موسيٰ جي قوم جي پشيماني

حضرت موسيٰ عليه السلام جي قوم جڏهن انهيءَ بيابان ۾ اچي رهي هئي، جتي نڪا ندي هئي ۽ نڪا پوک جي سولائي، جڏهن حضرت موسيٰ جي دعا سان آسمان مان ”من وسلويٰ“ نالي خوراڪ نازل پيئي ٿيندي هئي، جيڪا اهي ماڻهو پيا کائيندا هئا. حضرت موسيٰ جي دعا سان انهيءَ بيابان جي جبل مان ٻارهن چشما پيدا ٿي پيا، جن جو هو پاڻي پيئندا هئا. تنهن هوندي به هو زالين مڙسين ان بيابان ۾ رهڻ مان اهڙا ته ڪڪ ٿي پيا، جو اتان ڀڄي نڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. مرد، زالون، ٻچا ۽ ٻار صبح جو بيابان مان نڪري وڃڻ لاءِ ڊوڙون پائيندا هئا ۽ شام جو ڏسندا هئا ته جتان نڪتا آهيون اتي ئي بيٺا آهيون. هو سڀ هڪ ٻئي سان صلاحون ڪرڻ لڳا ته هاڻي ڪجي، سو ڪجي ڇا؟ خيال ڪرڻ لڳا ته ”جيڪڏهن حضرت موسيٰ اسان مان راضي هجي ها ته جيڪر انهيءَ بيابان مان نڪرڻ جو اسان کي ڪو رستو ضرور ملي ها. پر حضرت موسيٰ اسان تي ناراض به نه آهي. جيڪڏهن ناراض هجي ها ته آسمان مان نه ”من وسلويٰ“ نازل ٿيندو رهي ها ۽ نڪي پهڻ مان چشما ڦٽي نڪرن ها، جن جي پاڻيءَ تي اسان جو جياپو آهي. شايد حضرت موسيٰ اسان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي حق ۾ ٻه دليو آهي. ڪڏهن دوست ٿيو ٿو رهي ته ڪڏهن دشمن. ان جو ناراضپو ئي اسان کي هيئن رڻ ۾ رلائي رهيو آهي. ان جو راضپو وري اسان کي اڄ ۽ ڀڪ کان بچايو ويٺو آهي.

## نصيحت- اسان جي پريشاني ۽ دعا

اسان جو حال به حضرت موسيٰ جي قوم جهڙوئي آهي، جيئن اهي بني اسرائيل رڻ پٽ ۾ سارو ڏينهن ٻاهر نڪرڻ لاءِ جهوتون ڏيندا هئا ته به شام جو ساڳي ماڳ تي پاڻ کي ڏسندا هئا، تيئن اسين به گناهن جي ميدان ڇڏڻ لاءِ جتان نڪري توبهه ۽ تقويٰ ڏانهن ڊوڙون ٿا ته منجهيو منجهيو وري اچيو ساڳي گناه جي ميدان ۾ ساڳي هنڌ پهچون. توبه ڪريون ٿا ته وري توبه ٽوڙي گناه ڪريون ٿا. تان جو الله تعاليٰ جو ناراضپو اسان تي ٿي پوي ٿو، جنهن جي پنيان حضرت موسيٰ وانگر حضرت رسول ڪريم عليہ الصلوات والسلام جن به اسان تي ناراض ٿين ٿا، تنهن ڪري اسان کي گهرجي ته هروقت خدا تعاليٰ کي ٻاڏائيندا رهون.

(يا رب العالمين! اسان جا انجام اڪرام ڪک جي مثل آهن، جيڪي واءَ جي هر هڪ جهوٽي سان اڏاميو وڃن ٿا ۽ تنهنجا عهد انجام (نعمتن عطا ڪرڻ جي باري ۾) هڪڙي جبل بلڪ سؤ جبلن کان به مضبوط آهن. اي اسان جي سيني حالن حقيقتن تي حڪم هلائيندڙ بادشاه! تون پنهنجي قدرت جي صدقي جيڪا اسان جي مختلف حالتن تي غالب آهي، اسان تي رحم ڪر.)

## نصيحت- انسان کي دل جو درد ضرور هئڻ گهرجي

آنک او بی درد باشد رهزن است

زانک بی دردی اناالحق گفتن ست

(جو شخص درد دل کان خالي آهي، سو رهزن آهي ڇاڪاڻ جو بي دردي "اناالحق" (آءٌ خدا آهيان) چوڻ جي برابر آهي.) شيطان نافرماني جي گناه ڪرڻ وقت جيڪڏهن دل جي درد سان عاجزي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ها ته جيڪر لعنتي نه بنجي ها. اي انسان! تو کي هميشه پنهنجي گنهگاريءَ ۽ ناقصيءَ تي دل جو درد هئڻ گهرجي ۽ پنهنجي خالق جي عبادت توڙي دعا، دل جي درد سان ڪرڻ ۽ گهرڻ گهرجي. منصور جو "اناالحق" چوڻ وحدت وجودي جي نظر ۽ روحاني محويت جي خيال سان هو. پر فرعون "انا ربڪم الا عليٰ" آءٌ اوهان جو وڏو خدا آهيان، نسورو غرور هو، ڇاڪاڻ جو جنهن دل ۾ درد نه هوندو، تنهن ۾ ضرور خودي ۽ آپو سمايل هوندو.

قابله چه کند چون زن را درد نيست

درد بايد درد کود که را رهی ست

(جيڪڏهن ڪنهن زال کي سور ئي ڪين آهن ته دائي ان کي ڪيئن ٻار ڄڻائي سگهندي. زال کي سور ٿيڻ گهرجن ته ٻڙڙو ڄمي پوي) ساڳيءَ طرح:

اين امانت درد دل و جان حامله ست

اين نصيحتها مثال قابله ست

(هي علم معرفت جون حقيقتون انسان جي دل ۾ امانتون رکيل آهن ۽ روح انهن امانتن سان حامله (پيٽ سان) آهي ۽ هي نصيحتون دائيءَ جي مثل آهن.) "معرفت" ۽ "حقيقت" جون روشنايون روح مان تڏهن نڪري نروار ٿينديون (نصيحتون تڏهن اثرائتيون ٿينديون، جڏهن درد دل موجود هوندو.)

**نصيحت- ڏندن اکڙيل نانگ ڏنگي نه سگهندو**

(نانگ جا زهري ڏند اکوڙي ڇڏيندين ته پوءِ هو نه ڪنهن کي ڏنگي سگهندو ۽ نه ان کي ڪوبه پٿرن سان سٽي ماريندو. نفس ئي زهري نانگ آهي. ڪامل مرشد ڪانسواءِ نه ان نانگ جا ڪو ڏند اکوڙي سگهندو ۽ نه ان نانگ کي ڪو ماري سگهندو، تنهن ڪري اي حق جا طالبو! تون اهڙي نانگ ماريندڙ ڪامل جو پلؤ قابو وجي جهل.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تقدير جي ڀلائيءَ ۽ برائي تي ايمان آڻڻ بابت مثال:

ڪرد نقاشي دو گونه نقشها

نقشها صاف و نقش بی صفا

(خدا وند جيڪو حقيقي نقاش آهي، تنهن ٻن قسمن جا نقش چٽيا آهن هڪڙا صاف ۽ چٽا نقش ۽ ٻيا ميرا ۽ گدلا نقش.)

خدا هڪڙي پاسي حضرت يوسف جي حسن جهڙا نقش ۽ حورون بنايون ته ٻئي پاسي شيطانن ۽ ديون جون خوفناڪ صورتون ٺاهيون. ٻنهي طرحن جا نقش هن جي استاديءَ جون نشانيون آهن. بد شڪل نقش ان نقاش جي برائيءَ جو دليل نه، پر ان جي حڪمت ۽ دانائيءَ جو ثبوت آهن. ڪوبه حق جو منڪر چئي نه سگهندو ته خدا تعاليٰ رڳو سونهن ٺاهي ڄاڻي، پر ڪوجهائي ٺاهڻ مان ڄاڻي ئي ڪين. اهو ئي سبب آهي جو هن مؤمن به پيدا ڪيا ۽ ڪافر به پيدا ڪيا. مومن ۽ ڪافر جي وچ ۾ هي فرق آهي جو مومن خدا تعاليٰ کي واحد ۽ لا شريڪ ڄاڻي خاص ان جي رضامندي لاءِ ان جي عبادت ڪري ٿو، پر ڪافر ڪن ٻين شين کي به خدا جو مٽ ڄاڻي انهن جي عبادت ڪري ٿو. مثلا هڪڙا يزدان (خدا) جي بندگي ڪن ٿا ۽ سمجهن ٿا ته خدا جيڪو فقط ڀلائي خلقڻ وارو آهي، سو برائي خلقڻ مان ڄاڻي ئي ڪين! برائي خلقڻ واري ٻي طاقت (اهرمن: شيطان) آهي. گويا يزدان سان اهرمن کي به هم طاقت ڪري مڃين ٿا. اهو شرڪ آهي. ٻيا وري ايشور (خدا) جي پوڄا ڪن ٿا، پر هن کي دنيا جي انتظام رکڻ لاءِ اڪيلي سر نه پهچي سگهڻ وارو ڄاڻي ساڻس بيشمار ديو ۽ ديوتائون مددگار ڪن ٿا ۽ انهن جي به پوڄا ڪن ٿا، اهو به شرڪ آهي. مومن جيڪو هڪڙي ئي خدا کي مڃيندڙ ۽ پوڄيندڙ آهي، سو ايئن ئي مڃي ٿو ته جيئن سونهن ۽ ڪوجهائي جو خلقيندڙ اهو بادشاه آهي، تيئن ڀلائيءَ ۽ برائيءَ جو خلقيندڙ به اهو هڪڙو ئي مالڪ جلشانہ آهي، مگر انسان عقل ۽ تميز جي ذات وارو آهي ۽ اختيار وارو آهي ته ڀلائيءَ ۾ هٿ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجهي يا برائيءَ ۾، نيڪيءَ ۾ هٿ وجهي يا بديءَ ۾. الله تعاليٰ ڀلائي ۽ نيڪي اختيار ڪرڻ واري تي راضي ٿئي ٿو ۽ بدي اختيار ڪرڻ واري تي ناراض ٿئي ٿو. انسان جو ڪم آهي هر وقت درد دل سان خدا تعاليٰ کان ڀلائي ۽ نيڪي جي توفيق گهرڻ ۽ برائيءَ ۽ بديءَ کان بچڻ جي سگهه گهرڻ.

## حضرت محمد ﷺ جن جي سيکاريل دعا

رسول ڪريم ﷺ جن هڪڙي اصحابي سڳوري کي هن طرح خدا تعاليٰ کان دعا گهرڻ سيکاري هئي:- ”اي اسانجا پروردگار! اسان جون مشڪلاتون آسان ڪر. اي اسان جا پروردگار! هن دنيا ۾ ڀلائي ۽ نيڪي عطا ڪر ۽ آخرت ۾ به ڀلائي ۽ نيڪي عطا ڪر. اي پروردگار! اسان جي منزل مقصود تون ئي آهين. تون اسان تي پنهنجو رستو باغ جهڙو پر لطف ڪرڻ فرماءِ.“ بيشڪ اها اهڙي دعا آهي، جنهن جو گهرندڙ قيامت جي ڏينهن بهشت ۾ قرار حاصل ڪندو ۽ حق جا منڪر ان جي بخت تي ريسون ڪندا. تون به اها دعا گهرندو ره. جيڪڏهن ڪامل مرشد ۽ عارف استاد جو اجهو وٺندين ته ڪڏهن به واتان نه ورندين. دنيا جا ڌنڌا روحاني ڌنڌي بنسبت ڇڻ ڀاراٽيون رانديون آهن. انهن فاني ڌنڌن ۾ قاسي نه پؤ، پر بقادار روحاني ڌنڌي ۾ مشغول ره.

## ٻٽيهين آکاڻي
## حضرت امير معاويه ۽ ابليس جي وچ ۾ گفتگو

هڪڙي رات حضرت امير معاويه محلات جي ڪنهن ڪمري ۾ ستو پيو هو، ته درين دروازن جي بند هوندي به هڪڙي مرد هن کي اچي جاڳايو. جان ڪٿي اک کولي ته پهرئي ڪانه نهي، حيران ٿي ويو. اٿي ڏٺائين ته دروازا به سڀ بند ٿيا پيا آهن، مگر پردي جي پنيان ڪو شخص لڪو بيٺو آهي. پڇيائينس ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون ڪير آهين؟ ان شخص جواب ڏنو ته، ”آءٌ نالي چڙهيو ندورو ابليس آهيان.“

امير معاويہ- اي ابليس، سچ ٻڌاءِ ته تو اسان کي ڇو جاڳايو آهي؟

ابليس- نماز جو وقت ٿيو آهي. هاڻي توهان کي مسجد ڏي وڃڻ گهرجي.

امير معاويہ- نه نه. اها تنهنجي مراد هرگز نه هوندي. ابليس ٿي ڪري تون مون کي نيڪ ڪم ڏانهن ڪيئن رهنمائي ڪندين؟ ڀلا ڪو چور منهنجي گهر ۾ لنگهي اچي ۽ مون کي چوي ته آءٌ پهرو ٿو ڏيان ته مون کي ان تي ويساه ايندو؟ خاص ڪري تو جهڙو نامر ڪنو ڏاڙيل چور مون تي اهڙو مهربان ڪٿان ٿيندو؟

ابليس- اي امير! آءٌ اول ته فرشتو هوس ۽ عبادت جي راه ۾ مون جهڙو ٻيو ڪونه هو. آءٌ عرش تي عبادت ڪندڙن فرشتن سان گڏ گذاريندو هوس. مون کي اهو پنهنجو اصلوڪو زمانو ڪو وسرڻ جو آهي ڇا؟ توهين جيڪڏهن چين ڏانهن يا ٻئي ڪنهن ولايت ڏانهن سفر ڪرڻ ويندو ته اوهان کي ڪو پنهنجو وطن وسرندو. مون کي به شروع کان وني جنون عبادت سان دلچسپي هئي، سا اڃا تائين اٿمر. جيڪڏهن خدا تعاليٰ مون تي ڏمر ڪيو آهي ته خدا تعاليٰ جي رحمر ۽ ڪرمر جا ڪي دروازا بند ٿي ويا آهن ڇا؟ خدا تعاليٰ سراپا لطف ۽ احسان آهي، ڏمر فقط سندس لطف ۽ احسان تي عارضي پردو آهي. آءٌ قبول ٿو ڪريان ته مون حسد جي ڪري حضرت آدمر کي سجدو نه ڪيو، پر اهو حسد مون ۾ عشق جي ڪري پيدا ٿيو هو، نه سرڪشيءَ جي ڪري...

این حسد از دوستی خیزد یقین

نه شود با دوست غیری هم نشین

(يڪ ڄاڻو ته اهڙي قسمر جو حسد عشق ۽ محبت جي ڪري پئدا ٿيندو آهي، سو انهيءَ حالت ۾، جڏهن ڏسبو آهي، ته دوست سان ڪو ٻيو ڏاريون ماڻهو گڏجي ويهي ٿو.) غيرتَ ته عشق ۽ محبت جو اهڙو مرڪ آهي، جهڙو ڇڪ (نچ) جو جواب ته ”چٽا پٽ! جيتا رهو!“ جيڪڏهن ڪافر آهيان يا ڏڪاريل آهيان، ته به خدا جو آهيان ۽ ان جو ئي خلقيل آهيان.؟

... امير معاويہ- ”اهي ڳالهيون تو واجبي ڪيون آهن، ته ٻانهي جو تعلق خدا کان ٽٽڻو نه آهي ۽ ان خدا جي ڪرمر مان اميد نه لاهجي وغيره. پر انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عنايتن ۾ تنهنجو نڪو حصو نڪا پتي. تون رڳو وات جا پلاءِ پچائي رهيو آهين. مون جهڙن هزارن جي قلبي خزاني مان ايمان جي دولت تون لٽي چڪو آهين. تون اها باه آهين، جنهن جي شل چڻنگ به ڪنهن جي ڪپڙي ۾ نه وچڙي. تنهن جو ساڙيل ڪڏهن به ٺار نه ڪندو. تون سڀ ڪنهن کي قوڪ سان جلائڻ وارو ۽ سيني چورن ۽ ڌاڙيلن جو گرو آهين. تون خدا تعاليٰ جي اڳيان به بي ڌڙڪ حجتون هلائي چڪو آهين، سو منهنجي روبرو پڙڪيدار ڳالهين ڪرڻ کان توکي ڪير روڪي سگهندو؟

جيئن شڪاري پکين جي ٻولي ڪري ٻڳيءَ سان دام ۾ پکي آڻي گڏ ڪندو آهي تيئن تون نڳيءَ جي ٻوليءَ سان ماڻهن کي ڦاسائڻ وارو آهين. حضرت نوح جي قوم جو خانو خراب ڪنهن ڪيو؟ عاد قوم کي برباد ۽ قوم لوط کي سنگسار ڪنهن ڪرايو؟ نمرود جو مغز ۽ فرعون جو عقل ڪنهن خطا ڪيو؟ ابولهب ۽ ابوجهل کي گمراهن جو اڳواڻ ڪنهن بنايو؟ اهي سڀ تنهنجي ڪاٻي هٿ جا کيل هئا. تون مڪرن جو سمنڊ آهين ۽ خلق تنهنجي اڳيان ڦڙي برابر آهي. تو ڪيترن سدورن ستارن کي ندورو بنايو آهي. تو بلعم باعور ۽ برصيصا جهڙا عابد گمراه ڪري وڌا.“

ابليس- اي امير! منهنجي باري ۾ جيڪي شبها دل ۾ اٿيئي سي ڪڍي ڇڏ. آءٌ گمراه ڪندڙ نه آهيان، پر آءٌ کوٽي ۽ کري جي پرکڻ لاءِ ڪسوٽي آهيان. خدا تعاليٰ مون کي دين جي شينهن ۽ دنيا جي ڪتي پرکڻ جو وسيلو ۽ کري کوٽي جي جاچڻ لاءِ اوزار بنايو آهي. ڪنهن به کوٽي سڪي کي آءٌ ڪارو ڪين ٿو ڪريان، پر ان جي کوٽائي ئي ان کي ڪارو بنائي ٿي. نيڪن کي نيڪ راه کان نٿو روڪيان. بڇڙن کي بڇڙي راه تي هلڻ لاءِ هٿ ڏس ٿو ڪريان. آءٌ طرح طرح جا گاه پکيڙي ڇڏيندو آهيان، سو انهيءَ لاءِ ته خبر پوي ته هي ڪهڙي قسم جو حيوان آهي ۽ هيءُ ڪهڙي قسم جو. ڇو ته جيڪو جهڙي قسم جو حيوان هوندو ته اهڙي قسم جي گاج ۾ اچي منهن وجهندو، آءٌ ڪو خدا ڪين آهيان، جو نيڪ کي ڦيري بد ڪريان. آءٌ ته فقط آئينون آهيان، جو نيڪ جي صورت نيڪ ۽ بد جي صورت بد ظاهر ڪري ٿو ڏيکاريان. توکي مون عبادت لاءِ جاڳايو آهي ته اها منهنجي اصلوڪي عبادت واري عادت جي تقاضا آهي.“

امير معاويہ- ”اڙي چور! رهزن! گهٽيون حجتون نه هل! تون ڦورو ڌاڙيل آهين. آءٌ پرديسي سوداگر آهيان. تون ڪهڙي به لباس ۾ پاڻ کي ڏيکي پيو ايندين ته به ڌاڙيل ڌاڙيل جو پٽ آهين. مڪار! فريب جا پتلا! مو کان پيڇي پري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيءُ. اي ابليس! ٺڳيءَ جون سڀ ڳالهيون ڦٽيون ڪر. سچ ٻڌاءِ ته تو مون کي ڇا جي لاءِ اڇي جاڳايو آهي؟“

ابليس- ”شڪي طبيعت جي ماڻهوءَ کي ڪيترين به سچين ڳالهين ٻڌائيبيون ته به يقين ڪندو ئي ڪين. هن جي اڳيان جيئن گهڻي دليل بازي ڪبي، تيئن هن جا شڪ ۽ گمان پيا وڌندا، تنهن ڪري اهڙي ماڻهوءَ اڳيان ماٺ ڀلي آهي. اي مورک انسان! مون کي تون ڏوه ڇو ٿو ڏين؟ پنهنجي نفس کي ڏوه ڏي پاڻ کي حرص هوس کان پل. پاڻهي سڌ ڪريو گناهن ۾ گهڙو ٿا، پوءِ سڀ ڪو مرد خواه زال ايئن چوندا ته ”مٺي شيطان جو ڪارو منهن“ مون کي شيطان ڀلايو. اتو ڪائي ڪئو مار پوي گابي تي. اها انسانن جي گٿ ٿي ويئي آهي جو پنهنجي نفس کي ڪين سڌاريندا، باقي مون کي مهڻن سان پيا ماريندا. نانءَ چڙهيو واپاري ڪٽيو ڪائي، نانءَ چڙهيو چور ڦاسيءَ چڙهي!“

امير معاويه- ”اي ابليس! سچ ڳالهائڻ کان سواءِ ڪڏهن به جند نه ڇڏيندو سانءِ. اهي تال طول ڪري مون کان ڇٽي نه سگهندين.“

ابليس- ”اي شڪي! اي وهم جا پتلا! تو وٽ سچ ۽ ڪوڙ جي پرکڻ لاءِ ڪهڙي ڪسوٽي آهي، جو منهنجي گفتي کي تون ڪوڙ ٿو چوين؟“

امير معاويه- ”اسان جي پيغمبر ڪريم ﷺ فرمايو آهي ته ”ڳالهائيندڙ جو ڪوڙ ٻڌندڙ جي دل ۾ قدرتي طرح ڪتڪو پيدا ڪندو ۽ ڳالهائيندڙ جو سچ ٻڌندڙ جي دل ۾ قدرتي تسلي ۽ دلجاءِ جهڙو اثر ڪپائيندو.“ جنهن انسان جي دل گناهن جي مرض ۽ بيماريءَ کان تندرست آهي، تنهن جي دل ۾ سچ ۽ ڪوڙ ايئن پڌرو ٿي بيهندو جيئن آئيني ۾ اڇو ۽ ميرو منهن هڪدم پڌرو ٿي پوي. اي ابليس! خلق حرص ۽ هوس ۾ گرفتار رهي ٿي، تڏهن تنهنجي فريب ۽ مڪر کي سڃاڻي نٿي سگهي. جنهن جي دل مان حرص ۽ هوس نڪري چڪو آهي، تن کي تون ڪيئن ٺڳي سگهندين؟ هيءَ تمثيل ٻڌ.

## تمثيل ١- شهر جو قاضي ۽ ان جو نائب

هڪڙي شخص کي ماڻهن قاضي مقرر ڪري مسند تي ويهاريو. هو مسند نشين ٿيڻ کان پوءِ روئڻ لڳو. سندس نائب چيو ته ”سائين! اوهان کي شهر جي ماڻهن هيڏي عزت ڏيئي گويا شهر جي سياه ۽ سفيد جو مالڪ بنايو آهي، تنهن ڪري اوهان کي خوش ٿيڻ گهرجي. روئڻ جو ڪهڙو سبب؟ قاضي چيو ته ”افسوس! جنهن ماڻهوءَ کي ڳالهه جي حقيقت جي خبرئي نه هوندي، سو اهڙن ٻن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شخصن جي وچ ۾ ڪيئن فيصلو ڪري سگهندو جيڪي ٻئي ڄڻا حقيقت جي ذري پرزي کان واقف هوندا؟ حقيقت کان اڻڄاڻ قاضي ٻن ڄاڻندڙن جي خون يا مال بابت ڪهڙو انصاف ڀريو فيصلو ڪري سگهندو؟" تنهن تي نائب چيس ته "مقدمي واريون ٻئي ڌريون جيتوڻيڪ حقيقتن کان واقف آهن مگر انهن ۾ خود غرضي پيدا ٿي چڪي آهي تنهن ڪري انهن جو علم (ڄاڻ) به جهل (اڻڄاڻائي) جي برابر آهي ۽ اوهين جيتوڻيڪ حقيقتن کان اڻواقف آهيو ته به توهانجي بي غرضي ۽ بي طمعي خود بذات اوهان جي اندر ۾ نور پيدا ڪندي، جنهن ڪري اوهان جي اڻڄاڻائي به ڄاڻ (علم) بنجي پوندي. جاهل (اڻڄاڻ) جيڪڏهن بي غرض آهي ته هو عالم (ڄاڻندڙ) آهي، پر عالم (ڄاڻندڙ) جيڪڏهن خودغرض ۽ لالچي آهي ته هو جاهل (اڻ ڄاڻندڙ) ٿيو پوي ٿو. اي قاضي صاحب! تون جيڪڏهن عدالت جي ڪم ۾ رشوت وٺندين ته پوءِ پاڻ کي اندر جي سوجهري وارو بي ڏڙڪ عالم ڄاڻج، پر جيڪڏهن رشوت ورتئي ته پوءِ پاڻ کي صفا انڌو ڪري ڄاڻج، ڇاڪاڻ جو پوءِ حق ۽ ناحق تي تنهنجي نظر پئجي ڪين سگهندي."

... سو اي ابليس! مون پنهنجن اخلاقن کي حرص هوس کان آجو ڪري ڇڏيو آهي ۽ نفساني خواهشن جي خوراڪ نه ڪاڏي اٿم، تنهن ڪري سچ ۽ ڪوڙ کي پروڙي ۽ پرکي سگهان ٿو. اي ابليس! اي پليت ڪتا! سچ ٻڌاءِ! تون آفيم وانگر ننڊ ڏيڻ وارو، تون شراب وانگر عقل ۽ سمجهه کسڻ وارو، تنهن مون کي ننڊ مان ڇاجي لاءِ سجاڳ ڪيو؟ مون ڪڏهن به اهڙي اميد نه رکي آهي ته ڪو ڪنهن نيڪ ڪم لاءِ شيطان مون کي سجاڳ ڪندو."

ابليس- "اي امير! سچ ٿو پڇين ته حقيقت هيءَ آهي ته مون توکي انهيءَ لاءِ سجاڳ ڪيو هو ته مسجد ۾ وڃي پهچين ۽ جماعت سان گڏجي وڃي نماز پڙهين. جيڪڏهن نماز جي پوري وقت نه پهچين ها ته اهڙو ارمان ٿيئي ها جو دنيا اوندهه نظر اچيئي ها ۽ رت روئين ها."...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تمثيل ٢- نماز با جماعت کي نه پھچڻ جو ارمان

”ٻڌو اٿو؟ ته ھڪڙو شخص مسجد ۾ نماز پڙھڻ لاءِ ٿي ويو ته ماڻھو مسجد کان ٻاھر پئي نڪتا. ٻاھر نڪرندڙن کان پڇيائين ته ”ڇو اڄ جلد مسجد مان نڪتا آھيو؟“ ماڻھن چيس ته ”حضرت پيغمبر ﷺ جن جي پنيان جماعت سان نماز پڙھي سون، ھاڻي پنھنجي پنھنجي گھر ٿا وڃون.“ تنھن تي اھو شخص ڏک مان ٿڌا ساه کڻڻ ۽ ھاءِ ھاءِ ڪرڻ لڳو. اتي بيٺل ھڪڙي شخص چيس ته ”ادا“ تون انھن ٿڌن ساھن ۽ ھاءِ ھاءِ جو ثواب مون کي ڏي ته آءٌ پنھنجي با جماعت نماز پڙھيل جو ثواب تو کي ڏيان.“ انھن ٻنھين شخصن خوشيءَ سان اھو سودو ڪيو. ھاءِ ھاءِ وڻڻ واري شخص کي خواب ۾ مبارڪون مليون ته تو سودي ۾ ڪٿيو آھي ۽ تنھنجي سودي جي برڪت ڪري سيني نمازين جي نماز قبول پيئي آھي.“

... سو اي امير معاويه! جيڪڏھن تو کان به نماز با جماعت گسي وڃي ھا ته تون آه زاري ڪرين ھا، جنھن آه زاريءَ جو ثواب.توکي نماز ۾ ٻين سون ذڪرن کان به وڌيڪ حاصل ٿئي ھا. اھڙي وڏي ثواب حاصل ڪرڻ کان تو کي محروم رکڻ لاءِ اچي سجاڳ ڪيم ته نماز با جماعت پل وڃي پڙھين، پر ان کان ٻـ سؤ دفعا وڌيڪ ثواب حاصل ڪري نه سگھين. سچ ڪري پڇين ته آءٌ بيشڪ تنھنجو توڙي آدم ذات جو حاسد آھيان، حسد جي بناءَ تي ئي مون ائين ڪيو آھي. آءٌ تنھنجو خواه سيني ماڻھن جو دشمن آھيان. مڪر ۽ دشمني منھنجو ڪم آھي.“

امير معاويه- ”اي ابليس! ھاڻي تو سچ ڳالھايو آھي. تون مڪين جو شڪار ڪرڻ وارو ڪوريئڙو آھين. پر اي ڪتا! آءٌ مک نه آھيان. تو نيڪ ڪم لاءِ مون کي انھيءَ لاءِ ٿي سجاڳ ڪيو ته وڌيڪ نيڪ ڪم کان رھجي وڃان.“

## تمثيل ٣- چور ۽ گھر جو ڌڻي

اي ابليس! اھو اھڙوئي مثال آھي، جيئن ھڪڙو چور ڪنھن گھر ۾ گھڙيو ۽ گھر جو ڌڻي ان چور جي پنيان ڊوڙيو. چور گھر کان ٻاھر نڪري اتي ڀڳو ۽ گھر جو ڌڻي ھن جي پنيان ڪاھي پيو. گھر ڌڻي مضبوط ۽ چست ھو تنھن چور کي ٿڪائي وڌو ۽ ذري گھٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهي جي معنيٰ سمجهڻ ۾ غلطي ڪندا آهن. عام طرح پنهنجي بي همتيءَ ۽ بزدليءَ کي بدقسمتيءَ جي پردي ۾ ڏسڪيندا آهن. جيڪي تندرست ۽ هنرمند ماڻهو ڪنگالپڻي ۽ اڻهوند جي گلا ڪندا آهن، تن مان في سيڪڙي نوانوي اهڙا ماڻهو ليندا. جيڪي جاڻي واڻي ڪاميابي ۽ خوشحاليءَ جو رستو ڇڏي ڏيندا آهن ۽ گهربل طلب جي حاصلات لاءِ تڪليف وٺڻ پسند نه ڪندا آهن. بکون پيا سهندا آهن ۽ قسمت جي گلا سان پيٽ پيا ڀريندا آهن، پر ڪندا ڪجھ ڪين آهن. انهيءَ بابت هي آکاڻي غور سان ٻڌ:

## ٽيٽيهين آکاڻي
## مسجد ضرار اڏائيندڙ منافق

حضرت محمد ﷺ جن مڪي معظم مان هجرت ڪري مديني منوره ۾ اچي ساڪن ٿيا ۽ ان کان پوءِ اسلام ۾ منافق پيدا ٿيا. جيڪي زبان سان پاڻ کي مسلمان سڏائيندا هئا، پر اندر ۾ اسلام جا سخت دشمن هوندا هئا ۽ سچن مؤمنن ۽ خود حضور پر نور عليه الصلوات والسلام جن جي برخلاف نقصان جهڙا منصوبا سٽيندا هئا. اهڙن خطرناڪ منصوبن مان هڪڙو منصوبو هو "مسجد ضرار" تيار ڪرڻ. مديني منوره ۾ منافقن جو سردار ۽ اڳواڻ عبدالله بن ابي بن سلول هو. حضرت ﷺ جن مديني منوره ۾ آيا، تنهن کان اڳ عبدالله بن ابي، مديني شهر جو بادشاه چونڊجڻو هو ۽ سندس لاءِ جڙاءِ دار تاج به تيار ٿي چڪو هو، پر حضور ﷺ جن مديني ۾ اچي سڪونت پذير ٿيا، ته خلق جو رخ حضرت صلعم ڏي ٿيو ۽ حضرت ﷺ دين ۽ دنيا جا اڳواڻ ۽ بادشاه ليکجڻ ۾ آيا ۽ عبدالله بن ابي جي بادشاهيءَ جون آسون اميدون خاڪ ۾ ملي ويون. ان وقت کان وٺي عبدالله بن ابي ۽ ان جا تعلقدار ظاهر ۾ مسلمان پر اندر ۾ مسلمانن جي برخلاف منصوبي باز ٿي رهيا.

انهن منافقن جا اعمال ۽ منصوبا قرآن شريف ۾ جاءِ بجاءِ بيان ٿيل آهن. "ضرار" جي معنيٰ آهي نقصان. "مسجد ضرار" جي معنيٰ اها مسجد جا اسلام ۽ مسلمانن کي نقصان پهچائڻ جي ارادي سان تيار ڪئي ويئي هئي. ان جي نهڻ جي حقيقت هن طرح آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حضرت محمد ﷺ جن مديني منوره ۾ اچي ساڪن ٿيا، تنهن ڪان پوءِ جلدئي اتي هڪڙي مسجد تيار ڪرايائون، جنهن کي "مسجد قبا" سڏيندا هئا. ان ۾ حضرت ﷺ جن پنج ئي وقت جماعت سان نماز ادا ڪندا هئا. اها ئي مسجد عدالت خانو (ڪورٽ) هئي ۽ اها ئي دار الندوه (ڪائونسل هال) طور ڪم ايندي هئي.

حضرت جن جي هجرت کان اڳ ابو عامر نالي هڪڙو شخص بني خزرج قبيلي مان مديني ۾ رهندو هو، عيسائي مذهب کي مڃيندڙ، زبردست عالم، راهب (تارڪ دنيا فقير) ۽ گهڻي عزت وارو شخص هو. حضرت ﷺ جن جي مديني ۾ اچي رهڻ کان پوءِ ان جو رسوخ ٻه بلڪل گهٽجي ويو، تنهن ڪري پاڻ سڳورن جو جو حاسد ۽ مخالف ٿي پيو. جڏهن حضرت صلعم بدر جي جنگ ۾ فتحياب ٿيا، تڏهن ابو عامر مديني مان لڏي مڪي ۾ وڃي وينو ۽ اتي جي ڪافرن کي حضرت ﷺ جن سان جنگ ڪرڻ لاءِ ڀڙڪايائين، جن حضرت صلعم جن سان احد جي جنگ اچي ڪئي. احد جي جنگ ۾ جنهن شخص پهريائين اسلامي لشڪر تي تير اڇليا هئا سو اهو ابو عامر هو. تنهن کان پوءِ هو روم ڏي ڀڄي ويو ۽ پوءِ اتي جي بادشاه هرقل کي مسلمانن تي حملي ڪرڻ لاءِ تيار ڪرايائين. روم ڏي وڃڻ وقت هن مديني جي منافقن کي پيغام موڪليو، ته آءٌ روم مان لشڪر وٺي مسلمانن تي اچي حملو ڪندس، تيسين اوهين مديني جي مسلمانن ۾ تفرقي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش زور شور سان ڪندا رهو. "مسجد قبا" جي سامهون پنهنجي محلي ۾ هڪڙي مسجد تيار ڪريو، جيڪا توهان کي مخفي صلاحن مصلحتن ۽ منصوبن سٽڻ لاءِ "ڪائونسل هال" جو ڪم ڏئي ۽ ڪوشش ڪريو، جيئن "مسجد قبا" واري جمعيت رڙهي سڙهي اوهان جي مسجد ۾ اچي گڏ ٿئي. مديني وارن منافقن ابو عامر جي پيغام ملڻ تي مسجد تيار ڪئي. خيال هين ته ابو عامر کي ان مسجد ۾ رهائينداسون ۽ ان جي اڳواڻي هيٺ منافقانه تدبيرن کي عملي جامو پهرائيندا رهنداسون.

هجري سنه ٩ ۾ جڏهن محمد ﷺ تبوڪ جي جنگ تي ٿي اسهيا، تڏهن اهي منافق حضرت صلعم جن وٽ آيا ۽ چوڻ لڳا ته "اي خدا جا رسول! مهرباني ڪري هن مسجد ڏي تشريف فرمايو، ته توهان جي سڳورن قدمن جي برڪت سان هيءَ مسجد برڪت واري ٿئي. "مسجد قبا" اسان جي محلي کان پريري آهي. گپ چڪ ۽ سرديءَ جي وقت اتي حاضر ٿيڻ ۾ ساري محلي کي تڪليف ٿيئي ٿي، تنهن ڪري هيءَ مسجد تيار ڪئي اٿئون...


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نصيحت- نيت کوٽن جي چرب زبانيءَ تي نہ نڳج

(جيڪي لفظ دل جي سچائي ۽ اڇائيءَ کان سواءِ زبان مان نڪرن ٿا، تن تي متان ڀلجي ۽ ڀنيلجي وڃو. بي وفائن جي ظاهري مهربانيءَ تي متان مائل ٿيو ڇو تہ اهي ڀڳل پل جي مثل آهن. ڀڳل پل تان ڪو بي خيالو لنگهندو تہ پل تان ڪرندي دير نہ ڪندو ۽ اهو لنگهندڙ پنهنجا هڏ ڀڃائيندو.

... حضرت ﷺ جن تي انهن منافقن جا ارادا الله جي وحي جي ڪري اهڙا ظاهر هئا، جهڙو آئيني ڏسندڙ جو منهن آئيني ۾، پر پاڻ خدا جا پڙهايل ۽ صبر ۽ تحمل جا پتلا هئا، تنهن ڪري انهن منافقن کي مٺي تان هٿ ڦيري چيائون تہ "هينئر اسين لڙائيءَ تي وڃڻ لاءِ تيار آهيون. اتان خير جو موٽون تہ پوءِ اها مسجد هلي ڏسنداسون."

حضرت جن تبوڪ جي جنگ تان خير سان موٽيا، تڏهن اهي منافق وري بہ اچي لنڊي خوشامد، چاپلوسي ۽ التجائون ڪرڻ لڳا تہ هلي مسجد مان پيرا گهمايو. منافق اتي ئي ويٺا هئا تہ "وحي" نازل ٿيو جنهن چيو تہ "جن منافقن (مسجد قبا ۽ اسلام کي) نقصان پهچائڻ لاءِ ۽ سچ کي ڍڪڻ لاءِ ۽ مسلمانن ۾ ڦيٽاڙي وجهڻ لاءِ ۽ جيڪو شخص هن کان اڳ الله ۽ ان جي رسول سان لڙائي ڪري چڪو آهي، تنهن (ابو عامر) جي اچڻ جي انتظار رکڻ لاءِ مسجد تيار ڪئي آهي، سي ضرور قسم کڻندا تہ چڱن ارادن ۽ نيڪ نيتيءَ سان اها مسجد تيار ڪئي اٿن، مگر الله تعاليٰ چتاءُ ٿو ڪري تہ اهي بلڪل ڪوڙا آهن. (سورت توبہ ع ١٣)

جڏهن حضرت جن مٿين سورت پڙهي تڏهن اهي منافق ڏاڍا شرمندا ٿيا، پر قسم کنيائون تہ "اسين اوهان سان ڪڏهن دغا ڪانہ ڪنداسين. اوهين اسان جي قسمن جي ويساه ڪريو" پاڻ سڳورن فرمايو تہ "خدا تعاليٰ جي ڪلام کان وڌيڪ اوهان جي ڪلام تي ڪيئن ويساه ڪري سگهبو؟ اوهان جي قسمن بابت اڳي ئي الله تعاليٰ هدايت ڪري ڇڏي آهي تہ "انهن ماڻهن (منافقن) پنهنجن قسمن کي فقط بچاءَ لاءِ ڍال ڪئي بنايو آهي (انهيءَ لاءِ تہ انهن قسمن جي آڙ ۾) ماڻهن کي خدا جي رستي کان روڪيندا رهن. ڪهڙا نہ بڇڙا ڪم اهي منافق ڪري رهيا آهن!" (سورت منافقون ع ١)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن کان پوءِ پاڻ سڳورن جن پنهنجن اصحابن سڳورن کي حڪم ڏنو جن هڪدم اها مسجد ڊاهي پٽ بنائي ڇڏي، پوءِ ساري مديني شهر جا ماڻهو پنهنجن گهرن جو گند ڪچرو اُنهيءَ پٽ تي ڦٽو ڪندا هئا، جنهن ڪري اتي اروڙي بنجي ويئي.

**نصيحت- قسم کڻڻ ۽ کڻائڻ جو ڪهڙو ضرور**

راستان را حاجت سوگند نيست

زانکه ايشان رادو چشم روشني ست

(سچن کي قسم کڻڻ جو يا (قسمن کڻائڻ جو) ضرور ڪونهي ڇاڪاڻ جو انهن کي ٻہ (حق بين) اکيون حاصل ٿيل آهن، جن جي وسيلي هو سچ ۽ ڪوڙ پرکي سگهن ٿا.) نيت کوٽا ماڻهو جن جي اندر ۾ دينداريءَ جو ذرو بہ نہ هوندو آهي، سي ذري ذري تي قسم کڻندا آهن ۽ ٽوڙيندا آهن. انجام اڪرام ڀڃڻ مومن جو ڪم نہ آهي. پنهنجا قسم نباهڻ ۽ پورا ڪرڻ سڀ ڪنهن پرهيزگار جو شيوو آهي.

## چوٿين آکاڻي
## کٽکي وارو اصحابي سڳورو

حضرت صلعم جن جيڪو منافقن جي قسمن تي ويساه نہ ڪيو تنهن ڪري هڪڙي اصحابي سڳوري کي دل ۾ کٽکو ٿي بيٺو تہ ڪهڙا ڪهڙا سفيد ريش ۽ معزز ماڻهو حضرت صلعم جن وٽ قسم کڻندا رهيا تہ بہ حضرت صلعم جن انهن جي قسمن تي اعتبار نہ ڪيو ۽ هيڏي ساري مجلس جي وچ ۾ انهن کي ڪوڙو ڪوڙو چئي شرمندو ڪري ڪڍيائون سو ڇو؟ اهو اصحابي سڳورو وري پنهنجي دل ۾ ”استغفار“ پڙهڻ لڳو ۽ دل ۾ چيائين تہ متان انهيءَ شيطاني وسوسي جي ڪري مون کي سياٽي درگاه حق ۾ لڄي ٿيڻو پوي، تنهن ڪري اهو کٽکو مون کي نہ رکڻ گهرجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(اي طالب! تون ڪڏهن بہ ايئن نہ چؤ تہ سڀ مذهب ۽ فرقا ڪوڙا آهن ۽ نسوري گمراهيءَ ۾ آهن، ڇاڪاڻ جو دنيا ۾ سڀ خيال بي حقيقت ٿيا ئي نہ آهن.) "شب قدر رمضان شريف جي پوين ڏهن راتين ۾ مخفي رکيل آهي، جنهن جي مراد اها آهي تہ راتين جي پرک ڪئي وڃي تہ ڪهڙي رات شب قدر آهي. نڪي سيئي راتيون شب قدر ٿي سگهنديون، نڪي سڀ راتيون شب قدر کان خالي هونديون. گودڙي پوش فقيرن ۾ بہ سچو فقير ڪو هڪڙو هوندو، نڪي سيئي سچا فقير هوندا ۽ نڪي سيئي ٺلها نڪر هوندا. توکي گهرجي تہ پرکي جاچي پوءِ ڪنهن جي پناه وٺين. هميشہ خدا تعاليٰ کي سڃاڻين وات بخشڻ جو سوال ڪندو رهہ. جڏهن حق تعاليٰ فرمايو آهي تہ "اي انسان! وري وري آسمان ڏي جاچي ۽ ڇتائي ڏس تہ ان ۾ ڪو سوراخ تہ نظر ڪو نہ ٿو اچيئي؟" تڏهن دنيا جي سڀ ڪنهن شي کي جاچڻ ۽ پرکڻ فرض آهي.

... وڃايل اٺ جي ڏاٽيءَ کي جيڪي نشان پتا ماڻهن پئي ڏنا، سي هن کي دل سان ئي نٿي لڳا ۽ ڪوبہ پتو پئجي نہ سگهيو تہ سندس اٺ ڪٿي آهي.

ايتري ۾ ٻيو هڪڙو ماڻهو پيدا ٿيو، جنهن جو اٺ ويو ئي ڪونہ هو، پر وڃايل اٺ جي ڏاٽيءَ جي ريس ڪري هو چوندو وتيو تہ "مون بہ اٺ وڃايو آهي، مون کي ڪو ڏس پتو ڏيو." هن کي ڪوبہ ماڻهو سندس وڃايل اٺ جو ڪو نشان پتو ڪٿيو ڏئي تہ هو بنہ ٻڌيو ڪٿيو چوي تہ اهي نشانيون منهنجي اٺ جون نہ آهن. ٿوري وقت کان پوءِ جنهن اوٺيءَ جو سچ پچ اٺ ويو هو، تنهن کي جڏهن پنهنجي اٺ جو سچو پچو نشان پتو مليو، تڏهين بناوتي اوٺي بہ چوڻ لڳو تہ "ادا منهنجي اٺ جا بہ ذري پرذي اهي نشان پتا آهن." حقيقت ڪري نڪو ان جو اٺ ويو هو ۽ نڪي ان جا نشان پتا دل سان لڳا ٿي. هن کي فقط ٺڳي ڪري سچي پچي مالڪ سان اٺ ۾ شريڪ ٿيڻو هو.

اٺ جو سچو مالڪ پنهنجي اٺ جي پوري پتي ملڻ تي ڏاڍو خوش ٿيو. هن کي ڏسي ڪوڙو اوٺي بہ ڏيونگ ڪري خوش ٿيو ۽ ٻئي ڄڻا ڏس مليل ٻيلي ۾ ويا. جنهن جو سچو پچو اٺ ويل هو، تنهن تہ پري کان پنهنجو اٺ سڃاتو، پر ڪوڙو اوٺي ٻيلي ۾ بيهي هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو. جڏهين سچي مالڪ وڃي پنهنجو اٺ پڪڙيو، تڏهين ڪوڙي دعويدار بہ پنهنجو ڪن ڏينهن جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃايل اٺ اتي لڌو جنهن جي ان کي يادگيري بہ ڪانہ رهي هئي. جڏهين پنهنجو ورهين جو وڃايل اٺ هٿ آيس تڏ هين سچي اونيءَ کي چيائين تہ "ادا مون ڪوڙ ڪري تنهنجي اٺ جون نشانيون پنهنجي اٺ جون ڪٿي ڪيون هيون ۽ توسان اٺ ۾ حصي ڪرڻ جو خيال هوم. پر جڏهين منهنجو ورهين جو ويل اٺ جو مون کي ياد بہ ڪونہ هو، سو اچي لڌو اٿم، تڏهين هاٺي منهنجي مراد پني. توکي تنهنجي صدق (سچائي) اٺ جو ڳولائو ڪيو هو، پر مون کي منهنجي ڳولا مان صدق (سچائي) حاصل ٿيو آهي."

**نصيحت- جو ڳوليندو سو لهندو**

گرم باش اى سرد يا گرمى رسد
با در شتــى ساـز تا نرمـى رسـد

(اي اداس دل انسان! تون حق جي ڳولا ڪرڻ ۾ سرد گرم رہ تہ تو ۾ رفتہ رفتہ گرمي (شوق) پيدا ٿئي. رياضت جي تڪليف برداشت ڪر تہ آخر راحت کي رسين.) سچي طلب سان ڳولا ڪندڙ بہ فائدو حاصل ڪري وڃندا آهن، جيئن سچي اونيءَ جي پٺيان ڪوڙو اوني لڳو، تہ ان بہ پنهنجو وسري ويل وڃايل اٺ حاصل ڪيو هو.

## ڇٽيهين آکاڻي
## پاڻ ۾ وڙهندڙ چار هندستاني

چار هندستاني ڪنهن شهر جي مسجد ۾ آيا ۽ چارئي ڄڻا نماز ۾ اچي مشغول ٿيا. ايتري ۾ مسجد جو بانگو آيو. چارئي هندستاني جيڪي نيت ڪريو نماز جوٽيو بيٺا هئا تن مان هڪڙو ان بانگي کي چوڻ لڳو تہ "اي بانگا! بانگ ڏني اٿيئي يا نہ؟ نماز جو وقت تہ پورو ٿيو آهي نہ؟ تيسين ٻئي هندستاني پنهنجي سنگتيءَ کي چيو، تہ بيوقوف نماز ۾ ڇو ڳالهايئہ؟ تو تہ پنهنجي نماز ڀڃي ڇڏي! ٽئين همراه چيو، تہ شڪر ٿيو جو مون تہ نہ ڳالهايو. اهڙيءَ طرح هڪ ٻئي جي عيب جوئي ڪندي چئن ئي ڄڻن پنهنجي پنهنجي نماز ڀڃي وڌي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳوناٽو- هن ۾ جيڪڏهن مالدار هئڻ جو شڪ آهي، ته مون ۾ به مالدار هئڻ جو شڪ اوهان کي رکڻ گهرجي تنهن ڪري هن کي ماريو، ته مان آءٌ مارجي خوف کان مال جي سچي ڪريان.

**نصيحت- ٻين جي سزا مان سبق پراءِ**

حضرت آدم کان وٺي حضرت عيسيٰ تائين اسان کان اڳ ڪيتريون ئي قومون خدا تعاليٰ جي نافرماني ۽ گناهن ڪرڻ ڪري عذابن جون سزائون کائي چڪيون آهن، تڏهن اسان کي گهرجي ته خدا تعاليٰ جي حڪمن جي پيروي ۽ ان جي عبادت ڪرڻ سان پاڻ کي خدائي ناراضپي کان بچائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

## انٽيهين آکاڻي

## بيمار پوڙهو ۽ طبيب

هڪڙي پير مرد ڪنهن طبيب کي چيو ته، "دماغ جي مون کي تڪليف آهي علاج ڪريو"

طبيب- پيريءَ جي ڪري دماغ جي ضعيفائي اٿيئي.

پيرمرد- اکين جي ڏند به تڪليف ڏني آهي.

طبيب- اهي پيريءَ جا ڪم آهن.

پيرمرد- پٺن ۾ به ڏاڍو سور اٿم.

طبيب- پيريءَ جو اهو ڏاج آهي.

پيرمرد- کاڌو به هضم ئي نٿو ٿئيم.

طبيب- پيريءَ ۾ معدو ضعيف ٿيندو آهي.

پيرمرد- دمڪشي به ڏاڍو هلاڪ ٿي ڪريم.

طبيب- هائو! ساهه جي گهٽ به ٿيندي هوندي. پيري بيماريءَ جو گهر آهي.

پيرمرد- بک لڳيم ئي نٿي، بدن جي سستي اٿم، چيلهه اچيم ڪبڙي ٿيندي.

طبيب- اهي سڀ تڪليفون پيريءَ جون پيدا ڪيل آهن.

پيرمرد- اي! احمق! تون تڏهن طبيب ڇا جو ٿيو آهين؟ خدا تعاليٰ سڀ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن درد جي دوا خلقي آهي. تون ته ڪو بيوقوف آهين جو اڻ آزمودگاريءَ سبب سڀ ڏوهه ۽ بار پيريءَ تي وجهيو ويٺو آهين.

طبيب- ميان صاحب اوهان جي عمر سٺ ورهيه آهي تنهن ڪري هيءَ چڙ به پيريءَ سببان اٿو. سڀ عضوا زور ڇڏي ويا اٿو، تنهن ڪري صبر ۽ تحمل جي طاقت به بدن مان نڪري ويئي اٿو.

**نصيحت- سڀ پير مرد، نه آهن**

جز مگر پيريکه از حق ست مست

در درون او حيات طيب ست

"سيني پير مردن جو اهو حال آهي، جو مٿي بيان ڪيو ويو آهي" مگر انهيءَ پير مرد جو اهو حال نه آهي جو حق تعاليٰ جي محبت ۾ مست آهي. جنهن جي اندر ۾ نهايت عمدي زندگي پريل اهي. هو ظاهر ۾ پير مرد ۽ باطل نوجوان آهي. تون سمجهين ٿو ته ڪير هوندو؟ اهو نبي آهي يا خدا جو دوست (ولي) آهي. انهن سان ڪي ضرور اندر جا ڪارا حسد ۽ عداوت ڪندا. شايد انهن حاسدن کي قيامت جي ڏينهن تي اعتبار نه آهي. ڪابه قوم خدائي عذاب ۾ خوار خراب تڏهن ٿيندي آهي، جڏهن ڪنهن مرد خدا جي دل ناحق ڏکوئيندي آهي.

## اوڻيتاليهين آکاڻي

## پيءُ جي جنازي تي روئندڙ ڇوڪرو

هڪڙو ڇوڪرو پنهنجي پيءُ جي جنازي اڳيان منهن مٿو پٽيندو هيئن چوندو ٿي ويو "اي بابا! تو کي ڪيڏانهن کڻيو ٿا وڃن؟ توکي زمين ۾ پورڻ وڃن ٿا، جنهن ۾ هڪڙو تنگي ۽ سوڙهه پيو وري منجهس نڪو تو نئري نڪو گلم نڪو غاليچو. نه ات ڏينهن جو ماني ملٽي ۽ نه رات جو ات ڪو ڏيئو ٻرٽو. نه ان ۾ در نه دروازو نه منگهه نه دري. نڪو گڏ گذارڻ وارو ۽ نه ڳالهائڻ ٻولهائڻ وارو. نه منجهس کوه نه چشمو. هتي جنهن جي جسم کي ماٿهو چمندا هئا، سو اهڙي دٻ جهڙي گهر ۾ ڪيئن گذاري سگهندو؟ اتي ته انسان جو نه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهن رهندو نہ مهاندو، نہ رنگ رهندو نہ روپ." شيخ چلي جو پنهنجي پيءُ سان گڏ انهيءَ جنازي سان مقام ڏانهن بي ويو، سو رستي ۾ پنهنجي پيءُ کي چوڻ لڳو تہ "بابا! هن جنازي کي تہ اسان جي گهر ڏانهن کڻيو ٿا هلن! بابا خدا جو قسم تہ چوکرو جيڪي نشانيون ڪونيءَ جون بيان ڪندو هلي، سي تہ هوبهو اسان جي گهر جون نشانيون آهن. اسان جي گهر ۾ ڪو تڏو تونئري يا غاليچو آهي؟ اسان جي گهر ۾ رات جو ڏيئو ڪڏهن ٿو ٻري؟ اسان جي گهر کي بہ نہ در دروازو نہ منگہ نہ لوگهو، نڪو اچڻ وارو نڪو پڇڻ وارو، نہ ڏينهن جو ماني نہ رات جو ماني.

## نصيحت- سڀ ڪنهن کي پنهنجي گهر جي خبر رکڻ گهرجي

(جيئن چوکري جي پارن ڪيندي شيخ چلي کي پنهنجي گهر جون نشانيون دل تي تري ايون) ساڳي طرح اهي اندر جا ڪوتا دنيائي انسان پنهنجي اندر ۾ بدڪاريءَ جون سوين نشانيون رکن ٿا، پر انهن تي نظر نٿا ڪن. جنهن انسان جي دل ۾ حقاني سچ جي سوجهري جو گذر نہ آهي سا اونداهي دل اهڙي سوڙهي ۽ انڌاري ڪوٺي سمجهڻ گهرجي. اها دل شهنشاه برحق جي ذوق محبت کان (جو نيڪ ٻانهن کي پيار ڪرڻ وارو آهي)محروم آهي. اهڙي اونداهي دل کان تہ قبر جي ڪوٺي سؤ ڀيرا بهتر آهي، جيئن حضرت يوسف ڪنعان جي کوه ۽ مصر واري قيد خاني مان آزاد ٿيو هو، تيئن اي انسان! تون اهڙي اونداهي دل کان آزاد ٿي جيئن حضرت يونس خدا تعاليٰ کي ياد ڪرڻ سان مڇيءَ جي پيٽ مان آزاد ٿيو هو تيئن تون سچيءَ دل سان پنهنجي خدا کي ياد ڪر تہ خطرناڪ اونداهي گهر کان آزاد ٿين.

## چاليهين آکاڻي

## هڪڙي چوکر جو ڪنهن ٿلهي ماڻهو کان ڊڄڻ

هڪڙو چوکر رستي تي ڪنهن ٿلهي متاري قداور ماڻهو کي ڏسي اچي ڊنو ۽ اهو ماڻهو چوکر کي دلداري ۽ دلاسو ڏيئي ان جو ڊپ ڀڄڻ لڳو ۽ چيائينس تہ "بابا! منهنجو ڏيل ڏسي نہ ڊڄ."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**نصيحت- منهن ۾ موسيٰ ۽ اندر ۾ ابليس نہ ٿيڻ گهرجي**

صورت مردان و معنیٰ اينچنين

از بـرون آدم درون ديو لـعـين

"اهڙيءَ طرح تنزل طلب ۽ پستي پسند ماڻهن کي بہ شڪل مردن جي آهي (درويشن جهڙي آهي) مگر اندر اهڙو ناپاڪ ٿئين ٿو، جو منهن ۾ ماڻهو ۽ اندر ۾ شيطان آهن." تون متان اهڙو ٿـين.

**تـمثيل ١- ڍهل جي آواز کان نہ ڊڄ**

هڪڙي وڻ ۾ ڍهل ٽنگيو پيو هو. واءَ لڳڻ ڪري وڻ جون ٽاريون پي ڍهل کي لڳيون تہ ڍهل آواز ڪيو. هڪڙي لومڙي جا ان وڻ جي اسپاس شڪار ڪندي هئي سا ان ڍهل جو ڏيل ڏسي ۽ آواز ٻڌي ڊني ۽ سمجهيائين، تہ انهيءَ ڪوکي ۾ ڪو هيبتناڪ جانور لڪل آهي، تنهن ڪري اتي جو شڪار ڪرڻ جي پچرئي ڪٽي ڇڏيائين. ڪجھ ڏينهن جي بکن کان عاجز ٿي آخر دل جهلي وڻ تي چڙهي ڍهل جي وجي ڏور ڪترِيائين تہ ڍهل اچي پٽ تي ڪريو ۽ ڀڄي پيو. لومڙيءَ ڏٺو تہ هن ڍهل جي اندر تہ ڪجھ بہ ڪين آهي ۽ مون رڳو نـلهو ڏيل ڏسي آواز کان ڊڄي شڪار ڪٽي ڇڏيو هو.

**نصيحت- دشمن جو ڏيل ڏسي نہ ڏر**

لومڙيون تہ ڍهل جي ڏيل ۽ آواز کان ڊڄنديون آهن، مگر عقلمند آدمي ان کي ايئن ڪٽيندا آهن، جو پچوئي نہ جيئن ڍهل پنهنجي ظاهري صورت سان لومڙيءَ کي دوکو ڏنو هو، تيئن ڪي جڙتو ۽ ٺڳ پير ۽ فقير بہ پنهنجي ڪوڙي ڏيک ۽ ٻم شم سان دنيا کي دوکو ڏئن ٿا پر حقيقت شناس ماڻهو انهن کي ڍهل وانگر سٽي ڪٽي سندس پول پڌرو ڪري وجهندا آهن.

**تـمثيل ٢- تير انداز ۽ سوار**

هڪڙي تير انداز جهنگ ۾ پي تير اندازي ڪئي ايتري ۾ هڪڙو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پئي پاسا برابر بيهن ها ايئن ڪرڻ سان تنهنجو اٺ به بار کڻڻ کان ڇٽي پوي ها.

اعرابي- شاباش ڀاءُ شاباش! ڳالهه ته لک جهڙي ڪئي اٿيئي. آهين، ته ڪو ڏاهو ماڻهو. اهڙيءَ ڏاهپ ۽ سياڻپ هوندي به تنهنجي بت تي سالم ڪپڙو نه آهي ۽ پيرين پيادو پنڌ ۾ گهمندو پيو وتين؟ ڪهڙي نه ارمان جي ڳالهه آهي! (ايئن چوندي ان ڏاهي ماڻهوءَ کي اٺ تي چڙهڻ جو ارادو ڪيائين.)

"اي ڏاها! مهرباني ڪري ٻڌاءِ ته تون ڪو وزير آهين يا سردار آهين؟"

واتهڙو- "ڀاءُ! آءٌ نه وزير آهيان، نه امير. آءٌ رواجي ماڻهو آهيان، جيئن منهنجي حال ۽ پوشاڪ مان پروڙي سگهين ٿو.

اعرابي- ڪيترا اٺ ۽ ڍڳا اٿيئي؟

واتهڙو- مون وٽ ڳنڍ به در تي ڪانهي تون ته اٺ ۽ ڍڳا ٿو پڇين.

اعرابي- ڀلا ڪو دڪان يا سامان سڙو اٿيئي؟

واتهڙو- نڪو اتم دڪان نه ڪو اتم مڪان نه ڪو اتم مال متاع ۽ نڪو سامان.

اعرابي- تو وٽ عقل ۽ ڏاهپ جا سچا موتي آهن، تنهن ڪري پئسو ڏوڪڙ ته گهڻو ساٿي هوندئي، ڇو ته عقل آهي دنيا جي ڪيميا ۽ تنهنجي پٺيان ڪو کائڻ کپائڻ وارو به ڪونهي.

واتهڙو- مون وٽ رات جو کاڌي جيترو ٿمر به رکيل ڪونهي. پيٽ بکيو ۽ انگ اگهاڙو هلندو وتان. هن عقل ۽ ڏاهپ مان فقط خيالن پچائڻ ۾ مٿي جي سور پرائڻ ڌاران ٻيو نه هڙ اتم نه حاصل.

اعرابي- تڏهن يار خدا جو نالو اٿيئي مون کان ڀڄي پري ٿيءُ. دورگذار، متان تنهنجي شومت شامت ڪا مون تي به نه پئجي وڃي. جي توکي هي رستو اڳتي هلندو هجي ته آءٌ موٽي پوئتي وڃان تنهنجي عقل ۽ ڏاهپ کان ته هيءَ واريءَ سان ڀريل ڳوڻ چڱي. منهنجي اها مورکائي به سڀوري ڇٽبي، جنهن ۾ جيءُ ته خوش اتم. جيڪڏهن تون پنهنجي نياڳائي دفع ڪرڻ گهرين ته هي حڪمت ۽ ڏاهپ گهٽائي ڇڏ.

## نصيحت- مال خزاني کان علم جو خزانو بهتر آهي

اعرابي جي نسوري جهالت هئي، جنهن علم ۽ حڪمت کان پئسي کي وڌيڪ مانائتو سمجهيو، ڇاڪاڻ جو ڦتي ڪرڻ جي لائق اها حڪمت آهي جا فقط طبيعت ۽ خيال مان پيدا ٿي هجي ۽ جنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان حق تعاليٰ جي نور جو فيض شامل نہ هجي. جنھ علم ۽ حڪمت سان خدا تعاليٰ جو عشق شامل آهي، سو علم ۽ حڪمت دنيا جي بادشاهيءَ کان اعليٰ ۽ افضل آهي. دنيا جي ڏن دولت ڪي. اهي زماني رڳو مڪر ۽ دغا هوندي.

## بائيتاليهين آکاڻي
## حضرت ابراهيم ادهم جي ڪرامت

حضرت ابراهيم ادهم (عليہ الرحمہ) هڪڙي درياءَ جي ڪپ تي پنهنجي گودڙيءَ ۾ اڳڙيون پيو سبيون، تہ هڪڙو امير اتان اچي لنگهيو. حضرت ابراهيم ادهم جن ڏينهن ۾ بادشاه هو تن ڏينهن ۾ اهو امير ان جو غلام هو. امير حضرت ابراهيم کي سڃاڻي هڪدم گهوڙي تان لهي پيو ۽ ادب سان اچي پيرن تي ڪريو. امير حضرت ادهم کي گودڙي سبندي ڏسي ۽ ان جا منهن مهاندا ڦريل ڏسي ڏاڍو عجب لڳو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو، تہ ”حضرت ابراهيم ادهم هھڙي عاليشان حڪومت ۽ زماني جي شاندار شهنشاهي ڦٽي ڪري هيئن مٽيءَ ۾ گوڏا ڪوڙي رهڻ واري فقيري اختيار ڪئي آهي، سا ڏاڍي عبرت جهڙي ڳالھ آهي!“ حضرت ادهم امير جو ويچار پنهنجي روشن قلبيءَ سبب پروڙي ورتو...

**نصيحت- عارفن جو ادب دل سان ڪرڻ گهرجي نہ رڳو ٻاهران**

پيش اهل دل ادب بر باطن ست
زانکه دل شان بر سرائر قاطن ست

(عارفن جي سامهون پنهنجي اندر کي ادب جو پابند رکڻ مناسب آهي، ڇاڪاڻ جو انهن جي دل مخفي ڳالهين کي تپاسڻ واري آهي.)

... امير حضرت ادهم جي اڳيان اجا گوڏا ڪوڙيو ويٺو هو تہ حضرت ادهم پنهنجي هٿ واري سئي ڪٽي درياءَ ۾ ڦٽي ڪئي ۽ پوءِ وڏي آواز سان چيائين تہ ”اي درياءَ! جلد مون کي سئي موٽائي ڏي.“ هڪدم لکين مڇيون درياءَ مان منهن ڪڍي بيٺيون ۽ هر هڪ جي چپن ۾ سوني سئي موجود هئي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سب ڪا مڇي اڳرائي ڪريو شيخ صاحب کي عرض پئي ڪيو ته ”سائين، هيءَ سئي وٺو.“ شيخ ادهم چوڻ لڳو ته ”يا خدا! مون کي سا ڳي سئي کپي. هنن سونين سئين کي آءٌ ڪيڏانهن ڪندس؟“ ايتري ۾ هڪڙي مڇي سا ڳي سئي چڇن ۾ کڻي شيخ ادهم جي اڳيان آئي. جنهن کان اها سا ڳي سئي شيخ صاحب ورتي. پوءِ شيخ ادهم ان امير ڏي منهن ڪري چيو، ته ”اي امير ٻڌاءِ ته هيءَ دل جي بادشاهي چڱي يا هوءَ ڪين جهڙي بادشاهي چڱي؟“...

## نصيحت- روحاني راحت دنيا جي راحت کان افضل آهي

دستور آهي ته شهر ۾ باغ مان تاري يا گل آڻبو آهي، سارو باغ يا بستان شهر ۾ کڻي ڪونه اچبو آهي، تنهن ڪري ويچار ڪري ڏس، ته روحاني راحت جو باغ جنهن جو آسمان به هڪ پن، سو هن فاني جهان ۾ ڪيئن ماڻي سگهبو؟ اهو روحاني راحت وارو باغ آهي مغز ۽ هي جهان آهي ٿلهو کوکو. اي انسان! انهيءَ باغ جي خوشبوءِ حاصل ڪرڻ ڏانهن دل جي حواسن کي رجوع ڪر. جيڪڏهن هڪڙو حواس باغ جي بوءِ سان معطر ٿيو، ته سيني حواسن کي اهو هڪڙو حواس ئي معطر ڪري ڇڏيندو.

## نصيحت- پاڻ ۾ روحانيت پيدا ڪر

گهٽن جي ڌڻ مان هڪڙو گهٽو جيڪڏهين ڪا ڪسي ٽپي ويندو آهي، ته ان جي پٺيان ٻيا گهٽا به ڪسي ٽپي ويندا آهن. اهڙيءَ طرح تون پنهنجن حواسن کي روحاني چراگاهه ۾ چاريندو ره. هڪڙي حواس جيڪڏهن معرفت جي واٽ ورتي ته سب حواس ان جي پٺيان معرفت جو ميدان وڃي ماڻيندا.

## تمثيل- هڪڙي غير عارف جي ڪنهن عارف تي طعنه زني

هڪڙو ماڻهو ڪنهن درويش جي باب ۾ گلائون ڪرڻ لڳو، ڇي هو بڇڙو آهي. مرشديءَ جو لائق نه آهي. شرابي، چاپلوس ۽ اندر جو کوٽو آهي، سو مريدن جي پوئواري ڪٿان ڪندو؟ درويش جي مريد مان ڪنهن شخص هن گلا خور کي گهڻو سمجهايو پر هو نه مڙيو. آخر انهيءَ درويش جي جڏهن روحاني طاقت ۽ ڪرامت اکين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ڏنائين تڏهين باز آيو.

**نصيحت- مرشد جو منڪر بہ ڄڻ ڪافر آهي**

ڪيست ڪافر؟ غافل از ايمان شيخ
ڪيست مرده؟ بی خبر از جان شيخ

(ڪافر ڪير آهي؟ اهو ئي ڪافرِ آهي، جو مرشد (ڪنهن بہ عارف) تي ايمان نٿو رکي. مردو ڪير آهي؟ اهو ئي مردو آهي، جو مرشد (ڪنهن بہ عارف) جي روح کان بيخبر آهي.) ڪڏهن بہ ڪنهن عارف جي گلا ڪرڻ نہ گهرجي.

... اهو امير اهو رنگ ڏسي بيخوديءَ جي حالت ۾ اچي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ "مچيون بہ درويشن کي سڃاڻن ٿيون، تڏهن اسان جي اندي دل تي لعنت هجي. مچيون درويشن جون واقف ۽ اسين غير واقف! اسين نياڳا ۽ هو سياڳيون!" ايئن چئي اهو امير بہ اميري ڦٽي ڪري فقير ٿيو ۽ روشن دل ٿي پيو.

**نصيحت- درويشن جو ادب ڪر**

ٽامو جيڪڏهن ڪيميا سان سون ٿي نہ سگهندو تہ ڪيميا ٽامي سان لڳي ٽامو ٿي ڪين سگهندي. جيڪڏهن عام ماڻهن جي اصلاح ڪنهن درويش کان نہ ٿي سگهندي تہ عام جي صحبت بہ انهن جي دِرويشي بگاڙي نہ سگهندي. جيڪڏهن درويش کان پري هجين تہ ويجهو ٿي ۽ انهن جي خدمت ۾ اچي گذار، پر ڪنهن درويش جي خدمت جيڪڏهن تو کان نہ پڄي تہ ان جي بي ادبي تہ نہ ڪر.

## ٽيتاليهين آکاڻي
## حضرت شعيب نبي عليہ السلام جي وقت ۾ هڪڙو حجتي ماڻهو

حضرت شعيب نبي عليہ السلام جي وقت ۾ هڪڙو شخص چوندو هو تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"الله تعاليٰ منهنجا ڪيترائي گناهہ ۽ عيب ڏٺا آهن تہ بہ ڪرم سان مون کي بخشي ڇڏيا اٿس ۽ مون کي ڪابہ سزا نہ ڏني اٿس." حضرت شعيب کي خدا جو وحي آيو تہ "اي شعيب! تون انهيءَ حجتي ماڻهوءَ کي چؤ تہ "اي غافل! تون حقيقت جي برخلاف پيو ڳالهہ ڪرين. خدا تعاليٰ جي پڪڙ توتي باربار پيئي ٿئي، پر تون بيخبر آهين. خدائي غير محسوس زنجيرن ۾ تنهنجا پير ٻڌا پيا آهن، پر توکي پروڙ ئي نہ آهي. تنهنجي دل تي ڪٽ مٿان ڪٽ چڙهي ويئي آهي. پراڻي ديگ جي ترتي دونهون ڪهڙو اثر ڪندو. ان کي جلدئي پنهنجن گناهن جو اثر معلوم ٿيندو." جڏهن حضرت شعيب ان شخص کي خدائي پيغام پهچايو، تڏهن اهو بدبخت بيپرواهيءَ سان چوڻ لڳو تہ "جيڪڏهن خدا جا غير محسوس زنجير گناهن جي شامت ڪري منهنجن پيرين ۾ آهن تہ انهي وٺ پڪڙ جي ثابتي ۽ نشاني ڪهڙي آهي؟ حضرت شعيب خدا تعاليٰ جي درگاهہ ۾ حقيقت پيش ڪئي ۽ حق تعاليٰ کان الهام آيو تہ "آءٌ ستار آهيان، پنهنجي ٻانهي جو راز فاش نہ ڪندس. رڳو چوينس تہ جيڪي چڱا ڪم ڪرين ٿو، تن سيني ۾ تنهنجي دل جو ذوق ۽ شوق شامل نہ آهي. ذوق ۽ شوق ڌاران ڪابہ عبادت قبول پئجي نٿي سگهي" جڏهن حضرت شعيب اها ڳالهہ ٻڌايس، تڏهن ان حجتي کي دل سان لڳي ۽ نهايت پشيمان ٿيو ۽ دل سان توبہ ڪرڻ لڳو.

## چوئيتاليهين آکاڻي
## اٺ جو جٽ ڪئو

هڪڙي ڪئي کي ڪو اٺ نظر آيو، جنهن جي نڪ ۾ مهار پيل هئي، جا زمين تي گهلبي پئي آئي. ڪئي مهار جو ڇيڙو ڪٽي پڪڙيو، پوءِ جيڏانهن ڪئو ٿي ويو اوڏانهن اٺ بہ هليو ٿي ويو، ڇاڪاڻ جو اٺ جي عادت آهي تہ مهار ڇڪيندڙ جي پٺيان هليو هلندو آهي، پوءِ اهو ٻار هجي يا ٻڍڙو هجي سو اٺ پنهنجي طبعي عادت موجب ڪئي جي ڇڪ تي هليو ويو. تنهن تي ڪئو قونذ ۾ ڀرجي ويو تہ "ڏسو! آءٌ ڪهڙو نہ پهلوان آهيان، جو اٺ جهڙي پربت کي گهليندو وڃان ٿو!"

اٺ بہ ڪئي جي اڪڙ صحيح ڪري ورتي، تنهن دل ۾ چيو تہ "چڱو، يار ڪئا تون ڪڏهن هٽي وٺ. آءٌ توکي جلد ئي تنهنجين ڪڏين جو مزو چکايان ٿو."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي ڇٽا جڏهن ڪنهن نديءَ جي ڪناري تي آيا تڏهن ڪئو هڪڪي ٻهي رهيو. اٺ چيس "اي منهنجا جبل ۽ بيابان وارا رفيق؟ تون حيران ٿي ڇو بيهي رهيو آهين؟ تون منهنجو رهبر ۽ اڳواڻ آهين. مڙس ماڻهو ٿي نديءَ ۾ گهڙي پو ڪهڙو ڊپ آهي؟"

ڪئو- اي دوست! پاڻي تکو ۽ اونهو آهي تنهن ڪري مون کي ڊپ ٿو ٿئي ته ٻڏي نه پوان.

اٺ- چڱو بيهه ته آءٌ پاڻي ڪڇيان ته ڪيڏو آهي. ايئن چئي اٺ نديءَ ۾ پير پائي چوڻ لڳو ادا! پاڻي گوڏي جيڏو مس اٿيئي. ڊڄين ڇو ٿو؟ گهڙي اچ.

ڪئو- تو لاءِ جا ماڪوڙي، سا ٻه منهنجي لاءِ ارهڙ نانگ آهي. گرڏي گوڏي ۾ ٻه تفاوت آهي ڪي نه؟

اٺ- تڏهن اڳتي ڪئو تي ڪري اٺن سان گستاخي متان ڪرين نه ته انهيءَ گستاخيءَ جي باهه ۾ جلي ويندين.

ڪئو- مون اڳتي لاءِ توبه ڪئي. خدا جي واسطي مون کي ڪنهن طرح ندي اڪاري ڇڏ.

اٺ کي ڪئي جي نيزارين تي رحم اچي ويو ۽ چيائينس ته هاڻي منهنجي ٿو هي تي اچي ويهه ته ندي اڪاري ڇڏيانءِ تو جهڙن هزارن ڪوئن کي درياءُ اڪارڻ منهنجو شان آهي.

## نصيحت- بزرگن سان بر نہ ميچ

جڏهن تون پيغمبر ۽ رهنما نه آهين، تڏهين پانڌيڙو بنجي ڪنهن جي پٺيان رستو هل ته ڪنهن ڏينهن گمراهيءَ جي کوه مان نڪري ارشاد ۽ پيريءَ جي درجي کي رسين. جيڪڏهن تون بادشاهه نه آهين ته رعيت ٿي هل. جيڪڏهن جهاز ران نه آهين ته ٻيڙي تکي نه هلاءِ. آزمودگار نه هجين ته خلاصو دڪان نه هلاءِ. جڏهن ڪو ماڻهو ٻئي ماڻهوءَ تي فوقيت ڏيکاريندو آهي، تڏهن انهن جي وچ ۾ ضرور عداوت پيدا ٿيندي آهي، تنهن ڪري ڪنهن کي فوقيت نه ڏيکار. پاڻ کي وڏو ڪري ليکڻ ماڻهن جي عام نفساني عادت آهي. جيڪڏهن تون روحانيت ۽ نورانيت جو طالبو آهين ته پاڻ کي ننڍو ڪري ليکه.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# دفتر ٽيون
# شروعاتي مضمون

**روحاني راز ۽ انساني عام سمجهه:**

(افسوس آهي، جو عام خلقت جي سمجهه جو ميدان تمام تنگ آهي (انهن کي روحاني راز ۽ الاهي اسرار ڪهڙا ٻڌائي ڪهڙا ٻڌائجن؟) خلقت جي نڙي روحاني رازن ۽ الاهي اسرارن ڳڙڪائڻ جي لائق نہ آهي.) پر اي حقاني سوجهرا حسام الدين! مون کي يقين آهي، تہ تنهنجي سمجهاڻيءَ، ۽ تعليم ۽ تربيت جي برڪت سان پٿر دل طالبن جون دليون بہ ضرور فيض حاصل ڪري سگهنديون ڪو تنهنجي نصيحتن مان فائدو وٺي يا نہ وٺي تہ بہ توکي ضرور نصيحت ڏئي فرض ادائي ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ جو تعليم ۽ تربيت جو لقمو تہ ڪوبہ ماڻهو ڪنهن کي بہ ڏيئي سگهي ٿو، مگر ان مان فائدي حاصل ڪرڻ جي لائقي ۽ پهچ واري نڙي بخشڻ الله تعاليٰ جوئي ڪم آهي. اهو الله تعاليٰ ئي جسم جي نڙيءَ کي روحاني خوراڪن ڳڙڪائڻ جي ۽ روح جي نڙيءَ کي روحاني خوراڪن ڳڙڪائڻ جي طاقت ۽ لياقت بخشي ٿو ۽ سڀ ڪنهن عضوي کي ان جي لائق خوراڪ ڳڙڪائڻ جي نڙي بخشي ٿو.

خدا تعاليٰ پنهنجي لطف سان زمين کي نڙي بخشي آهي، جنهن جي وسيلي هو پاڻي ڳڙڪائي ٿي ۽ سوين گاهہ متس ايرڻ ٿا ۽ حيوانن کي وري اهڙي نڙي بخشي آهي جنهن جي وسيلي هو گاهہ چرن ٿا. جانور گاهہ کائي متارا ٿين ٿا، تہ وري انسانن جو لقمو بنجن ٿا ۽ کاڄيو کپيو وڃن ٿا. وري انسان مان جڏهين روح نڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجي ٿو، تڏهن زمين ان کي ڳاريو ڪايو ڇڏي ٿي.

مون ڏٺو آهي، ته دنيا جو هر هڪ ذرو وات ڦاڙيو ٻيٺو آهي. جيڪي شيون خود خوراڪون آهن، تن کي به خدا تعاليٰ خوراڪون بخشي ٿو. ڏسو ته ڪٿڪ خوراڪ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪا تيار ٿي سگهي ٿي؟ اهڙيءَ طرح ساري جهان جون شيون هڪ ٻئي کي کائيندڙ ۽ هڪ ٻئي جو کاڄ آهن. مگر جيڪي خدا جا خاص ٻانها آهن، جن جو جياپو فقط ظاهري خوراڪن تي آهي، سي ضرور خاڪ جو لقمو بنجڻا نه آهن. اکين ڏٺيون ثابتيون موجود آهن، ته نبين ۽ ولين جا جسم خاڪ ۾ هرگز نه ڳريا آهن.

جڏهين حضرت موسيٰ سان فرعون جي جادوگرن مقابلو ڪيو هو، تڏهين خدا تعاليٰ حضرت موسيٰ جي عصا (لٺ) کي اهڙي نڙي بخشي، جو هوءَ جادوگرن جا پيدا ڪيل سپ نانگ ۽ بلائون ڳهي ويئي. الله تعاليٰ "يقين" (ويساه) جي خوراڪ لاءِ به ان (يقين) کي اهڙي نڙي بخشي آهي، جا سيني پيدا ٿيل شيطاني ۽ نفسياتي وسوسن کي چٽ ۽ برباد ڪري ڇڏي ٿي. تنهن ڪري ياد رک ته جسماني شين وانگر معنوي شين کي به نڙيون آهن ۽ معنوي شين جي نڙين کي رزق پهچائڻ وارو به اهو ئي خدا تعاليٰ آهي.

سمنڊ جي تري کان وٺي آسمان تائين جيڪي به شيون آهن، تن سيني کي نڙيون آهن. جيڪڏهين روح جي نڙي جسم جي پرورش جي فڪر کان خالي آهي، ته پوءِ هوءَ نفيس روحاني غذائن مان پرورش حاصل ڪري ٿي. جيڪڏهين نفس جي نڙي وسوسن کان خالي آهي، ته هو الهام الاهي تي گذران ڪري ٿي. عقل ۽ دل جي نڙي جڏهين روزيءَ جي ڳڻتيءَ کان ڇٽي ٿي، تڏهين حقاني معرفت جو تازو تازو رزق حاصل ڪري ٿي. ياد رکڻ گهرجي، ته شرط فقط هيءُ آهي ته حيواني طبيعتُ کي انساني طبيعت سان بدلائڻو آهي، ڇاڪاڻ جو بچڙن ماڻهن جي بربادي بچڙي طبيعت سببان ٿيندي آهي.

جيڪي ٻار مٽي کائيندا آهن سي زرد، بد رنگ، بيمار ۽ بدحال ٿي پوندا آهن پر جڏهين اها خراب عادت ڇڏيندا آهن، تڏهين خرابي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دفع ٿي وينديون اٿن ۽ هنن جو چهرو شمع وانگر روشن ٿي پوندو آهي. انهي خراب عادت ڇڏائڻ لاءِ اهڙي قابل ماءُ جي ضرورت آهي، جهڙي طرح کير پياڪ ٻار کي ٿڃ ڇڏائڻ وقت ڪنهن هوشيار دائي جي ضرورت پوندي آهي، جا ان کي ڪن ٻين صحت بخش ۽ وڻندڙ خوراڪن تي هيرائي ٿڃ جي پچر ڇڏائيندي آهي. ٻار ٿڃ تي اهڙو مست رهي ٿو، جو ٿڃ هوندي ان کي دنيا جي ٻي ڪا به نعمت هيچ لڳندي آهي، هن ڪي اها ٿڃ ڇڏائي ٻين نعمتن تي هيرڻ ڪنهن هوشيار ۽ آزمودگار دائيءَ جو ڪم آهي.

اي انسان! اسان جي روحاني زندگي جو مدار به جسماني لذتن جي ٿڃ ڇڏڻ تي آهي، تنهن ڪري درجي به درجي ان کي جسماني لذتن جي ٿڃ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندو رهه، ته پنهل طفيل نفس کي ڪماليت جي درجي تي پهچائي سگهين.

اهو مثل مشهور آهي ۽ ساري جهان ۾ دستور آهي ته ادنيٰ شين ڇڏڻ ڪري اعليٰ شيون حاصل ٿين ٿيون. ٻار ماءُ جي پيٽ ۾ رت کي خوراڪ طور ڪم آڻي ٿو. رت ڇڏي ٿو، ته وڻندڙ کاڌو خوراڪ مليس ٿو، جسماني کاڌي خوراڪ جي لذتن ڇڏڻ سان ان کي روحاني ڪمالات ۽ الاهي حڪمتون حاصل ٿين ٿيون ۽ هو هڪڙي مخفي مطلوب (حقاني ذات) جو طالب ٿئي ٿو. جيڪڏهين ٻار کي ماءُ جي پيٽ ۾ هئڻ وقت ڪو ماڻهو دنيا جي کاڌن خوراڪن، باغن بستانن ۽ عجيب عجيب نظارن جا احوال ٻڌائي چوي ها، ته هن تنگ ڪوٺڙيءَ ۾ رت پيو چوسين، سو ڦٽي ڪري ٻاهر نڪر، ته ٻار جيڪر ڪڏهين به ٻاهر نڪرڻ لاءِ راضي نه ٿئي ها ۽ ان نصيحت ڪندڙ جي ڳالهه مڃڻ کان صفا انڪار ڪري ها، ڇاڪاڻ جو جنهن جي ادراڪ ٻيءَ ڪنهن شيءِ جي جنس ڏٺي به نه آهي، سو اڻ ڏٺل شين جي وصفن تي اعتبار ڪيئن ڪندو؟ ساڳيءَ طرح هن دنيا جي عام خلق کي روحاني عالم جو سير ڪندڙ عارف جيڪڏهين چوندو ته "هيءُ جهان هڪڙو اونداهو کوهه اٿئي، هو جهان عجيب راحت جو مڪان اٿئي، ته عام خلق کي اهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قول اعتبار ۾ ئي ڪين ايندو، ڇاڪاڻ جو عام خلق جا ڪن ۽ اکيون دنيا جي طمع ۽ لوڀ جي پردن ڍڪي ڇڏيا آهن.

اي انسان! تنهنجن ڪنن ۽ اکين تي به هن جهان جي خوشيءَ ۽ طمع اهڙا پڙدا چاڙهي ڇڏيا آهن، جو هُن جهان جون دائمي خوشيون تنهنجي خيال ۾ ئي نٿيون اچن. هن هٺ ڀريل حياتيءَ جي مزي داريءَ جي حرص توکي سچي زندگيءَ کان پري رکيو آهي. ياد رک ته طمع توکي اهڙو اندو ڪري رهي آهي، جو سچ پچ "يقين" (ويساهه) ته توکي نظر ۾ ئي نٿو اچي. دنيائي طمع جي ڪري سچ توکي ڪوڙ ٿو نظر اچي ۽ طمع جي ڪري سوين انڌايون تو ۾ ترقي ڪري رهيون آهن. تون سچن انسانن وانگر طمع کان بيزار ٿيءُ، ته حقاني آستانه (چائنٹ) تي تنهنجا قدم پهچي سگهن. جڏهن انهيءَ حقاني درگاه ۾ داخل ٿيندين، تڏهين ڇوٽڪارو حاصل ڪندين ۽ دنيا جي ڏکن ۽ خوشين جي توکي ڪابه پرواهه نه رهندي. ان وقت تنهنجي روحاني اک روشن ۽ حق بين ٿي پوندي ۽ تنهنجي ايمان جو نور ڪفر جي اوندهه کان پاڪ ٿي پوندو. پنهنجن رهنمائن ۽ مرشدن جي نصيحت دل و جان سان ٻڌندو رهه، ته خوف خطرن کان ڇٽين ۽ امن امان ۾ رهين. انهيءَ بابت هيءَ آکاڻي غور سان ٻڌ:

## ڀهرين آکاڻي
## ٻيڇين جو هاٿي هٿان موت

ڪي شخص هندستان ۾ سير ڪندي هڪڙي گوشه نشين ڏاهي بزرگ جي آستان وٽان اچي لنگهيا. ڏاهي بزرگ صحيح ڪيو ته هي ڏورانهين مسافريءَ تان ٿڪجي ۽ بکن ۾ پاه ٿي آيل آهن. تنهن ڪري فقيراڻي آدرڀاءَ ڪرڻ بعد هنن کي صلاح ڏنائين، ته (اوهين جنهن طرف وڃي رهيا آهيو، انهيءَ طرف هاٿي جاٻچا اوهان کي گهڻا ڏسڻ ۾ ايندا. جي اگرچ اوهين آسانيءَ سان پڪڙي سگهندؤ، مگر خبردار رهجو ڪنهن به صورت ۾ ڪو هاٿيءَ جو ٻچو شڪار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري نہ ڪائيچو. ڇاڪاڻ جو هاڻ پنهنجي ٻچي کان سؤ ڪوهہ پري هوندي. تہ بہ سمجهجو. تہ ڪن پل ۾ واچوڙو بنجي اچي ٻچي وٽ حاضر ٿيندي. هاٿيءَ کي خدا تعاليٰ سنگهڻ جي طاقت اهڙي زبردست ڏني آهي. جو جيڪڏهين ڪو سندس ٻچي کي ڪائيندو تہ، سندس ٻچي ڪائيندڙ انسان يا جانور کي ويجهي اچڻ شرط هو پنهنجي ٻچي جي ڇٽ معلوم ڪري سگهندو آهي. جنهن بہ انسان يا جانور مان هن کي پنهنجي ڪاڌل ٻچي جي ڇٽ معلوم ٿيندي آهي، تنهن کي مئي مارائي ڏاران ڪڏهين بہ ڪين ڇڏيندو آهي...

## نصيحت- گلا ڪرڻ انسان جو ماس ڪائڻو آهي

گوشتهائی بندگان حق خوری

غیبت ایشان کنی کیفر بری

(اي انسان! تون جيڪڏهن خدا تعاليٰ جي ٻانهن جي گلا ٿو ڪرين. تہ گويا انهن جو گوشت ٿو ڪائين. انهيءَ حالت ۾ تون ضرور ڪيتو لوڙيندين.) الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ (اوهين هڪ ٻئي جي گلا نہ ڪريو. ڇا- اوهان مان ڪو بہ پنهنجي مئل ڀاءُ جو ماس ڪائڻ پسند ڪندو. گلا ڪرڻ مئي ڀاءُ جو ماس ڪائڻو آهي. تنهن ڪري انهيءَ عادت کان نفرت ڪريو.) جيئن هاٿي پنهنجي ٻچي جي قاتل کي ڳولي هٿ ڪري ٿو، تيئن خدا تعاليٰ بہ گلا خور ماڻهوءَ کي هٿ ڪري ضرور ڪيتو لوڙائي ٿو. ڪنهن بہ انسان کي مليل خدائي سزا خلق ڏسي سگهي يا نہ ڏسي سگهي، مگر جنهن انسان کي سزا ملي ٿي، سو ضرور محسوس ڪري سگهي ٿو. حياتي گلا جهڙن خراب ڪمن ۾ ضايع نہ ڪريو پر پنهنجي خدا کي ياد ڪرڻ ۾ عاقبت سڌارڻ ۾ صرف ڪريو.

... دانا بزرگ انهن مسافرن کي نصيحت ڏني. تہ (انهيءَ جهنگ ۾ گاهہ ٻوٽا ڪائي وقت گذارجو، پر هاٿين جي ٻچن جو نالو بہ نہ وٺجو. نہ تہ پنهنجيون حياتيون برباد ڪندؤ.) ايئن چئي هنن کي رخصت ڏنائين. مسافر جڏهين انهيءَ جهنگ ۾ ويا. تڏهين پئونسٽ هڪڙو ٿلهو متارو هاٿيءَ جو ٻچو ڏنائون ۾ دل سرڪي وين. انهن مان هڪڙي همراهہ انهن کي ڏاهي بزرگ واري نصيحت ياد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏياري ۽ انهيءَ شڪار کان ڪين منع ڪئي. پر يارن جي دل نہ رهي. امالڪ هاٿيءَ جي ٻچي کي جهلي ڪهي ڪباب ڪري کائي ڇڏيائون. منع ڪندڙ همراهہ گوشت نہ کاڌو.

هي کائي پي خوش ٿي سمهي رهيا، مگر منع ڪندڙ همراهہ جاڳندو رهيو. ايتري ۾ هڪڙو هيبت ناڪ هاٿي اچي نڪتو. هن اول ان جاڳندڙ جو وات ۽ پيٽ سنگهيو، پر ان مان ڪا بوءِ نہ آيس، تنهن ڪري هن کي ڇڏي ڏنائين، وري ستلن جا وات سونگهيائين، جن مان پنهنجي ٻچي جي بوءِ معلوم ڪري انهن مان هر هڪ کي سونڊ ۾ جهلي مٿان ڪري اڇلايائين، تہ پٿون پٿون ٿي ويا.

## نصيحت- خلق جو رت چوسڻ نہ گهرجي

ای خورنده خون خلق ازره بگرد

تا نیارد خـون ایـشـانـت نبـرد

(اي خلق جي رت چوسڻ وارا ظالم انسان! اهو ظلم جو رستو ڦٽو ڪر، متان انهن جو رت وري توسان لڙائي ڪري.) خلق جي مال مايا کي خلق جو رت ڪري ڄاڻ تنهن ڪري ڪنهن کان مال مايا کسڻ خونريزيءَ کان گهٽ نہ آهي، ڇاڪاڻ جو مال مايا ٻارن جي ڪمائيءَ سان هٿ اچي ٿي. جيئن هاٿي پنهنجي ٻچي کائيندڙ کي ڪڏهين بہ ڪيتي لوڙائڻ ڌاران نٿو ڇڏي، تيئن خدا تعاليٰ توکي پرائي مال مايا کائڻ جي سزا بہ ضرور ڏيندو. جڏهين هاٿيءَ کان پنهنجي ٻچي کائيندڙ جي اندر ۾ ٻچي جي بوءِ لڪي نہ ٿي سگهي، تڏهين خدا تعاليٰ کان تنهنجو ڪوبہ بڇڙو اعمال ڪيئن لڪي سگهندو؟ جيئن بصر کائيندڙ جي وات مان بصر جي بوءِ پر ۾ ويٺل ماڻهوءَ کي اچي ٿي، تيئن انسان جي خراب ڪمن ۽ خراب ارادن جي بوءِ فرشتن کي بہ هڪدم معلوم ٿئي ٿي. هو انسان جي ڪمن ڪارين جا چوڪيدار آهن. بداعمالن جي بوءِ جنهن شخص ۾ آهي، تنهن جي دعا ڪڏهين بہ قبول نٿي پوي.

## نصيحت- اندر جي تيڏائيءَ کان زبان جي تيڏائي چڱي

گر حديثت کژ بود معنيت رست

آن کژی لفظ مقبول خدا ست

(جيڪڏهن تنهنجو گفتو تيڏو آهي، پر تنهنجي نيت ۽ مراد سنئين سڌي آهي، ته تنهنجي گفتي جي اها تيڏائي به خدا تعاليٰ وٽ قبول پيل آهي. پر جيڪڏهن تنهنجو گفتو (لفظ) من موهيندڙ آهي، پر نيت ۽ مراد صاف نه آهي، ته تنهنجو اهو منو گفتو خاڪ برابر آهي.)

## تمثيل- حضرت بلال رضي الله عنه جي ٻاتاڻ:

حضرت بلال بن رباح رضه هڪڙو حبشي غلام هو. جڏهين حضرت محمد ﷺ جن اسلام جي دعوت شروع ڪئي هئي، تڏهين هو هڪڙي ظالم ڪافر جو غلام هو ۽ ان وقت ئي اسلام قبول ڪيو هئائين. سندس آقا انهيءَ ڳالھ تان هن کي انسان جي برداشت ڪرڻ کان ٻاهر عذاب ڏنا، مگر هو اهي سڀ عذاب سهي به اسلام تي قائم رهيو. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه هن کي عذابن سهڻ وقت ”احد! احد!“ (الله هڪڙو آهي! الله هڪڙو آهي!) لفظ چوندو ٻڌي امالڪ ناٽو ڏيئي هن کي ظالم آقا کان وڃي خريد ڪرڻ بعد کيس آزاديءَ جو حق بخشي حضرت محمد ﷺ جن جي خانگي خدمتن بجاءِ آڻڻ لاءِ ڪٽي مقرر ڪيو. حضرت محمد ﷺ جن به هن جو سچو اسلامي عشق ڏسي کيس گھڻو پيار ڪندا هئا ۽ نماز جي پنجن ئي وقتن تي مسجد نبوي ۾ ٻانگ ڏيڻ جو ڪم ڪٽي حضرت بلال رضه جي حوالي ڪيائون. جيئن هو حبش ملڪ جو ڄاول نپيل هو، تنهن ڪري عربي ٻوليءَ جي لفظن جو صحيح تلفظ ڪري ڪونه سگھندو هو ۽ پيو ٻاتائيندو هو. ”حي علي الصلوات“ چوڻ وقت ”ح“ جي بدران ”ھ“ جو اچار ڪيندو هو ۽ ”اشهد“ چوڻ وقت ”اسهد“ چوندو هو. ڪن منافقن ۽ حاسدن حضرت محمد عليه الصلواة والسلام جن کي وڃي چيو ته ”اڄ ڪلھ ھھڙي غلط ٻانگ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيارڻ نيڪ نہ آهي، ڇاڪاڻ جو اجا اسلام جي ابتدا آهي، تنهن ڪري ڪو فصيح زبان وارو بانگو مقرر ڪرڻ گهرجي. حضرت صلعم جن کي انهيءَ ڳالھ تي منيان لڳي ۽ فرمايائون، تہ (خدا تعاليٰ کي بلال رضہ جو هي ۽ (اسهد) ۽ (هي) ٻين جي (حي) ۽ (اشهد) کان گهڻو پسند آهي.)

## ٻي آکاڻي
## پاڪ وات سان پڪار ڪرڻ لاءِ الاهي ارشاد

خدا تعاليٰ حضرت موسيٰ کي حڪم ڪرڻ فرمايو، تہ اي موسيٰ! مون کي جڏهن تون سڏين يا مون کان ڪابہ دعا گهرين، تڏهن اهڙي وات سان سڏ ڪر يا دعا گهر، جنهن وات سان تو ڪوبہ گناهہ نہ ڪيو هجي.) حضرت موسيٰ عرض ڪيو تہ (يا پاڪ ذات پروردگار! آءٌ اهڙو پاڪ وات ڪٿا آڻيان؟) تنهن تي حڪم ٿيس تہ (جيڪڏهن توکي اهڙو پاڪ وات نہ آهي، تہ ٻئي ڪنهن شخص کان دعا ڪراءِ، ڇاڪاڻ جو ٻئي جي وات سان تون گناهہ ڪري نٿو سگهين ٻئي جي وات سان دعا ڪرائڻ جي مراد اي موسيٰ! اها آهي تہ اهڙي هلت ڪر جو ٻيا ماڻهو تنهنجي حق ۾ رات ڏينهن دعائون ڪندا رهن. ٻيءَ صورت ۾ تون پنهنجي وات کي پاڪ ڪر. پنهنجي روح کي چست ۽ چالاڪ ڪر. پاڪ وات ۽ زبان سان دعا گهرڻ روح جي سيني پليتائن کي دور ڪري ڇڏي ٿو. جڏهن روح پليتائن کان پاڪ ٿئي ٿو. تڏهين ان کي عروج حاصل ڪرڻ ۾ ڪابہ مشڪلات نہ ٿي ٿئي.

### نصيحت- خدا جو ذڪر روح کي پاڪ ڪري ٿو

ذکر حق پاک است چون پاکی رسید
رخت بر بند و برون آمد پلید

(حق تعاليٰ جو ذڪر پاڪ آهي ۽ جڏهن پاڪائي پهچي ٿي تڏهن روح جي پليتائي ٽپڙ ٻڌيو رواني ٿيو وڃي ٿي.) سڀ ڪا شيءِ پنهنجي مخالف کان ڀڄندي آهي. مثلاً جڏهين سج جي روشني پکڙيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجي ٿي تڏهن رات جي اونداهي ڀڄيو وڃي ٿي. جڏهين الله تعاليٰ جو پاڪ نالو وات تي اچي ٿو تڏهين نه پليتائي رهي ٿي ۽ نه اهو وات ئي پليت رهي ٿو.

## ٽين آکاڻي
## خدا کي ياد ڪندڙ انسان سان شيطان جي گفتگو

هڪڙي شخص ساري رات (الله! الله!) ٻي ڪيو انهيءَ لاءِ ته خدا تعاليٰ جي ذڪر ڪرڻ سان سندس وات مٺو رهي. ان کي گمراهه ڪرڻ لاءِ شيطان (جنهن کي قدرتيءَ طرح انهيءَ ذڪر ٻڌڻ سان تڪليف پي ٿي.) تنهن اچي چيس: (اي بڪ بڪيا! ماٺ ڪر. آخر انهي يخي مغز خالي ڪيو اٿئي. الله ڪڏهن توکي چيو آهي ته (لبيڪ) (اجهو تو وٽ آهيان؟) الله جي دربار مان توکي جواب ئي ڪونه ٿو ملي. پوءِ ڇو پيو هروڀرو يخي هڻين؟)

هو ويچارو شخص دل شڪستو ٿي پيو ۽ ذڪر ڇڏي سمهي پيو. ننڊ ۾ حضرت خضر کي پنهنجي اڳيان حاضر ڏٺائين، جنهن چيس ته (اي خدا جا بندا! تو خدا تعاليٰ جو ذڪر ڇو ڇڏي ڏنو؟ تون الله تعاليٰ کي پڪاريندي ڇو پشيمان ٿيو آهين؟ ان شخص جواب ڏنو ته (مون کي خدا تعاليٰ جي طرفان جواب ۾ (لبيڪ) (اجهو تو وٽ آهيان) جو آواز ئي نٿو اچي. تنهن ڪري ڊڄان ٿو. ته مبادا آءٌ خدا تعاليٰ جي درگاه مان تڙيل آهيان.) تنهن تي حضرت خضر چيس، ته خدا تعاليٰ مون کي حڪم ڏنو آهي ته وڃ ۽ منهنجي ذڪر ڪندڙ ٻانهي کي وڃي چؤ، ته اي ٻانها! تنهنجو "الله! الله!" پڪارڻ ئي اسان جي طرفان "لبيڪ" جو آواز آهي. تنهنجي عاجزي ۽ دل جو سوز ۽ درد ئي اسان جو قاصد آهي. مون ئي توکي پنهنجي عبادت جي ڪم ۾ لڳايو آهي. مون ئي توکي پنهنجي ذڪر ۾ مشغول ڪيو آهي. قرب حاصل ڪرڻ لاءِ تون جيڪي حيلا ۽ ڪوششون ڪري رهيو آهين، سي اسان جي ڪشش سببان ئي آهن، انهيءَ ڪشش ئي توکي انهيءَ سعيي ۽ ڪوشش جي لاءِ تيار ڪيو آهي. تنهنجي اندر ۾ جيڪو اسان جو خوف ۽ عشق آهي، سو اسان جي مهربانيءَ جي نشاني آهي. اهو ڪمند (رسو) آهي جو توکي اسان ڏي آڻي رهيو آهي. تنهنجي هر هڪ "الله! الله!" جي آواز جي پرده ۾ اسان جي طرفان گهڻيئي "لبيڪ" آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نصيحت- خدا تعاليٰ جي نوازش ئي انسان کي عبادت ڏانهن راغب ڪري ٿي

جنهن انسان تي الله تعاليٰ مهربان ۽ راضي ٿئي ٿو، تنهن کي ئي پنهنجي عبادت جو شوق ۽ ذوق بخشي ٿو. ڪوبه غافل ۽ خدا کان ڦريل انسان ڪڏهن به خدا تعاليٰ جو ذڪر ڪري نہ سگهندو، ڇو جو انهيءَ کي اهڙي نوازش حاصل ڪرڻ جو امر ئي نہ آهي. اهڙن ماڻهن جي قلبن تي خدا تعاليٰ مهر هڻي ڇڏي ٿو ۽ انهن جي ڪنن ۽ اکين تي پردا وجهي ڇڏي ٿو، انهن لاءِ دردناڪ عذاب مقرر ٿيل آهي. (سوره بقره ع ١)

فرعون کي خدا تعاليٰ حڪومت ۽ مال ملڪيت گهڻوئي ڏنو هو، پر ان ڪڏهن به دل جي درد سان پنهنجي خدا کي ياد نہ ڪيو. نتيجو اهو نڪتو، جو دنيا ۾ بہ خواري خرابيءَ سان برباد ٿيو ۽ آخرت بہ موچاري نہ ٿيس.

## نصيحت- دل جو درد خدا تعاليٰ کي پسند آهي

درد آمد بـهتر از مـلـه جـهـان

تا بخواني تو خـدا را درنهان

(دل جو درد دنيا جي حڪومت کان بہ بهتر آهي، تنهن ڪري تون خدا تعاليٰ کي دل جي درد سان تنهائيءَ ۾ پڪاريندو رهہ) درد ۽ سوز کان سواءِ خدا تعاليٰ کي اهو پڪاريندو، جنهن جي دل مئل هوندي. درد ۽ سوز سان خدا کي ياد ڪرڻ زنده دليءَ جي نشاني آهي. دل جي درد سان پنهنجي آغاز ۽ عاقبت جو ويچار ڪندو رهہ. سڀ ڪا خلقيل شيءِ قدرتي طرح پنهنجي خالق کي ياد ڪرڻ لاءِ مائل رهي ٿي، پر طبيعت جي گدلي ٿيڻ ۽ ڪن ٻين نفساني خواهشن ۾ ڦاسڻ ۾ خدائي ذمر ڪري ئي ڪو ساهہ وارو حق تعاليٰ جي يادگيريءَ کان غافل رهي ٿو. ڪتو جو ڍونڍ ۽ هڏن گڏن کائڻ ۾ غافل رهي ٿو، تنهن کي بہ ڪڏهن حق جي يادگيريءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو جذبو رئاڙيو وجهي ٿو.

نصيحت- حقاني قرب حاصل ڪرڻ لاءِ صبر ڪان ڪم وٺڻ ضروري آهي

صبر کردن بهر این نود حرج

صبر کن که الصبر مفتاح الفرج

"هن حقاني قرب حاصل ڪرڻ لاءِ صبر ڪرڻ ۾ ڪوبہ نقصان نہ آهي. اي طالبو! صبر ڪر ڇاڪاڻ جو (حديث شريف ۾ آيل آهي تہ: صبر ئي مشڪل ڪشائي جي ڪنجي آهي.) ڪوبہ شخص صبر ڪان سواءِ ڪڏهن هن مشڪل چاڙهيءَ تان چڙهي نہ سگهيو آهي. دنيا جون خواهشون توکي ايئن سڏي رهيون آهن، جيئن بيابان ۾ اڪيلي سفر ڪندڙ کي ممون فريب جا سڏ ڪنديون آهن. توکي صبر سان جبل وانگر ياد حق ۾ مستحڪم رهڻ گهرجي، پر ڪک وانگر ڪڏهن بہ واءَ لڳڻ تي هيڏانهن هوڏانهن اڏامڻ نہ گهرجي.

## چوٿين آکاڻي

## هڪڙي ڳوناڻي ماڻهو ۽ شهري ماڻهو جي دوستي

اڳئين زماني ۾ هڪڙو ڳوناڻو ڪنهن شهريءَ جو دوست ٿي پيو. هو جڏهن شهر ۾ ايندو هو، تڏهن بہ بہ ٽي مهينا اچيو پنهنجي شهري دوست جو مهمان ٿيندو هو. ۽ ان جي دڪان تي اچي وهندو هو ان جون مهمانيون کائيندو هو ۽ پيو بہ جيڪو شهر جو ڪم ڪار هوندو هوس. سو شهري دوست ان کي مفت لاهي ڏيندو هو.

هڪڙي ڏينهن ان ڳوناڻي ماڻهو پنهنجي شهري دوست کي چيو، تہ "ادا! ڪڏهن تہ منهنجي ڳوٺ ۾ بہ اچي هوا کائي وڃ. هينئر جهنگ سرسبز آهي ۽ ڏاديون بهاريون لڳيون پيون آهن، مهرباني ڪري پنهنجن پارن ٻچن سميت مون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٽان ٿي وڃ. جي هينئر نہ هلين، تہ اونهاري ۾ تڏهين اچج جڏهين ميون پچڻ جا ڏينهن ٿيندا. تو پنهنجا لائق ڪري منهنجيون هيتريون خدمتون ڪيون آهن، هيڪر تہ تون بہ پنهنجي ڪٽنب ۽ نوڪرن چاڪرن سميت بہ ٽي مهينا مون وٽ اچي رهہ، تہ آءٌ بہ تنهنجي ڪا خدمت ڪريان." شهري ماڻهو ان ڪي انجام پيو ڏيندو هو، تہ "اڄ نہ سياڻي، اڄ نہ سياڻي." ايئن اڄ نہ سياڻي ڪندي ان ڪي اڻ ورهہ گذري ويا.

ڳوٺاڻو تہ دستور موجب سال بہ سال شهر ۾ اچيو پنهنجي شهري دوست وٽ خيما کوڙيندو هو ۽ سانده بہ ٽي مهينا وينو ٻوڙ پلائون کائيندو هو ۽ پنهنجي شهري دوست کي ڪٽنب قبيلي سميت ٻهراڙيءَ ۾ هلڻ لاءِ صلاحون ڪندو هو. هڪڙي ڀيري پنهنجي دوست کي نهايت عاجزيءَ سان چيائين تہ "اي دوست! ڏهاڙي ڏهاڙي مون کي ڏنا ڏيو اماڻيو ڇڏين. ايئن نہ ڪر هيڪر منهنجي دل خوش ڪر ۽ منهنجي ڳوٺ هل."

شهري دوست چيس، تہ "ادا! آءٌ تہ دل و جان سان تو وٽ هلڻ لاءِ مشتلق آهيان، پر سڀ حڪم جي هاج آهي. انسان جي داڻي پاڻيءَ جي قسمت خدا تعاليٰ جي هٿ ۾ آهي. انسان ٻيڙيءَ جي مثال آهي، جنهن جو هلڻ سٺائيءَ واءَ تي منحصر آهي ۽ واءُ خدا تعاليٰ جي قدرت جي وس آهي. ڳوٺاڻي وري بہ قسم ۽ سنهن ڏنس، تہ ضرور ڪٽنب قبيلو وٺي مون وٽ هل پر شهري منيون ڳالهيون ڪري اچڻ جو انجام ڏيئي ٽاري ڇڏي.

شهري ماڻهوءَ جا پٽ پنهنجي پيءُ کي چوڻ لڳا، تہ "بابا سائين! ڏسو! چند، ڪڪر ۽ پاڇولا بہ پيا گهمن گهٽن، توهين جو گهمڻ ڦرڻ ڪان پيا نٽايو سو ڇو؟ هو ويچارو ڳوٺاڻو اوهان جا ڪيترا نہ احسان پيو ڳائي، جڏهين هن جي مرضي آهي تہ توهان جي احسانن جو ڪجهہ بار پاڻ تان لاهيان، تڏهين اوهان هن کي اهڙو وجهہ ڇو نٿا ڏيو؟ پنهنجي پر ۾ اسان کي بہ ويچاري گهٽيئي منٿون ڪيون آهن." پيءُ پنهنجي پٽن کي چيو، تہ "منهنجا سياڻا فرزندو! اوهان جو چوڻ صحيح آهي، پر پٽ! جنهن انسان سان اوهان احسان ڪيا هجن، تنهنجي بچڙائيءَ ڪان بہ هميشہ ڊڄندا رهو."...

## نصيحت- دوستيءَ جي مضبوطي تي باور نہ ڪر

ذوستــــي تـخـــم دم آخــر بــود
ترسم از وحشت كه اوفا سد شود



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تمثيل ١- بدڪن ڪي باز جي دعوت:

هڪڙو باز بدڪن کي چوڻ لڳو، ته "دوستو! پاڻيءَ کي ڇڏيو، بيابان جي سير جو تماشو به ته هلي ڏسو." هڪڙيءَ ڏاهيءَ بدڪ ان کي جواب ڏنو، ته "ادا! ماٺ ڪري هليو وڃ. هيءُ پاڻي اسان لاءِ امن امان جو ڪوٽ آهي، تنهن ڪري تو سان ڪونه هلنديونسين.

## نصيحت- شيطان به روح کي نڳيءَ جي دعوت ڏيندڙ آهي

اي طالبو! شيطان کي باز جي مثل سمجهو، جو روح جي بدڪ کي حقيقت جي درياءَ مان ڪڍي گمراهيءَ جي بيبان ۾ رولائڻ ۽ برباد ڪرڻ گهري ٿو، تنهن ڪري اوهين انهيءَ کان دور گذاريو. خبردار! پاڻيءَ جو قلعو متان ڇڏيو. جيڪڏهن ساهه سلامت آهي، ته ڪاڏي جي ڪوٽ ڪانه ٿيندي. جيڪڏهن لشڪر آهي، ته جهنڊي جي ڪمي نه رهندي.

... شهري شخص ٻهراڙيءَ ڏي نه وڃڻ لاءِ گهڻيئي بهانا ڪيا، پر تقدير جيئن بنجڻي هوندي آهي، تيئن بنبي آهي ان جي رد ڪرڻ لاءِ انسان جو ڪوبه حيلو بهانو ڪم نه ايندو آهي.

آخر شهري ماڻهو مسافريءَ جو سامان تيار ڪيو، ان جا ٻار ٻچا خوش ٿيا ۽ سڀ ڪو پنهنجي پنهنجي دل ۾ سٽائون ڪندو رهيو، ته جهنگ ۾ چا چا وڃي ڏسڻو وائسڻو ۽ کيلڻو ڪاٽو اٿم. سفر تي وڃڻ وارا خوشيءَ کان ڪپڙن ۾ ئي نه پئي ماپيا، پر عقل انهن کي پئي چيو ته "خوش نه ٿيو، گهڻي خوشي غم جو پيشوا (اڳواڻ) ٿيندي آهي. اعتدال ۾ رهڻ چڱو آهي. شهر جي ماڻهوءَ کي ٻهراڙيءَ ۾ رهڻ مان عقل جو نقصان آهي"...

## نصيحت- سفر ڪرڻ مان فائدو آهي

مسافري ڪرڻ مان غلام به ڪاميابيون حاصل ڪندي ڪندي بادشاهي اقبال وارو بنجيو پوي ٿو. چنڊ به سفر ڪرڻ سان ئي "بدر" (چوڏهينءَ جو چنڊ) ٿئي ٿو، "شطرنج" جي راند وارو پيادو (بيذق ساري) به بساط جي خانن ۾ سفر ڪندي ڪندي سوار (فرزين ساري)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا گهوڙو ٿيو پوي ٿو. حضرت يوسف ۾ مسافري ڪرڻ ڪري سؤ مرادون حاصل ڪيون هيون، تنهن ڪري سفر ڪرڻ چڱو آهي، پر خيال ۽ سنڀال جي ضرورت آهي.

... شهري رئيس ۽ ان جا ٻار ٻچا ڪٽنب قبيلو رات ڏينهن مسافري ڪندا ٿي ويا، جيتوڻيڪ ڏکيا ڏکيا رستا انهن کي جهاڳڻا ٿي پيا، ته به جهنگ گهمڻ جي خوشيءَ ۾ اهي هنن کي تمام سولا پئي نظر آيا. هنن کي ٻهراڙيءَ ۾ آدر ڀاءُ ۽ مان مهت ملڻ جي اهڙي ته پڪ هئي، جهڙي پنهنجي هڙ ۾ ٻڌل ناڻي جي. جيئن هو ڳوٺڙي کي ويجها پوندا ٿي ويا، تيئن هنن کي وڏيڪ سرهائي ٿيندي ٿي ويئي. ڳوٺڙي جو ڪوبه ماڻهو منهن ۾ ملين ٿي، ته ان کي پيار ۽ حب سان مليا ٿي ۽ چيائونس ٿي، ته تون اسان جي دل گهريئي سڄڻ جو منهن ڏسيو پيو اچين، تنهن ڪري اسان جو دل گهريو دوست آهين...

**تمثيل ٣- ليلي جي گهٽيءَ جي ڪتي تي مجنون جي نوازش:**

مجنون کي هڪڙو ڪتو مليو، تنهن کي جهلي چميون ڏيڻ لڳو ۽ ان اڳيان ايئن پئي قربو ۽ اور گهور ٿيو، جيئن حاجي ڪعبه الله شريف کي طواف ڪندا آهن. اُن ڪتي کي شربت وٽيو پئي پياريائين ۽ ساڻس تمام پيار پريا لاڏ ڪوڏ پئي ڪيائين. ڪو ماڻهو اهو حال ڏسي مجنون کي چوڻ لڳو ته "اي چريا! هيءُ ڪهڙو فريب ڪٺي پڪڙيو اٿيئي؟ ڪتو هميشه ڊوڙندو ۽ پليت شيون کائي ۽ پنهنجن چپن سان پنهنجا ڦٽ چٽي، تنهن جي پليت منهن تي تون چميون پيو ڏين!" مجنون جواب ڏنس ته "يائو! تون رڳو ظاهر پرست آهين. هلي اَءُ ۽ اکين سان اچي ڏس، ته توکي حقيقت جو نقشو نظر اچي. توکي خبر نه آهي ته هي منهنجي پياري ليليٰ جي گهٽيءَ جو چوڪيدار آهي؟ هن ڪتي جا ڀاڳ ته ڏس، ڪهڙي نه سهڻي هنڌ هن کي رهڻ نصيب ٿيو آهي.

... مجنون وانگر شهري رئيس ۽ ان جا ٻار ٻچا دهقاني ميزبان جي حب ۾ ان جي ڳوٺڙي جي طرف جو جيڪو به ماڻهو ملين ٿي، تنهن سان پيار ۽ قرب ونديندا ٿي ويا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن ڳوٺڙي ۾ هؤ پهريائين اچي پهتا، سو ڳوٺڙو سندن ميزبان جو نہ هو، تنهن ڪري هو سڄو مهينو ڳوٺڙو پڇائيندي وتيا، پر پنهنجي ميزبان جو ڳوٺ هٿ ئي نہ پيو اچين، ڇو جو اهو ڳوٺڙو اڳہ ڪڏهين بہ سندن ڏٺل نہ هو...

**نصيحت- رهنماءِ کان سواءِ ڪڏهن بہ سفر نہ ڪجي**

هر که در ره بی قلائؤ زی رود
هر دو روزه راه صد ساله شود

(جيڪو شخص ڪنهن رهنماءِ کان سواءِ مسافري ڪري ٿو، سو ٻن ڏينهن جي پنڌ ۾ سؤ ورهہ ڀٽڪندو رهي ٿو.) جيئن استاد کان سواءِ علم حاصل ڪري نٿو سگهجي ۽ نہ ڪو هنر سکي سگهجي ٿو. تيئن ڪنهن واقفڪار کان سواءِ مسافريءَ جو سنئون گس هٿ ڪري نٿو سگهجي.

... مهيني جي رولڙي کان پوءِ شهري رئين ۽ ان جي ڪٽنب جا ماٺهو ٿڪي ٽٽي مس مس سندن واقفڪار ڳوناٽي جي ڳوٺڙي ۾ وڃي پهتا. پاڻ سان ڪنيل ڪاڏي پيتي جون شيون کپي وييون هين، تنهن ڪري جهڙي ڪين بک ۽ اڃ هئي، تهڙي سندن وهٽن کي. شهري رئيس جو ڳوناٽو دوست پنهنجي شهري مهمانن جي اچڻ جي خبر ٻڌي ڪنهن پاسي لڪي ويو. هن جي مراد هئي تہ شهري مهمان مون کي نہ ڏسي، ٻيل تہ وڃي ڪنهن ٻي هنڌ داٻو ڪن. شهري رئيس ان ڳوناٽي دوست جي گهر جي پڇا ڪري ان جي دروازي تي ويو، تہ گهر ۾ وينل ماڻهن گهر جو دروازو بند ڪري ڇڏيو. شهري رئيس جا حوصلائي خطا ٿي ويا. ڪاوڙ ڪرڻ جو وقت نہ هو، ڇاڪاڻ جو ڪوه ۾ ماٺهو ڪريو، تہ پوءِ وري ڇڙ ڪهڙي؟ پنج ڏينهن شهري رئيس پنهنجي ڪٽنب ۽ قبيلي سميت دروازي جي ٻاهران ويٺو رهيو. رات جو سيءَ جي تڪليف پئي ستائين ۽ ڏينهن جو اس آزار.

ڳوناٽو ڪنهن ڪنهن مهل شهري رئيس جي ڀرمان اچيو لنگهندو هو، تہ شهري رئيس ان کي سلام ڪندو هو ۽ واڪا ڪري چوندو هو تہ، آءٌ فلاڻو تنهنجو دوست آهيان، فلاڻا شهر ۽ هنڌ وارو تنهنجو جهونو سنگتي آهيان، پر هو ڳوناٽو الاغرضائي سان جواب ڏيندو هوس، تہ ”آءٌ توکي سڃاڻان بہ ڪين ٿو، تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪير آهين. خبر نہ آهي تہ پليت آهين يا پاڪ آهين آءٌ رات ڏينهن خدا تعاليٰ جي ڪاريگري ڏسيو ان ۾ مست ٿو گذاريان. مون کي تہ پرواه بہ ڪانهي، تہ تون ڪهڙي باغ جي موري آهن. مون کي تہ فقط پنهنجي الله سائين جي تات آهي، ٻيءَ ڪنهن بہ ڳالھ جي مون کي خبر نہ آهي."

شهري رئيس چيو، تہ تڏهن هيءَ وقت بہ قيامت جهڙو ڇئبو، ڇاڪاڻ جو "يوم يفر المرءُ من اخيہ" (قيامت جو ڏينهن اهو آهي، جنهن ۾ ڀاءُ ڀاءُ کان ڀڄي پري ٿيندو) وارو ليکو اچي پنهيو آهي.

شهري رئيس ان ڳوناٽي دوست کي پار پتا ڏيڻ لڳو، تہ "آءٌ تنهنجو اهو دوست آهيان، جو فلاڻي ڏينهن پاڻ ٻنهي باغ ۾ فلاڻيون فلاڻيون نعمتون گڏ کاڌيون هيون. فلاڻي ڏينهن توکي فلاڻو فلاڻو سامان خريد ڪري ڏنو هوم. تون مون وٽ ٻہ ٻہ مهنا ڪن ورهن کان مون وٽ اچيو رهندو هئين. جنهن جون خبرون ساري جهان کي آهن. اڄ تو وٽ تنهنجين منٿن ڪرڻ تي هلي آيو آهيان، تہ تون منهن ڪٿي مٽيو آهي!" ڳوناٽو چوي ايئن تہ "اجائي بڪ بڪ ڪٿي لاتي ائيئي، آءٌ سڃاڻان بہ نٿو، تہ تون ڪير آهين؟"

شهري رئيس کي چار راتيون اچي پٽ تي گذريون، تہ پنجين رات جهڙ ۽ اگھم اچي ڪڙو ٿيو ۽ برسات زور سان وسڻ لڳي. شهري رئيس در ڪڙڪائي تمام عاجزيءَ ۽ رازيءَ سان پڪاري چيو، تہ "اي پيارا رئيس! منهنجا جيڪي توتي حق آهن، تن سڀني جي مون دعوا ڇڏي. هي پنج ڏينهن جڻ تہ مون پنج ورهہ سختي ڪاٽي آهي. ٻيون سڀ ڳالهيون نهيون هاٽي ڀلاٽي ڪري رات جا چار پهر مون کي ۽ منهنجن ٻارن ٻچن کي گهر جي ڪنڊ ۾ رهڻ لاءِ ڏي."
ڳوناٽي جواب ڏنو تہ "منهنجي گهر ۾ فقط هڪڙي ڪنڊ واندي آهي، تنهن ۾ منهنجو چوڪيدار تير ڪمان هٿ ۾ ڪنيو ٻڪرين جي سنڀال پيو ڪري، تہ مان ڪو بگھڙ اچي ڪا ٻڪري ڪٽي نہ وڃي. جيڪڏهن اها خدمت ڪرڻ قبول ڪرين، تہ توکي گهر جي ڪنڊ ۾ رهڻ ڏيان." شهري رئيس چيو، تہ "اها خدمت ڇوين يا ٻي ڪابہ خدمت ڇوين، تہ آءٌ ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، پر مون کي رهڻ لاءِ ڪو آجهو ڏي."

تنهن کان پوءِ ڳوناٽي شهري رئيس کي سندس ڪٽنب سميت هڪڙي سوڙهي ڪوٺڙي رهڻ لاءِ ڏني، انهن مڪڙن وانگر هڪ ٻئي تي چڙهي رات گذاري ۽ ساري رات ارمان ڪرڻ ۽ ڳوڙهن لڙڪن وهائڻ ۾ بسر ڪيائون...


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وينو هو، تنهن نڪا ڪئي هم نڪا ڪئي تہ هڪدم ٻوناٽي کي گريبان کان جهلي سخت لوڏا ڏيئي چيائينس تہ ”اي نالائق، سڪار، ڪميٽا! هوڏانهن تو چوين، تہ آءٌ خدا سان اهڙو محو ٿيل آهيان، جو مون کي ڪالهہ ڪو ڪاڏو بہ ياد نٿو پوي، هيڏانهن تون پنجن ڇئن ڏينهن جي چانورن ڪوڏڙي کي انجي واءَ جي ڏپ مان ٿو سڃاڻين، پر ڪن ورهن جي واقفڪار دوست کي نٿو سڃاڻي سگهين؟“

ٻوناٽي ڏٺو، تہ منهنجي فقيريءَ ۽ عارفيءَ جي قلعي کلي پئي، سو نهايت شرمندو ٿيو ۽ شهري رئيس جي پيرن تي ڪري پيو ۽ ان کان معافيون وٺڻ لڳو.

## نصيحت- خدا تعاليٰ مڪار کي آخر خوار خراب ڪري ٿو

اينچنين رسوا کند حق شيدرا
اينچنين گيرد رميده صيدرا

(حق تعاليٰ اهڙيءَ طرح مڪار کي خوار خراب ڪري ٿو ۽ اهڙيءَ طرح ڀڄل شڪار کي پڪڙائي ٿو.) اي جوان! جيڪڏهين مڪار فقير کي عام ماڻهو صحيح ڪري نہ سگهندا، تہ بہ حقاني راهہ جا تجربيڪار ان کي ضرور صحيح ڪري سگهندا. جيڪڏهين ڪو شخص ٻناڪ هٽي چوندو، تہ آءٌ درزي آهيان، تہ پارکو انسان ان جي اڳيان اطلس ريشم جو ٿان رکي چوندس، تہ هن مان فلاڻا فلاڻا ڪپڙا تيارڪر، تہ پوءِ پاڻيهي ان جا وکا پڌرا ٿي پوندا. زماني ۾ جيڪڏهين ڪري ۽ ڪوڙي جي پرک نہ هجي ها، تہ پوءِ جيڪر ڪدڙا بہ جنگ جي ميدان ۾ پاڻ کي رستم سڏائن ها. جنهن درجي جي تو ۾ لائقي نہ هجي، تنهن درجي تي پهتل هجڻ جي دعوا ڪڏهن بہ متان ڪرين.

## تمثيل ٣- مور هئڻ جي دعوا ڪندڙ گدڙ:

هڪڙي گدڙ ڪنهن نيروٽيءَ جي ڪن ۾ ٽٻي ڏني، تہ سندس کل رنگا رنگي ٿي پيئي. هو اس جي ٽڙڪي ۾ پنهنجي کل تي رنگا رنگي تروڙا پوندڙ ڏسي ٻين گدڙن وٽ ويو ۽ پنهنجي ست رنگي پشم تي فخر ڪرڻ لڳو. گدڙن چيس تہ ”اج تون وڏائيءَ ۾ پيو ڇڄين ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ تي مکڻ ٻه وينئي نٿو سهين، سو ڇو؟ اڄ تنهنجي مغز ۾ ڪهڙو نشو آهي؟" هڪڙن گدڙن پر ۾ ٻيهي ڇيس ته "يار! هي مکڻ ۽ نڳي توکي ڪم نه ايندي. ڏسج متان ڪنهن ڏينهن شير پياز پڏرا تي پوني." مڪار گدڙ پنهنجي نصيحت ڪندڙ کي ڪن ۾ چوڻ لڳو ته "ڏس آءٌ اڄ اهڙو ته سهڻو تي پيو آهيان، جو مون جهڙو سهڻو بت ڪنهن بت پرست وٽ ٻه نه هوندو. مون تي بهاري باغ وانگر هر رنگ جا گل ٻوٽا موجود آهن، توکي گهرجي، ته مون کي سجدو ڪرين آءٌ خدا جي قدرت جو مظهر بنجي چڪو آهيان. مون کي دنيا جو فخر ۽ دين جو ٿنيو ڪري ڄاڻو. اي گدڙو! اڳتي مون کي گدڙ ڪري متان سڏيو اٿو."

تنهن تي سڀ گدڙ اچي گڏ ٿيا ۽ اچي پڇيائونس، ته "اڄ ڏينهن کان وٺي توکي گدڙ نه سڏيون ته تڏهن ڀڏا ته ڇا سڏيون؟" گدڙ چوڻ لڳو ته "مون کي اڄ ڏينهن کان وٺي نرمور ڪري سڏيو."

گدڙن ڇيس ته "مور ته باغن ۾ ٽلندا آهن. تون ٻه باغن ۾ ٽلي ڏيکاريندين؟" چيائين "نه، جنهن رڻ ۾ پير ئي نه رکيو هوندو، سو منئي مان تي اچڻ جي دعوا ڪيئن ڪري سگهندو؟" وري گدڙن پڇيس ته "مور جهڙي ٻولي ڪري ڏيکاريندين؟" چيائين "نه". تنهن تي سيني گدڙن ٻؤن ٻؤن ڪري اچي ورايس، ته "اي ناڙي! مورن کي آسمان مان عطا ٿيل پوشاڪ هوندي آهي، نه نير وٽيءَ جي ڪن مان مليل پوشاڪ."

## تمثيل ۴ - هڪڙو پيٽ بکيو ٻناڪي جوان:

هڪڙي هلڪي طبيعت واري نوجوان کي ڪا دنبي جي کل هٿ لڳي، سو ڇا ڪندو هو، جو کل جي ڇربيءَ مان هٿ ڀريو مڇن ۽ ڇپن کي سيڪيندو هو ۽ شاهوڪارن جي مجلس ۾ وڃيو لاف هڻندو هو، ته آءٌ اڄ فلاڻو مليدو کائي آيو آهيان، اڄ فلاڻي گيهه ۾ ٻڏل خوارڪ کائي آيو آهيان." ايئن چئي پنهنجن مڇن تي هٿ هڻيو ڏيکاريندو هو، ته "اجهو ڏسو! اجا تائين منهنجين مڇن تان سٽيپ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نٿو لهي."

ان جو بکيو پيٽ بک جا ڪڙڪاٽ ڪريو پيو چوندو هو، ته "هن ٻتاڪيءَ جون مچون شل برباد ٿين، جو ڪوڙ ڏيکاريو مون کي بک ۾ پيو پاهه ڪري. جيڪڏهين اهڙي لاف نه هڻي ها، ته ضرور ڪو رحم وارو سخي مرد مٿس قياس ڪري ها ۽ مون کي ڪٽان نه ڪٽان ڪو لقمو ملي وڃي ها"

انهيءَ ٻتاڪيءَ جي پيٽ خدا تعاليٰ جي در پڪارون پئي ڪيون، سي اگهيون ۽ هڪڙي ڏينهن ڪو ٻلو ايو ۽ اها دنبي جي کل چورائي ويو. ان ٻتاڪيءَ جو پٽ، جو اڃا ٻي سمجهه ٻار هو ۽ ڏنو ته متان بابو مون تي اچي ڪاوڙجي، سو پيءُ کي اطلاع ڏيڻ لاءِ ڊوڙيو ۽ هڪڙي مجلس ۾ پيءُ کي وينل ڏسي اچي چيائينس ته "بابا! بابا! جنهن دنبي جي کل سان تون صبح جو ڏهاڙي مچون ۽ چپ سکيندو هئين، سا کل ٻلو کڻي ويو. مان گهڻو ئي پنيان پيو سانس، پر مون کان ڀڄي ويو."

ٻتاڪي جوان، جو پنهنجي لاف گزاف ۾ هو، تنهن جي منهن جو پاڻي ئي هارجي ويو. مجلس ۾ وينل سڀ ماڻهو کل ۾ ٻڏي ويا. ٻتاڪيءَ جي ٻتاڪ جا وکا پڌرا ٿي پيا، سو اهڙو شرمندو ٿيو، جو زمين جيڪڏهين جاءِ ڏئيس ها، ته جيڪر ان ۾ گهڙي وڃي ها. انهيءَ مجلس ۾ ڪي رحمدل شخص به وينل هئا، جن ان ٻتاڪيءَ تي قياس آندو ۽ هن کي پنهنجي جاءِ تي وٺي وڃي ڪاڏو خوراڪ کارائي ڍؤ ڪرايو.

**نصيحت- جيڪڏهين پنهنجو عيب پڌرو ڪرڻ نه گهرين، ته ٻتاڪ هرگز نه هڻ**

گر نمودی عیب وکم کردی جفا

هم بدی مهمانی یه آشنا

(جيڪڏهين تون پنهنجي اڻ هوند جو عيب ظاهر ڪندين ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاف نہ هڻندين، تہ توتي هڪڙو نہ ٻيو دوست ضرور قياس ڪندو ۽ توکي کاڌي خوراڪ جي مدد ڪندو.) حق تعاليٰ جو حڪم آهي، تہ حقيقت جي برخلاف پنهنجن عضون مان ڪجھ بہ ظاهر نہ ڪر جيڪڏهين توکي پنهنجو اڻ هوند جو عيب ظاهر ڪرڻو نہ هجي، تہ صبر ۾ رھ، پر ٻـٽاڪ ڪڏهن بہ نہ هڻ. دنيا پرک جو مڪان اهي، ڪوڙو ڏيک ڪڏهين بہ جٽاءُ ڪين ڪندو.

**نصيحت- سچ سون آهي ۽ ڪوڙ ڪنجهو**

راستی راپیشه خود کن مدام

تاشوی هردم در عالم نیکنام

(سچائيءَ کي سدائين پنهنجو ڌنڌو ڪر، تہ ٻنهي جهانن ۾ نيڪ نام ٿين.) سچائيءَ مان هميشہ سچن کي فائدوئي ٿيٽو آهي. ڪوڙي جي دوڙ ڪڌ تائين. ٿوري وقت بعد ڪوڙي جو ڪوڙ پڌرو ٿي پوندو ۽ هو خوار ۽ خراب ٿيندو. ”سچن ساٽي ڪوڙن گهاٽي“ جو مثل مشهور آهي.

## پنجين آکاڻي

## اهل سبا جي آسودگي ۽ هنن جي بي شڪري

آڳاتي زماني ۾ يمن ملڪ جو مشهور بادشاه* سبا هوندو هو، جنهن جا ڏھ پٽ هئا ۽ انهن ڏهن ئي پٽن ۽ انهن جي اولاد کي پنهنجا پنهنجا ڳوٺ هڪ ٻئي کي ويجها هوندا هئا. سندن مکيہ شهر جو نالو ”مآرب“ هو جو يمن جي هاڻوڪي گادي صفا کان ٻہ ٽہ ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي هوندو هو. انهي سبا بادشاه جي ساري اولاد ۽ ڪٽنب کي اهل سبا سڏيندا هئا.

حق تعاليٰ اهل سبا کي تمام گهڻي آسودگي بخشي هئي. انهن جي شهرن ۾ نهايت اعليٰ درجي جا باغ باغيچا ۽ لکين محل ماڙيون هونديون هيون. ايترن

* قرآن شريف سورة سبا رڪوع ٨ ڏسو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سکن ۽ نعمتن هوندي بہ هو خدا تعاليٰ جا شڪر گذار نہ رهيا ۽ ڪڏهين بہ خدا تعاليٰ جي نعمتن جو شڪر بجاءِ نہ آندائون ۽ انهن ۾ پنهنجي خالق مالڪ لاءِ ايتري بہ ساڃاءِ نہ رهي، جيتري ڪنهن ڪتي ۾ پنهنجي مالڪ لاءِ رهندي آهي. ڪتو، جنهن ڏٺيءَ جو ٽڪر کائيندو آهي، تنهن جو حلالي پهريدار ٿي گذاريندو آهي ۽ اهو در ڇڏي ٻئي در تي وڃڻ عيب ڄاڻندو آهي ۽ ڪنهن ڌارئين ماڻهو يا جانور کي مجال نہ آهي، جو ان ڪتي جي مالڪ جي گهر ۾ پير وجهي سگهي...

## نصيحت- فيض پريو در ڪڏهين بہ نہ ڇڏجي

اي طالب! تو جنهن مرشد جي دروازي تان روحاني فيض حاصل ڪيو هجي، سو در ڪڏهين بہ متان مٽين. خبردار! جيئن متان ڪو سٽيو ستابو کاڌو خوراڪ يا ڪا لالچ توکي فيض جو در ڇڏائي.

## تمثيل ۱ - حضرت عيسيٰ جو دائرو:

حضرت عيسيٰ جنهن دائره (عبادت خانہ) ۾ گذاريندو هو، ان جي در تي انڌن منڊن ۽ مريضن جا سدائين ڪوڙ لڳا پيا هوندا هئا. حضرت عيسيٰ جڏهين پنهنجي روزمره جي عبادت کان واندو ٿي ٻن پهرن جو ٻاهر نڪرندو هو، تڏهن اهي سڀ سوالي ڦريو ايندا هئس. حضرت عيسيٰ خدا تعاليٰ کان دعا پنندو هو ۽ پوءِ هر هڪ مريض کي ڦيٽو وجهندو هو جنهن ڪري سڀ مريض چڱا ڀلا ٿيو پنهنجي پنهنجي گهرن ڏانهن هليا ويندا هئا.

## نصيحت- عارف تنهنجي اندر جا مرض دفع ڪري سگهن ٿا

اي طالب! تو ڪنهن عارف کان پنهنجي دل لاءِ آب حيات حاصل ڪري ڏٺو آهي يا نہ؟ جيڪڏهين تو روحاني آب حيات ڪنهن عارف کان حاصل نہ ڪيو آهي، تہ جلد وڃي ڪنهن عارف جو در جهل. هزارين روحاني انڌا، منڊا ۽ مريض عارفن جي در تان فيض حاصل ڪري چڱا ٿيا آهن. جنهن در تي توکي فيض ملي، سو در ڪڏهين بہ متان ڇڏين. هميشہ پنهنجي فيض ڏيندڙ سان سچو ۽


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وفادار رهه. هو تنهنجي اندر مان اهي سڀ مرض ڪڍي ڦٽا ڪندو، جي تنهنجي روح کي اندو، منڊو يا جڏو ڪري چڪا آهن. توکي پنهنجي فيض بخشيندڙ جي هر هڪ ادا ۽ حڪم کي شفا ڪري سمجهڻ گهرجي.

اهل سبا بدبختيءَ جي ڪري پنهنجي سکن ۽ نعمتن کان اهڙا ڪنا ٿي پيا، جو خدا تعاليٰ کي سوال پيا ڪندا هئا، ته "اسان کي هي تنهنجا ڏنل سک ۽ زينتون نه گهرجن. اسان کي پنهنجا عيب ئي پسند آهن. اسان کي هنن ماڙين محلاتن ۽ باغ باغيچن جي گهرج ئي ڪانهي. هي هڪ ٻئي کي ويجها اسان جا شهر اسان کي بڇڙا پيا لڳن، اسان کي اهي جهنگ وٽن ٿا، جن ۾ ڦاڙيندڙ ڏاريندڙ جانور گهمندا وتن-" ايئن سڀ شاهوڪار اهل سبا، غريبن جي گذارن تي رشڪ ڪرڻ لڳا. هنن کي پنهنجي شاهوڪاري گذران کان غريبن جو گذران وڌيڪ پيو سهڻو نظر ايندو هو...

## نصيحت- انسان ڏاڍو بيشڪر آهي

انسان جي ذات به ڏاڍي ڪا بي شڪر آهي. گرميءَ جي ڏينهن ۾ چون ته، اسان کي اونهارو نه گهرجي، پر سيارو گهرجي، ۽ سياري جو سيءَ ڏسي چون، ته هن سياري جي بدران اونهارو هجي ها، ته چڱو.

هو نه تنگيءَ ۾ خوش گذارين ٿا ۽ نه فراخيءَ ۾ فرحت پاين ٿا. انسان جو نفس ڪنهن به حالت ۾ خوش نٿو رهي. تڏهن ته حضرت موسيٰ به پنهنجي قوم کي هدايت ڪئي هئي، ته "فتوبوا الیٰ بارئڪم فاقتلوا انفسڪم" (پنهنجي خالق خدا ڏانهن رجوع ٿيو ۽ پنهنجا نفس ماريو.) (سورت بقر) اي انسان! اهو نفس تـه منهين بلا اٿئي، انهي بلا کان بچڻ لاءِ ڪنهن نيڪ دل انسان جو پلؤ وجي جهل.

... جڏهين اهل سبا سکن ۽ نعمتن جو قدر نه سڃاتي بي شڪر ٿيا، تڏهن انهن ۾ ڪي نصيحت ڏيندڙ بزرگ پيدا ٿيا، پر هو اهڙا اندر جا انڌا ٿي ويا هئا، جو نصيحتن ڏيندڙن کي قتل ڪرڻ کان به نٿي ڳتا. بيشڪ جڏهين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن شخص جي قسمت ڦٽندي آهي، تڏهين ان جي عقل ۽ اکين تي پردا چڙهي ويندا آهن. آخر خدا تعاليٰ جو غضب اهل سبا تي ٻوڏ جي صورت ۾ نازل ٿيو. سمنڊ جي طرف کان اوچتوئي اوچتو وير چڙهي، جنهن اهل سبا جا شهر، باغ بستان، ماڙيون محلاتون ۽ مال متاع ٻوڙي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا ۽ اها ساري قوم ناس ٿي ويئي. انهيءَ ٻوڏ کي قرآن شريف ۾ سيل العرم سڏيو ويو آهي.

## ڇهين آڪاٽي
## ذروان شهر جا رهاڪو

يمن جي هاٹوڪي تختگاهه صنعا جي آسپاس ذروان نالي هڪڙو شهر هوندو هو.* جنهن ۾ ڪي باغائي هئا، جن جي مرضي هئي ته، اسين پنهنجي باغ جي ميوات اهڙي وقت هلي پٽيون، جنهن وقت ڪوبه فقير فقرو اجا پنڻ تي نه نڪتو هجي، ڇاڪاڻ جو عام دستور آهي. ته جڏهين فقيرن کي خبر پوندي آهي، ته فلاڻي باغ ۾ اڄ ميوات چنڻ يا ڇاٹڻ جو وارو آهي، يا اڄ فلاڻو اناج جو ڪرو بٺئي ٿيٹو آهي، تڏهن آسپاس جا فقير اتي اچي گڏ ٿيندا آهن ۽ باغ يا ڪري جي مالڪن کان خيرات طور ميوات يا اناج وٺندا آهن. اهي صلاحون ڪري هو سمهي پيا. صبح جو سوير هو هڪ ٻئي کي سڏ ڪري باغ ڏي روانا ٿيا ۽ پڪ هين ته اڄ ڪوبه فقير جيسين باغ ۾ ايندو، تنهن کان اڳ اسين ميوات چني ڪٺي هليا ويندا سون. جان ڪٺي باغ ۾ وجن، ته باغ اجڙ ۽ ويران ٿيو پيو آهي. رات وچ ۾ خدا تعاليٰ اهڙي ڪا آفت موڪلي، جنهن باغ مان بريٽ بنائي ڇڏيو، اول انهن باغاين سمجهيو، ته اسين رستو ڀلجي ڪنهن ٻئي هنڌان اچي نڪتا آهيون، پر پوءِ پڪ ٿين، ته خدا جي واٹ ۾ ڪجهه خير ڏيڻ کان پاڻ بچائڻ جو جيڪو خراب ارادو ڪيو هو سون ان جي اها سزا خدا تعاليٰ جي طرفان ملي اٿئون.

**نصيحت— خيرات مال ۽ جان جي سپر آهي**

اي انسان! جنهن خدا تعاليٰ توکي هيتري ساري نعمت بخشي

---

* قرآن شريف سورة سبا رڪوع ٨ ڏسو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، تنهن جي نالي ۾ ڪنهن محتاج ۽ مسڪين کني تون ڪجھ به ڏيڻ کان گسائيندين، ته خدا تعاليٰ کان تنهنجو اهو گسائڻ جو ارادو لڪو نه رهندو. متي به ڪڏهن متيئر جي برخلاف سوچ ويچار ڪري سگھي ٿو؟ نه نه، هر گز نه. تڏهين اي انسان! تون خدا تعاليٰ جي ڏنل نعمت ان جي نالي ۾ پنندڙن کان ڪئن ٿو لڪائي سگھين؟ خيرات تنهنجي جان ۽ مال لاءِ سپر جو ڪم ڏيندي ۽ مصيبتن لاءِ ڍال ٿي توکي امن ۽ امان ۾ سلامت رکندي، تنهن ڪري جيترو ٿي سگھئي اوترو خير خيرات ڏي. جيڪي الله ڏنو اٿئي سو وندي ورچي کاءُ.

## سٺين آکاڻي
## فرعون جو خواب

مصر جي بادشاه فرعون خواب ڏٺو، جنهن جو تعبير هي ٻڌايو ويو ته بني اسرائيلن ۾ ڪو ٻار پيدا ٿيڻو آهي، جو ڪيس ۽ حڪومت کي برباد ڪندو. صبح ٿيڻ شرط نجومي گھرائي خواب جو تعبير کان بچڻ بابت پڇيائين، ته "انهيءَ ڇوڪري جي ڄمڻ تي ڪيئن روڪ وجهجي؟" نجومين نجوم جي وسيلي فرعون کي ٻڌايو، ته "فلاڻيءَ رات جو اهو ڇوڪرو ماءُ جي پيٽ ۾ سرجڻو آهي تنهن ڪري ڪا اهڙي اٽڪل ڪجي. جو ڪوبه بني اسرائيل پنهنجي گھر ۾ حاضر رهي نه سگھي.

فرعون جي حڪومت وقت ڪنهن به بني اسرائيل ڪڏهين به فرعون جو منهن نه ڏٺو هو، ڇاڪاڻ جو قاعدي موجب هنن کي فرعون بادشاه جي منهن ڏسڻ جي سخت منع هوندي هئي. جيڪڏهين ڪنهن بني اسرائيل کي واٽ ويندي فرعون جي سواري سامهون ايندي هئي، ته قاعدي موجب هن کي زمين يا ڪنهن يت ۾ منهن هٿي تيسن بيهڻو پوندو هو، جيسين فرعون جي سواري لنگھي وڃي. جيڪڏهين اتفاق سان ڪنهن بني اسرائيل جي نظر فرعون جي منهن تي پئجيو ويندي هئي، ته هن کي موت جي سزا ملندي هئي.

جنهن رات نجومين چيو هو ته فرعون جو قاتل سرجندو، تنهن رات جو سج ٻيني ئي شهر ۾ بادشاه جي طرفان ڍنڍورو ڦريو، ته سڀ بني اسرائيل مرد شهر کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاهر فلائي ميدان ۾ هلي گڏ ٿين، ته هنن کي فرعون بادشاه پنهنجي زيارت جو شرف بخشي (پنهنجو ڪليو ڪلايو منهن ڏيکاري.) جيڪڏهن ڪوبه بني اسرائيل مرد شهر ۾ رهجي ويو، ته هن کي سندس عيال سميت موت جي سزا ڏني ويندي.

بني اسرائيل کي بادشاه جي منهن ڏسڻ جي ڏاڍي سڪ هوندي هئي، سي تمام خوشيءَ مان سج بيٺي ئي وڃي نهرايل ميدان ۾ گڏ ٿيا. هنن کي حقيقت جي خبر نه هئي، ته بادشاه ڪهڙي سبب اڄ اهو ڏينهورو ڏياريو آهي. هنن کي پڪ هئي، ته اڄ بادشاه اسان کي پنهنجو ديدار ڪرائيندو ۽ شايد زيارت ڪرائڻ بعد هو ضرور ڪي نوازشون به ڪندو. سڀ بني اسرائيل مرد ميدان ۾ وڃي گڏ ٿيا بادشاهه هنن کي پنهنجي زيارت ڪرائي انعام اڪرام ڏنا ۽ ٻين نوازشن جا انجام پڻ ڪيا. هنن جي دل خوش ڪرڻ بعد حڪم ڏنائين، ته "اڄوڪي رات اوهين سڀ انهيءَ ميدان ڪان ٻاهر پير پائيندڙ کي قتل ڪيو ويندو." سيني بني اسرائيلن خوشيءَ سان ان ميدان ۾ رات گذارڻ قبول ڪئي.

فرعون سيني بني اسرئيلن کي ميدان ۾ رهائي پاڻ پنهنجي خزانچي عمران سان گڏ محلات ڏي موٽيو. عمران بني اسرائيل هو، تنهن ڪري سخت تاڪيد ڪيائين ته "تون اڄ محلات جي دروازي تي سمهي پئج ۽ گهر نه وڃج." عمران چيو "حاضر قبلا سائين! آءٌ حضور جي دروازي تي سمهي ٿو پوان. هر طرح تسلي ڪريو." فرعون کي عمران سان تمام گهڻو قرب هو ۽ پڪ هيس، ته عمران ڪڏهن به منهنجي حڪم جي انحرافي نه ڪندو، اها ته خبر ئي نه هيس، ته ٻارڻ ٻرڻو ئي انهيءَ عمران مان هو.

• فرعون وڃي محلات ۾ آرامي ٿيو ۽ عمران دروازي تي سمهيو پيو هو، ته اڌيءَ رات جو عمران جي زال (حضرت موسيٰ جي ماءُ) عمران وٽ آئي ۽ ٻئي زال مڙس پاڻ ۾ گڏيا. جيئن خدا تعاليٰ جي مرضي هئي تيئن ٿي چڪو، يعني جنهن ڇوڪر جي نه سرجڻ لاءِ فرعون هيڏيون ڪوششون پي ڪيون، سو پنهنجي ماءُ (عمران جي زال) جي پيٽ ۾ سرجي چڪو.

جڏهن ڪوبه نبي ماءُ جي پيٽ ۾ سرجندو آهي، تڏهين ان جي سرجڻ وقت هڪڙو خاص تارو آسمان ۾ ظاهر ٿيندو آهي. سڀ بني اسرائيل ۽ سڀ نجومي فرعون جي حڪم موجب رات جو ميدان ۾ ئي هئا، ته نجومين کي اهو خاص تارو اوچتوئي آسمان ۾ نظر آيو، جنهن تي نجومين وٽي "هاءِ گهوڙا" مچائي ۽ انهن جي ٻنيان ميدان ۾ موجود سيني ماڻهن وٽي گوڙ مچايو، اهو گوڙ ٻڌي فرعون جي دل دهلجي ويئي ۽ ننڊ مان اٿي عمران کي اچي سڏ ڪيائين ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين ته خبر وٺي آءُ، ته هيءُ گوڙ ڪهڙو متو آهي. عمران کي ته ساري ڳالهه دل سان لڳي آئي، ڇاڪاڻ جو جيتوڻيڪ سيئي بني اسرائيل فرعون ۽ نجومن جي سٽاءَ کان بلڪل غير واقف هئا، ته به عمران فرعون جو خاص رازدار هو، تنهن کي سڄي خبر هئي، ته فرعون ۽ نجومين ڇا جي لاءِ هيترا حيلا هلايا آهن.

عمران فرعون جي حڪم موجب ميدان ڏانهن ويو. ڏسي ته نجومي منهن متو پٽي رهيا آهن. پڇيائين ته، "ڇو؟" جواب ڏنائون، ته "جنهن ٻار جي سرجڻ کي روڪڻ لاءِ بادشاهه هيتري ڪوشش ڪئي هئي، سو ماءُ جي پيٽ ۾ اڄ رات سرجي چڪو آهي. اجهو هيءُ تارو ان جي نشاني آهي." عمران نجومين سان گڏجي متو پٽيندو فرعون وٽ آيو ۽ فرعون جي اڳيان سيني کان وڏيڪ روڄ راڙو ڪيائين، ڇي هاءِ ارمان! اسان جي شهنشاهه جي سر جو دشمن ماءُ جي پيٽ ۾ سرجي ويو! خبر نه آهي، ته بني اسرائيلن مان ڪهڙي نامراد چور اها خيانت ڪئي آهي؟ جيڪڏهن اسان کي ان جو اڄ ئي پتو پوي ته جيڪر جنازون رلائي ڇڏيونس، اي شهنشاهه سلامت! اوهين ڪوبه فڪر نه ڪريو، هي نوئي مهينا اهڙي چوڪسي رکنداسون، جو ڪوبه نئون ڇاول ٻار سلامت نه رهي سگهندو."

هوڏانهن وري فرعون سيني اسرائيلن کي سخت ڌمڪايو ۽ دڙڪا تاب ڪيا، ته اوهان ۾ ضرور ڪو اهڙو نالائق آهي، جو ميدان مان ڪنهن طرح چورن وانگر ڀڄي پنهنجي گهران وڃي ٿي آيو آهي. جيڪڏهن اهو چور عيال سميت نون مهينن جي اندر مون کي نه پڪڙي ڏيندؤ، ته اوهان سيني جون زبانون وڍائيندس ۽ اوهان جا ٻچا جيئري آگ ۾ جلائيندس."...

## نصيحت- خدا جي ڪئي کي انسان ڇا روڪي سگهندو

بر قضا هر کوشبی خون آورد
سرنگون آید سر خود را خورد

(جو شخص خدائي قضا تي حملو ڪندو، سو ضرور ڪنڌ ڀر ڪرندو ۽ پنهن سر وڃائيندو.) حضرت موسيٰ جو پيدا ٿيڻ ۽ نبوت جو درجو ماڻڻ هڪڙو خدائي فيصلو هو. ان ۾ فرعون اٽڪاءُ ٿي وڌا، سو جڻڪ خدا تعاليٰ سان مقابلو ٿي ڪيائين، تنهن ڪري ئي پاڻ تباهه ۽ برباد ٿيو.

مڪان جي محتاج شيءِ (انسان) لامڪان (خدا تعاليٰ) سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقابلو ڪندي ته پاڻ کي هٿ وٺي برباد ڪندي. زمين جيڪڏهن آسمان سان دشمني وجهندي، ته برسات لاءِ سڪندي ۽ ڪلراٺي ۽ غيرآباد رهندي، جو سندس لاءِ موت آهي. نقش پنهنجي نقاش سان منهن اٽڪائيندو ته پرزا پرزا ٿيو پيو هوندو."

... نو مهينا گذري ويا ته فرعون کي ڪوبه چور هٿ ڪونه آيو. حڪم ڏنائين ته بني اسرائيلين جون جيڪي به زالون تازيون چٽل هجن، سي پنهنجن ٻارن سميت ميدان ۾ هلي گڏ ٿين. پر سال مردن کي انعام اڪرام ڏنا ويا هئا، پر هن سال وري زالن کي انعام اڪرامن سان نوازيو ويندو." عمران کان سواءِ ٻيا سڀ بني اسرائيل فرعون جي بي قراريءَ کان غير واقف هئا. انهن ڀانيو ته جيئن اسان کي پر سال انعام مليا هئا، تيئن هن سال وري زالن کي انعام ملندا، تنهن ڪري سيني پنهنجيون تازيون چٽل زالون ٻارڙن سميت ميدان ۾ موڪلي ڏنيون. مگر عمران کي خبر هئي، ته زالن کي ميدان ۾ انهيءَ لاءِ گڏ ڪيو ويو آهي، ته، جن زالن کي پٽ هجن، تن جا پٽ قتل ڪرايا وڃن، تنهن ڪري عمران پنهنجي تازي چٽل زال کي پٽ سميت گهر ۾ رهائي ڇڏيو.

فرعون بني اسرائيلن جي زالن جا سڀ پٽ ميدان ۾ قتل ڪرائي ڇڏيا پوءِ جاسوس ديوان شهر ۾ پکيڙيائين ته بني اسرائيلن جي گهر گهر ۾ جاچ ڪن، ته متان ڪا تازي چٽل زال گهر ۾ رهجي ويئي هجي. دائيءَ کان دن ڳجهو رهٺو ئي نه آهي، داين جاچ بعد فرعون کي وڃي اطلاع ڏنو، ته "عمران جي زال ننڍڙي پٽ سميت گهر ۾ رهيل آهي ۽ ميدان ۾ نه ويئي آهي." (عمران اڳيئي زال کي سمجهائي ڇڏيو هو، ته "جيڪڏهن بادشاه جا سپاهي گهر ۾ گهڙي اچن، ته تون بي ڌڙڪ چوڪر کي ٻرندڙ باهه ۾ ڦٽو ڪري ڇڏج. پڪ ڄاڻج ته ان کي ڪو اهنج ايذاءُ ٿيڻو نه آهي." فرعون هڪدم سپاهي موڪليا. سپاهين گهر ۾ پير وڌو تنهن کان اڳ عمران جي زال پنهنجي مڙس جي هدايت موجب ٻارڙي کي ٻرندڙ تنور ۾ اڇلي ڇڏيو. سپاهي سڄو گهر اٿلائي هليا ويا ۽ فرعون کي وڃي اطلاع ڏنائون، ته جاسوس داين ڪوڙ ڳالهايو آهي. عمران جي گهر ۾ ڪوبه ٻار ڪونهي. فرعون سپاهين کي وري موڪليو ته وڃي چڱيءَ طرح پٽيون، دريون، ڪٻٽ ۽ ٿانءَ ٿپا جاچي اچو.

اتي ٻارڙي (حضرت موسيٰ) جي ماءُ کي خدائي الهام ٿيو ته "ٻارڙي کي وڃي نيل نديءَ ۾ وجهي اچ. اهو ٻارڙو سلامت تو کي ملڻو آهي." حضرت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موسيٰ جي ماءُ امالڪ خدا جي ڀروسي تي ٻارڙي کي نيل نديءَ ۾ وجهي پاڻ اچي گهر ۾ ويهي رهي.*

**نصيحت:**

”جيڪي ڳالهيون (مثلا مڪر، حيلو، غرور، عداوت جو مادو، غفلت وغيره) فرعون ۾ هيون، سي سڀ تو ۾ به آهن، پر تنهنجي اوگڻن جو اوهڙ نانگ (يعني نفس امارو ڪمزوري ۽ مجبوريءَ سببان) کوهہ ۾ قيد آهي.“ افسوس! اهي سڀ احوال جيڪي فرعون بابت بيان ٿيل آهن، سي خود تنهنجا احوال آهن. تون اهي فقط فرعون تي مڙهيو وينو آهين. جيڪڏهين اهي سڀ احوال ذري پرذي بيان ڪجن، ته تون جيڪر گهٻرائجي وڃين، پر جيڪڏهين اهي سڀ احوال ڪنهن ٻئي جي نسبت هوندا، تنهنجي لاءِ هڪڙي دلچسپ آکاڻي بنجي پوندي نفس پليت توکي ڪيتري قدر خراب ڪري رهيو آهي ۽ هيءُ ندورو همراهہ توکي هدايت جي واٽ کان نهايت پري وٺيو پيو وڃي. اهي اخلاقي ۽ روحاني گهٽتاين جا زخم خود تنهنجي نفس ۾ آهن، پر تون پنهنجي جهالت جي اڳيان مغلوب هئڻ ڪري اهي محسوس ڪري نٿو سگهين. تنهنجي نفس اماره جي باه (شهوت) لاءِ ٻارڻ (ٻرڻ جو سامان) موجود نه آهي، نه ته جيڪر اها چڳيءَ طرح ڀڙڪا ڪري ها، ڇاڪاڻ جو فرعون وانگر تو کي مال، درجي ۽ اختيارين جي مدد حاصل نه آهي، تنهن ڪري دٻي پيئي آهي. تنهنجي نفس جي چلهي لاءِ اهو چلهو جلد ڇيون ڪري ٻري نه ته جيڪر تنهنجو نفس به فرعون وارا سڀ ڪم ڪري ڏيکاري.

* نوٽ- مولانا رومي عليہ الرحمه حضرت موسيٰ عليہ السلام جي ننڍپڻ جو قصو آتي ڇڏي ڏنو آهي ۽ اڳتي پنهنجي روحاني نصيحت ۽ ٻئي مضمون کي شروع ڪيو اٿس. اهو ٻارڙو (حضرت موسيٰ) وري ڪيئن درياه مان نڪتو ۽ ماءُ کي مليو ۽ ڪيئن پرورش پاتائين، سو سڄو سربستو احوال ڪتاب ”قصص القرآن“ شايع ڪيل سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي مان پڙهي معلوم ڪري سگهو ٿا. قرآن جي سورة ”قصص“ ۾ به سربستو بيان ٿيل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## انين آڪاٽي
## هڪڙو جوڳي ۽ اڏ مئل نانگ

توهان کي خبر آهي ته جوڳي نانگ پڪڙي سانديو ۽ ماڻهن کي ڏيکاري پنهنجو پيٽ قوت ڪندا آهن. هنن جي گذران جو اهو ذريعو آهي، تنهن ڪري جوڳي ڪنهن جبل تي نانگ منڊي هٿ ڪرڻ لاءِ ويو. سياري جي موسم هئي ۽ جبل تي برف پئي پيئي. سياري ۾ وڏا نانگ هٿ اچي سگهندا آهن، تنهن ڪري هن جي مرضي هئي ته ڪو وڏي ۾ وڏو ۽ سٺي ۾ سٺو نانگ هٿ ڪريان...

**نصيحت- جو ڳوليندو سو لهندو**

"ڪو انسان ڪنهن شيءِ جي ڳولا ۾ هوريان هلندو يا تڪڙو هلندو، ته به ضرور اها شيءِ وڃي هٿ ڪندو. اي انسان! تون به خدا تعاليٰ جي ڳولا ۾ پنهنجا هٿ پير هلاءِ. جيڪڏهن منڊو ٽنڊو هجين ته به پيٽ پير سرندو به ان جي ڳولا ۾ هلندو رهه. زبان ۽ دل سان ان جي تلاش ۾ مشغول رهه. سڀ ڪا تڪليف راحت حاصل ڪرڻ لاءِ ونبي آهي. حق جي ڳولا ۾ تون جيڪا به تڪليف وٺندين، سا ڪڏهن به زائگان نه وڃڻي آهي.

... جوڳيءَ کي هڪڙو اهڙو وڏو نانگ مئل نظر آيو جنهن جي شڪل ڏسي هو پاڻ ڏڄي ويو. نانگ هو تمام وڏو ۽ عبرت جهڙو، تنهن ڪري جوڳيءَ خيال ڪيو، ته اهو مئل نانگ به ماڻهو حيرت سان ڏسندا ۽ منهنجا چار پئسا پيدا ٿي پوندا. تنهن ڪري جوڳي ان نانگ کي رسو ٻڌي گهلي بغداد جي شهر ۾ آيو ۽ ڪنهن وسندڙ چونڪ ۾ نانگ کي رکي بيهي ڍولڪ وڄائڻ لڳو، ته "هي ٽنب جهڙو مئل نانگ تمام گهڻي جفاڪشي ۽ تڪليف کان پوءِ هٿ ڪري توهان کي ڏيکارڻ لاءِ کڻي آيو آهيان. قدر ڪري تماشبين ڪو پيسو پيسو ڪري ڏيوم." حقيقت ڪري اهو نانگ رڳو سرديءَ جو سڪايل ۽ ساٿو ٿيل هو جوڳيءَ غلطيءَ کان ان کي مئل سمجهيو هو...

## نصيحت- دنيا ۾ ڪا بہ شيءِ مئل نہ سمجھہ

عالم افسرده و نام او جماد

جامد افسرده بود ای اوستاد

(اھڙيءَ طرح دنيا ۽ دنيا ۾ جيڪي بہ شيون آھن سي جيئريون آھن، مگر ساڻيون تيون پيون آھن. تنھن ڪري ظاھر ۾ جيتوڻيڪ اھي اڻ چرندڙ معلوم پيون ٿين ۽ انھن کي "جماد" (اڻ چرندڙ) سڏيو وڃي ٿو، تہ بہ اي استاد (اي علم فلسفہ جا دعويدار!) پڪ ڄاڻ تہ جا شيءِ "جامد (جماد)" آھي، سا فقط ساڻي ٿيل آھي، پر بي جان نہ آھي.

ھن دنيا جو "ظاھر" ساڻو ٿيل آھي، پر سندس "باطن" زنده آھي. روحاني عالم جي نظر سڀ ڪنھن شيءِ کي زنده ڏسي ٿي. الله تعاليٰ جو پاڪ فرمودو اھي، تہ

"وان من شيءِ الا يسبح بحمده ولا کن لا تفقھون تسبيحھم (اي انسانو! ڪا بہ شيءِ نہ آھي. جا الله تعاليٰ جي تعريف ڪندي ان جي پاڪائي نہ ساراھيندي ھجي، پر اوھين انھن جي پڙھڻي سمجھي نٿا سگھو" جيڪڏھن انھي ڳالھ تي اوھان کي ويساه نٿو اچي، تہ ترسو، جڏھن قيامت جو سج اوھان جي اڳيان ايرندو، تڏھن اوھان کي دنيا جي ھر ھڪ شيءِ جي حرڪت نظر ايندي." تون جبل کي ھڪ ھنڌ ڄميل سمجھين ٿو پر قيامت جي ڏينھن اھو توکي ڪڪر وانگر ھلندو نظر ايندو (سورت نمل ع ٧)" جڏھن حضرت موسيٰ عليہ السلام جي "عصا" (لٺ) فرعون جي جادوگرن جي مقابلي وقت نانگ بنجي پيئي ھئي، تڏھن عقل کي سبق ملي چڪو، تہ جمادات جو باطن زنده اھي. مئل انسان بہ ھن دنيا جي نظر ۾ مئل آھن، پر ھن دنيا ۾ زنده آھن، انسان چپ چاپ ۾ آھن، پر ھوڏانھن (عالم ارواح ۾ ڳالھائيندڙ آھن. واءُ پاڻي، باه، جبل، چنڊ، پٿر، تنب نبين سڳورن کي اھڙيءَ طرح فرمانبرداريءَ سان ڪم ڏنا آھن، جھڙيءَ طرح ڪو انسان ٻئي انسان کي ڏئي جيستائين انسان ظاھري حواسن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جون حدون نہ ڇڏيندو، تيستائين هن کي باطني تصويرون ڪيئن نظر اينديون؟

... انهي جوڳيءَ بغداد شهر ۾ دجلہ نديءَ جي ڪناري تي پڙ ڪٽي ناهيو ۽ تلهو ٽنب جهڙو نانگ ڪٽي وچ ۾ رکيائين. سڄي شهر ۾ غلغلو مچي ويو تہ هڪڙو جوڳي اهڙو وڏو ۽ عجيب نانگ شڪار ڪري آيو آهي جنهن جيڏو ۽ جهڙو نانگ هن کان اڳ ڪنهن بني بشر بہ نہ ڏٺو هوندو.

هزارين بيوقوف تماشبين اچي گڏ ٿيا. ايئن جوڳي جي لافن جو شڪار بنجي پيا، جيئن جوڳي پئسن جي طلب جو شڪار بنجي چڪو هو....

## نصيحت- انسان کي اندر جا نانگ مارڻ گهرجن

جوڳي ماڻهن کي عجب ۾ وجهڻ ۽ انهن کان پئسن وصول ڪرڻ لاءِ نانگ پڪڙيو اچن ٿا، پر خلق جي ناداني تہ ڏسو، جو پنهنجا ڪم ڪاريون ڇڏيو، نانگ ڏسڻ لاءِ اچيو ٿا گڏ ٿين! انسان خود هڪڙو جبل آهي، جنهن ۾ طرح طرح جا اعمال ۽ افعال نانگن، وڇن، شينهن، بگهڙن ۽ ٻين چڱن بڇڙن جانورن مثل موجود آهن، پوءِ هڪڙي نانگ جي تماشي تي چريو بنجي ڪهڙي نہ حماقت چئبي. انسانيت اها آهي جو اندر جا نانگ (نفس اماره) ماري مطيع ڪريون.

ماڻهو نانگ جي ڏسڻ لاءِ اچي حلقو ٻڌي بيٺا. جيئن ڪنهن مُنهن تي ڊاک جي ول وڪڙ ٻڌندي آهي، يا ڪنهن مذهبي پيشوا جي هدايتن ٻڌڻ لاءِ ان کي خلق قري بيهندي آهي. خلق کي اهوئي انتظار هو، تہ جوڳي نانگ تان ٽپڙ لاهي، تہ ان جو ديدار ڪريون ۽ جوڳيءَ کي اهوئي انتظار هو، تہ اجا بہ خلق گهٽي گڏ ٿئي، تہ منهنجا چار پئسا وڌيڪ وصول ٿين. مرد زالون ۽ ٻار ايئن اچي ڪنا ٿيا هئا، جو ڄڻڪ قيامت جي ميدان ۾ جنس جي تفاوت کان سواءِ مرد، زالون، ٻديا ٻار همرانگ تي بيٺا آهن.

سرديءَ ۾ ساٽي ٿيل نانگ کي هڪڙي پاسي ٿڌي جبل تان لاهي خشڪ زمين تي گهيلو ويو هو، ٻئي پاسي بغداد شهر جو تکو تڙڪو مٿس پيو هو، تيون جوڳي مٿانئس تلها ٽپڙ وجهي ڪيس ڍڪي ڇڏيو هو، تہ ٻيل تماشائن جو انتظار وڌي ۽ چوڌارين پاسي وري حو خلق جو غوغاءُ ۽ گوڙ اچي متو هو، تنهن ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناڻگ جي بدن مان سرديءَ جو اثر صفا نڪري ويو هو، ۽ هو جن نوڙين ۾ ٻڌل هو. سي ڇڄي پٽ ۾ ٻيهي ڪر ڪٽي ڦوڪون ڏيڻ لڳو. گڏ ٿيل تماشائن ۾ اچي خوف ۽ حراس پيدا ٿيو، سي جئن انڌي زور ڪري ڀڳا، تين هزارين ماڻهو چيڀجي مري ويا. ناڻگ اول ته جوڳي کي ڳڙڪائي ويو ۽ پرسان بيٺل وڻ جي ٿڙ سان هڪڙو پيچ پاتائين، ته جوڳيءَ جون هڏيون به سندس پيٽ ۾ ڀڳي ويون. وري انهيءَ آرهڙ ناڻگ شهر جو پاسو ورتي جبل ڏانهن منهن ڪيو، ته شهر ۾ به هٽ تاڙ ٿي ويئي.

## نصيحت- نفس به خطرناڪ ارهڙ نانگ آهي

اي غافل انسان! تنهنجو نفس به ارهڙ نانگ آهي. مگر ان جي خاموشيءَ مان ان کي مئل متان سمجهين، هو مئل ڪٿي؟ فقط هو سفاڪيءَ جو سامان ميسر نه هئڻ ڪري غم ۾ ساٽو ٿيل آهي. جيڪڏهين ان کي فرعون جهڙا سامان ملي وڃن ته هي نفس اها بلا اٿيئي جا جيڪر نئين سر فرعونيت جو بنياد اچي وجهي ۽ سوين موسيٰ ۽ هارون جهڙا حق جي تبليغ کان روڪي وجهي. اهو نفس مسڪينيءَ جي برف ۾ ساٽو ٿيل چڱو آهي. هن کي عراق جي سج جي گرمي نه پساءِ جيڪڏهن تنهنجي نفس جي ساٽائي لهي ويئي، ته ان جو پهريون لقمو تون ٿيندين. جنهن کي پنهنجي نفس مات ڪرڻ جي پهچ نه آهي، تنهن کي ڪپي ته ڪو موسيٰ (ڪامل مرشد) هٿ ڪري، جنهن کي انهيءَ ارهڙ نانگ کي مطيع ڪرڻ جا رستا چڱيءَ طرح ايندا هجن.

# نائين آکاڻي

## فرعون ۽ حضرت موسيٰ جي گفتگو

جڏهن فرعون پنهنجا جادوگر حضرت موسيٰ جي مقابلي لاءِ ميدان ۾ آندا هئا ۽ فرعون جي جادوگرن جيڪي جادوءَ جا نانگ بلائون پکيڙيا هئا، تن سيني کي حضرت موسيٰ جي عصا (لٺ) نانگ بنجي ڳيهي ويئي هئي. تڏهن حضرت موسيٰ جي عصا مان بنيل نانگ جي هيبت ڏسي تماشائي خوف کان اٿي ڀڳا ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هزارين ماڻهو اهڙي طرح لتاڙجي چيچجي مري ويا هئا، جهڙيءَ طرح مٿي بغداد جي جوڳيءَ جي تماشي بابت مثال ڏنو ويو آهي. انهيءَ ڪري فرعون ۾ حضرت موسيٰ سان هيٺينءَ ريت سوال جواب ڪيا هئا:

فرعون- اي موسيٰ! هيتري ساري خلق تنهنجي عصا سان ارهڙ نانگ بڻجڻ ڪري خوف کان وٺي ڀڄي ۽ هزارين ماڻهو چيچجي مري ويا، تنهن جي نتيجي جو ڪو ويچار ڪيو اٿيئي؟ هونءَ ته تو خلق کي دين جي دعوت ڏيئي پنهنجي طرف پئي سڏيو، پر هاڻي ته ساري خلق تنهنجي دشمن بنجي پيئي آهي. آءٌ تنهنجي ارهڙ نانگ جي خوف کان هيڪر ڪنهن مصلحت سبب ڀڄي ويو هوس، پر تنهنجو مقابلو ڇڏي ڏيڻو نه اٿم. مون وٽ تنهنجي لاءِ مصالحو پيو تيار ٿئي. تون دل نه وڏائج. ته بس تو خلق کي هيڪر ڊيڄاريو آهي، ننهن ڪري هاڻي تون وڃي سڪ سمهنديين! ڏس ته توکي ڪهڙو هلاڪ ٿا ڪريون.

حضرت موسي: مون کي خدا تعاليٰ جي ڪاروبار ۾ شراڪت ڪرڻ جي ڪا دعوا نه آهي. جيڪڏهن قضا (خدا تعاليٰ جو حڪم) مون کي فنا ڪندي، ته به اعتراض ڪونه وٺندس. آءٌ انهيءَ ڳالهه ۾ به راضي ۽ شاڪر آهيان. اوهان جي نظر ۾ ڪٿي خوار ليکبس پر خدا تعاليٰ وٽ مان مهت ماڻيندس اي فرعون! خدا تعاليٰ وٽ سندس نيڪ ٻانهن جي ئي عزت آهي ۽ نه حق جي منڪرن جي.

فرعون- اي موسيٰ! سارو جهان مون کي پنهنجو خدا ڪري پيو مڃي. مگر هڪڙو تون مون کي خدا ڪري مڃڻ کان انڪار ٿو ڪرين هاڻي ترس ته آءٌ پنهنجا وڏا وڏا جادوگر گهرائي تنهنجي خبر ٿو وٺان. هينئر هتان هليو وڃ. چاليهين ڏينهن تنهنجي ۽ اسان جي صفائي ٿيندي.

حضرت موسيٰ- مون کي اهڙي مهلت ڏيڻ لاءِ خدا تعاليٰ جو حڪم نه آهي. آءٌ هينئر ئي مقابلي لاءِ تيار آهيان. ظاهر ۾ تون جبرو ۽ غالب آهين ۽ آءٌ اڪيلي سر آهيان، پر آءٌ پنهنجي پروردگار جي حڪم جو بندو آهيان. مون کي پنهنجي اڪيلائيءَ جي ڪابه پرواهه ڪانهي. جيسين سسيءَ ۾ ساهه اٿم، تيسين توسان چوٽون کائيندو رهندس. مون کي فتحيابيءَ جي طلب ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪونهي. آءٌ خدا تعاليٰ جي حڪم سان ٻڌل آهيان. جيئن آتان حڪم ملندو رهندم تيئن تعميل ڪندو رهندس.

فرعون- نه نه، بهانا ٿا ڪر، توکي ضرور چاليهه ڏينهن مهلت ڏيڻي آهي. (ايتري ۾ حضرت موسيٰ کي حق تعاليٰ جي طرفان الهام آيو، ته "اي موسيٰ! تون فرعون کي ڀل چاليهه ڏينهن مهلت ڏي. ڇڏي ڏئينس، جيڪا تياري ڪرڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجيس، سا پـل ڪري.“)

حضرت موسيٰ- مون کي خدا تعاليٰ جي طرفان مهلت ڏيڻ جو حڪم اچي ويو آهي. هاڻي توکي چاليهه ڏينهن مهلت آهي. ايئن چئي حضرت موسيٰ اتي هليو ۽ سندس عصا (لٺ) هيبتناڪ ارهڙ نانگ جي صورت ۾ گوڙ ڪندي گجي چندبندي ڏند ڪرٽيندي پي آئي. جڏهن حضرت موسيٰ پنهنجي قبيلي ۾ پهتو، تڏهن اهو نانگ وري ساڳي لٺ جي لٺ ٿي پيئي.

فرعون پنهنجي وزير هامان جي صلاح موجب جدا جدا شهرن مان نامور جادوگر گهرائي ورتا ۽ هنن کي چوائي موڪليو هئائين، ته موسيٰ وٽ فقط هڪڙي لٺ آهي، جا ارهڙ نانگ بنجيو ٿي پوي، جنهن جي هيبت هتي ڪوبہ جهليو نٿو سگهي. جيڪو جادوگر انهيءَ لٺ جو ڪر پڇندو، تنهن کي نوازشن ۽ انعامن اڪرامن سان ڍائي ڇڏبو.

ٻہ هڪڙا جادوگر هئا، تن پنهنجي پيءُ جي قبر تي جاڳي ان کان هدايت ورتي، تہ انهيءَ لٺ سان مقابلو ڪريون يا نہ ڪريون. سندس پيءُ خواب ۾ هنن کي هدايت ڪئي تہ ”جيڪڏهين اها لٺ موسيٰ جي ننڊ ۾ هئڻ وقت اوهين چورائي سگهو، تہ پوءِ سمجهجو تہ هو بہ اوهان جهڙو جادوگر آهي ۽ بيشڪ ساڻس مقابلو ڪجو. پر جيڪڏهين اها لٺ چورائي نہ سگهو، تہ پوءِ ان کي خدا جو پيغمبر ڪري ڄاڻجو ۽ نہ جادوگر. انهيءَ صورت ۾ ساڻس مقابلو متان ڪريو، ڇاڪاڻ جو جادوگر جي ڪنهن بہ هٿيار ۾ سمهڻ کان پوءِ ڪا سگهہ رهڻي نہ آهي، پر پيغمبر جي هر هڪ هٿيار ۾ سمهڻ کان پوءِ بہ سگهہ قائم رهي ٿي.“

اهي ٻئي جادوگر مصر ۾ آيا. حضرت موسيٰ کي هڪڙيءَ ڪجيءَ هيٺ سمهيل ۽ لٺ سيرانديءَ کان پيل ڏسي لٺ چورائڻ جي ڪوشش ڪيائون، تہ لٺ ارهڙ نانگ جي صورت ۾ انهن جي پٺيان ڪاهي پيئي ۽ انهن ڊوڙي ڏڪا ڏرما کائي جند ڇڏائي ۽ پوءِ حضرت موسيٰ کان گهڻيءَ عاجزيءَ سان معافي اچي ورتائون.

مقرر ٿيل ڏينهن تي فرعون هزارين جادوگر گڏ ڪيا ۽ هنن کي وڏا قيمتي انعام ڏنائين ۽ ٻين انعامن جا انجام ڪيائين. جادوگر بہ ڇاتي ٺوڪي فرعون کي خاطري ڏيڻ لڳا، تہ انهيءَ موسيٰ ۽ سندس لٺ کي جهٽ ڪري ٿا وٺون. جڏهن ميدان ۾ آيا، تڏهن ڇيهہ ڇڇي پئي ۽ فرعون جي ڏسنديئي اهي سڀ جادوگر حضرت موسيٰ جي اڳيان گوڏا ڀڃي اچي ويٺا ۽ ڪلمو پڙهي ان جا سچا مريد ٿي پيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نصيحت- موسيٰ ۽ فرعون تو ۾ موجود آهن!

موسـی و فـرعـون در هـستـی تـست

بايد اين دو خصم رادر خويش جست

(اي انسان! حضرت موسيٰ توڙي فرعون ٻئي تنهنجي وجود ۾ موجود آهن. اهي ٻئي مخالف هستيون توکي پنهنجي اندر ۾ ڳولڻ گهرجن.) تنهنجو روح حضرت موسيٰ آهي. نفس فرعون آهي. "آخروي عقل" حضرت موسيٰ جو ڀاءُ حضرت هارون آهي قرآن شريف "عصا" (لٺ) اتيئي ۽ "نور توحيد"، "يدبيضا" اتيئي.* گناهه ۽ خرابي جا خيال جادوگر اتيئي. جيڪڏهن تون "موسيٰ روح" جي تابعداري ڪندين ۽ "هارون عقل" جي صلاح تي هلندين، "عصاءِ قرآن" ۽ "نور توحيد جي يدبيضا" کي برحق ڄاڻندين ۽ "فرعون نفس کي ڏڪاريندو رهندين "دنيوي عقل هامان" جي صلاح وٺڻ کان پري رهندين، گناهه ۽ خرابي جي خيالن کان دل کي پاڪ رکندين، ته پوءِ بيشڪ توکي خدا تعاليٰ جو وصال حاصل ٿيندو، ٻيءَ صورت ۾ نه دين جو رهندين ۽ نه دنيا جو. حضرت موسيٰ وارو نور قيامت تائين سلسلہ وار قائم رهڻو ئي آهي. ڏيا ڀل ڪٿي ٻيا هجن، ته به سوجهرو ساڳيو هليو اچڻو آهي.

حضرت موسيٰ جي نقش قدم تي هلڻ وارا وليءَ اڄ تائين دنيا ۾ موجود آهن ۽ قيامت تائين موجود رهندا. تون جيڪڏهين فقط سوجهري جو خيال رکندين، ۽ نه شمعدان جي جسم ۽ شڪل تي نظر رکندين، ته ڪڏهن به گمراه نه ٿيندين، پر جيڪڏهين سوجهري جو خيال ڇڏي شمعدانن جي عدد ۽ شڪلين تي نظر ڪندين ته ڪڏهين به سنئي واٽ هٿ نه ايندءِ. هي جي مومنن، يهودين، آتش پرستن وغيره جي وچ ۾ هيترا تڪرار ۽ جهيڙا ڏسين ٿو، سي فقط شمعدانن

---

* يدبيضا يعني اڇو هٿ. حضرت موسيٰ پنهنجو هٿ ڇاتيءَ تان گهمائي ٻاهر ڪڍندو هو، ته ائين سج وانگر چمڪندو هو، جو ان ڏانهن ڪو نهاري به نه سگهندو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي عددن ۾ شڪلين تي ناز ڪرڻ ڪري تي رهيا آهن، نہ تہ "حق ۾ "حقيقت" هڪ ئي آهي.

**تمثيل- اونداهيءَ رات ۾ هاٿيءَ جو شڪار بابت عليحدا رايا:**

ڪن ماڻهن هڪڙيءَ اونداهيءَ ڪوٺيءَ ۾ هڪڙو هاٿي آڻي بيهاريو. هاٿي اڳيئي ڪارو، ٻيو وري ڪوٺي اهڙي اونداهي هئي، جنهن ۾ انسان جي اک ڪوبہ ڪم ڏيئي نٿي سگهي. تنهن هوندي بہ ڪيترائي ماڻهو هاٿيءَ کي ڏسڻ آيا. هاٿيءَ جي شڪل پروڙڻ لاءِ سڀ ڪو ڏسندڙ هٿ گهمائڻ لڳو. هڪڙي ماڻهو جو هٿ وڃي هاٿيءَ جي سونڊ تي پيو، سو چوڻ لڳو تہ هاٿي جي شڪل اهڙي آهي، جهڙو نارُو- ٻئين جو هٿ هاٿيءَ جي ڪن تي وڃي پيو، سو چوڻ لڳو تہ هاٿي جي شڪل اهڙي آهي جهڙو وڃڻو. ٽئين جو هٿ هاٿيءَ جي ٽنگ تي وڃي پيو، سو چوڻ لڳو تہ هاٿي جي شڪل اهڙي آهي جهڙي ٿنڀ جي. چوٿين جو هٿ هاٿيءَ جي پٺيءَ تي وڃي پيو، سو چوڻ لڳو، تہ هاٿيءَ جي شڪل اهڙي آهي جهڙو تخت. هڪڙي جو هٿ هاٿيءَ جي ڪن تي پيو سوچڻ لڳو هاٿي جي شڪل اهڙي آهي جهڙوڪ ڪو وڏو وڃڻو اهڙيءَ طرح هاٿيءَ جي جدا جدا عضون تي هٿ گهمائڻ وارن هاٿيءَ جي شڪل جدا جدا نموني سان بيان ڪئي. حقيقت ڪري هاٿي هڪڙو ئي هو، پر روشني نہ هئڻ ڪري ڪنهن سڏيس "نارُو"، تہ ڪنهن سڏيس "وڃڻو"، ڪنهن سڏيس "ٿنڀ" تہ ڪنهن سڏيس "تخت".

**نصيحت- انسان کي اندر جو سوجهرو گهرجي**

انسان جون ظاهري اکيون روحانيت جي رستي ۾ اهڙيون آهن، جهڙو اونداهي ڪوٺيءَ ۾ هاٿيءَ جي شڪل جاچيندڙ هٿ. درياءَ ٻي شيءِ آهي ۽ ان جي ڇولين کان جاگجي ٿئي ٿي، سا ٻي شي آهي. گجيءَ کي درياءَ نہ سمجهہ. گجي ڦٽي ڪر ۽ اصل درياءَ کي نظر ۾ رک. ڪسيءَ جو پاڻي ڏسين ٿو، سو درياءَ جو جزو آهي. اهڙيءَ طرح تو ۾ جو روح آهي، سو اعليٰ روح (حق تعاليٰ) جو جزو آهي. تون پنهنجو اندر معرفت جي روشنيءَ سان روشن ڪر ۽ جسماني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعلقات جي پرواهہ نہ ڪر، تہ روحاني دنيا ۾ داخل ٿيڻ ۽ حقيقتن جا حيرت انگيز رنگ پسين. وچ ۾ جيڪي ڪچا ميوا هوندا آهن، سي سخت ڇهتيل هوندا آهن ۽ پڪل ميوا ٿوري ڇڪ سان ڇڄي پوندا آهن. هي دنيا هڪڙو وڻ آهي ۽ اسين ان جا ميوا آهيون، اسان مان جيڪي اڃا خام ۽ ڪچا آهن، سي ئي دنيا کي مضبوط هٿ وجهي چنبڙيا رهن ٿا، پر جيڪي پڪا ۽ روشندل شخص آهن، سي دنيا سان تعلق ٽوڙڻ ۾ ويرم ئي ڪانہ ٿا ڪن. جنهن کي حقاني محبت جو ميناج نصيتب ٿئي ٿو، تنهن کي دنيا جي هر هڪ لذت ڦڪي ۽ بي سواد پيئي لڳندي. هو ڪڏهن بہ دنيا جي ڪنهن ڦند ۾ نہ ڦاسندو. حقاني محبت جو جيڪو مزو ماڻين، تنهن بابت ڪڏهين بہ ڏاڙ يا ٻتاڪ نہ هڻج. پر بارگير ٿي دم جهل نہ تنهنجو روح رڇي راس ٿئي.

## ذهين آڪاٽي

## حضرت نوح عليہ السلام ۽ ان جو ٻي ڇيو پٽ

حضرت نوح عليہ السلام جڏهين ٻيڙيءَ ۾ پنهنجو عيال ۽ پنهنجا فرمانبردار اُمتي ٿي چاڙهيا، تڏهين پنهنجي هڪڙي پٽ ڪنعان کي بہ چيائين تہ "پٽ! تون بہ اچي ٻيڙيءَ ۾ چڙهہ، ڇاڪاڻ جو خدائي غضب ٻوڏ جي صورت ۾ زمين تي نازل ٿيڻو آهي، جنهن ۾ سڀ گنهگار ۽ نافرمان ناس ٿي ويندا آهن، فقط منهنجي ٻيڙيءَ ۾ چڙهيل انسان ۽ حيوان سلامت رهندا."

ٻي ڇيو ڪنعان پنهنجي پيءُ کي چوڻ لڳو، تہ مون کي تنهنجي ٻيڙيءَ جي پرواهہ نہ آهي، گهڻيئي وڏا وڏا جبل بيٺا آهن، انهن تي چڙهي ويندس."

حضرت نوح پنهنجي پٽ کي گهڻيئي نصيحتون ڏنيون، پر ان تي ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيو. نتيجو اهو نڪتو، جو حضرت نوح پنهنجي ٻئي عيال ۽ فرمانبردار امتين سميت ٻيڙيءَ ۾ چڙهيو ۽ طوفان لڳڻ تي، ٻيڙي سلامتيءَ سان پاڻيءَ تي ترندي رهي، مگر ڪنعان ٻين حق جي منڪرن سان گڏ طوفان ۾ غرق ٿي ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حضرت نوح پوءِ خدا تعاليٰ کي عرض ڪيو، تہ "اي بي پرواہ بادشاہ! ڪنعنان منهنجو پٽ هو، تنهن کي تون غرق ٿيڻ کان بچائين ها تہ بهتر هو."

حق تعاليٰ فرمايس، تہ "اي نوح! ڪنعان تنهنجي ڪٽنب منجهان ئي نہ هو، ڇاڪاڻ جو انَ جا عمل چڱا نہ هئا. جنهن ڳالھ جي انت کان تون بي خبر آهين، تنهن ڳالھ بابت ڪو حجت ڀريو سوال نہ ڪر. تون اڃائيءَ ۽ ميرائيءَ جو تفاوت بہ صحيح ڪريو نٿو سگهين ڇا؟" حضرت نوح پنهنجي ڀل قبول ڪئي ۽ خدا جي ڪئي تي راضي رهڻ پنهنجو فرض سمجهيو.

**تمثيل- درد وارو حجتون اٿارڻ ڇڏي ڏيندو آهي:**

هڪڙي ماڻهو ٻئي کي ڪياڙيءَ وارو ٺونشو ٺهڪائي ڪڍيو. ٻئي بہ بدلي وٺڻ لاءِ حملو ڪيو، تنهن تي ٺونشي هڻڻ واري چيس، تہ منهنجي هڪڙي سوال جو جواب ڏي، پوءِ ڀل ٺونشي جو ٺونشو هڻيم. مهرباني ڪري مون کي ٻڌاءِ تہ مون جڏهين توکي ٺونشو هنيو، تڏهين ٺهڪو منهنجي هٿ ڪيو يا تنهنجي ڪياڙي ڪيو؟" ٻئي جواب ڏنس، تہ "مون کي سور وچان ايتري فرصت نہ آهي، جو تنهنجي سوال جو جواب جو ويچار ڪريان. توکي سور ڪونهي تنهن ڪري تون ئي انهيءَ سوال جي جواب جو ويچار ڪر."

**نصيحت- جيئن بي دردي تيئن فڪر گهڻا**

دردمندان را نباشد فکر غير

خواه در مسجد برو خواهی به دير

(درد وارن انسانن کي پنهنجي محبوب کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو فڪر نہ رهندو آهي خواہ ڪنهن مسجد ۾ وڃي جاچي ڏسين خواہ ڪنهن بتخاني ۾ (سڀ هنڌ توکي اهو نظارو نظر ايندو.) عبات خاني ۾ حق جو طالبو توڙي باطل جو طالبو توکي پنهنجي ڌن ۾ لڳل نظر ايندو. هن کي پنهنجي مطلوب کان سواءِ ٻئي پاسي ڌيان ڏيندو نہ ڏسندين. دل لڳيءَ جو اهو ئي شان آهي، پوءِ اها چڱائيءَ ۾ لڳل هجي خواہ مدائيءَ ۾، بي دردي توکي طرح طرح جي فڪرن ۽ خيالن ۾ پيئي لڳائيندي. جيڪو دل جي سچي درد وارو انسان هوندو، تنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي حقاني درد ڏاران ٻيو ڪوبہ درد دل ۾ رهڻو نہ آهي. هو خدا تعاليٰ جي حڪمن کي تعظيم سان پنهنجين اکين تي رکي ٿو ۽ پنهنجن ٻين خيالن کي پٺن تي اڇلايو ڇڏي ٿو. هميشہ بهتر ڳالهہ جي هٺ ڪرڻ لاءِ ڪمتر ڳالهہ کي ڇڏي ڏيڻ گهرجي.

**ڇو اصحابن سڳورن ۾ ڪوبہ قرآن جو حافظ نہ هو؟**

حضرت محمد ﷺ جن اصحابن ۾ ڪو ورلي قرآن شريف جو "حافظ" (جنهن کي قرآن برزبان ياد هجي) هو، جيتوڻيڪ اهي دل و جان سان قرآن شريف تي عاشق هوندا هئا. انهيءَ ڳالهہ جو سبب هيءُ هو، جو علم جو مغز (يعني معنائين ۽ اسرارن جي حاصلات) ترقي ڪري چڪو هو ۽ ان جو ٻاهريون پردو (لفظن ۽ اکرن جو اهتمام) گهٽجي ويو هو. عاشق کي معشوق جلائي ڪمزور ڪري ڇڏيندو آهي. جيئن جيئن ڪنهن ميوي جو مغز وڌندو ۽ پڪڙندو ويندو آهي، تيئن تيئن ان جي ٻاهرين کل ويندي آهي ڪمزور ٿيندي.

جيڪڏهن ڪنهن اصحابيءَ کي قرآن شريف جو چوٿون حصو ياد ٿيندو هو، تہ ٻيا اصحاب سڳورا ان کي چوندا هئا، تہ تون اسان کان گهڻو وڌي ويو آهين. انهيءَ جو اهو مطلب نہ هو تہ خدانخواستہ اصحابن جو حافظو ڪو گهٽ هو. پر حقيقت هيئن هئي، تہ جيڪڏهن ڪنهن اصحاب کي ڏهہ آيتون ملنديون هيون، تہ جيستائين انهن ڏهن آيتن جو مغز ۽ حقيقت چڱيءَ طرح ذهن نشين نہ ڪندو هو، تيسين اهو اڳتي نہ وڌندو هو، قرآن شريف جي لفظ لفظ جي گهري.معنيٰ سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ اصحابن جو شيوو هوندو هو.

**نصيحت- قرآن شريف جي معنيٰ تي خاص ڌيان ڏجي**

جيڪي ماڻهو قرآن شريف جي معنيٰ تي ويچار ڪرڻ کان سواءِ قرآن شريف پڙهن ٿا، سي جڻ قرآن شريف جون صندوقون آهن، جن ۾ فقط قرآن شريف جا لفظ ڍير ٿيل آهن. انهن جو پيار قرآن شريف سان اهڙو ڇئبو، جهڙو انڌي جو قرب لٺ سان. اهڙا لفظن سان پر


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيل ماڻهو دل جا انڌا ٿيندا، تنهن هوندي به انهن کان چڱا آهن، جي قرآن شريف پڙهن ٿي نٿا. ڪي قرآن شريف ته نه ٿا پڙهن پر واصل باالله آهن. جڏهن ڪو شخص پنهنجي محبوب وٽ پهچي وڃي، تڏهن هن کي محبوب وٽ پهچائيندڙ جي ڪهڙي ضرورت؟

**تمثيل- معشوق وٽ حاضر عاشق جي درد سري:**

ڪنهن عاشق کي سندس معشوق پاڻ وٽ گهرايو عاشق اتي هڪڙو ”عشق نامه“ (عشق جو ڪتاب) کولي ويهي پڙهڻ لڳو، جنهن ۾ معشوق جي حسن جي ساراهه، ان جي ناز ۽ بي پرواهيءَ جا بيت ۽ عاشق جي ڏک، خواري خرابي ۽ فراق جا داستان پڙهندي ايترو روج راڙو ڪٽي مچايو، جو معشوق بڏي بڏي ڪڪ ٿي هن کي چيو، ته ”جيڪڏهن هي سارو روج راڙو منهنجي فراق بابت توکي آهي، ته هينئر وصال جي وقت انهيءَ روج راڙي ڪرڻ جو ڪهڙو ضرور اهي؟ آءٌ تنهنجي اڳيان ويٺو آهيان، تنهن هوندي به تنهنجو هيءُ روج راڙو عشق جو شان نه آهي.“

عاشق- ”تون هتي حاضر آهين، پر آءٌ تنهنجي وصال جو پورو ڀهرو حاصل نه ڪري رهيو آهيان. جيڪو ناز ۽ ادا تو ۾ گذريل زماني ۾ ڏٺو هوم، سو هينئر تو ۾ نٿو ڏسان. مون گذريل زماني ۾ تنهنجي حسن جي چشمي مان ديدار ۽ نظاري جو جيڪو آنريل پاڻي پيتو آهي ۽ تنهنجي حسن جي پاڻيءَ سان پنهنجين اکين ۽ دل کي تازگي بخشي آهي، سا هينئر مون کي حاصل نٿي ٿئي، جيتوڻيڪ تنهنجو وجود منهنجي اڳيان حاضر آهي پر شايد ڪنهن ڏاڙيل اهو اڳيون سمورو سامان توکان کسي ورتو آهي.“

معشوق- ”جيڪڏهن ايئن آهي، ته پوءِ آءٌ تنهنجو معشوق نه آهيان. آءٌ تهنجي مقصد کان ايترو پري اهيان، جيترو بغداد کان بخارا پري آهي. ڇئبو ته تون رڳو مون تي عاشق نه آهين پر هڪڙي پاسي مون تي عاشق آهين، ته ٻئي پاسي منهنجي معشوقاڻي ڏيک ويک تي. اهو معشوقاڻو ڏيک ويک قائم رکڻ ته منهنجي اختيار ۾ نه آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن تون منهنجي معشوقاڻي ڏيک ويک تي عاشق آهين، ته پوءِ منهنجو عاشق نه چئبين. تون صندوق جو عاشق نه آهين، پر فقط صندوق ۾ پيل زر جو عاشق آهين.“

**نصيحت– معشوق هئڻ جو لائق ڪير آهي؟**

سچو ۽ حقيقي معشوق اهو آهي، جيڪو ڦرندڙ گهرندڙ حالتن کان پاڪ ۽ واحد لاشريڪ آهي ۽ شروع کان پڇاڙيءَ تائين ان سان تنهنجو هڪ جهڙو تعلق آهي. تو کي انهيءَ سچي ۽ حقيقي معشوق کي حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ ٻئي ڪنهن دنيوي معشوق ڏانهن اک به کڻي نه نهارڻ گهرجي. اهو جهڙو شروع ۾ تهڙو پڇاڙيءَ ۾، جهڙو ظاهر ۾ تهڙو باطن ۾.

خدا تعاليٰ جو سچو عاشق اهو آهي، جيڪو قلب تي وارد ٿيندڙ حالتن تي حڪمران آهي، نه ڪ قلب تي وارد ٿيندڙ حالتن جو محڪوم آهي، يعني فنا في الله جي درجي تي فائز (پهتل) آهي. ان کي ايتري طاقت آهي، جو هو ”حال“ (قلبي ڪيفيت) کي جيئن حڪم ڪري ٿو، تيئن سندس حڪم جي تعميل ٿئي ٿي ۽ هو جسمن کي روح بنائي سگهي ٿو. معرفت جي ڪيميا سان تامي جهڙي قلب کي سون بنائي سگهي ٿو. اهي حقاني عاشق، ”ابن الوقت“ (رواجي صوفي) نه آهن، جيڪي وقت ۽ حال جا محتاج رهن، پر ”ابوالوقت“ ڪامل صوفي آهن، جن کي وقت ۽ حال جي محتاجي بلڪل نه آهي. اي طالب! اهڙو ڪامل صوفي ڳولي هٿ ڪر، ته تنهنجا دل گهريا روحاني مطلب حاصل ٿين.

## ٻارهين آکاڻي
## حلال جي روزي جو طالب

حضرت دائود ع جي زماني ۾ هڪڙو شخص هوندو هو، جيڪو رات ڏينهن خدا تعاليٰ کان اها ئي دعا پيو گهرندو هو، ته ”مون کي ڏک ۽ تڪليف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان سواءِ حلال جي روزي نصيب ٿئي. يا خدا! جن کي هٿ پير نہ ڏنا اٿيئي، تن کي بہ روزي پيو ڏين، تڏهن مون سست ۽ نڪمي کي بہ روزي پهچاءِ. زمين کي نہ هٿ آهن، نہ پير، تہ بہ ڪڪر موڪلين ٿو، جيڪي ان کي ڍؤ ڏيو وڃن ٿا. نندڙو ٻار، جيڪو پنهنجي جاءِ تان پہ پير اڳتي چوري نٿو سگهي، تنهن کي هنڌ ستي ماءُ جو کير پهچائين ٿو. آخر جيڪي سست تنهنجي احسان ۽ سخا جي پاڇي ۾ پيا آهن، تن کي بنان پورهئي ۽ بنان تڪليف جي ڪيئن نہ روزي پهچائيندين؟"

ماڻهو ان جي دعا جون پڪارون ٻڌي ٺٺول ڪلندا هئا ۽ هن کي چوندا هئا، تہ "اي نادان! حيلي کان سواءِ بہ ڪڏهين ڪنهن کي رزق مليو آهي؟ نبي، ولي، بادشاہ، وزير سڀ جڏهن ڪونہ ڪو حيلو ڪن ٿا ۽ تڪليف وٺن ٿا، تڏهن انهن کي روزي نصيب ٿئي ٿي. ڏس اسان جو نيڪ رهنما حضرت دائود نبي، هيتري روحانيت ۽ ڪرامت هوندي بہ لوهہ جون زرهون ناهي پنهنجو قوت گذران حاصل ڪري ٿو. اي احمق! تون بنان حيلي جي ڪيئن ٿو خدا کان روزي گهرين، جنهن توکي هٿ، پير ۽ اکيون ڏنيون آهن؟"

ماڻهو هن تي طرح طرح جون ٺٺوليون ڪندا رهيا ۽ ان تي ٽوڪ بازي ڪري تمام گهڻو ورچائيندا رهيا، پر:

کم نمی کرد از دعا و ابتهال
کرد اجابت مستعان ذوالجلال

(انهن ٺٺولين ۽ ٽوڪبازين هوندي بہ ان شخص رب تعاليٰ کان انهيءَ دعا گهرڻ ۽ آهہ زاري ڪرڻ کان بس نہ ڪئي. آخر رب تعاليٰ جلشانہ جنهن کان سڀ ڪو مدد گهري ٿو ۽ جيڪو بزرگيءَ جو صاحب آهي، تنهن ان شخص جي دعا قبول ڪئي." ڪو سست هجي يا چست هجي تہ آخر لهندو جيڪي ڳوليندو رهندو.

**نصيحت- درد ڀري دعا ضرور قبول پوندي**

حضرت محمد ﷺ جن فرمايو آهي تہ "الله تعاليٰ انهن انسانن کي پيار ڪري ٿو، جيڪي دل جي درد سان ڪانئس دعا گهرن ٿا، ڇاڪاڻ جو دل جي درد سان خدا تعاليٰ کان ڪو شخص جيڪا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مراد گهري ٿو، تنهن مراد ڪان بہ ان جو درد دل، سؤ درجا وڌيڪ بهتر آهي.

... هڪڙي ڏينهن ٻن پهرن وقت اوچتوئي اوچتو هڪڙو ڏاند ان دعا گهرندڙ شخص جي گهر ۾ گهڙي آيو. اهو شخص، جيڪو ان وقت بہ ساڳي دعا گهرڻ ۾ مشغول هيو، تنهن جو ڏنو، تہ ڏاند گهر ۾ اچڻ شرط در دروازن کي ٽونا پيو هڻي ۽ ڪڙا ڪنديا پيو ڀڃي، تنهن نڪا ڪي هم نڪا تم امالڪ رسو ڪٽي ڏاند جون ٽنگون ٻڌي ڪيرائي ڪٽي ذبح ڪيائين ۽ بر وقت ڪاسائيءَ وٽ ويو، تہ "هلي ڏاند جي کل لاهہ."...

## نصيحت- خدا تعاليٰ سڀ ڪنهن جو سڏ ٻڌڻ وارو آهي

"جڏهن ٻنان حيلي روزي طلبڻ واري شخص جي دعا بہ خدا تعاليٰ قبول ڪئي، جا ظاهر ظهور غير واجبي دعا پئي نظر آئي، تڏهن ڪنهن واجب ۽ سڃي ڪم لاءِ درد دل سان خدا تعاليٰ کان دعا گهربي سا ضرور قبول پوندي. خدا تعاليٰ جيڪو سيني حيوانن بلڪ جمادات جون تسبيحون ۽ شڪر گذاريون ٻڌي ۽ قبول ڪري ٿو، سو انسان ذات جون آهون ڪيئن نہ اگهائيندو؟ حيرت آهي، تہ جدا جدا مذهبن ۽ فرقن جا ماڻهو هڪ ٻئي جي عبادت ۽ دعا خوانيءَ کي ڪيئن بي وزن ۽ بيڪار پيا سڏين ۽ سمجهن؟ ۽ ڪيئن هڪ ٻئي کي شڪ ۽ وهم جي نظر سان پيا ڏسن؟ روحاني ڪسوٽي رکندڙ، الله تعاليٰ جو نيڪ ٻانهو ئي اهڙي وهم ۽ دوئي کان ڇٽل هوندو ورنہ عام ماڻهو ڀل ڪن ٿا.

اهو شخص ڪاسائي کي ڏاند جي کل لاهڻ لاءِ وٺي آيو. ايتري ۾ ڏاند جو مالڪ بہ ڏاند جا پيرا کڻي اچي سر زمين تي پهتو ۽ هن شخص کي چيائين تہ "اي بيوقوف اندا! تو منهنجو ڏاند ڪيئن ذبح ڪيو آهي؟" اهو شخص چوڻ لڳو، تہ "مون ايامن کان وٺي خدا تعاليٰ کان بنا تڪليف روزي ڏيارڻ جو سوال پئي ڪيو. اڄ بہ ڪعبي ڏي منهن ڪريو اها ئي دعا پئي گهريم، تہ هي ڏاند منهنجي گهر ۾ گهڙي آيو ۽ حڪمان حڪم منهنجي گهر جون دريون ۽ دروازا ڀڃڻ لڳو تنهن ڪري مون کي پڪ ٿي، تہ خدا تعاليٰ منهنجي روزي گهر ويٺي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون ڏي موڪلي آهي تنهن ڪري ڪٺي حلال ڪيومانس." ڏاند جي مالڪ به ٿي ٿقڙ وهائي ڪڍيس. ۽ ڳنڍي ڪان جهلي ڇيائينس، ته "هل حضرت دائود نبيءَ وٽ، ته هو هن ڳالهه بابت فيصلو ڪري.

ڏاند جو مالڪ رستي تي به ان شخص جي پوڄا، جهڙي زبان سان ٺهڙي هٿن سان ڪندو آيو ۽ ٻئي ڄڻا اچي حضرت دائود وٽ حاضر ٿيا.

فريادي- "اي خدا جا نبي! منهنجو ڏاند هن جي گهر ۾ وڃي پيو ۽ هن، ان کي ذبح ڪيو. پڇوس، ته تو ائين ڇو ڪيو؟"

حضرت دائود- "(جوابدار ڏانهن نهاري) ڪر خبر، تو پرائي شيءِ ڇو ذبح ڪئي؟ سچ ٻڌائج، اجايون ججتون پيش ڪري وقت نه وڃائج."

جوابدار "اي نبي سڳورا! برابر ست سال ٿيا آهن، جو آءٌ رات ڏينهن خدا تعاليٰ کي پڪاريندو رهيو آهيان، ته "اي خدا! مون کي بنا پورهئي حلال جي روزي ڏيار" ساري شهر جا مرد ۽ زالون، ٻار خواه ٻڍا منهنجي انهيءَ پڪار بابت شاهدي ڏيندا. منهنجين درد ڀرين دعائن ۽ پڪارن بعد هي ڏاند اوچتو ٻن پهرن جي وقت منهنجي گهر ۾ گهڙي آيو، تنهن تي مون کي نهايت گهڻي خوشي ٿي ۽ سمجهيم ته خدا تعاليٰ منهنجي دعا قبول ڪئي آهي ۽ گهر ويٺي مونکي روزي موڪلي اٿس. بس پوءِ مون ڏاند کي ڪٺي ذبح ڪيو، انهيءَ خيال سان ته سندس گوشت دعا قبول ڪرڻ جي شڪريه ۾ خيرات طور ورهائيان ۽ باقي وچوڙ وڪٺي پنهنجي قوت گذران ۾ ڪتب آڻيان."

حضرت دائود- "تنهنجي حجت آءٌ مناسب نٿو ڄاڻان. ٻڌاءِ، ته هيءُ ڏاند توکي ڪنهن بخشش طور ڏنو هو، يا تو خريد ڪيو هو، يا ڪٿان ورثي ۾ توکي مليو هو؟ جيسين ڪو ڪيتي نه ڪندو تيسين فصل جو ڏٿي ڪيئن بنجي سگهندو؟ جيسين ڪو پورهيو نه ڪندو، تيسين ملڪيت جو ڏٿي ڪيئن ٿي سگهندو؟ وڃ وڃي ڏاند هن کي ڀري ڏي."

جوابدار- "سائين تون به اهو ئي فيصلو ٿو ڪرين جو عام ماڻهو سڄي واٽ منهنجي باري ۾ ڪندا آيا آهن؟" اتي جوابدار خدا تعاليٰ ڏانهن رجوع ٿي سجدي ۾ ڪري پيو ۽ زار زار روئي پڪارڻ لڳو ته "اي خداوند پاڪ دلين جا مالڪ! درد دل جا ڄاڻندڙ! جيڪي منهنجي دل ۾ جمايو اٿيئي، سو دائود جي دل ۾ به پيدا ڪر. حضرت دائود جي دل انهيءَ حال ڏسڻ شرط ڏڙڪي ڪاڏي ۽ فريادي کي چيائين ته "ميان صاحب! اڄوڪو ڏينهن مهلت ڏي، رات جو آءٌ پنهنجي خالق اڪبر جي درگاه مان هدايت حاصل ڪريان، سڀاڻي صبح جو اوهان جو فيصلو ٻڌائيندس."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات حضرت دائود پنهنجي حجري ۾ عبادت ڪندي گذاري. صبح جو فريادي، جوابدار ۽ ٻي ساري خلق هنن جي فيصلي ٻڌڻ لاءِ اچي گڏ ٿي. جوابدار جو اهو ئي چوڻ، ته مون خدا کان ٻي پورهئي روزي پئي گهري، سا خدا تعاليٰ مون کي گهر ويٺي ڏياري آهي. فريادي جو اهو ئي چوڻ ته دعائين ڪندي جي پرايون شيون پنهنجون ٿين، ته جيڪر دنيا جا فقير ڪنهن به شاهوڪار کي ساهه ڪڍڻ ڪين ڏين.

حضرت دائود ساري خلق جي روبرو فريادي کي حڪم ڏنو ته "جنگ جهيڙو ڦٽو ڪري ماٺ ڪري هليو وڃ. ڏاند هن جوابدار کي بخش ڪري ڇڏ. اي جوان! جيئن خدا تعاليٰ تنهنجا عيب ڍڪي تنهنجي عزت ۽ جان بچائي آهي، تيئن تون به پرده پوشيءَ جو حق ادا ڪر ۽ چپ ڪري هليو وڃ."

فريادي منهن متو پٽڻ ۽ گهوڙا گهوڙا ڪرڻ لڳو، چي: "اي نبي سڳورا! تنهنجي عدل ۽ انصاف جي هيڏي هاڪ، سو منهنجي حق ۾ هي ڪهڙو حڪم ٿو ڪرين؟ ڪهڙو انصاف ٿو ڪرين؟" فريادي اجا ٻي ادبي ڀريل بڪواس ۾ ئي مشغول هو، ته حضرت دائود هن کي حڪم ڏنو ته "اي جهيڙاڪ! تون پنهنجي سموري ملڪيت وڃي هن فقير جي حوالي ڪر، جنهن کي تون جوابدار بنائي وٺي آيو آهين. جي نه، ته تنهنجي حالت اجا به وڌيڪ خراب ٿيڻي آهي ۽ وڌيڪ وڪا پڌرا ٿيڻا آهن." اهو ٻڌي هو تيئن وڌيڪ ڪرم ڪٽڻ ۽ پنهنجا ڪپڙا ڦاڙڻ لڳو.

تنهن تي حضرت دائود نبي حڪم ڏنس، ته "اي بدنصيب! تو پرده پوشيءَ جو قدر نه سڃاتو. هاڻي وڃ، وڃي پنهنجي زال ۽ پنهنجا ٻار هن فقير جي غلاميءَ ۾ ڏي." هو تيئن وڌيڪ واويلا ڪرڻ لڳو ۽ ساري خلقت به حيرت ۾ پئجي ويئي، ڇاڪاڻ جو ڪنهن کي به خبر نه هئي، ته فريادي خود ڇا ڇا ڪري چڪو آهي. جيتوڻيڪ ڪڇڻ جي طاقت ڪنهن کي به نه هئي، ته به سڀئي حضرت دائود جي عدالت ۾ شڪ آڻڻ لڳا.

حضرت دائود ماڻهن جي دلين جي حالت پروڙي ويو، تنهن ڪري هنن کي مخاطب ٿي چيائين "اي حاضرينو! هاڻي مون کي هن فريادي شخص جي پردي فاش ڪرڻ کانسواءِ ٻيو رستو نظر ڪونه ٿو اچي. ٻڌو! هن جوابدار فقير جو پيءُ شاهوڪار ماڻهو هو ۽ فريادي ان وٽ نوڪر هوندو هو. جڏهن جوابدار اجا معصوم ٻار هو، تڏهن هن فريادي، ان جي شاهوڪار پيءُ کي قتل ڪري هن جي لاش کي فلاڻي بيابان ۾ بينل وڻ جي پاڙ ۾ پوري ڇڏيو هو ۽ ان جي سموري ملڪيت پاڻ وٽ قبائي رکي ڇڏي هئائين. انهي کان سواءِ پنهنجي فوتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آقا جي ٻارن ٻچن جي ڪاٻ سار سنڀال نہ لڌي هئائين. جنهن آقا کي ناحق قتل ڪري ان جي سموري ملڪيت هڙپ ڪري هئائين، تنهن جي پٽ کي هڪڙي ڏاند لاءِ هيئن گهلي گهلي ڪٺي خراب ڪيو اٿس. خدا تعاليٰ سندس پرده پوشي ڪئي هئي، پر هن پرده پوشيءَ جو قدر نہ سڃاتو. هاڻي اوهين سڀ ان بيابان ۾ مون سان گڏجي هلو تہ وڻ جي پاڙ وٽان هلي لاش ڪڍون."

حضرت دائود ماڻهن سميت ان وڻ وٽ ويو ۽ ٻڌايائين تہ "هن جوابدار فقير جي پيءُ کي هن نامراد جنهن خنجر سان ماريو هو، تنهن خنجر تي سندس نالو بہ لکيو پيو هوندو ۽ اهو خنجر بہ مقتول جي هڏن سان گڏ هن وڻ جي پاڙ مان نڪرندو. جيڪا زال هن فرياديءَ جي گهر ۾ آهي، سا ان مقتول شاهوڪار جي زر خريد ٻانهي هئي. تنهن ڪري هن نامراد فرياديءَ ان مان جيڪي ٻار ڄڻيا آهن، تن ٻارن سميت اها زال بہ هن جوابدار فقير جي ملڪيت آهي."

پوءِ وڻ جي پاڙ کوٽي ڏٺائون، تہ مقتول شاهوڪار جي هڏن سان گڏ اهو خنجر بہ پيو هو، جنهن تي ان فرياديءَ جو سربستو نالو اڪريل هو. انهيءَ ناحق خون جي قصاص ۾ ان فرياديءَ کي ساڳي خنجر سان قتل ڪيو ويو ۽ ان جي ساري ملڪيت ۽ گهر ٻار جو وارث ان فقير کي بڻايو ويو، جيڪو جوابدار ٿي گهل گينداڙ ۾ اچي ويو هو.

ساري خلقت حضرت دائود نبي کان ادب سان معافي گهري، ڇاڪاڻ جو هنن کي اندر ۾ حضرت دائود جي فيصلي بہ نسبت شڪ شبها اُٿيا هئا.

## نصيحت- بندگيءَ جي خوبي

بندگي انسان جي اکين جو نار ۽ قلب جو اوجر آهي، قلب جي صفائيءَ جي ڪري انسان جي روح جي دري خدا تعاليٰ ڏانهن کليل رهي ٿي. الهامي پيغام، فيض جو مينهن، تجلي جو نور انهيءَ دريءَ جي وسيلي حق تعاليٰ جي طرفان انسان کي حاصل ٿيندو رهي ٿو. جنهن انسان جي اندر ۾ اها دري کليل نہ آهي، تنهن جو اندر دوزخ جو چلهو سمجهڻ گهرجي.

## نصيحت- ظالم جو ظلم از خود ظاهر ٿيو پوي

ظالم پنهنجي پرده دري پاڻهي ڪندو آهي. ظلم روح جي مخفي حالتن ۾ لڪل رهندو آهي. ظالم از خود ان کي خلق اڳيان نروار ڪندو آهي. ظالم ڪڏهن بہ پنهنجي ظلم جا سڱ لڪائي نہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهندو. دنيا ۾ جيئن چڙ وقت تنهنجي دل ۽ تنهنجي بدن جا ٻيا ڀاڱا تنهنجو اندريون راز ظاهر ڪري وجهندا آهن، تيئن قيامت جي ڏينهن ٻه تنهنجن ڪرتوتن پڌرن ڪرڻ لاءِ جيڪي مؤڪل مقرر ٿيل آهن، سي سڀ ڪجهه ظاهر ڪندا. انسان کي گهرجي، ته پنهنجي گناهن لاءِ "استغفار" درد دل سان پڙهندو رهي ۽ خدا تعاليٰ کان پنهنجا گناه بخشائيندو رهي ۽ سنئين واٽ عطا ٿيڻ جي طلب ڪندو رهي.

## ٻارهين آکاڻي
## استاد جا ٻه استاد ختابي

هڪڙي مڪتب جو استاد (معلم) سخت ۽ ڪرڙو هوندو هو ۽ شاگردن کي چڱيءَ طرح ڪٽيندو هو. ڪنهن ڏينهن شاگردن پاڻ ۾ ويهي صلاح ڪئي، ته "اسان جو ملان هيترن ڏينهن ۾ ڪڏهن بيمار به نه ٿيو آهي، جو مڪتب ۾ نه اچي ۽ اسين ٻه ٽي ڏينهن ڇڙواڳ گهمون ڦرون هاڻي. ڪا اهڙي صلاح ڪجي، جو ڪجهه وقت هن جي مارڪٽ کان ڇٽون ۽ آزاد گهمون ڦرون." هنن ۾ هڪڙو چالاڪ ۽ شرير ختابي هوندو هو. هن رٿ ڏني، ته سڀاڻي صبح جو آءٌ اوهان سيني کان اڳ مڪتب ۾ ايندس ۽ استاد کي اچڻ شرط سلام ڪري اچي چوندس ته "سائين اڄ توهان جو منهن ڇو زرد ٿي ويو آهي؟ آهي ته خير؟ ڪو تپ تاءُ يا سور ايذاءُ ته بدن ۾ ڪونه اٿو؟ مون کان پوءِ جيڪو ختابي اچي، سو ايئن چوندو وڃيس. پوءِ ڏسو ته ڪيئن نه هو پاڻ کي بيمار سمجهي گهر روانو ٿئي ٿو." سيني شاگردن کي اها رٿ ڏاڍي وڻي ۽ ان چالاڪ ۽ شرير شاگرد کي پنهنجو گرو ڪري مڃيائون ۽ هڪ ٻئي کان سنهن ويساه ورتائون، ته ڪو به سچي نه ڪندو...

**نصيحت- عقل ڄائي ڄم جي ذات آهي، ۽ نه تجربي ۽ تعليم جي پيدائش**

جدا جدا انسانن جي عقل ۾ ڄائي ڄم کان اهڙوئي تفاوت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جهڙو جدا جدا انسانن جي نظري احساس ۾ تفاوت آهي (يعني هڪڙو سهڻو انسان ڪن کي سهڻو نظر ايندو آهي، ته ڪن جي نظر ۾ ڏيان ڏيڻ جي لائق ئي نه هوندو آهي.) حضرت محمد ﷺ جن جي قول "المرءِ مخفي تحت لسانه ( انسان پنهنجي زبان ۾ لڪل آهي يعني انسان جي عقل جي پرک سندس ڳالهائڻ مان معلوم ٿيندي آهي) مان به ثابت آهي، ته عقل انسان جي فطرتي ذات آهي. ڪن کي ڄائي ڄم کان تکو عقل نصيب ٿئي ٿو ۽ ڪن کي مٺو. "معتزلي" فرقي وارن جو عقيدو آهي، ته سڀ انسان ڄائي ڄم کان عقل ۾ هڪ جهڙا آهن، پر پوءِ تجربي ۽ تعليم جي تفاوت سببان انهن جي عقلن ۾ تفاوت ٿئي ٿو. معتزليه فرقه وارن جي اها حجت غلط آهي، جنهن جي ثابتي هلندڙ آکاڻيءَ مان ئي ملي سگهي ٿي. ڏسو هڪڙو مڪتب جو ختابي، جنهن کي اڃا نه زماني جو تجربو مليو هو ۽ نه تعليم ئي پوري حاصل ڪئي هئائين، تنهن کي ڪهڙو فطرتي عقل مليل هو. هن پنهنجي استاد کي وهم جي مرض ۾ مبتلا ڪرڻ لاءِ اهڙي رٿ پنهنجي عقل ذريعي ظاهر ڪئي، جيڪا سڀ ڪنهن سو سال جي پير مرد کي به عقل ۾ اچي نه سگهندي. عقل اهو ئي چڱو، جو انسان کي فطرتي هجي، پوءِ تجربي ۽ تعليم سان جيڪا زيادتي ان ۾ ٿئي، سا کير ۾ کنڊ مثل آهي.

ٻئي ڏينهن صبح جو سڀ ختابي مڪتب جي ٻاهران اچي گڏ ٿيا. پهريائين اهو چالاڪ شرير ختابي مڪتب ۾ گهڙيو ۽ استاد کي سلام ڪري پنهنجي بناوتي حيرت جهڙي صورت بنائي هن کي چيائين، ته "استاذ صاحب! اوهان طبيعت ۾ ته خوش آهيو؟ اوهان جو منهن اڄ هيڊو ٿي ويو آهي، سو ڇو؟" استاد ڇڙٻ ڏيئي چيس، ته "خبيث! مون کي وري ڇا ٿيو هوندو؟ آءٌ چڱو ڀلو آهيان، وڃ وڃي ماٺ ڪري ويهي رهه." ايتري ۾ ٻئي ختابيءَ به اچڻ شرط پنهنجي منهن جو ساڳيو حيرت جهڙو نمونو بنائي پهرئين ختابي وارا لفظ اچي چيا، اتي البت استاد کي ٿورو وهم جاڳيو، پر ڪن تار ڪري ڇڏيائين. تان جو سانده ٽيهن شاگردن اچڻ شرط استاد کي ساڳي پٽلي اچي ٻڌائي. اتي استاد کي پڪو وهم ويهي ويو ته شايد مون کي ڪجهه ٿي پيو آهي...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نصيحت- وهم (ڀرم) انسان جي عقل لاءِ وڏي آفت آهي

وهم انسان جي عقل لاءِ هڪڙي آفت آهي، چاڪاڻ جو شڪ جو آستانو اونده ۾ آهي. زمين تي جيڪڏهن فوت ڪن جيتري ويڪري ڪسي رستي ۾ هوندي، ته جنهن ماڻهوءَ کي وهم جو مرض نه هوندو، سو بي فڪر تي خاطريءَ سان ٽپي هليو ويندو، پروهمي اتي به بيهي ورڪنجيندو ۽ دل هٽندو ته "ٽپ ڏيان يا گهڙي لنگهان يا موتي پوئتي وڃان." ڪا اونداهي جاءِ جنهن ۾ ڪجهه به نه هوندو، تنهن ۾ به وهمي ماڻهوءَ کي هيبتناڪ شڪليون اکين اڳيان پيون ڦرنديون.

استاد پنهنجو مٿو ڳرو سمجهڻ لڳو ۽ هڪدم مڪتب مان اٿي پنهنجي گهر ڏي هليو ويو ۽ ختابي به سڀ پنيانئس هليا ويا، چاڪاڻ جو جيڪڏهن استاد ڪنهن ضرورت ڪري گهر ۾ رهندو هو، ته سيني ختابين کي به اتي وڃي پڙهڻو پوندو هو، جيسين ڪين استاد موڪل ڏئي.

استاد گهر ۾ گهڙڻ شرط پنهنجي زال کي اچي ڳالهايو، ته "مهڙي تهڙي جڏهن منهنجي منهن ۾ ننڊ مان اٿڻ شرط هيداڻ پئي ڏسڻ ۾ آيئي، تڏهن تو مون کي واقف ڇونه ڪيو؟ جيڪڏهن پڌائين ها ته رنگ پيلو تي ويو اٿيئي ته آءٌ ٻاهر ئي ڪونه نڪران ها. تون پنهنجي منهن کي مڪڻ ۽ مهٽڻ ۾ پوري آهين، منهنجي منهن جي هيداڻ جي توکي ڪهڙي پرواه؟" زال چيو، ته "ميان صاحب الله ڪريو، توهين چڱا ڀلا آهيو. ڪير تو چوي، ته توهان جو منهن زردو آهي؟ هرويرو اچي گهر ۾ چوڪرن جو گوڙ ڪرايو اٿو. اعتبار نه اچيو ته آرسي آڻي تي ڏيانو، تنهن ۾ پنهنجو منهن ڪٽي ڏسو." ملان صاحب هيڪاري وڌيڪ گرم تي ويو ۽ زال کي چوڻ لڳو ته "رن! منهنجو مٿو ڳرو تي پيو آهي، تون پيئي اجايا راڳ ڪرين. ڪڏ ۾ پوي تنهنجي آرسي ۽ اوڙاه ۾ وڃي پؤ تون. جلدي هنڌ وڇائي ڏينم، ته سمهان." زال ويچار ڪيو ته هن کي ضرور ڪو وهم جاڳيو آهي. جيڪڏهن نتي ڪجهه چوانس ته هي سچو پچو بيمار تي پوندو، ڇو جو حضرت محمد ﷺ جن جو فرمودو آهي، ته "لا تما رضوا فتمرضوا" (ڍونگ سان پاڻ کي بيمار نه بنايو نه ته سچا پچا بيمار تي پوندؤ) وري خيال آيس ته جيڪڏهن هن کي هنڌ وڇائي نه ڏيندس ۽ مڪتب ۾ وڃڻ لاءِ زور رکندي سانس، ته هن کي اهو ئي وهم پيدا ٿيندو، ته زال مون بيمار کي زور ڪريو تي گهر مان ڪڍي، شايد اڪيلائي کپيس، تنهن ڪري لاچار تي زال



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملان صاحب کي بسترو وڇائي ڏنو، جنهن تي ملان صاحب ليٽي پيو ۽ بيمارن وانگر ڪنجهڻ ۽ ڪرڪڻ لڳو.

ختابي جن کي هيتري شرارت پکيڙيندي ۽ اچان ملان صاحب موڪل نہ ڏني، سي هڪ ٻئي کي اشارا ڏيڻ لڳا. آخر ان شرير ڇوڪر پهريائين ختابين کي اشارو ڏنو تہ سڀ ڏاڍيان گوڙ ڪري پڙهو. جڏهن سڀ گوڙ ڪري پڙهڻ لڳا، تڏهن اهو شرير شاگرد سيني کي ماٺ ڪرائي بيهي چوڻ لڳو، تہ "اي ختابيو! اوهان جي پڙهڻ جي گوڙ کان استاد صاحب کي متي جي ڳرائيءَ ۽ سور ۾ وڌيڪ تڪليف ٿيندي، تنهن ڪري جيئن استاد صاحب حڪم ڏني، تيئن ڪريو." ملان صاحب تنهن تي چيو تہ "مون کي گوڙ نتو وڻي. اوهان کي موڪل آهي، وڃو. جڏهن آءٌ چڱو ڀلو ٿيندس تڏهن پاڻيهي اوهان کي گهرائي وٺندس."

بس! ختابين جي من جي مراد پوري ٿي. سڀ پکين وانگر اڏامي اٿي هليا. ختابين وڃڻ ساڻ پنهنجن گهرن ۾ وڃي ڌمچر مچايو، تنهن تي سندن مائون ڪانئن پڇڻ لڳيون، تہ اوهين ڇو اڄ پڙهڻ جي ڏينهن بہ مڪتب مان ڀڄي آيا آهيو؟ هو پنهنجين مائرن کي چوڻ لڳا، تہ اسان جو استاد بيمار ٿي پيو آهي، تنهن ڪري اسان کي موڪل ڏني اٿس. اسين مڪتب مان ڀڄي نہ آيا آهيون."

ڇوڪرن گهرن ۾ پنهنجين مائرن کي جو سارو ڏينهن ڌمچر مچائي بيزار ٿي ڪيو، سي پاڻ ۾ صلاح ڪري ٻئي ڏينهن صُبح جو ملان صاحب جي گهر ويون. وڃي ڏسن تہ ملان صاحب گرم بستري ۾ پوڻ ڪري پگهر سان شل ٿيو پيو آهي ۽ سوڙ ۾ منهن وجهيو بيمارن وانگر پيو چنگهي.

زالن چيو، تہ "آخوند صاحب! اوهان کي خدا تعاليٰ صحت ۽ شفا بخشي اسان کي تہ اوهان جي بيمار ٿي پوڻ جي خبر ڪانہ هئي."

ملان چيو "مائي صاحبو! خود مون کي بہ پنهنجي بيماريءَ جي خبر ڪانہ هئي. اوهان جن ڇوڪرن مون کي پنهنجي بيماريءَ کان واقف ڪيو آهي. آءٌ هيڏيءَ ڳري بيماري هوندي بہ پنهنجي پڙهائيءَ ۾ مشغول هوس، ڇاڪاڻ جو انسان جڏهن پنهنجي ڪنهن ڌنڌي يا خيال ۾ مشغول هوندو آهي، تڏهن هن کي پنهنجي تڪليف جي ڪابہ خبر نہ پوندي آهي."

## نصيحت- خيال ۾ محو ٿيڻ ڪري پهتل تڪليف جي خبر نہ پوندي آهي

ملان صاحب کي تہ رڳو وهم جي بيماري هئي، پر ان جيڪا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حجت زالن جي اڳيان پيش ڪئي، ته "ڏنڌي ۽ خيال جي محويت ۾ بدني تڪليف محسوس نه ٿيندي آهي"، سا برابر هئي ڏسو: جڏهن بيبي زليخا پنهنجين ساهيڙين کي حضرت يوسف جي ديدار ڪرڻ لاءِ گهرايو هو ۽ هر هڪ ساهيڙيءَ جي هٿ ۾ ڪپ ۽ صوف ڇلي کائڻ لاءِ ڏيئي پوءِ حضرت يوسف کي هنن جي سامهون آندو هئائين، تڏهن اهي ساهيڙيون حضرت يوسف جي ديدار ۾ اهڙيون ته محو ٿي ويون هيون، جو صوف ڪپڻ جي بدران هر هڪ ساهيڙي پنهنجون آڱريون ڪپي ويهي رهي، پر ڪنهن کي به پنهنجي آڱرين ڪپجڻ جو احساس ڪونه ٿيو. ساڳيءَ طرح جنگ جي ميدان ۾ جوش سان لڙندڙ پهلوانن جا هٿ ڪپجي ويندا آهن، ته جوش ۾ هنن کي پنهنجي وڍيل عضوي جي خبر ئي ڪانه پوندي آهي، جيتوڻيڪ وڍيل عضوي مان رت نديون ڪري پيو وهندو آهي.

**نصيحت- جسم جي جزي جو ڪپجڻ روح جي سلامتيءَ کي نقصان نٿو پهچائي**

انسان جي اصلي هستي ان جو روح آهي. انساني جسم فقط ان جو لباس يا هٿيار يا سواري آهي، تنهن ڪري جسم کان سواءِ به روح موجود ۽ سلامت بلڪ باڪمال رهي سگهي ٿو. اي انسان! تون جسم جي پوڄا نه ڪر، پر روح جي سنڀال رک. جيڪو شخص لباس ڍڪيندڙ کي ڇڏي لباس جي چِڪ مڪ ڪندو، تنهن کي ڪير ڏاهو چوندو؟ الله تعاليٰ جي توحيد ۾ ويساه روح جي لاءِ اعليٰ کاڌو آهي. روح واسطي ظاهري هٿن ۽ پيرن کان سواءِ ٻيا (مثالي جسم جا) هٿ ۽ پير آهن. ڏسو ته خواب ۾ اوهان جا هي ظاهري هٿ ۽ پير بستري تي ساڻا پيا هوندا آهن، پر روح پنهنجن هٿن، پيرن ۽ ٻين سيني عضون سان سير ڪندو وتندو آهي. اهي هٿ، پير ۽ عضوا روح جي مثالي جسم جا هٿ، پير ۽ عضوا آهن، تنهن ڪري هن انساني جسم جي پڃري مان جڏهن روح جو پکي اڏامي وڃي ٿو، تڏهن ائين نه سمجهه ته روح فنا ٿي ويو. انهيءَ بابت هيءَ اڪاٽي ويچار سان پڙ:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تيرهين آکاڻي

## هڪڙو خلوت نشين درويش

هڪڙو درويش ڪنهن جبل ۾ وڃي خلوت نشين ٿيو. هن کي الله تعاليٰ جي عبادت ۽ ذڪر مان اهڙي وندر ۽ اهڙو مزو حاصل ٿي ويو، جو هن کي ماڻهن جي وندر ۽ صحبت جي ڪابہ پرواهہ ڪانہ ٿيندي هئي.

**نصيحت- راحت جو مدار خيال تي ٻڌل آهي**

دل جي راحت حاصل ٿيڻ جو مدار ماڻهوءَ جي خيالن تي منحصر آهي. ڪن کي ڪهڙن ڪمن ۽ مشغولين مان راحت اچي ٿي ۽ ڪن کي ڪهڙن مان. اي انسان! تون جيڪڏهن روحاني عالم ۾ پنهنجا خيال ڪُپائيندين، تہ خوش نصيب ليکبين ۽ دائمي راحتون ماڻيندين، پر جيڪڏهن جسماني ۽ نفساني عالم ۾ پنهنجا خيال ڪوڙيندين تہ آخر منهن مٿي پٽڻ ۽ ڪرم ڪٽڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيندئي. عاقل انسان شروع ۾ ئي پڇاڙيءَ جو ويچار رکي ٿو، پر غافل ماڻهو ڪڏهن بہ پڇاڙيءَ تي نظر نٿو رکي. دورانديش ماڻهو ٿي، عاقبت جو خيال رک ۽ الله جي عبادت ڪري ٻنهين جهانن ۾ موچارو ٿيءُ.

**تمثيل ١- عاقبت انديش سونارو:**

هڪڙو پير مرد شخص ڪنهن سوناري وٽ آيو ۽ اچي چيائينس تہ "سائين! پنهنجو ڪانٽو ڏينم، تہ هي سون جا ذرڙا توري پوءِ توکي موٽائي ٿو ڏيان." سوناري جواب ڏنس، تہ "چاچا! مون وٽ "پرڻ" آهيئي ڪونہ." پير مرد چيس تہ ابا چرچا ڦٽا ڪر، مون کي ڪانٽو ڏي." وري سوناري چيس تہ "مون وٽ ٻهارو موجود نہ آهي." تنهن تي پير مرد گرم ٿي چيو، تہ "ابا! توکي چئن اچن جو بہ حياءُ نٿو پوي، جو چرچا پيو ڪرين! اٿي جو گهوباٽو پيو ٻڌائين. ڪنن کان ٻوڙو تہ ڪونہ آهين؟ سوناري ادب سان چيس، تہ "چاچا! معاف ڪجو، آءٌ نڪي ٻوڙو آهيان، نڪي ديوانو ۽ نڪي اوهان مائٽ جيڏي سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چرچو ٿو ڪريان. ڏسو اوهين پير مرد آهيو اوهان جا هٿ پيا ڏکن اوهان وٽ جيڪو سون آهي سو ٻه ذرڙا ذرڙا آهي جنهن وقت اوهين اهي ذرڙا ڍبليءَ مان ڪڍي ڪانٽي ۾ توريندا، تنهن وقت اهي امالڪ اوهان جي ڏڪندڙ هٿن مان مٽيءَ ۾ ڪري پوندا. پوءِ اوهين ساڳيا مون کي چوندؤ ته پرڻ ڏينم، ته مٽي ڇاڻي سون جا ذرڙا ڪڍان، انهيءَ ڪري اوهان کي چوان ٿو، ته ٻئي هنڌ وڃي سون توريو.“

... جنهن جبل ۾ درويش خلوت نشيني اختيار ڪئي هئي، تنهن ۾ ڪيترائي ميون جا وڻ هئا. جن تي ان درويش جو گذران ٿيندو هو. هڪڙي ڏينهن اهو درويش ڪڏ ڪري چوڻ لڳو ته ”اي خداوند ڪريم! اڄ ڏينهن کان وٺي، نه آءٌ هنن وڻن مان پنهنجن هٿن سان ميوو چني کائيندس ۽ نه ڪنهن انسان کي چوندس ته مون کي چني آڻي ڏي، پر فقط اهو ميوو کائيندس، جو واءَ لڳڻ ڪري پٽ تي اچي ڪرندو.“ درويش ڪجھ وقت انهيءَ نهراءَ تي قائم رهيو، تان جو خدا تعاليٰ جي طرفان سندس امتحان جو وقت اچي سهڙيو...

## نصيحت- خدا جي نالي وچ ۾ آڻڻ ڪانسواءِ ڪو شرط ٻڌڻ نه گهرجي

”استثنا“ (الله جي نالي وچ ۾ آڻڻ) يعني انشاءَ الله تعاليٰ چوڻ ڪانسواءِ ڪا شرط يا انجام ٻڌڻ نه گهرجي، ڇاڪاڻ جو سڀ ڪجھ خدا تعاليٰ جي اختيار ۾ آهي. انسان جي دل ڪڏهن ڪهڙي حال ۾ آهي ۽ ڪڏهن ڪهڙي حال ۾. تقدير جي اڳيان ڪا تدبير آڏو اچي نٿي سگهي، تنهن ڪري هر حال ۾ خدا تعاليٰ جو نالو وچ ۾ آڻڻ گهرجي ۽ ان جي مدد ۽ پناه گهرڻ گهرجي. قضا جي قيد ۾ ڦاٿل انسان کي آزاد ڪرڻ الله تعاليٰ جي اختيار ۾ آهي. دعا دوران الله جا پيارا عارف هن کي آزاد ڪرائي سگهن ٿا.

... خدا تعاليٰ جي قدرت اهڙي اچي ٿي، جو سانده پنج ڏينهن واءُ بلڪل ڪونه لڳو ۽ نڪو ڪو ميوو ئي ڇڻيو. درويش کي بک اچي ڏاڍو هلاڪ ڪيو. پڪل زيتونن جا ڇڳا لڏندڙ ڏسي درويش جي دل نه رهي. سو پنهنجو قول ٽوڙي زيتون چني ڪاڏائين ۽ پنهنجي بک لاٿائين...


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نصيحت- انجام کي پاڻي ڏيڻ گهرجي

خدا تعاليٰ پنهنجن نيڪ ٻانهن جا ٻه امتحان وٺندو آهي، تنهن ڪري نيڪ انسان خطرن کان بي خوف نه رهندا آهن. اي انسان! خدا تعاليٰ جو حڪم آهي ته انجام شڪني نه ڪجي. هر ڪنهن انجام کي پاڻي ڏيڻ جڳائي. قول نه پاڙڻ جي حالت ۾ خطري رسڻ جو خوف اڻ ڳس ۽ اٽل آهي.

... اتفاق سان ڪي چور شهر مان چوري ڪري ان جبل ۾ مال ورهائڻ لاءِ اچي وينا. پيري ۽ پوليس عملدار به پيرو کڻي اچي جبل ۾ چورن جي مٿان پيا. اسلامي فيصلي موجب پوليس عملدار بروقت هر هڪ چور جي هٿ وڍڻ جو حڪم ڏنو. خلوت نشين درويش، جيڪو ساڳي جبل ۾ هو، تنهن کي به چور سمجهي سندس ساڄو هٿ ڪپي ڇڏيائون. محتسب (پوليس عملدار) کي ترت ئي خاطري جهڙي خبر ملي ته اهو درويش چورن جو همراه نه آهي، پر جبل ۾ رهندڙ خلوت نشين فقير آهي. تنهن تي محتسب ۽ ان جا ٻيا سندس زيردست، درويش جي پيرن تي اچي ڪريا ۽ هن کان معافي وٺڻ لڳا. درويش هنن کي چيو، ته "بابا! اوهان جو ڪوبه ڏهه ڪونهي. مون کي هي سزا اوهان نه ڏني آهي، منهنجي جنهن قصور ڪري مون کي منهنجي ڌڻيءَ اها سزا ڏني آهي، سو قصور مون کي دل سان لڳو آهي. مون پنهنجي خدا سان ڪيل انجام ٽوڙيو آهي. جنهن جي هيءَ سزا مون کي ملي آهي، اوهان کي هر طرح سان معافي آهي...

## نصيت- بک بڇڙو ٽول دانا ديوانا ڪري

"اي انسان! ڏس ته ڪيترا سياڻا پکي بکي پيٽ جي شامت ۾ وڃيو دام ۾ ڦاسن ۽ پڃرن ۾ بند ٿين. ڪيتريون ئي مڇيون پيٽ جي لالچ پٺيان ڪنڍين ۾ ڦاسيو پون. پيٽ جي لالچ قاضين کي رشوت وٺڻ تي مجبور ڪريو عدالت جو رستو ڇڏائي ٿي. اها لالچ ڪي ڪامل عارف پنهنجي اندر مان ڪڍي سگهن ٿا، نه ته هر ڪنهن جي حاجت نه آهي. جيئن حضرت بايزيد بسطامي جڏهن ڏٺو ته پاڻي پيئڻ ڪري منهنجو بدن سست ٿيو پوي ۽ عبادت ۾ دل ٿو ڪري تڏهن قول ڪيائين ته سڄو سال پاڻي نه پيئندس، پوءِ ان عارف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سارو سال پاڻي نہ پيتو ۽ خدا تعاليٰ هن کي قول پاڙڻ جي توفيق بخشي.

... خلوت نشين درويش پنهنجي هٿ ڪيچڻ جي سزا مني ڪري پوڳي ۽ ان بابت ڪابہ شڪايت ڪنهن سان نہ ڪيائين. اڳي هو "ابوالخير تيناتي" جي نالي سان مشهور هو، پر عام خاص ماڻهو ان کي "رونڊبو فقير" سڏيندا هئا. ان خلوت نشين درويش سان خدا تعاليٰ جي اهڙي مهرباني ٿي، جو هو اڪيلائيءَ ۾ لڪ ۾ پنهنجن ٻنهي هٿن کي سلامت ڏسندو هو ۽ ٻنهي هٿن سان ڪم ڪار پيو ڪندو هو، پر جڏهن ٻاهر نڪرندو هو، تڏهن رونڊبي جو رونڊبو. ان جي مرضي نہ هئي، تہ سندس اها ڪرامت ماڻهن کي معلوم ٿئي پر هڪڙي ڏينهن ڪو سندس سچو مريد دستور جي برخلاف در تي آواز ڪرڻ کان سواءِ اوچتو درويش جي جهوپڙيءَ ۾ گهڙي آيو. ڇا ڏسي، تہ درويش ٻنهي هٿن سان ڪشتو وينو ناهي، مريد حيران ٿي ويو. درويش پهريائين تہ هن کي جهڙڪيو تہ "تون آواز ڏيڻ بنان اندر ڇو آئين؟" پر پوءِ هن کي معافي ڏنائين ۽ تاڪيد ڪيائينس، تہ "منهنجي ٻنهي هٿن سلامت هجڻ جي ڳالھ منهنجي جيئري متان ظاهر ڪرين" درويش جي ڪرامت جي ڳالھ لڪل ڪيئن رهي سگهندي؟ آخر ٻين بہ ڪيترن ماڻهن لڪي ڇپي ان درويش کي ٻنهي هٿن سان ڪشتا ناهيندو اچي ڏٺو. تنهن تي اهو درويش خدا تعاليٰ کي سوال ڪرڻ لڳو، تہ "اي پروردگار! مون ڪيتريقدر نہ پنهنجي هٿ سلامت هئڻ واري ڳالھ کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر تو ظاهر ڪري وڌي." خدا تعاليٰ جي طرفان آواز آيس تہ "اي درويش! تنهنجي هٿ ڪيچڻ ڪري خلق کي تنهنجي روحانيت ۽ درويشيءَ ۾ شڪ پئجي ويو هو پر اسان جي مرضي نہ هئي، تہ توکي ڪو چورن جو سنگتي ۽ بي ڪرامت سمجهي، تنهن ڪري اسان تنهنجي جيئري ئي تنهنجي ڪرامت خلق اڳيان پڌري ڪري وڌي آهي، تون ڪوبہ فڪر نہ ڪر. تون هاڻي انهيءَ درجي تي پهتل آهين، جنهن تي پهچڻ وارن کي جسم جي عضون ڪپجي وڃڻ ڪري مري وڃڻ جو ڊپ ٿيڻو نہ آهي. هاڻي سر يا هٿ پير وڍجي وڃڻ جو وهم تو منجهان صفا نڪري ويو آهي. وهم جي دفع ڪرڻ واري عمدي ۽ مضبوط ڍال يعني تسليم ۽ رضا توکي حاصل ٿي چڪي آهي."

## تمثيل ٢- فرعون وارا جادوگر:

جڏهن فرعون حضرت موسيٰ سان مقابلي لاءِ جادوگر گهرايا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا ۽ اهي جادوگر حضرت موسيٰ کي پنهنجو پيشوا قبول ڪري ان جي راءِ خوشي سان قبول ڪرڻ لڳا هئا. تڏهن فرعون انهن جادوگرن کي ڌمڪائي چيو هو، ته "اوهين موسيٰ جي تابعداري ميجو ٿا، ته آءٌ اوهان جا هٿ ۽ پير ڪپائيندس ۽ اوهان کي ڦاسيءَ تي چاڙهيندس." تنهن تي انهن جادوگرن جواب ڏنو هوس، ته "اسان جي روحن کي حضرت موسيٰ کان اها روشني ملي آهي، جنهن جي ڪري اسان کي پنهنجن هٿن ۽ پيرن جي ڪپجڻ جي پرواه آهي ۽ نه اسان جي پنهنجن هٿن ۽ پيرن جي ڪپجڻ جي محتاجي آهي."

**نصيحت- هي دنيا فقط وهم ۽ خواب سمجھ**

اي انسان! جيڪڏهن خواب ۾ تون پنهنجو هٿ، پير يا مٿو ڪپيل ڏسندو آهين، ته به سجاڳ ٿيڻ تي اهي سلامت ڏسندو آهين. خواب ۾ بدن بہ سو ٽڪر ٿي پوي، ته به ڪا حرڪت ڪانهي. هي دنيا خواب آهي. عارفن عين اکين سان ڏٺو آهي ته دنيا خواب اهي تو ته فقط اعتقاد سان هن دنيا کي خواب سمجهيو آهي. تون رڳو رات جو نه، پر ڏينهن جو به خواب آهين. ساري دنيا حقاني چنڊ جو پاڇولو آهي. پاڇولو عارضي شيءِ آهي، اصلي شيءِ چنڊ ئي آهي، عارضي شيءِ کي ائين سمجهڻ گهرجي جيئن الف بي. عارف ٿي الله کي حقيقي چنڊ سمجهي عبادت ڪر.

**تمثيل ٣- خچر ۽ اٺ:**

هڪڙي خچر اٺ کي چيو، ته "اي دوست! تون پنڌ ڪندي ڪڏهن به ٿابو نٿو کائين، پر آءٌ ذري ذري ٿابا کانوان ٿو ۽ بعضي ته وڃيو ڪنڌ ڀر ڪران. مهرباني ڪري ٻڌاءِ ته ان جو سبب ڇا آهي؟ انهيءَ راز مان واقف ڪرينم ته آئينده آءٌ به حياتيءَ گذارڻ جو سک ڀريو رستو اختيار ڪريان. اٺ چيس، ته "منهنجون اکيون تنهنجينَ اکين کان وڌيڪ چٽيون ۽ پري ڏسڻ واريون آهن، تنهن کان سواءِ مٿان به منهنجي نظر هيٺ چڱيءَ طرح پوي ٿي تنهن ڪري منهن ڀر ڪرڻ کان سواءِ سنئون سڌو هليو ويندو آهيان. آءٌ مٿان به اهڙو چڱيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرح ڏسي سگھندو آھيان، ڇو جو ھڪڙي جبل تي آسانيءَ سان چڙھڻ بعد ٻيو ڏورانھون جبل ٻه ڇٽو ڏسي سگھندو آھيان. رستي جي ھيٺاھين ۽ مٿاھينءَ جي مون کي ڇگيءَ طرح خبر پوي ٿي، تنھن ڪري خدا تعاليٰ مون کي منھن ڀر ڪرڻ کان بچايو آھي. تون ڙڳو پنھنجي ھڪڙيءَ اڌ وک تائين ڏسي سگھين ٿو. پکيءَ وانگر داڻي تي نظر ڪرين ٿو، پر دام نٿو ڏسين."

**نصيحت- انڌو ۽ سڄو برابر ٿيڻا نه آھن**

اي انسان! ھلڻ چلڻ ۽ ويھڻ، ويھڻ ۾ انڌو ۽ سڄو، تون ھڪ جھڙا سمجھيو وينو آھين. ڇا جيئن ظاھري انڌو ۽ سڄو پاڻ ۾ برابر ۽ ھڪ جھڙا نه آھن، تھڙي طرح اھي حقيقي انڌا، جيڪي اکين ھوندي به زندگيءَ جون منزلون ۽ حياتيءَ جا فرض نٿا پروڙن ۽ اھي اندر جي سوجھري وارا، جيڪي زندگيءَ جي منزلن ۽ فرضن کان آگاھ ۽ انھن تي پابند آھن، سي پاڻ ۾ ھڪ جھڙي درجي وارا نه آھن.

## چوڏھين آکاڻي
## ھڪڙو صابر درويش

ھڪڙو درويش ھوندو ھو جيڪو مريدن لاءِ روحاني بھشت جو دربان ھو. حضرت محمد ﷺ جن فرمايو آھي، ته "الشيخ في اھله کا النبي في امته" (مرشد پنھنجن مريدن ۾ ايئن آھي، جيئن نبي پنھنجي امت ۾.) ھڪڙي ڏينھن ان کي سندس بيبيءَ چيو، ته "ميان! تنھنجن لائق فرزندن جي وفات جي غم ۽ وڇوڙي ۾ اسان جو وار وار روئي رڙي رھيو آھي ۽ لونءِ لونءِ تڙقي رھي آھي، مگر تنھنجو ڳنڍڻ ئي نٿو پري، سو ڇو، تنھنجي دل ۾ ڪا به نرمي نه آھي ڇا؟ جيڪڏھن اھڙو پٿر جھڙو تنھنجو ھنيون آھي، ته سڀاڻي محشر ۾ توکي اسان اميدوارن تي ڪھڙو رحم ايندو؟ درويش، بيبيءَ کي ورندي ڏني ته "اي منھنجي زندگيءَ جي رفيق وفادار بيبي! تون اھو گمان ئي دل مان ڪڍي ڇڏ، ته آءٌ ڪو سنگ دل ۽ بي رحم انسان آھيان. مون کي حق جي منڪرن تي ترس ايندو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، پر ڪتن تي بہ رحم ايندو اٿم، تہ انهن ويچارن کي ماڻهو ٺڪر پٿر ڇو ٿا هڻن؟ مون کي ڪو ڪتو ڏاڙهيندو آهي، تہ ان کي ڏک هڻڻ يا الارڻ جي بدران ان کي دعائون ڪندو آهيان. خدا جي معرفت جي دعوا ڪندي بہ جنهن کي خلق خدا تي رحم نہ آيو، سو ڪوڙو دعويدار چئبو."

تنهن تي بيبيءَ چيس، تہ "جيڪڏهن تون رحم ۽ ترس وارو آهين، تہ پوءِ هيڏن ڪونڌر پٽن جي وفات تي اسان سان همدردي ڇو نٿو ڪرين؟ اسان جي روئڻ تي رحم اٿي پنهنجي اکين مان چار لڙڪ ڇو نٿو وهائين؟" درويش چيو تہ "اي ڳهيلي! اونهاري ۽ سياري جي موسم ٻئي پاڻ ۾ هڪ جهڙيون نہ آهن، يعني تنهنجي ۽ منهنجي حالت هڪ جهڙي نہ آهي. روئبو ۽ پٽبو آهي فراق ۽ وڇوڙي کان، سو مون کي تنهنجن فرزندن سان وڇوڙو آهي ئي ڪونہ. آءٌ هنن کي ايئن پيو ڏسان، جيئن ڪين هميشہ هت ڏسندو هوس. پوءِ ڪنهن جي لاءِ روئان ۽ ماتم ڪريان؟"

## نصيحت- عارفن جي وجود جي حالت

"عارفن جي سڄوري وجود ۾ روح ڳويا بادشاه آهي ۽ عقل ان جو وزير. حواس ۽ خيال ان جي رعيت آهن. روح بادشاه پنهنجي وفادار عقل وزير کي صحيح قانون جو پابند ڪري پوءِ ملڪ جي انتظام جي اختياري ڏيئي ڇڏي ٿو ۽ اهو وزير پنهنجي حسن تدبير سان حواسن ۽ خيالن جي رعايا جون بد انتظاميون ۽ فتنہ انگيزيون دفع ڪري امن امان قائم ڪري ٿو ۽ وجود جي ملڪ کي اهڙو خوشحال رکي ٿو، جو ان ۾ راحت جا نور وسندا رهن ٿا ۽ نفس ۽ شيطان جا چور ۽ ڌاڙيل دٻيا رهن ٿا."

# پنڌرهين آکاڻي
## هڪڙي معذور وٽ قرآن شريف

هڪڙو درويش ڪنهن معذور بزرگ جي گهر ۾ وڃي مهمان ٿي رهيو. ڏٺائين، تہ هن جي گهر ۾ هڪڙو قرآن شريف رکيو آهي. دل ۾ چيائين تہ "هن معذور درويش جي گهر ۾ ٻيو ڪوبہ ياتي رهڻ وارو ڪونهي، پوءِ هن کي قرآن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شريف ڪهڙي ڪم ايندو هوندو؟" اول پاڻيائين ته معذور درويش کان حقيقت پڇان، پر پوءِ چيائين، ته صبر ڪري ڪجهه وقت جاچيان، متان پاڻ مرادو ڪا حقيقت کلي پوي." ...

## نصيحت- صبر مشڪل ڪشائيءَ جي ڪنجي آهي

اي ڪنهن ڏک ۽ ڳڻتيءَ ۾ ورتل ياءُ! صبر شفا جو خزانو اٿيئي. تون صبر ڪر، ته پرائي ڏک جي دوا حاصل ڪرين. صبر سڀ ڪنهن راز معلوم ڪرڻ لاءِ رهنمائي ڪري ٿو. صبر نهايت ڪڙو آهي، پر ان جو ڦل تمام مٺو آهي.

## تمثيل- لقمان حڪيم جو صبر:

هڪڙي ڏينهن لقمان حڪيم حضرت دائود وٽ آيو ۽ اچي ڏٺائين، ته هو لوهه جا ڪڙا ناهيو هڪ ٻئي سان پيو جڙي. (زرهه پيو تيار ڪري) لقمان اڳ ڪڏهن به زرهه ٺهندي نه ڏٺي هئي، سو حيران ٿي بيهي ڏسڻ لڳو اول دل ۾ چيائين ته حضرت دائود کان پڇان ته ڇا ٿو ناهين؟ پر پوءِ دل ۾ چيائين، ته صبر ڪرڻ بهتر آهي. لقمان حڪيم صبر ڪري ويهي رهيو. حضرت دائود، زره تيار ڪري بدن تي ڏڪي پوءِ از خود لقمان کي چيو، ته "اي جوان! جنگ جي ميدان ۾ بدن کي زخمن کان بچائڻ لاءِ هيءُ لباس تمام ڪارائتو آهي." تنهن تي لقمان چيو ته "صبر به انسان جو ڏاڍو سهڻو همراهه آهي، جو سڀ ڪنهن ڏک ۽ مونجهاري جي وقت ۾ انسان کي ڏک کان پناهه ۾ رکي ٿو ۽ ڏک کي دفع ڪري ٿو."

## نصيحت- صبر روحاني ڪيميا آهي

اي انسان! صبر کي سچ جو رفيق بناءِ. ڏس ته خدا تعاليٰ قرآن شريف جي سورت العصر جي پڇاڙيءَ ۾ ڇا فرمايو آهي؟ "وتوا صوا بالحق وتوا صوابالصبر"

(سچي ايمان وارا اهي انسان آهن، جيڪي چڱا عمل ڪن ٿا ۽ هڪ ٻئي کي سچ ڳالهائڻ ۽ صبر ڪرڻ لاءِ سمجهاڻيون ڏين ٿا، اهي دنيا جي سيني نقصانن ۽ خرابين کان ڇٽل رهن ٿا.)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهمان درويش بہ صبر ڪيو. آخر هڪڙي پيري آڌيءَ رات جو قرآن شريف جي پڙهڻ جو آواز ٻڌائين جان ڪٿي اٿي ڏسي تہ اهو معزور درويش قرآن شريف کوليو صحيح نموني سان وينو تلاوت ڪري. هڪدم آهستي آهستي هلي وڃي ان معذور وٽ ويٺو ۽ چيائينس تہ "اي درويش! تنهنجين اکين ۾ تہ بينائي جي ڪابہ طاقت ڏسڻ ۾ نٿي اچي، تنهن هوندي بہ تون قرآن شريف جي حرفن ۽ سٽن تي آڱريون رکيو پڙهندو وڃين ۽ تنهنجي آڱر ايئن پيئي هلي جيئن ڪنهن اکين واري جي آڱر درست طرح حرفن جي سٽن تي هلندي ويندي آهي." تنهن تي ان معذور درويش جواب ڏنس تہ "اي نيڪ مرد! تون خدا تعاليٰ جي قدرت اڳيان اها ڳالھ عجب جهڙي ٿو سمجهين ڇا؟ آءٌ ياد حافظ نہ آهيان پر قرآن شريف سان منديڻ ڪان منهنجو دلي قرب آهي، تنهن ڪري معذور ٿيڻ بعد مون خدا تعاليٰ کي اهو ئي سوال ڪيو، تہ يا رب سائين! فقط قرآن شريف پڙهڻ وقت اکيون عطا ڪر، باقي پوءِ جيئن تو ڪرڻ پسند ڪيون آهن، تيئن ڀل پوريل هجن" انهيءَ ڪريم ڪارساز جل شانہ منهنجو سوال اگهائي مون تي اها عنايت ڪرڻ فرمائي آهي.

## نصيحت- الله تعاليٰ وڏيءَ قدرت ۽ رحم وارو ڪارساز آهي

اي انسان! الله تعاليٰ جي ڪئي تي ڪڏهن بہ اعتراض ڪري نٿو سگهجي. هو قادر ڪريم ڪارساز جيڪڏهن ڪنهن کان ڪجھ وني ٿو، تہ ان جو عيوض هن کي ضرور ڏئي ٿو. هو ٽنڊن منڊن انڌن کي هٿ، پير ۽ اکيون بخشڻ وارو، غمگين کي بي پرواھ دل بخشڻ وارو ۽ اونڌھ وارن کي سوجهرو بخشڻ وارو آهي. عارف ۽ خدا شناس درويش هميشہ قضا تي راضي رهندا آهن. خدا طرفان آيل تڪليف ٽارڻ لاءِ خدا کان دعا گهرڻ هنن لاءِ عيب آهي."

## سورهين آکاڻي

## حضرت بهلول ۽ هڪڙي درويش جو سوال جواب

حضرت بهلول نالي هڪڙي مشهور درويش ڪنهن ٻئي درويش کان سوال ڪيو، تہ تنهنجو ڪهڙو حال آهي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درويش- تون ويچار ڪري ڏس، ته جهان هميشه پيو جنهن شخص جي مراد موجب هلندو هوندو، تنهن شخص جو ڪهڙو چڱو حال ٿي سگهندو؟ جنهن جي مراد موجب نديون ۽ ناليون وهن ٿيون، تارا متجن ستجن ٿا، جنهن جي خواهش موجب موت ۽ زندگي، گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ ڪاروبار ڪندا وتن جو جتي وٽيس اتي ماتم ڪرائي ۽ جتي وٽيس تتي شاديون رچائي، جنهن جي مرضي موجب راهه طريقت تي هلڻ وارا هلندا هجن ۽ نه هلڻ وارا روڪيا رهندا هجن، جنهن جي خواهشن کانسواءِ ڪوبه ڏند ڪلي نه سگهندو هجي، جنهن جي مرضيءَ کانسواءِ ڪوبه پن ڇڻي نه سگهندو هجي، جنهن جي حڪم کانسواءِ ڪنهن به موت جي منزل تي نه سگهندي هجي، جنهن جي ارادي کانسواءِ سمنڊ جي تري کان وٺي آسمان تائين ڪابه نبض نه چري سگهندي هجي، تنهن جو حال ڪهڙو چڱو هوندو؟

حضرت بهلول- اي درويش! تون سچ ٿو چوين. تنهنجو اقبال ۽ بزرگي تنهنجي پشيمانيءَ مان پڌري آهي. جيڪي تو پاڻ به نسبت چيو آهي، تنهن کان به تون وڌيڪ بزرگيءَ جو صاحب آهين، پر مهرباني ڪري اها حقيقت اهڙي نموني بيان ڪر، جو جهڙيءَ طرح ڪنهن دنيوي ماڻهو جي مغز ۾ ويهي سگهي، ڇاڪاڻ جو سڀ ڪنهن تقرير ۽ بيان ۾ اهڙو مصالحو هئڻ گهرجي، جو ان مان خاص توڙي عام ماڻهو پنهنجي پنهنجي سمجهه آهر فائدو پرائي سگهن.

درويش- هيءَ ڳالهه ته سڀ ڪنهن عام توڙي خاص جي سمجهه ۾ اچي سگهي ٿي، ته سارو جهان خدا تعاليٰ جي حڪم جو تابعدار آهي. دنيا جي ڪاروبار جو ذرو پرزو ان قادر مطلق جي امر تي ٻڌل آهي. جو ٻانهون قضاءِ رباني ۾ بلڪل فنا ٿي وڃي ۽ ڪنهن به اجر ۽ ثواب جي مراد کان سواءِ خدا تعاليٰ جي سڀ ڪنهن ارادي ۽ خواهشن کي پنهنجي عين مراد ڪري ڄاڻي ۽ پاڻ کي خدا تعاليٰ جي حڪم جو مظهر اتم (ڪامل ظهور جي جاءِ) ڄاڻي، ته انهيءَ صورت ۾ ساري جهان ۾ جيڪي به خدا تعاليٰ جي حڪم سان واقع ٿئي ٿو، تنهن کي اهو ٻانهو پنهنجي ذوق ۽ وجدان ۾ ڄڻ ته خود پنهنجي حڪم ۽ مراد موجب واقع ٿيل ڏسي ٿو. اهو ٻانهون پنهنجو مرڻ ۽ جيئڻ هڪ جهڙو ڄاڻي ٿو، هو الله تعاليٰ جي لاءِ ئي جيئي ٿو، پنهنجي ڪنهن به غرض لاءِ نٿو جيئي. هو الله تعاليٰ لاءِ ئي مري ٿو، رنج ۽ خوف جي ڪري نٿو مري. ان جو ايمان بهشت جي باغن ۽ ماڙين جي لالچ نه آهي، پر خاص الله تعاليٰ جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ آهي. هو دوزخ جي ڊپ کان گناهه نه ٿو ڇڏي پر حقيقي معبود جي ناراضپي جي ڊپ کان ڇڏي ٿو. هو ڪلندو ڏڌهن جڏهن خدا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعاليٰ جي مرضي ڏسندو. اي بهلول! جنهن ٻانهي جون اهي خصلتون هونديون، تنهن جي مرضي ۾ مراد موجب جهان کي هلندڙ ڪيئن نہ ليکبو؟ جنهن جو ڏک سک خدا کي سپرد ٿيل آهي، سو ڪنهن ڏک کي ڏک ڪيئن ڄاڻندو؟ ۽ سک کي سک ڪيئن سمجهندو؟"

## سترهين آکاڻي

## حضرت دقوقي درويش جي بزرگي

حضرت "دقوقي" هڪڙو ڪامل درويش هوندو هو، جيڪو هميشہ سفر ڪندو وتندو هو ۽ ڪنهنءَ ٻہ ڳوٺ ۾ ٻن ڏينهن کان وڌيڪ ڪنهن بہ صورت ۾ نہ ٽڪندو هو. ساري رات عبادت ۾ گذاريندو هو ۽ سارو ڏينهن پنڌ ڪندي گذرندو هوس. ايئن نہ آهي تہ هن کي ماڻهن کان نفرت هوندي هئي. ماڻهن تي هو تمام مهربان هوندو هو، پر انهيءَ هوندي بہ رهندو هميشہ بي تعلق هو. تعلق فقط حقيقي محبوب سان هوندو هوس. هو هميشہ خدا کان اهو سوال ڪندو هو، تہ "يارب ڪريم! مون کي پنهنجن خاص ٻانهن سان ملاقات نصيب ڪندو رهج." هو سفر ڪرڻ وقت هڪڙو يا ٻہ ڏينهن بہ اتي ترسندو هو، جتي کو خدا تعاليٰ جو نيڪ ۽ خاص ٻانهون مليو ويندو هوس.

هڪڙي شخص حضرت دقوقي کي چيو، تہ "اي دقوقي! تون چو سدائين اگهاڙين پيرين جهنگ جبل جهاڳيندو وتين؟ ڪا جتي نٿو وٺين؟"

حضرت دقوقي جواب ڏنس، تہ "منهنجن پيرن کي ڪنڊن، پهڻن ۽ واريءَ جي وچ ۾ ڪوبہ تفاوت نظر نٿو اچي اٌ اهڙي بي خوديءَ ۾ هلندو وتان، جو مون کي خبر ئي ڪانہ ٿي پوي، تہ هنن پيرن سان پنڌ ڪندو وتان، يا خدا تعاليٰ مون کي ڪي ٻيا پير پنڌ ڪرڻ لاءِ ڏنا آهن؟"...

**نصيحت- روحاني سفر**

اي انسان! محبوب سان جيڪي مست آهن، تن کي ڏکهي ۽ ننڍي مسافريءَ جو ڪهڙو احساس؟ مسافريءَ جي ڏکهائي ۽ ڇوٽائيءَ جو لاڳاپو جسم جي محتاجن سان لاڳو آهي، پر روحاني سفر ڪندڙن لاءِ نہ سفر جي ڏکهائي ۽ ڇوٽائي آهي ۽ نہ ٿڪ ۽ ماند



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪائي، ڏسو انسان "پاٽيءَ جي ڦڙي" جي صورت مان عقل جي درجي تي پهچڻ تائين جيڪو سفر ڪيو آهي، تنهن ۾ ان کي ڪهڙو تڪ محسوس ٿيو آهي؟ تڪ محسوس نہ ٿيڻ جو سبب هي آهي، جو اهو سفر پيرن سان نہ ڪيو ويو آهي. اسان جو جسم بہ روح کان سير ڪرڻ سکيو آهي، پر جسم جو سير پڌرو آهي ۽ روح جو سير ڳجهو.

شيخ دقوقي جتيءَ جي صلاح ڏيڻ واري ماڻهوءَ کي متيون جواب ڏيئي پوءِ بيان ٿو ڪري، تہ هڪڙي ڏينهن سج لهڻ وقت هڪڙي درياءَ جي ڪناري تي پهتس تہ پريان مون کي ست شمعون ٻرندڙ نظر آيون، جن جي روشني آسمان تائين پئي پهتي ۽ انهن جي روشني سج کي شرمايو بيٺي هئي. آءٌ انهن شمعن ڏانهن ڊوڙيس ڏسندو ويس، تہ اهي ست ئي شمعون هڪ شمع بنجي آسمان کي چيري مٿي چڙهنديون ٿي ويون ۽ وري بہ ساڳيون ستن جون ست شمعون بنجي ٻرڻ لڳيون. آءٌ حيرت ۾ ڊوڙندو ٽڙندو انهن شمعن ڏانهن پڄندو ويس. ڊوڙندي ڊوڙندي هڪڙي هنڌ ڪري پيس ۽ بي هوش ٿي ويس. جڏهن هوش ۾ آيس، تڏهن پاڻ ۾ هلڻ جي پهچ نہ ساريم.

اتان نهاريم تہ ستن شمعن جي بدران مون کي ست مرد نظر آيا، جن جي منهن جا تجلا سج ۽ تجلي کي مات ڪريو بيٺا هئا. اجا ڪجھ اڳتي وڌيس، تہ انهن ستن مردن جي بدران مون کي ست ساوا وڻ بيٺل نظر آيا، جن جي ميون ۽ سهڻن ساون پنن جي وچان ڪاتاري نظر نتي آئي. انهن وڻن جون چوٽيون آسمان سان پئي لڳيون. جيڪو پڪل ميوو انهن مان ڪريو ٿي، تنهن جو نور پاڻيءَ وانگر ٽمندو نظر پئي آيو.

انهيءَ بيابان جي پاسي کان جيڪي ماڻهو وڻ جي ڇانو لاءِ تڙڦندا اتي آيا، تن کي مون انهن وڻن ڏانهن هلڻ لاءِ چيو ٿي، تہ انهن کي ڪوبہ وڻ ڏسڻ ۾ نتي آيو ۽ انهن مون کي ڪو ديوانو سمجهي مون سان گڏجي انهن وڻن ڏانهن هلڻ کان انڪار ڪيو. آءٌ حيران ٿي ويس، تہ منهنجو هوش جاءِ نہ آهي يا هنن ايندڙن ويندڙن ماڻهن جي اکين تي قدرت جا پردا آڏا آيل آهن؟ آخر مون کي آواز آيو، تہ "اي دقوقي! تون انهن حقيقت جي زمين وارن وڻن ڏانهن تکو ڊوڙ. پر خبردار! ماٺ ڪر. غافل ماڻهن کي سمجهائي ڏيڻ ۾ پنهنجو مغز نہ کپاءِ، ڇاڪاڻ جو اهي وڻ عام جي اکين جي ڏسڻ لاءِ نہ آهن."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن جيئن انهن وٽن کي ويجهو ٿيندو ٿي ويس، تيئن اهي ڪنهن مهل پاڻ ۾ مليو هڪ وڻ ٿيو ٿي ويا، ته ڪنهن مهل وريو ستن جا ست ٿيو ٿي بيٺا. وڌيڪ ويجهو ويو سان ته اهي مون کي نماز پڙهندي نظر آيا هڪڙو وڻ ٿيو پيش امام باقي ڇهه ٿيا جماعتي. تنهن تي هيڪاري حيرت لڳيم ته وٽن کي نه چيلهه ۽ نه گوڏا تنهن هوندي به هو ڪيئن باقاعدي رڪوع ۽ سجدا پيا ڪن. اتي مون کي قرآن شريف جا لفظ دل تي تري آيا "والنجم والشجر يسجدان" (۽ تارا ۽ وڻ به خدا کي سجدو ٿا ڪن) مون کي وري به آواز آيو ته "اي دقاقي! اجا به خدا تعاليٰ جي قدرتي ڪمن تي عجب ٿو ڪائين؟"

جڏهن انهن وٽ وڃي پهتس، تڏهن ست ئي مرد مون کي انتظار ۾ ويٺل نظر آيا. مون کين سلام ڪيو. هنن منهنجو نالو وٺي مون کي سلام جو جواب ڏنو. مون کي وڌيڪ حيرت لڳي، ته آءٌ هنن کي نٿو سڃاڻي سگهان پر هنن کي منهنجو نالو به اچي ٿو. هنن چيو، ته "اي معزز دقوقي! جلدي ڪر اسان کي تنهنجي پٺيان نماز پڙهڻ جو ارادو آهي. مون انهن کان ٿوري مهلت گهري، جا انهن مون کي خوشيءَ سان ڏني. انهيءَ مهلت ۾ ساڻن گڏجي مراقبي ۾ ويٺس، مراقبي ۾ ويهڻ شرط مون کان پنهنجو پاڻ وسري ويو. تسلي ٿيم، ته اهي سڀ ”اوتاد“(۱) مون کي پنهنجي خلافت جو شرف ٿا بخشين.

آءٌ نهايت شرمسار ۽ عاجزيءَ سان انهن جو چوڻ ڪري امام ٿي بيٺس. جيئن درياءَ جي ڪناري تي مون امامت سان نماز پڙهي، تيئن درياءَ ۾ هلندڙ هڪڙي ٻيڙي اچي طوفان سبب ٻڏڻ لڳي ۽ ٻيڙيءَ ۾ چڙهيل ماڻهن وني رڙيون ڪيون ۽ دانهون مچايون. مون کي دل ۾ ترس اچي ويو، سو جيئن نماز پڙهندي منهنجي اکين مان زار زار پاڻي پئي وهيو، تيئن انهيءَ حال ۾ ئي انهن ٻيڙيءَ ۾ چڙهيل مسافرن جي بچاءَ لاءِ خدا تعاليٰ کان دعا گهريم، خدا تعاليٰ پنهنجي رحم ۽ فضل سان دعا قبول فرمائي ۽ اها ٻڏندڙ ٻيڙي سلامت اچي ڪناري تي پهتي.

اتي معلوم ٿيم، ته منهنجي پٺيان نماز پڙهندڙن ۾ سس پس (سر ٻر) ٿيڻ لڳي، ته هيءَ ٻيڙي بچائڻ جو ڪم اسان مان ڪنهن ڪيو آهي؟ جيڪا ٻيڙي خدا تعاليٰ جي خواهش موجب ٻڏي پئي، تنهن جي بچائڻ سان خدا تعاليٰ جي خواهش جي بي ادبي ڪنهن ڪئي آهي؟ آخر انهن ستن مان هر هڪ پاڻ کي

---

(۱) تصوف جي اصول موجب دنيا ۾ هڪڙو "قطب" (ولين جو سردار) ۽ "اوتاد" (دنيا جي ستن ڀاڱن مان هر هڪ ڀاڱي لاءِ روحاني عملدار) ۽ انهن جي زيردستيءَ ۾ "ابدال" "قلندر" وغيره عملو رهندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ گستاخيءَ ۽ بي ادبيءَ جهڙي ڪم کان بي ڏوهو ثابت پئي ڪيو ۽ يڪراءِ چوڻ لڳا ته ”تڏهن اها بوالفضوليءَ جهڙي دعا هن ڪئي آهي، جنهن کي پنهنجو امام ڪري بيهاريو اٿئون.“

اها سربر معلوم ڪري جان ڪٽي پنيان نهاريان ته مقتدين (پنيان نماز پڙهندڙن) مان نه ڪو ليپي نه ٿي نهي. آءُ فقط اڪيلوئي اڪيلو بيٺو آهيان.

اهي حقاني مرد مون کان اتي جو اتي ايئن گم ٿي ويا جيئن مڇي درياءَ ۾ ٽبي ڏيئي گم ٿي وڃي. انهيءَ وقت کان وٺي هيترا سارا ورهيه مون کي انهن جي ملاقات نصيب نه ٿي آهي.

## نصيحت- دعا خدا تعاليٰ وٽ ضرور قبول پوي ٿي

اي خدائي راز کان غير واقف انسان! تون يقين رک، ته جڏهن ڪوبه ٻانهون نيڪ نيتيءَ ۽ صاف دليءَ سان خدا تعاليٰ کان دعا گهري ٿو، اها دعا ضرور قبول پوي ٿي. جڏهن خدا تعاليٰ جو فرمان آهي، ته ”ادعوني استجب لڪم“ (مون کي پڪاريو، ته آءٌ اوهان جي پڪار قبول ڪريان)

هڪڙا درويش هي عقيدو رکندا آهن، ته خدا تعاليٰ کي جيئن وڻي تيئن ڪري. انسان کي خدا تعاليٰ جو ڪيو پوڳڻ کپي ۽ ڪڏهن به خدا تعاليٰ کان تڪليف جي دفع ڪرڻ لاءِ دعا نه گهرجي. جيئن شيخ دقوقي جي پنيان نماز پڙهندڙن حقاني مردن جو عقيدو هو. ٻين درويشن جو عقيدو آهي، ته انسان کي خدا تعاليٰ جي اڳيان پنهنجي عاجزي ۽ نياز مندي پيش ڪرڻ نهايت سهڻو ڪم آهي ۽ الله پاڪ به دعا گهرڻ جو حڪم ڏيڻ فرمائي ٿو. دعا جيڪڏهن تقدير سان موافق نه هوندي، ته به الله رحيم ڪريم جلشانه جي اڳيان پنهنجي عاجزي ۽ نياز مندي پيش ڪرڻ ۽ پنهنجي احتياج ۽ ضرورت کي ظاهر ڪرڻ نهايت سهڻو ڪم آهي ۽ دعا بيشڪ گهرڻ گهرجي، خصوصاً جڏهن حق تعاليٰ به ٻانهن کي دعا گهرڻ جو حڪم ڏيڻ فرمائي ٿو.

شيخ دقوقي جي حڪايت مان هي ٽي قيمتي سبق اسان کي حاصل ٿين ٿا:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١) انسان ذات کي مصيبت ۾ گرفتار ٿيل ڏسي انهن جي حق ۾ چوڻڪاري جي دعا گهرڻ بزرگن جو شان آهي.
(٢) ڪرامت ظاهر ڪرڻ هرويرو ڪماليت جي نشاني نہ آهي. ايئن بہ ٿي سگهي ٿو تہ هڪڙو ولي بہ ڪا اهڙي ڪرامت ڏيکاري، جيڪا ان کان وڏي درجي وارو ولي بہ ڏيکاري نہ سگهي. جيئن شيخ دقوقي جي پنيان نماز پڙهڻ وارن ولين ستن شمعن ۽ ستن وڻن بڻجڻ جي جيڪا ڪرامت ڏيکاري هئي، تنهن شيخ دقوقيءَ کي بہ حيران ڪري ڇڏيو هو.

## ارڙهين آکاڻي
## حضرت عيسيٰ عليہ السلام سان سوال جواب

هڪڙي ڏينهن حضرت عيسيٰ عليہ السلام کنهن جبل ڏانهن اهڙو تکو ڊوڙندو ويو جو ڄڻ کو شينهن يا خوفناڪ دشمن پنيان پيو اٿس. هڪڙو ماڻهو حضرت عيسيٰ کي اهڙو تکو ڀڄندو ڏسي پنيان سڏ ڪرڻ لڳو تہ "اي حضرت عيسيٰ! تنهنجي پنيان مون کي ڪوئي دشمن ايندڙ نٿو ڏسڻ ۾ اچي، پوءِ تون ڇو اهڙو بي خطا ڊوڙندو وڃين؟" حضرت عيسيٰ ان ماڻهوءَ کي ڪوبہ جواب نہ ڏنو پر پنهنجي طاقت آهر تکو ڀڄندو ويو. هو ماڻهو ڏاڍو حيران ٿيو، تہ هڙي سگوري انسان کي ڪهڙي لاچار ههڙي تکي ڊوڙڻ تي مجبور ڪيو آهي. هو بہ تکو ڊوڙي سندس پنيان چوڻ لڳس، تہ "اي عيسيٰ! خدا جي نالي ٿورو بيهہ ۽ منهنجي مشڪل سوال کي حل ڪري پوءِ ڀل هليو وڃ. " خدا جي نالي پوڻ ڪري حضرت عيسيٰ بيهي رهيو ، تڏهن ان شخص چيس تہ "اي بزرگ انسان ! مونکي مهرباني ڪري ٻڌاءِ، تہ ڪهڙي خوف کان تون هيئن بي خطا ڀڄندو وڃين؟حضرت عيسيٰ چيس، تہ " اَءُ احمق انسان جي صحبت کان ڀڄي پنهنجي جند ٿو ڇڏايان، تون پنهنجي واٽ وٺيو هليو وڃ ۽ مون کي نہ روڪ."
ان شخص چيو تہ "اي خدا جا نبي! تون اهو مسيحا آهين نہ، جو انڌن، منڊن، ڪوڙهين ۽ ٻين بيمارين کي ڦيٽي سان تندرست ڪندو آهين؟ تون اهوئي آهين نہ، جيڪو اسم اعظم چوڪارڻ سان مئل جياريندو آهين ۽ مٽيءَ جي پکين ۾ ساهہ ڦوڪيندو آهين. جيڪي اڏامي اٿي هلندا آهن؟ اهڙي ڪرامت وارو انسان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون آهين، تڏهن احمقائيءَ جي مرض کي ڇو نٿو دفع ڪري سگهين؟“ حضرت عيسيٰ جواب ڏنس، ته ”انڌائي، منڊائي وغيره مرض انسان لاءِ خدائي آزمائشون آهن، تن جو تدارڪ ٿيڻ آسان آهي، پر احمقائي خدائي قهر آهي، جنهن جو ڪو علاج ڪونهي.“

**نصيحت - احمق جي صحبت کان هميشه ڀڄندو رهه**

اي انسان! احمق جي صحبت کان ائين ڀڄ، جيئن ڪانءُ ڀڄي ڪمان کان. احمق جي صحبت سوين خون وهايا آهن. احمق انسان اهڙو بدبخت آهي، جنهن جي بهتريءَ لاءِ رحم ڪوبه ڪم ڏيئي نٿو سگهي. جيئن هوا ٿورو ٿورو پاڻي بخار جي صورت ۾ چورائيندي رهي ٿي تيئن احمق (مورک) جي صحبت هوريان هوريان تنهنجي دينداري چورائيندي رهي ٿي. حضرت عيسيٰ نبي هو، هن کي احمق کان ڊڄڻ ۽ ڀڄڻ جو ڪوبه ضرور ڪونه هو، پر هو اسان کي سبق ڏيڻ لاءِ ئي ڀڳو، ته ”احمق جي صحبت کان ڀڄندا رهجو.“

## اوڻيهين آکاڻي
## بي نمازي امير ۽ نمازي غلام

هڪڙي بي نمازي امير وٽ سنقر نالي هڪڙو غلام هو، جنهن جو نماز سان عشق هوندو هو. هڪڙي ڏينهن فجر جو امير کي وهنجڻ جي ضرورت پئي، سو غلام کي هڪل ڪري چيائين، ته ”اي سنقر! جلد ننڊ مان سجاڳ ٿيءُ ۽ نوڪرياڻيءَ کان ڏول، بدن اگهڻ جو ڪپڙو ۽ تيل ميٽ وٺي اچ. سنقر هڪدم اٿيو ۽ نوڪرياڻيءَ کان اهو سامان وٺي امير سان گڏجي حمام (غسل خاني) ڏي هليو. واٽ تي هڪڙي مسجد هئي، جنهن مان فجر جي نماز جي بانگ جو آواز سنقر جي ڪن تي پيو. سنقر امير کي چيو، ته ”سائين! توهان هن دڪان تي ٿورو ترسو، ته آءٌ مسجد مان نماز پڙهي اچان پوءِ اوهان کي هلي غسل ڪرايان.“ امير دڪان تي ويٺو ۽ سنقر مسجد ۾ نماز پڙهڻ ويو.
امير ڀانيو، ته منهنجي انتظار جي ڪري سنقر تڙ تڪڙ ۾ نماز پوري ڪري اجهو ٿو اچي. پر سنقر کي مسجد ۾ ڪلاڪ کن لڳي ويو. تنهن کان پوءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسجد جو پيش امام ۽ ٻيا جماعتي نماز پڙهي مسجد مان نڪتا، پر سنقر وڏي سج چڙهڻ تائين مسجد ۾ ويٺو رهيو ۽ امير ٻاهر دڪان تي انتظار ڪندو رهيو. آخر امير سڏ ڪيو، ته "اي سنقر اچا ڇو ٻاهر نٿو نڪرين؟" سنقر جواب ڏنو، ته "ذرا صبر ڪريو، مون کي اوهان جي ڳالهه ياد آهي، پر مون کي هتي اچا ڪو وهاريو ويٺو آهي، جو ڇڏيم ئي نٿو.

ست ڀيرا امير رڪي رڪي سنقر کي سڏ ڪيا، پر ڀيري ڀيري سان سنقر اهو ئي جواب ڏنو ته "مون کي ڇڏي ئي نٿو جو ٻاهر اچان." آخر امير چيو ته "اي سنقر! مسجد ۾ ته ٻيو ڪوبه ماڻهو ڪونه رهيو آهي، جيڪو توکي نٿو ڇڏي. ٻڌاءِ ته ڪنهن توکي اتي ٻڌي وهاريو آهي؟" سنقر جواب ڏنو ته "جنهن توکي مسجد کان ٻاهر ٻڌي وهاري ڇڏيو آهي، تنهن مون کي مسجد ۾ ٻڌي وهاري ڇڏيو آهي ۽ جيڪو توکي مسجد ۾ داخل ٿيڻ ئي نٿو ڏئي، سو مون کي مسجد مان نڪرڻ ئي نٿو ڏئي."

## نصيحت- انسان دل جي رغبت ۾ قابو رهي ٿو

مڇين کي پاڻي ٻاهر نٿو ڇڏي ۽ خشڪيءَ تي رهندڙن کي پاڻي پنهنجي اندر ۾ رهڻ نٿو ڏئي. ساڳيءَ طرح وحدانيت جو درياءُ به ڪنهن کي قرب بخشي ٿو۽ ڪنهن کي گمراهيءَ جي چڪر ۾ وجهي ٿو. مڇيءَ جو اصل پاڻيءَ سان ۽ خشڪيءَ تي رهندڙن جانورن جو اصل مٽيءَ سان ٻڌل رهي ٿو. انهيءَ ڪري مڇي کي خشڪيءَ تي ۽ خشڪيءَ جي جانور کي پاڻيءَ ۾ رکڻ جي ڪوشش بيڪار ثابت ٿيندي. ايمان واري انسان جي فطرت ۾ عبادت ڏانهن رغبت رکي ويئي آهي ۽ حق جي منڪر جي سرشت ۾ فتني ۽ گناهه جي خواهش داخل ڪيل آهي، تنهن ڪري هو پنهنجي پنهنجي مرغوبات (دلپسند خواهشن) جي طرفان مئل رهڻا آهن. هنن کي اتان هٽائڻ ناممڪن آهي. هڪڙي حديث شريف ۾ آهي، ته "ايمان وارو انسان مسجد ۾ ائين آهي جيئن مڇي پاڻيءَ ۾ ۽ بي ايمان انسان مسجد ۾ ائين آهن جيئن پکي پڃري ۾." بيشڪ قضا الاهي، جيڪا فطرت جو بنياد آهي، تنهن جو ڪلف ڳرو ڪلف آهي، تنهن هوندي به جڏهن ان جو کولڻ وارو خدا تعاليٰ آهي، تڏهن ان جو کلڻ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کهڙي ڳري ڳالھ آهي؟ تنھن ڪري فطرت جي ڪلف ڪولائڻ جي لاءِ تسليم ۽ رضا جي ڏاڍي ڪي هٿ ۾ رک يعني رضاءِ الاهي تي راضي رهه تہ اهو مشڪل آسان ڪري. تسليم ۽ رضا تي قائم رهڻ جي تعليم تون پنھنجي مرشد کان حاصل ڪري سگھين ٿو. جڏهن خوديءَ کان آجو ٿيندين، تڏهن توکي پاڻ مرادو درگاھ حق ۾ ياد ڪندا. جيڪڏهن تون روحاني آزادگي گھرين ٿو، تہ بندگي ڪر. حق ۾ فنا ٿيءُ تہ بقاءُ جو درجو ماڻين.

## نصيحت- اميد تي ئي دنيا قائم آهي

جيڪڏهن ڪو ماڻھو سوداگريءَ تي وڃڻ مهل چوندو تہ "جيستائين مون کي پڪ ٿئي، تہ منھنجو ٻيڙو سلامت موٽي ايندو، تيستائين آءٌ سوداگريءَ تي نہ ويندس، تہ انھيءَ حالت ۾ پڪ ڄاڻو تہ اهو سوداگر ڪڏهن بہ پنھنجي ڌنڌي ۾ ڪامياب نہ ٿيندو. ناڪاميءَ جي خوف هوندي بہ وڏي دل ڪري اميد قائم رکڻ سان انسان ڪاميابي حاصل ڪري سگھندو. جڏهن دنيا جا سڀ ڌنڌا خوف هوندي بہ اميد رکڻ سان بر صواب ٿين ٿا، تڏهن اي انسان! تون روحاني رستي ۾ اميد قائم رکي ڇو نہ ٿو ڪاهي پوين، جيڪڏهن توکي پنھنجي ڪمزورين جو خوف آهي، تہ قادر مطلق ڪريم ڪارساز جي بي انتها ڪرم ۽ فضل ۾ وڏيون اميدون ڇو نہ ٿو رکين؟ تنھنجو ڪم آهي اميد رکي ڪوشش ڪرڻ ۽ ڪارسازيءَ جو بار خدا تعاليٰ کي سپرد ڪرڻ.

## ويھين آکاڻي

### حضرت انس رضي الله تعاليٰ عنه جو رومال ۽ تنور

حضرت انس بن مالڪ، جيڪو مديني شريف جو وينل ۽ حضرت محمد ﷺ جن جو خاص پيارو خادم هو، سو هجرت وقت ٻارهن ورهين جي عمر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو هو ۽ حضرت عمر فاروق اعظم جي خلافت وقت بصري ۾ وڃي رهيو ۽ هجري سنه ٩١ ۾ ١٠٣ ورهين جي عمر ۾ بصري وارن سڀني اصحابن سڳورن رضه کان پڇاڙيءَ ۾ رحلت ڪئي هئائين، تنهن بابت چيل آهي، ته هڪڙو شخص پنهنجن ساٿين سميت هن وٽ اچي مهمان ٿيو. ماني کائڻ بعد حضرت انس ڏنو، ته دسترخوان تي سٽ ۽ شوري جا داغ لڳل آهن ۽ سڄو دسترخوان زردو ٿيو پيو آهي. نوڪرياڻيءَ کي سڏ ڪري چيائين ته "هي دسترخوان کڻي وڃي تنور ۾ وجھ." نوڪرياڻي بروقت حڪم موجب دسترخوان کي تنور ۾ وڃي وڌو، جيڪو ٽانڊن سان پريو پيو هو. سڀئي مهمان حيرت ۾ پئجي ويا ۽ سمجهيائون ته اجهو ٿو دسترخوان سڙي ۽ گرمي جي ڇٽ اجها ٿي پڪڙجي. ڪلاڪ کن کان پوءِ حضرت انس رضه نوڪرياڻيءَ کي تنور مان دسترخوان ڪڍي اچڻ لاءِ حڪم ڏنو. نوڪرياڻي تنور مان دسترخوان ڪڍي آئي، ته صاف ۽ اڇو اجرو ٿيو پيو هو. ڪو سٽ يا ميراڻ جو ٽڪو مٽس نه هو ۽ نه وري ان جي ڪا تند ڪتان سڙي هئي. مهمانن حضرت انس کي چيو، ته "هي ڪهڙو سبب؟ رومال (دسترخوان) سڙيو ته ڪونه، اٽلندو صاف ۽ اڇو اجرو ٿي تنور مان نڪتو!"

حضرت انس مهمانن کي چيو، ته "انهيءَ رومال (دسترخوان) سان ڪيترائي ڀيرا پاڻ سڳورن ﷺ جن پنهنجا هٿ ۽ منهن مبارڪ اگهيو هو."...

## نصيحت- حضرت محمّد صلعم جي عاشقن کي ڪهڙو ڏپ

اي دوزخ جي باھ کان ڏڇندڙ دل! تون انهن سڳورن هٿن ۽ مبارڪ منهن جي ڏٺي جي عاشق ٿيءُ ۽ اهي هٿ (انهن جي جاءِ نشين اوليائن جا هٿ) چم پوءِ دوزخ جي باھ جو ڏپ نه ڪر. جڏهن هڪڙي جامد (بي جان ڪپڙي) کي سندن ڇهڻ جي برڪت سببان باھ اثر نه ٿي ڪري سگهي، تڏهن ويچار ڪري ڏس ته سندن عاشقن جاندارن جي جان کي ڪهڙو نه اعليٰ رتبو حاصل ٿيندو.

پوءِ وري اهي مهمان نوڪرياڻيءَ کي چوڻ لڳا، ته "بيبي! تون حضرت انس رضه جي چوڻ تي بنان هٻڪ کڻي رومال کي تنور ۾ اڇليو. توکي اهو خيال به ڪونه ٿيو، ته هيءَ ڪپڙي جهڙي شيءِ ٽانڊن ۾ هڪدم سڙي ويندي؟ ههڙو قيمتي سنو رومال تو ڪيئن امالڪ کڻي تنور ۾ وڌو؟" نوڪرياڻيءَ چيو، ته مون کي نيڪ انسانن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي پورو اعتبار آهي ۽ پڪ اٿم ته خدا جا نيڪ ٻانها جيڪو حڪم ڏيندا، سو ضرور ڪنهن حڪمت ۽ مصلحت تي ٻڌل هوندو. اهو ته رومال اڇلڻ جي لاءِ حڪم ڏنائين پر جيڪڏهن مون کي تنور ۾ ٽپي پوڻ لاءِ حڪم ڏئي ها، ته به آءٌ بنان دير تنور ۾ ٽپي پوان ها.

**نصيحت- بزرگن جي فرمانبرداري ڪر**

اى برادر خود براين اكسير زن

كم نبايد صدق مرد از صدق زن

(اي ڀاءُ! تون به پاڻ کي ڪنهن اهڙي اڪسير ڪامل بزرگ جي صحبت سان شامل رک جنهن ۾ تنهنجو ڪامل ويساهه هجي. مرد جي ويساهه جي سچائي زال جي ويساه جي سچائيءَ کان گهٽ هئڻ نه گهرجي.) جيڪڏهن ڪنهن مرد جي دل عورت جي دل کان به گهٽ درجي واري آهي، ته اها مرداني دل اوجهريءَ کان به ابتر ڇٽبي، ڇاڪاڻ جو اوجهريءَ ۾ جيڪڏهن غلاظت ڀريل آهي، ته اهڙي دل ۾ وري بي اعتباريءَ، نفاق ۽ بدظنيءَ جو ڪچرو ڀريل آهي.

## ايڪيهين آکاڻي
## هڪڙي قافلي جي فرياد رسي

هڪڙو قافلو ڪنهن بيابان ۾ پاڻيءَ جي اٽاٽ سبب اچي تمام پريشان ٿيو، ۽ سيني قافلي وارن پنهنجي جيئڻ جو آسرو لاهي ڇڏيو. اوچتوئي اوچتو حضرت محمد ﷺ جن انهيءَ بيابان ۾ اچي وارد ٿيا. ڏٺائون ته هڪڙو وڏو قافلو ورياسي بيابان ۾ پاڻيءَ لاءِ حيران آهي ۽ انهن جي اٺن جون زبانون ٻاهر نڪري آيون آهن ۽ ماڻهو واريءَ تي جيئڻ جو آسرو لاهيو ڪريا پيا آهن. حضرت جن کي ڏاڍو ترس پئجي ويو، سو پنهنجن اصحابن کي حڪم ڏنائون ته ”جلد ڊوڙو ۽ هنن دڙن جي پٺيان هڪڙو حبشي غلام سندس رئيس لاءِ پاڻيءَ جي ڀريل سانداري اٺ تي کڻيو پيو وڃي تنهن کي سانداريءَ سميت وٺي اچو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن خوشيءَ سان نہ اچي، تہ زبردستيءَ سان بہ سانداري وٺانئس ڪسي اچو، ڇاڪاڻ جو گهٽن جي ساهہ بچائڻ لاءِ ڪنهن هڪڙي سان زبردستي ٿيڻ عين انصاف آهي.“ حضرت جن کي ”ڪشف“ جي وسيلي حبشي غلام جو سانداري سميت اٺ تي سوار هئڻ معلوم ٿيو هو. اصحاب سڳورا رضہ هڪدم اوڏاهن ڊوڙيا تہ هنن کي برابر ڀريل سانداريءَ سان شتر سوار حبشي غلام مليو. هن کي چيائون تہ ”تو کي هيڏانهن حضرت رسول ڪريم شافع جان عليہ الصلواة والسلام جن سڏين ٿا.“

حبشي غلام چيو، تہ ”آءٌ هن کي سڃاڻائي ڪونہ.“ اصحابن رضہ چيس، تہ ”ان جو سڳورو نالو محمد آهي، جنهنجو ناماچار چؤطرف پکڙيل آهي. هن ۾ هي هي برڪتون ۽ ڀلايون آهن.“ تنهن تي حبشي غلام چيو، تہ ”اهو تڏهن ڪو جادوگر هوندو، جنهن ايترا ماڻهو ڪٺي پنهنجا تابعدار بنائي وڌا آهن. آءٌ هڪڙي وک بہ ان ڏانهن نہ هلندس.“ اصحابي سڳورا زبردستيءَ سان گهلي ڀريل سانداريءَ سميت حضرت جن وٽ وٺي آيا حضرت جن هڪدم قافلي وارن اجايلن کي پاڻي پيئڻ لاءِ ڏنو. سارو قافلو تہ ان سانداريءَ مان ڍؤ تي پاڻي پئي چڙهيو، پر سندن سيني اٺن بہ پاڻي پيتو، تنهن ڪان پوءِ بہ پاڻي بچي پيو، جيڪو قافلي وارن پاڻ سان ڪنيو. حضرت جن جي دعا سان الله تعاليٰ جلشانہ ان سانداريءَ کي برساتي ڪکر بنائي وڌو...

## نصيحت- رڳو سببن جو محتاج نہ ٿيءُ، بلڪ مسبب الاسباب ۾ ايمان رک

اي انسان! تون نندڍڻ ڪان وٺي سببن تي ڳنڍ ٻڌي ويهڻ تي هريل آهين، تنهن ڪري مسبب الاسباب (سببن جي بنائيندڙ) يعني خدا تعاليٰ ڪان غافل آهين، ۽ نٿو سمجهين، تہ جيڪو قادر مطلق سببن مان نتيجا پيدا ڪرڻ وارو آهي، تنهن جي طاقت ۽ قدرت ظاهري سببن ڪان سواءِ بہ سڀ ڪجهہ ڪري سگهي ٿي.

... قافلي وارا انهيءَ معجزي جهڙي ڪم ڪان حيران ٿي چوڻ لڳا، تہ ١٠ ”اي فيض جا درياءَ! هيءَ ڪهڙي حڪمت جو هڪڙي سانداري درياءَ جو ڪم ڏيئي چڪي آهي؟“ حضرت جن قافلي وارن کي جواب ڏيڻ ڪان اڳ سانداريءَ واري حبشي غلام کي فرمايو، تہ ”تون پنهنجي سانداري ڏس، تہ ان ۾ ڪيترو پاڻي آهي؟ غلام پنهنجي سانداريءَ کي پاڻي سان ڀريور ڏسي روحاني رقت ڪان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکين ۾ آب آٽي عرض ڪيو، ته "قربان وڃان، منهنجي سانداري جهڙي اگ پريل هئي، تنهن ڪان به وڌيڪ ڪشيل ۽ پريل آهي. حضرت صلعم جن انهيءَ حبشي غلام جي بدن تي مبارڪ هٿ گهمايا، ته ان جو ڪارو رنگ متجي سهڻو ترڪي رنگ بنجي پيو ۽ پوءِ غلام کي حڪم ڏنائون، ته "هاڻي تون پنهنجي رئيس وٽ هليو وڃ." غلام حيرت جي درياءَ ۾ غوطا کائيندو پنهنجي اٺ تي پريل سانداريءَ سميت سوار ٿيو ۽ پنهنجي رئيس وٽ اچي حاضر ٿيو، جيڪو پڻ ڪنهن ويجهيءَ چڪ ۾ منزل هٽيو غلام جي اچڻ جون واٽون نهاري رهيو هو.

رئيس غلام کي پري کان ايندو ڏسي حيران ٿي ويو ۽ هن کي سڃاڻي نه سگهيو. بلڪ چيائينس، ته "تون منهنجي غلام کي قتل ڪري پاڻ سانداري ڪٿي آيو آهين ڇا؟ سچي ڪر منهنجو غلام ڪيڏانهن ويو؟" پرياسي واري ڳوٺڙي جي ماڻهن کي رئيس گڏ ڪيو ۽ هنن کي به چيائين، ته "هيءُ ڪو چور يا ڌاڙيل منهنجي غلام کي ماري ڪنهن ٻئي پاسي پڇي وڃڻ وارو هو، پر منهنجي اٺ ئي هن کي هٿ آٽي ڪڍيو آهي. هيءُ خبر نه آهي، ته ڪو ترڪ يا ڪرد نڳ آهي، پر چوي ٿو، ته آءٌ ساڳيو حبشي غلام آهيان، انهيءَ ڳالهه تي ڪير ويساهه ڪندو؟" حبشي غلام نهايت ادب ۽ سنجيدگيءَ سان جيڪي ٿي گذريو هو، سو سربستو احوال صاف دليءَ سان پنهنجي رئيس کي سڀني حاضر ماڻهن جي روبرو بيان ڪري ٻڌايو. جنهن وقت کان وٺي هو پنهنجي رئيس وٽ غلام ٿي رهيو هو، تنهن وقت کان جيڪي حال حقيقتون ان رئيس جون جيئن هيون (گهر ۾ خواه سفرن ۾) ۽ جن حالتن جي خبر ڪنهن خاص حاضريءَ جو نوڪر ڪانسواءِ ٻئي کي معلوم نه هجن، سي به سڀ ان غلام پنهنجي رئيس کي ياد ڏياريون. تنهن تي رئيس کي پڪ ٿي ته هي برابر منهنجو ساڳيو ئي حبشي غلام آهي، سندس جسم جي رنگت بيشڪ پيغمبري معجزي ۽ حقاني قدرت جي ثابتي آهي.

## نصيحت- جسم کي ڇڏي روح کي سڃاڻ

جيڪي ماڻهو ڪنهن شخص کي فقط ان جي جسم ڪري سڃاڻن ٿا، سي هن جي جسم جي رنگت متجڻ ڪري هن کي وساريو ڇڏين، جيئن رئيس پنهنجي حبشي غلام کي وساري ڇڏيو هو، پر جيڪي ماڻهو روح تي نظر رکن ٿا، سي ڪڏهن ڀلجي نٿا سگهن، ڇو ته روح لازوال ۽ غير متغير شيءِ آهي، تنهن ڪري روح



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي سڃاڻڻ وارا جسم جي پرواه نٿا ڪن. پاڻيءَ جو اجايل پاڻيءَ ڏانهن ڏسندو آهي، ته اهو سوادي آهي يا بي سوادي، پر پيالي ڏي نه ڏسندو آهي ته سونو پيالو آهي يا ٺڪر جو. روح کي سڃاڻڻ وارا عدد ۽ ڪثرت کان فارغ آهن. اهي وحدت جي بي ڪيفيت ۽ غير محدود درياءَ ۾ غرق آهن. تون جيڪڏهن روح کي سڃاڻڻ گهرين ٿو، ته پهريائين جسمانيت کان اڳتي سراپا روح بنجي پؤ ۽ پوءِ روح جي وسيلي روح کي سڃاڻ. تون "مشاهده" (اندر جي اکين سان ڏسڻ) جو شائق رهه ۽ نه "قياس" (ظاهري عقل) جو.

فرشتا ۽ روحاني عاقل هڪڙي ئي بنياد (نور) مان پيدا ٿيل آهن، نفس ۽ شيطان وري ٻئي هڪڙي ئي جوهر (تاريڪيءَ) مان پيدا ٿيل آهن. اهو ئي سبب آهي، جو فرشتن حضرت آدم جي روح تي نظر ڪري سجدو ڪيو ۽ شيطان حضرت آدم جي جسم تي نظر ڪري سجدي ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ لعنتي ٿيو. سراپا روح بنجڻ ۽ روح جي سڃاڻڻ جو رستو اي انسان! توکي انهن عارفن کان ئي حاصل ٿيندو، جيڪي خود روح شناس آهن.

## نصيحت- پاڻ ۾ طلب پيدا ڪر، ته مطلوب پاڻ مرادو حاصل ٿيئي

خدا تعاليٰ هن زمين ۽ آسمان ۾ جيڪي به انهن ۾ آهي، سو سڀ حاجتمندن جي حاجت روائيءَ لاءِ پيدا ڪيو آهي. جتي گهرج پيدا ٿئي ٿي، اتي گهرج جو سامان موجود ٿئي ٿو. جتي درد پيدا ٿئي ٿو، اتي ان درد جي دوا ميسر ٿئي ٿي. اي انسان تون فقط پنهنجي اندر ۾ اڄ پيدا ڪر، ته پاڻي توکي موجود ٿي ملي. پنهنجي اندر ۾ طلب پيدا ڪر ته، مطلوب توکي حاصل ٿئي. ڏس ننڍڙو ٻار، جيڪو کير کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن به خوراڪ جو هيراڪ نه آهي، سو به جڏهن پيدا ٿئي ٿو، تڏهن ان جي ماءُ جي ڇاتيءَ ۾ کير پيدا ٿئي ٿو. تون جڏهن پنهنجي پوک کي پاڻي جي ضرورت ڏسين ٿو، تڏهن ڪيئن نه جان فشاني ڪري ان کي پاڻي پهچائين ٿو؟ تنهنجي روحاني جذب ۽ شوق جي پوک جي واسطي (جنهن ۾ حقاني اسرار


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا جوهر لڪل آهن) ٻه خدائي رحمت جا ڪڪر وسڻا آهن، جيڪي آب ڪوثر سان ڀريل آهن.

**نصيحت- ڏک ۽ سک لڪل سمجهه**

اي انسان! توکيَ جڏهن ڪوبه ڏک يا نقصان پهچي، تڏهن تون پڪ ڄاڻ ته انهيءَ ڏک ۾ تنهنجي لاءِ ڪو سک ۽ انهيءَ نقصان ۾ تنهنجي لاءِ ڪو فائدو خدا تعاليٰ مقرر ڪري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن قضا سان تنهنجي ڪا شيءِ گم ٿي وڃي، ته ارمان نه ڪر، پڪ ڄاڻ ته تنهنجي سر تان ڪا آفت ٽري آهي. الله تعاليٰ جو فرمان آهي، ته "لا تاسوا عليٰ ما فاتڪم" (پنهنجي ويل شيءِ جو ارمان نه ڪريو).

**تمثيل - حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن جو موزو:**

هڪڙي ڏينهن پاڻ سڳورن ﷺ جن ڪنهن هنڌ وضو ويٺي ڪيو ۽ سندن پيرن جا موزا سندن ڀر ۾ پيا هئا. وضو سارينديِ جڏهن پير ڌوتائون ۽ پيرن ۾ وجهڻ لاءِ موزي ڏي هٿ ٿي ڊگهاريائون، ته موزي تائين هٿ مبارڪ پهچڻ کان اڳ هڪڙو موزو عقاب پڪي کڻي اڏامي ويو. حاضر اصحاب سڳورن رضه اجا عقاب ڏي پئي نهاريو، ته ايتري ۾ عقاب هوا ۾ موزي کي اڇلايو، ته ان مان نانگ پٽ تي ڪري پيو. تنهن کان پوءِ عقاب موزي کي کڻي زمين تي ڇڏيو ۽ اصحابن ڊوڙي اهو وڃي کنيو ۽ حضرت جن کي آڻي ڏنائون تنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو، ته اسان ڀانيو ته عقاب اسان سان جفا ٿو ڪري. پر نه، ان کي خدا تعاليٰ اسان سان وفا بجا آڻڻ لاءِ موڪليو هو.

## ٻاويهين آکاڻي
## جانورن جي ٻولي سکڻ جو خواهشمند ماڻهو

هڪڙي شخص حضرت موسيٰ کي چيو، ته مون کي مهرباني ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جانورن جي ٻولي سيکاريو، ته آءٌ جانورن جي ٻولي ڪري سگهندس. جيئن ته ماڻهو رڳو پيٽ قوت ۽ نڱين نوڳين ۽ جنگين جهيڙن بابت پاڻ ۾ گفتگو ڪن ٿا، تنهن ڪري حيوان به پاڻ ۾ جدا جدا احتياجن بابت ڏسان ته ڪيئن ٿا هڪ ٻئي سان ڳالهيون ٻولهيون ڪن." حضرت موسيٰ هن کي چيو، ته ميان! انهيءَ خطرناڪ ڳالهه تان لهي وڃ، ڇاڪاڻ جو جانورن جي سمجهڻ ڪري خوفن ۽ خطرن ۾ گهيرجي وينديں. تو کي عبرت ۽ بيداري حاصل ڪرڻي آهي، ته خدا تعاليٰ کان اها سگهه گهر ۽ نه جانورن جي ٻولين جي سمجهڻ جي طاقت."

حضرت موسيٰ جي انهيءَ جواب تي هُو جوان انهيءَ ڳالهه تي وڌيڪ زور رکڻ لڳو، ڇو جو دستور آهي، ته انسان کي جنهن ڳالهه کان منع ڪبي آهي، تنهن ڳالهه جو هن کي وڌيڪ شوق ٿيندو آهي. انهيءَ ڪري هو چوڻ لڳو ته "اي حضرت موسيٰ! تون خدا تعاليٰ جو نبي آهين. ماڻهن جون طرح طرح خواهشون پنهنجي ڪرم سان پوريون ڪندو رهين ٿو. مون هڪڙي کي تون نااميد ڪرين، سا ڳالهه تنهنجي شان وٽان نه آهي." حضرت موسيٰ پنهنجي اندر ۾ خدا تعاليٰ ڏي رجوع ٿي دعا گهري ته "اي رب تعاليٰ! هن کي شايد شيطان ڪا چونگ ڏني آهي. جيڪڏهن آءٌ هن کي جانورن جي ٻولي سيکاريندس ته پوءِ هن جي لاءِ گهڻيون مشڪلاتون پيدا ٿي پونديون، پر جيڪڏهن نه سيکاريندوسانس، ته رنج ٿي پوندو. هاڻي جيئن حڪم هجي، تيئن ڪريان." خدا تعاليٰ جي طرفان حضرت موسيٰ کي آواز آيو، ته "ڪنهن جو سوال رد ڪرڻ اسان کي منظور نه آهي، تنهن ڪري پل تون هن جو سوال قبول ڪر ۽ جانورن جي ٻولي سيکارينس. جڏهن پنهنجي خوشيءَ سان اهڙي خواهش ڪري، پوءِ پل انهيءَ ڪم مان فائدو حاصل ٿئيس يا نقصان."

حضرت موسيٰ پوءِ هن شخص کي چيو، ته "بابا! ڏس متان پوءِ پڇتائين، پر جيڪڏهن تنهنجي دل نٿي رهي، ته چڱو سڀ ته توکي جانورن جون ٻوليون سيکاريان." تنهن تي ان شخص چيس، ته "چڱو پلا! في الحال مون کي فقط ڪتي ۽ ڪڪڙ جي ٻولي سيکاريو، جيڪي ٻئي جانور هر وقت منهنجي گهر ۾ حاضر رهن ٿا." حضرت موسيٰ چيس ته "چڱو هاڻي تون گهر وڃ. اڄ کان وٺي تون ڪتي ۽ ڪڪڙ جي ٻولي سمجهي سگهندين.

اهو شخص پنهنجي گهر آيو. صبح جو سوير ان جي نوڪرياڻي رات جي مانيءَ وارو خومچو ڇنڊيو، ته ان مان هڪڙو مانيءَ جو پاروٿو ٽڪر پٽ تي ڪري پيو جو ڪڪڙ ڊوڙ پائي ڇهنب ۾ کڻي اٿي ڀڳو. ڪتو جيڪو پريان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويٺو هو، سو ڪڪڙ کي چوڻ لڳو، تہ ”ٻيلي ڪڪڙ! اهو تون مون سان ظلم ٿو ڪرين. ڪٽڪ ۽ چانورن جا جيڪي داڻا گهر ۾ هارجن سي بہ تون چڱيون وڃين، منهنجي ڪاڻڻ ڪانُ تہ اهي پري آهن. باقي مانيءَ جو ٽڪر، منهنجو ئي حق آهي، سو بہ تون کڻيو ٿو وڃين؟“ ڪڪڙ ان کي جواب ڏنو، تہ ”يار دل نہ لاهہ. سڀاڻي پنهنجي ڏٽيءَ جو گهوڙو مري پوڻو آهي، پوءِ ان مان وڃي ڪن ڏينهن جون بکون لاهج.“

جوان انهن ٻنهي جانورن جي اها گفتگو ٻڌي ان ڏينهن ئي پنهنجو گهوڙو وڃي وڪڻي آيو. ٻئي ڏينهن بہ نوڪرياڻيءَ جو خومچو چنبڻ ۽ ان مان مانيءَ جو ٽڪر ڪرڻ ۽ ڪڪڙ جو ان کي ٽپائي ڀڄڻ. تنهن تي ڪتي هڪل ڪري چيس، تہ ”اي ڪوڙا دولابي ڪڪڙ! ڏهاڙي مونسان ٺڳيون ڪندين ڇا؟ ڪالهہ جنهن گهوڙي جي مرڻ بابت تو لباڙ پئي هڻئين سو گهوڙو ڪٿي؟“ ڪڪڙ جواب ڏنس، تہ ”اهو گهوڙو پنهنجي ڏٽيءَ کان نڪري ٻئي هنڌ وڃي مئو آهي. پنهنجي رئيس پاڻ کي نقصان کان بچائي، ٻئي غريب جي مٿي ۾ وڃي اهو نقصان هنيو آهي. هنئي، ٻئي غريب جي مٿي ۾ وڃي اهو نقصان هنيو آهي. پر هياڻءُ نہ هار، سڀاڻي پنهنجي ڏٽيءَ جو اٺ مرڻو اٿيئي. پوءِ پيو جج ڪج.“ جوان ان ڏينهن ئي اٺ وڪڻي آيو. ٻئي ڏينهن ڪتي ڪڪڙ کي چيو، تہ ”اي ڪوڙن جا سردار! اڃا مون سان ڪيترا لغڙ هڻندين؟ نالائق! تون، تہ ٻنهہ ڪو ابليس جو ٻچو ٿو ڏسجين.“ ڪڪڙ چيس، تہ پنهنجي ڏٽيءَ ڪالهہ ئي اٺ وڪڻي ڇڏيو، سڀاڻي سندس غلام مرندو پوءِ ڏس تہ ڪيئن ٿيون فقيرن ۽ ڪتن تي ڪاڏي پيتي جون پالوٽون ٿين.“ جوان اها گفتگو ٻڌي غلام کي بہ بروقت وڃي وڪڻي آيو ۽ دل ۾ خوش ٿي خدا تعاليٰ جو شڪر ڪرڻ لڳو ۽ چيائين، تہ ”چڱو ٿيو، جو ڪتي ۽ ڪڪڙ جي ٻولي سکيس، جنهن ڪري ٽن وڏن نقصانن کان ڇٽي پيس. آءٌ تہ تقدير جا ٽيئي ڏڪ گسائي ويو آهيان!“

ٻئي ڏينهن ڪتي ڪاوڙ مان ڪڪڙ کي چيو، تہ ”اي ڪوڙا ڏنئي! آخر ڪوڙي جي ڊوڙ ڪڏ تائين. هاڻي ڏسان تہ ڪيئن ٿو مون کي واهو پياريو وڃين؟“ ڪڪڙ چيس تہ ”اسان جي ذات کي ڪوڙ ڳالهائڻ عيب آهي. جيئن مسجد جو ٻانگو وقت سجاڻي ٻانگ ڏيڻ ۾ غلطي نہ ڪندو آهي، تيئن اسين بہ صحيح وقت هٿ ڪرڻ ۾ اڻ گس آهيون. مون تنهي بيان ڪيل هستين جي مرڻ جو وقت نيڪ نيڪ توکي ٻڌايو هو. ڏس اسان کي ڪو سٽن ڪوئين ۾ پوري ڇڏي يا ٿالهہ هيٺ ڍڪي ڇڏي، تہ بہ پرهہ ڦٽڻ جو وقت، پنهنجي ٻانگ جي وسيلي ٻڌائي ڇڪندا آهيون. توکي خبر نہ آهي ڇا تہ جڏهن حضرت نوح



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ٻيڙي طوفان تي پئي تري ٻيڙيءَ ۾ ويٺلن کي فجر نماز جي درست وقت معلوم ڪرڻ جو ڪو ٻيو وسيلو نہ هو تڏهن خدا تعاليٰ ان ٻيڙيءَ ۾ اسان کي ئي اها ذات بخشي هئي، جو پوري وقت تي بانگ ڏيئي ٻيڙيءَ وارن کي فجر نماز جي وقت بابت هوشيار ڪندا هئاسون" اي ڪتا! اسان جي ڌڻي تقدير سان گستاخي ڪري پنهنجي لاءِ ويل وهايو آهي. مال صدقو آهي مالڪ جي سر جو. جيڪڏهن اسان جو ڌڻي پنهنجو مال مرڻ سهسائي ها ۽ ڌڻي تعاليٰ جو شڪر ڪري ها تہ جيڪر سندس سرتان آفت ٽري وڃي ها. هن چالاڪي ڪري پنهنجو مال منو ڪيو. هاڻي اجهو سڀاڻي پاڻ مري وڃڻو آهي پوءِ ڏس، تہ گوشت ۽ پلائون ڪيئن ٿيون تنهنجي اڳيان ڍير لڳي وڃن."...

## نصيحت- رضا تي راضي رهڻ ۾ انسان جو فائدو آهي

جيئن گهوڙي، اٺ ۽ غلام جو مرڻ انهن جي ڌڻيءَ جي حق ۾ سر جي سلامتيءَ جو وسيلو هو، تيئن درويش جيڪي رواجي رياضتون ڪن ٿا ۽ جسم کي تڪليفون ڏين ٿا، سي هنن جي روحن جي دائمي حياتيءَ جو وسيلو آهن. جيڪڏهن خيرات ۽ صدقي ڏيڻ ۾ ڪنهن فائدي جي اميد نہ هجي ها، تہ جيڪر ڪنهن بہ انسان جو هٿ خير جي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ڪيئن ٿئي ها؟ دنيا ۾ هي جيڪي بازارون ۽ مارڪيٽون آهن، تن ۾ تون ڏسين ٿو، تہ سڀ ڪو ماٺهو مال آڻي ٿو تہ ان جي عيوض پنهنجي رضا مندي موجب ٻيو مال يا نقد حاصل ڪري وڃي ٿو. ساڳي طرح خدا تعاليٰ توکان جيڪي وٺندو، تنهن جي عيوض توکي ڪجهہ بہ نہ ڏيندو ڇا؟

... جوان جڏهن ڪڪڙ جي واتان پنهنجي موت جي خبر ٻڌي تڏهن حوصلائي خطا ٿي ويس ۽ هڪدم ڊوڙ پائي حضرت موسيٰ وٽ ويو ۽ ان جي پيرن تي ڪري پيو ۽ چوڻ لڳو، تہ "اي ڪليم الله (الله سان ڳالهائيندڙ) نبي! مون کان برابر غلطي ٿي. هاڻي منهنجي حق ۾ خدا تعاليٰ کان دعا گهري مون کي موت کان بچاءِ" حضرت موسيٰ چيس، تہ "اي مورک! تون پاڻ کي تقدير جي ڌڪن کان بچائڻ ۾ ماهر ٿو سمجهين؟ جيئن تو گهوڙو، اٺ ۽ غلام وڪڻي پاڻ کي نقصان کان بچائي ٻين جي سر تي نقصان وڌئي تيئن هاڻي پاڻ کي بہ وڃي وڪڻ ۽ ناڻي جي ٿيلهي وٺي وڃي گهر ۾ رک، تہ تنهنجي موت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو نقصان بہ غريب خريدار جي سر تي وجي پوي. اي نادان! مون شروع ۾ ئي توکي سمجهايو هو، تہ جانورن جي ٻولي سکڻ انسان لاءِ خطرناڪ ڪم آهي، پر تو نہ سمجهو. هاڻي تنهنجي موت جو حڪم حقاني درگاهہ مان صادر ٿي چڪو آهي، تنهن کي اڏو اچڻ آءٌ خدائي دستور جي خلاف ٿو سمجهان باقي تنهنجي لاءِ آءٌ فقط هيترو ڪري سگهان ٿو، تہ تنهنجي حق ۾ حق تعاليٰ کان دعا گهران، تہ توکي ايمان جي سلامتيءَ سان هن دنيا مان لڏائي. جيڪڏهن هتان تون ايمان جي سلامتيءَ سان لڏي وئين، تہ ڇڻ تو دائمي روحاني زندگي حاصل ڪئي.

اهو ماڻهو حضرت موسيٰ وٽ ويٺي ئي بيمار ٿي پيو ۽ هن کي جهوليءَ ۾ کڻي گهر پهچايائون. حضرت موسيٰ ان جي حق ۾ ايمان جي سلامتي ملڻ لاءِ دعا گهري، جيڪا خدا تعاليٰ قبول ڪرڻ فرمائي ۽ اهو شخص ايمان جي سلامتيءَ سان دنيا مان گذاري ويو.

## نصيحت- دنيا فاني آهي آخرت جي روشني جو طالب رهہ

اي انسان! جيڪڏهن تون ٻيٽي تيٽي حياتي کڻي حاصل ڪري سگهين، تہ بہ آخر موت ڏسڻو اٿيئي. تنهن ڪري هميشہ هن فاني دنيا جي سک بہ نسبت آخرت جي سک جو طالب رهہ. فاني دنيا جي اوندهہ کان آخرت جي روشنيءَ کي وڌيڪ پسند ڪر. ياد رک تہ هن دنيا ۾ جيڪو جسم ۽ مال جو نقصان تون سهندين، سو توکي روحاني فائدو پهچائيندو ۽ ڪنهن نہ ڪنهن وبال کان توکي ڇوٽڪارو بخشيندو. جيڪڏهن تو ۾ رياضت ڪرڻ جي توفيق پيدا ٿي پوي، تہ شڪر ڪر ۽ پنهنجي آخرت ڪامياب سمجهہ.

## ٽيوهين آکاڻي

## هڪڙي وڇوڙن ماريل ماءُ

هڪڙي مائي سال بہ سال پٽ ڄڻيندي هئي، جيڪو ڇهن مهينن اندر گذاري ويندو هو. اهڙيءَ طرح سانده ويهہ پٽ ان مائيءَ ڄڻيا، جيڪي ويهہ ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گذاري ويا، جنهن ڪري ان ويچاريءَ جي جگر کي جنسي باه لڳي ويئي هئي. هوءَ هڪڙي پاسي پنهنجي درد ڀريءَ دل سان رب تعاليٰ کي پيئي پڪاريندي هئي، ته "اي مالڪ ڪريم! ڀيري ڀيري سان نو مهينا اءٌ حمل جي تڪليف سهان ٿي ۽ اڃا ٿي چار مهينا منهنجي هنج ڀري مس رهي ٿي، ته ڀيٽڻ سورن ۾ پئجيو وڃان!" ۽ ٻي پاسي وري اها ساڳي مائي عارفن ۽ خدا شناسن جي درن تي ليلائيندي وتندي هئي.

هڪڙيءَ رات ان مائيءَ کي خواب ۾ بهشت جو سير نصيب ٿيو. انهيءَ سير ۾ اهڙي محو ٿي ويئي، جو دل جا زخم ريٽجي ويس. اتي هڪڙي ماڙي ڏٺائين، جنهن تي سندس نالو لکيو پيو هو. ان مائيءَ اها ماڙي پنهنجي ملڪيت ڪري سمجهي، اتي مائيءَ کي آواز آيو ته "اي مائي! هيءَ ماڙي انهيءَ مائيءَ جي آهي، جيڪا خدا تعاليٰ جي رضا تي راضي رهڻ ۾ هميشه سچي ثابت ٿي آهي. توکي گهڻي خدمت ۽ اطاعت ڪرڻ گهرجي. جو ٻه پهرو اچي هن ماڙيءَ ۾ ڪرين. تون حق تعاليٰ جي بندگي بجا آڻڻ ۾ سست رهي آهين. تنهن ڪري خدا تعاليٰ انهيءَ قصور جي عيوض توتي مصيبت پئي نازل ڪئي آهي. انهيءَ لاءِ ته اهي مصيبتون تنهنجي قصور جي اوٽائيءَ جي پورائي ڪن ۽ هيءَ روحاني راحت جو مڪان تنهنجي هٿان نه وڃي." تنهن تي اها مائي عرض ڪرڻ لڳي ته "اي رب تعاليٰ! جيڪڏهن منهنجين مصيبتن ۾ اهو راز رکيل آهي، ته پوءِ اءٌ اهڙيون مصيبتون ٻيا سؤ سال سر تي خوشيءَ سان سهڻ لاءِ تيار آهيان." ان مائيءَ اڳتي هلي ڏٺو، ته سندس ويهه ٻي پٽڙا ڪيس بهشت جي باغن ۾ راند ڪندا نظر آيا. اتي خوشيءَ ۾ ڀرجي پڪاريائين ته "اي حق تعاليٰ! هي منهنجا لعل مون کان گم ٿي ويا هئا، پر توکان گم ٿيل نه آهن." آواز آيس ته "اندر جي ٻن اکين کان سواءِ ڪوئي شخص پورو انسان ٿي نٿو سگهي." "ماعندڪم ينفذ وما عندالله باق" (جيڪو ڪجھ توهان وٽ آهي، سو ختم ٿي ويڃو آهي، پر جيڪي به الله تعاليٰ وٽ آهي، سو بقادار رهڻو آهي)."

## نصيحت:- الله تعاليٰ انسان جي بي خبريءَ ۾ به انسان جو فائدو ڪندڙ آهي

اي انسان! توکي پنهنجي جنهن فائدي جي خبرئي نٿي پوي، سا به الله تعاليٰ پنهنجي رحم سان تو کي پهچائي ٿو. تون پنهنجي سير چوڙائڻ پسند نٿو ڪرين، ته خدا تعاليٰ پنهنجي فضل سان توکي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪهري ڏئي ٿو جنهن ڪري ڪنو رت نڪ وسيلي نڪريو وڃي ٿو ۽ تون تپ جي تڪليف کان ڇٽي پوين ٿو. سڀ ڪنهن شيءِ جو مغز ان جي ڪل کان وڌيڪ قيمتي آهي. روح آهي مغز، ۽ جسم آهي ان جو کوپو، تنهن ڪري تون جسم جي پرورش کان روح جي پرورش زياده خبرداريءَ سان ڪر.

## چوويهين آکاڻي

## حضرت حمزي رضہ جو بنان زره جي جنگ ۾ اچڻ

حضرت محمد ﷺ جن جو چاچو حضرت امير حمزو رضہ جڏهن جوان هو، تڏهن هميشہ زره ڍڪي جنگ جي ميدان ۾ ويندو هو، پر پيرسنيءَ جي وقت، بنان زره جي شينهن وانگر جنگ جي ميدان ۾ تلوار کڻي ڪاهي پوندو هو. تنهن تي ڪي اصحاب سڳورا ڪيس چوڻ لڳا، تہ "اي پهلوانن جا سردار! جڏهن جوان هئين، تڏهن زره کان سواءِ ڪڏهن بہ جنگ جي ميدان ۾ نہ وئين هينئر پيريءَ ۾ تون بنان زره ڇو ٿو جنگ جي ميدان ۾ وڃين؟ تلوار ۽ تير ڪي جوان ۽ پير مرد جو تفاوت رکڻ اچي ئي ڪونہ. اسان جي مرضي نہ آهي، تہ تو جهڙو شير مرد دشمن جي هٿان ڪو خواه مخواه زخم کائي." تنهن تي حضرت امير حمزه رضہ دوستن کي جواب ڏنو، تہ "جوانيءَ ۾ (اسلام کان اڳ) آءٌ موت کي رڳو دنيا کان ڏار ٿيڻ سمجهندو هوس، پر هاڻي حضرت پيغمبر محمد عليہ الصلواة والسلام کان حاصل ٿيل نور جي ڪري پاڻ کي هن فاني دنيا جو حاجتمند نہ ٿو سمجهان، بلڪ عالم بقاءَ جو واقف ٿي ان جو مشتاق رهان ٿو. هن دنيا کان ٻاهر حقيقي بادشاه جي لشڪر گاهہ کي حقاني نور سان ڀرپور ۽ لشڪر سان معمور ٿو ڏسان، جنهن ۾ تنبو تنبوءَ سان لڳل ۽ طنابون طنابن سان مليل آهن. حضرت جن جو شڪر گذار آهيان، جن مون کي ڪفر جي خواب مان سجاڳ ڪيو ۽ هن جهان جو واقف ڪيو. جيڪي مرڻ کي تڪليف سمجهن سي ڀل دوراندیشيءَ سان جنگ جي ميدان ۾ وڃن، پر جن لاءِ مرڻ مشاهدو آهي، تن کي زره ڍڪڻ جو ڪهڙو ضرور؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### نصيحت- سڀ ڪنهن کي پنهنجي حال آهر موت جي شڪل نظر اچي ٿي

اي پيارا! موت هڪڙو صاف ۽ شفاف آئينو آهي. جيئن آئيني ۾ ترڪ کي پنهنجي صورت ۽ شيديءَ کي پنهنجي صورت نظر ايندي آهي، تيئن موت به ايمان واري کي پنهنجن چڱن اعمالن جي ڪري دلچسپ صورت ۾ نظر ايندو آهي ۽ حق جي منڪر کي پنهنجن بداعمالن جي ڪري هيبت ناڪ شڪل ۾ نظر ايندو آهي، تنهن ڪري ايمان وارو شخص موت کان ڪڏهن به نه ڊڄندو آهي ۽ حق جي منڪر کي موت کان اڳيئي موت جو خوف ماري ڇڏيندو آهي.

## پنجويهين آکاڻي
## هڪڙو ڀالو ڀولو اصحابي سڳورو

هڪڙي اصحابي سڳوري هڪڙي ڏينهن پاڻ سڳورن ﷺ جن کي عرض ڪيو، ته ”حضرتا! آءٌ جڏهن ڪو سودو ڪريان ٿو (ڪا شيءِ خريد ڪريان خواه وڪڻان ٿو) تڏهن مون کي نقصان پوي ٿو. سڀ ڪو ماڻهو خريديءَ وقت خواه وڪري وقت مون کي ٺڳيو وڃي ٿو. ڄڻ ماڻهن وٽ ڪو جادو آهي، جنهن جي اثر جي ڪري سودي وقت مون کي ڪاٻر ڇيهي يا فائدي جي سڌ ئي نٿي رهي پر پوءِ ٿي اک پٽجيم.“ ته حضرت صلعم جن فرمايو ته ”آئنده جنهن به سودي ۾ توکي ٺڳجڻ جو ڊپ هجي، تنهن ۾ ٽي ڏينهن مڪياري رکندو ڪر، ڇاڪاڻ جو سوچي سمجهي ڪم ڪرڻ رحماني دستور آهي ۽ تڙ تڪڙ ۾ ڪم ڪرڻ شيطاني دستور آهي.

### نصيحت تڪڙ ڪم شيطان جو

اي انسان! جڏهن ڪتي اڳيان ڪو لقمو اڇلي وجهندو آهين، تڏهن هو پهريائين سونگهيندو آهي، تنهن کان پوءِ کائيندو آهي. ڪتي کي خدا تعاليٰ شيءِ پرکڻ لاءِ نڪ بخشيو آهي، پر اسان کي نڪ سان گڏ عقل به بخشيو اٿس تنهن ڪري اسان تي سڀ ڳالهه جي پرکڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي جوابداري گهٽي آهي ۽ اها پرک سانتيڪائي کان سواءِ ٿي نہ سگهندي. الله تعاليٰ کي ايڏي طاقت آهي، جو انسان کي جيڪر هڪڙي دم ۾ ڪامل مرد بنائي ڇڏي، پر هو پنهنجي حڪمت سان درجي بدرجي چاليهن ورهين ۾ ڪامل مرد بنائي ٿو. توکي بہ گهرجي تہ تکڙ نہ ڪرين، ڇاڪاڻ جو تکڙ ڪم شيطان جو آهي.

## چويهين آکاڻي
## حضرت بلال جو موت وقت خوش ٿيڻ

حضرت بلال پيريءَ ۽ بيماريءَ جي ضعف سببان ڳري ڪندو ٿي ويو هو ۽ ان جي منهن ۾ مرڻ جا اهڃاڻ نظر اچي رهيا هئا. تنهن تي سندس بيبي چوڻ لڳي تہ "هاءِ ارمان!" پر حضرت بلال رضہ هن کي چيو، تہ ائين نہ چئہ، بلڪ چئہ تہ "واہ! واہ! ڪهڙي نہ سدوري ساعت اچي سهڙي آهي!" هيترا ڏينهن آءٌ غم ۽ فڪر ۾ هوس، تہ خبر نہ آهي تہ موت ڪهڙي راحت ۽ ڪهڙي شيءِ آهي؟ پر اڄ خبر پيئي اٿم تہ موت ئي حبيبن سان وڃي ملڻ لاءِ پل آهي." ائين چوندي سندس منهن گلاب جي گل وانگر ٽڙڻ ۽ ٻهڪڻ لڳو. سندس بيبي چوڻ لڳي: هاءِ فراق! پاڻ چوڻ لڳو: واہ! واہ! وصال. بيبيءَ چيو تہ اڄ پنهنجو گهر ٻار ڇڏي تون پرديس ٿو وڃين وري توکي آءٌ ڪٿي ڏسنديس؟" پاڻ چيائين، تہ پنهنجي وطن وڃڻ مون کي نصيب ٿي اڄ ٿو ٿئي. تون مون کي خدا تعاليٰ جي خاص خلوت ۾ ڏسي سگهندينءَ. بيبي! بدن جي پڃري جو ڀڄڻ روح جي بلند پروازي ۽ خوش نصيبيءَ جو وسيلو آهي. هيترا ڏينهن آءٌ هن ڪوهہ جهڙي دنيا ۾ فقير هوس، پر هاڻي خدا تعاليٰ مون کي روحاني راحت جي ماڙين ۽ محلاتن جو شاہ بنايو آهي.

**نصيحت- ٻاهر جي ڪاراڻ هر ڪو ڏسي ٿو پر اندر جي اڇاڻ ڪو ورلي ڏسي سگهي ٿو**

هر سيه دل مى سيه ديدى ورا
مردم ديده سيه آمد چرا؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(سڀ ڪنهن سياه دل ماڻهوءَ جي نظر ۾ حضرت بلال رضہ ڪارو (شيدي) هو، مگر (هو اسلام جي اک جي ماڻڪي هو جيئن حضرت محمد ﷺ جن جو فرمان آهي) اک جي ماڻڪيءَ کي ڪاري هوندي بہ ڪير ٿو ڪاري سڏي؟ جڏهن انسانيت جي اک جي ماڻڪيءَ (يعني حضرت محمد ﷺ جن ۽ خاص خاص اصحابن سڳورن) کان سواءِ ڪنهن بہ ان جي ڪمالات کي نہ ڏٺو هو، تڏهن انهن کان سواءِ ڪير آهي جنهن حضرت بلال رضہ جي ظاهري رنگ کي ڇڏي ان جي ڪمالات جي رنگ تي نظر ڪئي هجي.)

**نصيحت- روح جسم ۾ پنگلو آهي**

هيءُ جسم هڪڙي سوڙهي ۽ اونداهي ڪوٺي آهي. روح ان ۾ گويا پنگلو آهي. موت ئي ان کي اها سوڙهي ۽ اونداهي ڪوٺي ڇڏي آزاد ۽ شاهاڻي محل ۾ راحت ماڻڻ جهڙو ڪري ٿو. جيئڻ ٻارڙو نو مهينا ماءُ جي پيٽ ۾ پنگلو ئي پنگلو رهي ٿو ۽ نون مهينن کان پوءِ ماءُ جي ويم جي تڪليف سهڻ کان پوءِ هو دنيا جي ڪشادي ميدان ۾ اچي ٿو، تيئن ئي روح بہ بدن جي تنگ ڪوٺڙيءَ مان تڏهن آزاد ٿي آخرت جي ڪشادي ميدان ۾ وڃي داخل ٿئي ٿو، جڏهن جسم موت جي عارضي تڪليف ڏسي ٿو.

**نصيحت- بدن جي سستي روح لاءِ اٽڪ آهي**

دونهون، جيڪو اونداهو هوائي جسم آهي، سو ڪاٺين مان پيدا ٿيندو آهي، جيڪي ڪثيف جامد شيون آهن. باه جي روشن جيئيءَ ۾ دونهون آهي ئي ڪونہ. ساڳيءَ طرح جيڪي انساني غلاظتون آهن، سي بدن مان پيدا ٿين ٿيون، نہ ڪي روح مان. روح ۾ جيڪا غفلت پئدا ٿئي ٿي، سا رڳو جسم جي سستيءَ ۽ غفلت ڪري ٿئي ٿي. جسم جيڪڏهن رياضت ۽ پرهيزگاريءَ سان لطيف (پاڪيزه) رهندو، تہ روح حقاني راه ۾ چست رهندو. انسان هڪڙو ڀيرو ماءُ جي پيٽ مان ڄمي ٿو ۽ ٻيو ڀيرو ان جو ڄمڻ تڏهن ليکجي ٿو، جڏهن جسماني پليتائين کان پاڪائي حاصل ڪري روحانيت ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

داخل ٿئي ٿو. روح کي جيڪا تقويت ۽ ترقي حاصل ٿئي ٿي، سا انهيءَ ٻئي پيري تولد ٿيڻ کان پوءِ.

**نصيحت- دشمن کي سڃاڻڻ ۽ هن کان پاسو ڪرڻ**

جانورن کي ٻه ايتري سمجهه آهي، جو هو پنهنجي دشمن کي سڃاڻي سگهن ٿا. جيئن ته گهوڙو شينهن جو آواز ۽ بُوءِ سڃاڻندو آهي ۽ انهيءَ طرف ڏانهن وک ئي نه وارينندو آهي پوءِ ڀل ڪٽي سوار ڪيترين به اڙيون هڻيس ۽ چهبڪ چڪائيس. چمڙو ۽ چٻرو سج کي پنهنجو دشمن سمجهن ٿا ۽ ان جي هوندي ڪڏهن به ٻاهر نڪرڻ جي نه ٿا ڪن پر چورن وانگر رات جو ٻاهر نڪرن ۽ گهمن ڦرن ٿا. تون جيڪڏهن ڪو پنهنجو دشمن ڏسين ته هن کان پڇي پاسو ڪر. شيطان انسان ذات جو جاني دشمن آهي. انهيءَ خبر هوندي به تون نفس جو غلام ۽ شيطان جو دوست ٿيو پيو گذارين. ائين ڪرڻ نسوري ناداني آهي. انهيءَ بدنصيب انسان جا ڪهڙا حال ٿيندا، جيڪو پنهنجي سخت دشمن يعني شيطان ۽ نفس کي ته دشمن ڪري نٿو ڄاڻي، پر اٽلندو ساري جهان تي ڪرم ۽ رحم جي ڇانو ڪندڙ خدا تعاليٰ کان پاسيرو ٿئي ٿو. خبردار ٿي، دوست ۽ دشمن جي وچ ۾ تميز ڪرڻ جو مادو ڏار.

## ستاوهين آکاڻي

## بخارا جي بادشاه صدر جهان جو نوڪر

بخارا جو بادشاه صدر جهان جو هڪڙو نوڪر هوندو هو جيڪو مٿس اکن ڇڪن هوندو هو. بادشاهه ان نوڪر تي ڪنهن تهمت اچڻ ڪري ناراض ٿي پيو، جنهن ڪري اهو نوڪر خوف وچان شهر ڇڏي ڪنهن پاسي ڀڄي ويو. ڏهه ورهيه هو جدا جدا شهرن ۽ ملڪن ۾ ڀٽڪندو رهيو. ڪڏهن خراسان ۾ ته ڪڏهن جبلن ۾ ته ڪڏهن جهنگ ۾. ڏهن ورهين کان پوءِ هن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي وطن جي سڪ بي آرام ڪري وڌو. چوڻ لڳو، تہ مون کي هاڻي جدائيءَ سهڻ جي طاقت نہ آهي. عشق جي سوز کي صبر ڪيئن ماٺو ڪري سگهندو؟" ...

## نصيحت- دنيوي شيءِ سان دل نہ لاءِ

ڏسو، مٽي زمين بہ طراوت جي فراق کان ڪلر ٿيو پوي، ۽ پاڻي بہ رواني‌ءَ جي جدائي‌ءَ کان زرد ۽ گدلو ٿيو پوي ٿو. روح پرور هوا صفائي‌ءَ جي جدائي کان اڻ وڻندڙ ۽ وبائي بنجيو پوي ٿي. باه ڪانئن جي جدائي‌ءَ کان رک ۽ غبار ٿيو پوي ٿي. بهشت جهڙو باغ موسم بهار جي فراق کان بيماري جو گهر بنجيو پوي ٿو، ان جا پن متجيو زرد ۽ خشڪ ٿيو وڃن ٿا. تڪو عقل بہ دوستن جي فراق کان تير انداز جيان پنهنجي ڪمان توڙيو ويهي ٿو. دوزخ بہ اهڙو ڀڙڪندڙ ۽ جلائيندڙ رڳو حقاني رحمت کان وڇڙيل هئڻ ڪري ٿيو آهي. تنهن ڪري فراق جي گهاوَ ۽ اثر جي ڳالهہ ئي نہ پڇ، پر "الامان! الامان!" (خدا شل پناه ڏي! خدا شل پناه ڏي!) چوندو رهہ. دنيا ۾ جنهن شيءِ ۾ تنهنجون پٽيهہ دليون هجن، تنهن جي فراق جو بہ انديشو رک. اها شيءِ جيستائين توکان وڃي، تنهن کان اڳيئي ان تان دل کڻي ڇڏ.

... آخر ان بخارا موٽڻ جي شائق شخص پڪو ارادو ڪيو، تہ گهٽائي پرديس جا ڏک ڏاڪڙا ڏنا اٿم ۽ سرديون گرميون سٺيون اٿم. هاڻي وڃي صدر جهان جي پيش پوان، پوءِ وٺيس تہ ماريم، وٺيس تہ جياريم. پوءِ بہ وطن آهي، وطن بہ اهو، جتي منهنجو هٿين نار دل گهريو دوست رهي ٿو. پرديس ۾ جيڪي سندس دوست هئا، تن هن کي ڏاڍي منع ڪئي، تہ بخارا نہ وڃ. هروڀرو پاڻ کي وڃي قيد ۽ زنجيرن ۾ نہ ڦاساءِ. هتي تون بي ڊپو ويٺو آهين، تنهنجي وار جو بہ ڪو نالو وٺي نہ ٿو سگهي. پرديسي جوان، دوستن کي چيو تہ وطن ۾ دل گهرئي دوست جي وڇوڙي ڀريل هن زندگي‌ءَ کان آءٌ موت کي بهتر ٿو سمجهان. وطن ۾ وڃي مران تہ سون ٿيان. آخر موت ئي مون کي هن ڏکن ڀريل زندگي‌ءَ کان آجو ڪري دائمي زندگي بخشيندو. ائين چئي هو اٿي بخارا ڏانهن هليو. درياءَ ۽ بيابان لتاڙيندو ائين چوندو ٿي ويو، تہ اي بخارا! تون تہ علم ۽ عقل جو گهر هئڻ ڪري دنيا ۾ مشهور آهين، پر مون کان پوءِ (تو ۾ رهندڙ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوست) سيني علم ۽ عقل کي ڇڏيو آهي.

هو جڏهن مري جهري بخارا ۾ اچي نڪتو، تڏهن اتي سندس خيرخواه چوڻ لڳس ته "تون ڇو هت اچي نڪتو آهين؟ بادشاه جي ڪاوڙ اڃا به توتي ايتري آهي جيتري اڳي هئي. تون ههڙو علم وارو ۽ سمجهو ماڻهو ڇو وري موت کي پاڻهي ڇاڻي گهرڻ آيو آهين؟ بهتر آهي، ته جيئن آيو آهين، تيئن لڪ ڇپ ۾ وري شهر مان نڪري وڃ. هو پنهنجن سڄڻن کي چوڻ لڳو ته "آءٌ باھ وارو آهيان، مون کي پاڻي پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيو آهي، جيتوڻيڪ پڪ اٿم، ته آخر اهو پاڻي ئي مون کي ماريندو." پوءِ ڇا ڪيائين جو هڪڙي هٿ ۾ تلوار کنيائين، ۽ ٻئي هٿ ۾ پنهنجو ڪفن کنيائين، سڌو صدر جهان وٽ اکين مان زار زار پاڻي هاريندو وڃي حاضر ٿيو. تلوار انهيءَ لاءِ نيائين، ته اها صدر جهان (پنهنجي دوست) کي هٿ ۾ وڃي ڏئي، ته هو پنهنجي هٿ سان سسي لاهي ڇڏي ۽ کيس پنهنجن هٿن سان ڪفن ڍڪائي.

جنهن وقت هن جي نظر صدر جهان تي پيئي، تنهن وقت هو (عاشق) عشق جي غلبي ۾ مٿان ٿي ڪري پيو ۽ بيهوش ٿي ويو. صدر جهان بادشاهه جيئن ته بخاري جوان جو معشوق هو، تنهن جي دل پري ڪان ئي پنهنجي عاشق کي درد ڀري حالت ۾ ڏسي نرم ٿي پيئي هئي.

موج مي زد درد لش عفو گنه

ک زهر دل تا دل آمد روزنـه

(گناه جي معافي ان جي دل ۾ مؤجزن هئي، ڇاڪاڻ جو سڀ ڪنهن دل کي ٻيءَ دل ڏانهن دري آهي.)

بخاري جوان کي بيهوشيءَ ۾ ڏسي صدر جهان کي اهڙي ڪشش ٿي پيئي جو هڪدم تخت تان لهي فرش تي آيو ۽ بخاري جوان جو مٿو پنهنجي گوڏي تي رکي هن کي هوش ۾ آڻڻ لاءِ هر طرح جا حيلا هلايائين. جڏهن هو هوش ۾ آيو، تڏهن جيئن صدر جهان جي دل خوش ٿي، تيئن بخاري جوان جي. بخاري جوان کي روئڻ وڃان معافي گهرڻ جا لفظ ئي زبان مان نڪري نه سگهن. صدر جهان هن کي سڀ قصور معاف ڪري پنهنجي دربار ۾ ان جي ساڳي عزت برقرار رکي.

**نصيحت- عشق جو اثر جهڙو عاشق تي تهڙو معشوق تي رهي ٿو**

يقين ڄاڻ ته هڪڙيءَ دل کي ٻيءَ دل جي طرف رستو ٿئي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي دليون هڪ ٻئي کان ائين الڳ رهي نٿيون سگهن، جيئن ٻه جسم هڪ ٻئي کان الڳ رهن ٿا. ڏسو ته نڪر جا ڏيئا جيتوڻيڪ هڪ ٻئي کان الڳ رکيل هوندا آهن، تڏهن ٻه انهن ٻنهي جي روشني پنهنجي ڦهلاءَ ۾ گڏيل رهي ٿي. ڪوبه عاشق پنهنجو پاڻ وصل جو طالب ٿي نٿو سگهي، جيستائين معشوق ۾ ان جي طلب پيدا نٿي ٿئي. اي انسان! جڏهن تنهنجي دل ۾ حق تعاليٰ جي محبت جوش زن ٿئي ٿي، تڏهن پڪ ڄاڻ ته حق تعاليٰ کي توسان محبت آهي. ويچار ڪري ڏس ته ڪڏهن هڪڙي هٿ سان تاڙي وڄي آهي؟ اڄ اسان کي تڏهن لڳندي آهي، جڏهن اسان کي پاڻيءَ جي طرفان ڪشش ٿيندي آهي.

## نصيحت- سچي سڪ موت کان نٿي ڊڄي

بخاري جوان کي سچي سڪ هئي، ته هو موت جي پرواه نه ڪري مرڻ لاءِ تيار ٿي آيو، رڳو اهو ارادو هوس ته دل گهرئي دوست جو ديدار حاصل ڪري، ان کان گناه بخشائي پوءِ دم ڏيان. جنهن شخص کي ديدار جي سڪ، موت جي خوف کان بي پرواه نٿي ڪري سگهي، سو شخص سچيءَ دوستيءَ جي ڪوڙي دعوا رکي ٿو. اي خدا تعاليٰ جي محبت جا مشتاق! سچي محبت ۽ ايمان ڀريل عشق جي نشاني اهي حقيقي محبوب جي رضا مندي حاصل ڪرڻ ۽ ان جي پاڪ ديدار جي حب ۾ موت کي ڪجهه به ڪري نه ليکڻ.

## نصيحت- عشق ڇا آهي؟

جيڪي به اسين ڏسي وائسي رهيا آهيون، تن سڀني شين کان عشق نرالي شيءِ آهي. ماهيت جي لحاظ کان عشق تمام مخفي شيءِ آهي ۽ اثر جي لحاظ کان بلڪل پڌري شيءِ آهي. نبيءَ ۽ وليءَ به انهيءَ عشق جي بي انت درجن مان ڪنهن هڪ درجي تي پهچڻ لاءِ واجهائيندا ويا. بادشاهن جا تخت عشق جي اڳيان خاڪ برابر آهن. عشق اهڙي طاقت آهي جيڪا بادشاهن ۽ غلامن جي وچ مان بادشاهيءَ ۽ غلاميءَ جي فرق کي ساڙيو خاڪ ڪريو ڇڏي. جڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو عاشق عشق جي رازن کي کولڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، تڏهن خلقت ۾ ٿرٿلو پئجيو وڃي ٿو. انسان ٿي ڪري پنهنجي اندر جي عشق کي لڪائي سگهي، سا مشڪل ڳالهه آهي.

## انانوينهن آکاڻي

## مهمان مارينڙ مسجد، جو مهمان

هڪڙي شهر جي ٻاهران هڪڙي مسجد هوندي هئي تنهن ۾ رات جو جيڪو مهمان اچيو ٽڪندو هو، سو صبح جو مئل ڏسڻ ۾ ايندو هو. انهيءَ ڪري ان مسجد ۾ رات جو ڪوبه ماڻهو نه سمهندو هو. ڪي چوندا هئا، ته ان مسجد ۾ پريون رهن ٿيون، جيڪي مسجد ۾ رات رهندڙ ماڻهوءَ کي بي زحميءَ سان ماريو ڇڏين ٿيون. ڪي چوندا هئا ته مسجد ۾ ڪو جادو ۽ طلسم آهي. ڪي ماڻهو مسجد جي متولي کي صلاح ڏيندا رهيا، ته مسجد جي دروازي تي بورڊ هڻي ڇڏيو، ته ڪوبه مسافر هن مسجد ۾ رات جو نه رهي نه ته سر سلامت نه هوندس. ڪن ٿي چيو ته، سچ لڳي ڪان پوءِ مسجد کي تالو لڳائي ڇڏڻ گهرجي.

هڪڙي رات ڪو مسافر مسجد ۾ رهڻ لاءِ آيو، جنهن کي اگرچ خبر هئي، ته مسجد کي مهمان مارينڙ مسجد ڪري سڏيندا آهن، پر هو دل جو بهادر ۽ جانباز مرد هو. سو چوڻ لڳو، ته سر هڪڙو آهي، ٻه نه آهن. مون کي ضرور مسجد ۾ رهڻو آهي. جي مري ويس، ته ڏڪار ڪونه پئجي ويندو. آءٌ خود روح آهيان منهنجو بدن برباد ٿي ويو، ته پرواه نه آهي.

مسجد جي متوليءَ ۽ ٻين آسپاس وارن ماڻهن، ان ماڻهوءَ کي مسجد ۾ سمهڻ کان گهڻو روڪيو چيائونس، ته هن مسجد ۾ هڪڙو ٻيرو نه پر ڪئين ٻيرا اسان مسافر مئل ڏٺا آهن، تنهن ڪري تون هرويرو موت کي سڏ نه ڪر. اسان جو فرض آهي توکي خبردار ڪرڻ. مسافر چوڻ لڳو، ته موت کي ته آءٌ پاڻ ڳوليندو وتان، پر مون کي هٿ ئي نٿو اچي. آءٌ مرڻ لاءِ مشتاق آهيان، جيئن پکي پڃري مان نڪرڻ لاءِ شائق هجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نصيحت- جيڪو مرڻ کان ڊنو، سو مرد نہ ليکبو

جيڪو انسان مرڻ کان ڊڄي ٿو، تنهن جو روح جڻ هڪڙو ڪوئو آهي، جيڪو ٻلي کان ٻر ۾ لڪڻ جو خواهان آهي، جيڪي آخرت ۾ ايمان ئي ڪونہ ٿا رکن ۽ سمجهن ٿا تہ جيڪي چوڙٺو ۽ ماٺٺو آهي، سو فقط دنيا ۾ ئي آهي سي رڳو گذران جي عقل کي ترقي ڏيڻ جي ڪوشش ۾ رهن ٿا ۽ اُخروي عقل سان انهن ۾ ڪوبہ واسطو نہ آهي. خدا تعاليٰ جو فرمان آهي، تہ "جن ماڻهن کي مرڻ کان پوءِ اسان سان ملڻ جو ڪٿڪوئي ڪونهي ۽ هن دنيا جي عيش و عشرت ۾ مست آهن ۽ اسان جي قدرت جي نشانين کان بلڪل غافل آهن انهن جي ڪرتوتن جو بدلو هنن کي اهو ملندو، جو مرڻ کان پوءِ سندن دائمي آستان دوزخ آهي." (سورت يونس ع١) دنيا جي شائقن کي جيڪڏهن خدا شناس انسانن وارو اُخروي عقل هجي ها، تہ هو دنيا جي بي بقا سازو سامان ۾ محو رهي آخرت جي فڪر کان ڪيئن غافل رهن ها؟ جيڪي موت کان ڊڄن ٿا سي ئي خاصن جي نظر ۾ نامراد آهن.

... مسجد ۾ رهڻ جي شائق مهمان کي ماڻهن مسجد ۾ نہ رهڻ لاءِ جڏهن گهڻو زور رکيو تڏهن ان جواب ڏنو، تہ "اي دوستو! آءٌ شيطان جو چيلو نہ آهيان جو "لاحول" جو آواز ٻڌي پڇي وڃان...

## تمثيل- ٻني تي جهار هڪليندڙ چوڪر:

هڪڙي چوڪر پيهي تي چڙهي ڪنجري پئي وڄائي، جنهن جي آواز ٻڌڻ ڪري پکي پڄيو ٿي ويا ۽ پوک کي زيان رسائي نٿي سگهيا. اتفاق سان سلطان محمود بادشاه ان پوک جي پرسان اچي منزل ڪئي. بادشاه سان وڏو لشڪر هوندو هو ۽ هڪڙو زبردست اٺ لشڪر جي اڳ ۾ هلندو هو، جنهن تي شاهي نغارو ٻڌل هوندو هو ۽ نغارچي ان کي لشڪر هلڻ مهل وڄائيندو هلندو هو. اهو اٺ انهيءَ چوڪر جي ٻنيءَ ۾ چرڻ آيو، چوڪر سمجهيو، تہ جيئن پکي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي ڪنجريءَ جو آواز ٻڌي پڇي ويندو آهي تيئن هي اٺ ٻه پڇي ويندو، سو وٺي زور سان ڪنجري وڄايائين. هڪڙو سياڻو ماڻهو، جيڪو اٺ ٻيٺل هو، تنهن چوڪر کي چيو، ته "ابا! هيءُ اٺ ڳرو نغارو پٺيءَ تي کڻي هلندو آهي، جنهنجو واڄو هن ۾ ڪوبه خوف پيدا ڪري نه سگهندو آهي، سو تنهنجي ڪنجريءَ جو آواز هن کي ڪيئن ڊيڄاري سگهندو؟"

## نصيحت- حقيقي عاشقن کي ڪهڙو ڊپ؟

جيڪي خدائي عشق وارا (جهڙوڪ مسجد ۾ ٽڪڻ جو خواهشمند مهمان) طرح طرح جون جسماني تڪليفون ڏسي چڪا آهن (جيڪي اٺ وانگر ڳري نغاري جي آواز تي هريل آهن) تن کي ڊيڄاريندڙن ماڻهن جون ڌمڪيون (ٻني هڪليندڙ چوڪر جي ڪنجريءَ جا آواز) ڇا ڊيڄاري سگهنديون؟ اسماعيليه فرقي وارا فدائي، جڏهن قتل ۽ خونريزيءَ جي پٺيان مذهبي ديوانا ٿي ڪاهي پيا هئا، تڏهن اهو ڪو پنهنجي مرڻ کان ڊڄندا هئا ڇا؟ ساڳي طرح حقيقي عاشق وري مرڻ لاءِ ڪيئن ڊڄندا؟

... مسجد ۾ ٽڪڻ جو خواهشمند مسافر، جيڪو هڪڙو خداشناس فقير هو، تنهن ماڻهن جي گهڻي بحث مباحثي کي رد ڪري ان مسجد ۾ وڃي ٽڪيو. نماز نفل ادا ڪري ليٽي پيو. حقيقي عاشق هوڻ ڪري ننڊ جهٽڪي جهٽڪي ڪندا آهن، سو هي به پڪيءَ وانگر اکيون پوريندو ۽ پٽيندو رهيو. اڌيءَ رات جو ان مسافر جي ڪنن تي هڪڙو هيبتناڪ آواز آيو، ته "اي ننڊ مان فائدو وٺڻ وارا شخص! اجهو ٿو اچئي تنهنجي سر تي ڪڙڪاڻ." ساڳيو آواز پنج ڀيرا ٿيو...

## نصيحت- شيطاني آواز تي ڪن نه ڏي

اي انسان! شيطان به توکي گمراه ڪرڻ لاءِ تنهنجي اندر اهڙو آواز ڪندو آهي، جن تي لڳي پوندو آهين ۽ دينداريءَ جو رستو ڇڏي بي دينيءَ جو رستو وٺندو آهين. خدا تعاليٰ جي محبت ڦٽي ڪري مال



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مايا ۽ دنيا جي محبت ۾ گرفتار ٿي پوندو آهين ۽ آخرت جو خوف دل مان ڪڍي دنياوي نقصانن جي خوفن کان ڪنبندو آهين. جڏهن ڪو تنهنجو عزيز يا پاڙيسري وفات ڪندو آهي، تڏهن آخرت جو خوف تنهنجي اندر ۾ پيدا ٿيندو آهي، پر جلد ئي اندر واري شيطان جي آواز تي لڳي تون اهو خوف وساري ڇڏيندو آهين ۽ وري به دنيا جي لوڀ لالچ ۽ خرابين ۾ ڦاسي پوندو آهين. الله تعاليٰ جلشانہ جو فرمان آهي "جڏهن اسان فرشتن کي حڪم ڏنو هو، تہ آدم کي سجدو ڪريو، تڏهن ابليس سجدو نہ ڪيو ۽ حجتون هلڻ لڳو، تہ "آءٌ ڇو هن کي سجدو ڪريان، جنهن کي تو مٽيءَ مان بنايو آهي؟ شيءِ تہ ڏسو، جنهن جي اڳيان سجدي ڪرڻ لاءِ مون کي حڪم ڏئي ٿو ڏين ۽ ثابت ٿو ڪرين تہ هو مون کان (ابليس کان) اعليٰ ۽ افضل آهي! جيڪڏهن تون مون کي قيامت جي ڏينهن تائين مهلت ڏيندين، تہ ڪن ٿورڙن کان سواءِ انهن جو ٻيو سارو اولاد گمراه ۽ تباه نہ ڪري ڇڏيان تہ مون کي ائين ڪٿي ڇئج." خدا تعاليٰ فرمايو تہ اي ابليس! ٻچ پري، انهن ماڻهن مان جيڪي شخص تنهنجي چوڻ تي لڳندا ۽ تنهنجي پيروي ڪندا، تن سڀني کي تو سميت پوري پوري دوزخ جي سزا ڏيندس. تون پنهنجي چاپلوسيءَ ۽ چٽڪيدار ڳالهين سان جن کي برغلائي سگهين، تن کي ڀل وڃي برغلاءِ توکي موڪل آهي. جيڪي اسان جا نيڪ ٻانها آهن، تن تي تنهنجو اثر ڪڏهن بہ ٿي نہ سگهندو. (سورت بني اسرائيل ع ٧)" اي انسان! تون الله تعاليٰ جو نيڪ ٻانهو ٿي ۽ الله تعاليٰ جي محبت پنهنجي اندر ۾ رک، تہ پوءِ ڪڏهن بہ شيطان جو جادو توتي هلي نہ سگهندو.

... مسجد مان آيل هيبتناڪ آواز ڇا هو؟ اڳين وقت ۾ دستور هوندو هو، تہ جتي ڪو خزانو پوريندا هئا، اتي طلسم ۽ جادو جو اثر بہ اهڙو رکي ڇڏيندا هئا، جو جڏهن ڪو ماڻهو اتي اچي رهندو هو، تڏهن انهيءَ خزاني جي بچاءَ لاءِ اتان طلسم ۽ جادوءَ جا اهڙا بيبتناڪ آواز ايندا هئا، جن جي ٻڌڻ شرط اتي رهندڙ ماڻهوءَ جو هنيانءُ ڦاٽي پوندو هو ۽ هو هڪدم مري ويندو هو. انهيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسجد ۾ ٻه ڪو ڳرو خزانو پوريل ۽ ان تي طلسم ۽ جادو رکيل هو، جنهن ڪري جڏهن ڪوبه مسافر رات جو اچيو ان مسجد ۾ ترڪندو هو، ته هن جو هنيانءُ اهي طلسمي آواز ڦاڙيو وجهندا هئا، ۽ هو ان خوف ۾ مري ويندو هو.

انهيءَ جانباز مسافر کي اهڙي طلسم جي اڳيئي خبر هئي، ۽ هو خاص طرح انهيءَ طلسم جي ٽوڙڻ لاءِ ئي انهيءَ مسجد ۾ اچي ترڪيو هو. جڏهن اڌيءَ رات جو اهي هيبتناڪ آواز ٿيا، تڏهن اهو مسافر چوڻ لڳو ته "اهي آواز آءٌ عيد جي دهل جا آواز ٿو سمجهان. عيد جي دهل جي آواز کان ڪهڙو ايمان وارو شخص ڊڄندو؟ شل دهل نه ڦاٽي پوي، باقي آءٌ انهن آوازن کان ڊڄڻ وارو نه آهيان. اڄ وقت آهي، جنهن تي حضرت علي حيدر ڪرار وانگر آءٌ به قلعو فتح ڪندس يا هي فاني جسم قربان ڪندس." ائين چئي هو بهادريءَ سان اٿي بيٺو ۽ چيائين ته "اي آواز ڪرڻ وارا! جهڙي بلا هجين تهڙي نڪري ٿي نروار." هن مرد جي ايمان جي طاقت طلسم جو پردو ڦاڙي وڌو ۽ هڪدم مسجد ۾ خزاني جو مينهن وسڻ لڳو. ايتري قدر، جو جانباز مرد کي خيال ٿيو، ته متان مسجد مان نڪرڻ وارو دروازو به خزاني سان بند ٿي وڃي، تنهن ڪري مسجد جي دروازي کان ٻاهر بيهي خزاني کي دروازي کان ٻاهر ڪيندو رهيو تان جو اڇو صبح ٿي ويو. ائين هن جانباز کي خير ۽ ثواب جي ڪمن ڪرڻ لاءِ بي انت خزانو هٿ اچي ويو.

## اوڻٽيهين آکاڻي
## پڳڙياٽي ۽ چٽون

هڪڙي پڳڙياٽي ٽيءَ ۾ چٽا پئي پڳا، ته چٽان گرميءَ جي تاءَ کان ٽپڻ ۽ چال ڏيڻ ۽ ٽيءَ کان ٻاهر نڪري وڃڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا، پر پڳڙ ياٽي ان کي ٻاهر نڪرڻ ڪيئن ڏئي؟ تنهن تي چٽون حال جي زبان سان پڳڙياٽيءَ کي چوڻ لڳو ته مائي! جڏهن مون کي پئسا خرچي، مان شان سان خريد ڪيو اٿئي، تڏهن هيئن چو پئي اونڌو ابتو ڪريم ۽ جلائينم؟ پڳڙياٽي چيس، ته اي چٽا! خوشيءَ سان جلندو رهُ ۽ ٽيي ٻاهر نه نڪر. آءٌ ڪنهن عداوت جي خيال سان توکي ڪونه ٿي جلايان، پر انهيءَ لاءِ ٿي جلايان، ته سوادي ۽ مزي وارو بنجين ۽ اهڙي خوراڪ ٿي پوين، جيڪا انسان جي روح کي وڻي. هيءَ تڪليف توکي خوار خراب ڪرڻ لاءِ نٿي ڏيان، پر توکي وڏيڪ قيمتي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مانائتي ڪرڻ لاءِ. اي چٽا! تو سرسبز باغ ۾ ڊو تي پاٽي پئي پيتا، سي پاٽي توکي هن باه سهڻ لاءِ ئي پيارايا هئائون...

**نصيحت- سکن پنيان ڏک ۽ ڏکن پنيان سک**

اي انسان! توکي خدا تعاليٰ جيڪي سک عطا ڪيا آهن، سي انهيءَ لاءِ آهن، ته سکن ۾ پلجي تون امتحان جي ڏکن سهڻ جو لائق ٿين. جڏهن امتحان وارا ڏک صبر ۽ شڪر سان سهي وجي پار پوندين، تڏهن يقين ڄاڻ ته تون دائمي سک ماڻڻ ۽ روحانيت جي اعليٰ درجي تي پهچڻ جي لائق ٿي پوندين.

... ٻگڙياٽي چيو، ته اي چٽا! تون ٻه بهار جي موسم جا مزا ماڻي چڪو آهين، تنهن ڪري هن زحمت کي ضد ۽ خوشيءَ سان مرحبا چئو، ته تنهنجي عزت ۽ آبرو زياده ٿئي. چٽو چوڻ لڳو، ته اي مائي! جيڪڏهن اها حقيقت آهي، ته پوءِ آءٌ هن ٿيءَ کي سهڻ لاءِ تيار آهيان. خوب ڏوئلا گهمائي مون کي سرهو ۽ خوشبودار ڪر ۽ مون مان سموري ڪچائي ڪڍي ڇڏ.

**نصيحت- حقاني عشق ۾ جل، ته تومان ڪچ نڪري وڃي**

اي حق جا طالب! مٿين آکاڻيءَ ۾ ٻگڙياٽي ۽ چٽون فقط ڳالهه جو پوش آهن. حقيقت ڪري ڪامل مرشد ۽ طالب حق جي تعلق جو قصو آهي. مرشد جي هدايت سان طالب جيڪي جسماني تڪليفون ۽ دنياوي ڇيها ڏسندو، سي خاص طرح سندس مرشد سندس ئي روحاني فائدي لاءِ کيس سهائيندو. جيستائين طالب، حقاني عشق جي راه ۾ نفساني ۽ جسماني تڪليفون خوش ٿي صبر ۽ شڪر سان نہ سهندو تيستائين منجهانئس ڪچ ڪيئن نڪرندو؟

## ٽيهين آکاڻي
## سينڌ جي آواز کان ڇرڪندڙ وڇير

هڪڙو وڇير پنهنجي ماءُ سان گڏجي پاٽي پيئڻ ويو. دستور آهي، ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهوڙيءَ سوار گهوڙن کي پاڻي پيارڻ وقت سيٽيءَ جو آواز (وات سان سيٽي) ڪندا آهن انهيءَ لاءِ تہ اهڙي آواز تي گهوڙو چڱيءَ طرح پاڻي پيئي. درياءُ تي ساڳي ئي وقت ٻيا بہ ڪيترائي سوار پنهنجا پنهنجا گهوڙا پاڻي پيارڻ لاءِ وٺي آيا هئا. گهوڙن کي پاڻي پيارڻ وقت سيٽي ڳڻجي سيٽيون وڄايون اهو آواز ٻڌي وڇير اڃي تهيو ۽ پاڻي پيئي نہ. اڃا پاڻيءَ ۾ منهن وجهي ۽ سيٽيءَ جو آواز ڪنن تي پويس تہ امالڪ پاڻيءَ کي ڇڏيو هيڏانهن هوڏانهن ٻيهي نهاري ۽ ڪن ڦڙڪائي. تنهن تي ماڻس چيس، تہ "ٻچا! تون پاڻي ڇو نٿو پيئين؟ ذري ذري پاڻيءَ مان منهن ڪڍيو ڏيپ ۾ ڪن ڇو پيو ڦڙڪائين؟" وڇيري چيو، تہ "امان! اڄ بہ گهڻي اتم پر هي ماٺهو گڏجيو آواز پيا ڪن، سي ٻڌيو خوف وٺيو وڃيم ۽ پاڻي وٽيم ئي نٿو." ماڻس چيو "ٻچا! تون ڪو ڏپ نہ ڪر. جڏهن کان هي دنيا پيدا ٿي آهي تڏهن کان اهڙن بيهودن ڪمن ڪرڻ وارا بہ منجهس موجود رهندا آيا آهن. تون مزي سان پاڻي پيئندو رهہ. اهي پنهي هٽي هٽي پاڻيهي ماٺ ڪري ويهندا."

## نصيحت- وقت نہ وڃاءِ، روحاني فيض حاصل ڪري وٺ

اي انسان! خدا شناس عارفن جي فيض جو درياءُ هميشہ جاري رهندڙ آهي. جيڪي بيهودا ڪم ۽ نڪما آواز توکي انهيءَ فيض جي درياءَ مان آب حيات پيئڻ کان روڪيندڙ آهن، تن ڏي ڪوبہ ڌيان نہ ڏي. حياتيءَ تي ڀروسو ڪونهي، تنهن ڪري زندگيءَ کي غنيمت ڄاڻي موجوده حياتيءَ ۾ ئي ڪو فيض حاصل ڪري وٺ. جيڪي بہ ڪرڻو آهي، سو حياتيءَ ۾ ئي ڪرڻو آهي. مئي کان پوءِ ڪجھ بہ ڪري نہ سگهبو. تون ڪنهن ڪامل جي پناري ۾ وڃي پؤ، تہ توکي از خود خبر پئجي ويندي تہ ان ڪامل جي فيض ڀري نظر توهہ ڪيترو اثر ڪري ٿي. جيئن اندو درياءَ جو پاڻي ڏسي نہ سگهندو آهي، پر جڏهن دلو ان ۾ وجهندو آهي ۽ دلو پاڻيءَ سان ڀرجي ڳرو ٿي پوندو آهي، تڏهن پڪ ٿيندي اٿس، تہ درياءَ ۾ پاڻي برابر اهي، تهڙي طرح تون بہ پنهنجي وجود ۾ داخل ٿيل ڏسي پنهنجي وزنداريءَ مان بيشڪ محسوس ڪري سگهندين، تہ خدا شناس بزرگ برابر روحاني فيض جو ڀرپور درياءُ آهن. طعني تنڪي هٽندڙن جي طعنن ڏي نهار ئي نہ، فيض حاصل ڪرڻ ۾ لڳو رهہ. روحاني رستي تي هلندڙ شيردل مرد ڪتن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پونڪڻ ڏي ڪو ڏيان ڏيندا آهن ڇا؟

## ايڪٽيهين آڪاڻي
## صلح حديبيه جو احوال

هجري ڇهين سال ۾ حضرت محمد ﷺ جن ڳچ جيترن اصحابن سڳورن سان گڏجي ڪعبي جي زيارت جي ارادي سان مڪي ڏانهن ٿي ويا. جڏهن مڪي کان ڇهه ميل اوري حديبيه نالي جڳهه وٽ آيا، تڏهن اطلاع ملين، ته مڪي وارا حق جا منڪر قريش مسلمانن کي مڪي ۾ داخل ٿيڻ ته هرگز نه ڏيندا، پر مرڳوئي انهن سان جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي اچي وڙهندا. حضرت ﷺ جن انهن ڏي پيغام موڪليو، ته "اسين جنگ ڪرڻ يا اوهان جي ٻئي ڪنهن به ڪاروبار ۾ دست اندازي ڪرڻ لاءِ نه آيا آهيون، پر خاص طرح ڪعبي جي زيارت جو ارادو اٿئون." مڪي وارن ڪافرن اهو موقعو سون سريڪو ڪري ڄاتو، سي پنهنجي هٺ کان هيٺ لهڻ ئي نه. چون ته "يا اسان جي مرضيءَ موجب صلح نامو لکي ڏيو يا جنگ ڪريو." گهڻي گفتگو کان پوءِ حضرت ﷺ جن صلح ڪرڻ منظور ڪيو، پر قريش صلح جا شرط اهڙا رکيا جيڪي سيني اصحابن کي دل گهائيندڙ ۽ بي عزتيءَ جهڙا نظر آيا. تنهن هوندي به سيني صبر سان سڀ ڪجهه پنهنجي سردار تي ڇڏيو. حضرت ﷺ جن قريش جا سڀ نامناسب شرط قبول ڪري تحريري صلح نامو مڪمل ڪرڻ فرمايو، جنهن جو مدو ڏهه سال مقرر ڪيو ويو. انهيءَ صلح نامي جي شرطن مان ڪي شرط هي به هئا: ۱) محمد رسول الله جي بدران (محمد بن عبدالله) لکيو ويندو. (۲) جيڪو مسلمان اسلام کي ڇڏي مڪي ۾ اچي داخل ٿيندو، تنهن جي ٻانهن مسلمانن کي واپس نه ڏني ويندي. (۳) جيڪو مڪي ۾ مشرڪ مسلمان ٿي مديني ۾ وڃي رهندو. تنهن جي ٻانهن مسلمان موٽائي مڪي وارن کي ڏيندا وغيره وغيره.

قريش صلح نامي مڪمل ٿيڻ بعد خوش ٿي مڪي ڏانهن ويا ۽ اصحاب سڳورا نهايت غمگين ٿي مديني ڏانهن موٽيا. اهڙي بي عزتي جهڙي عهدنامي منظور ٿيڻ ڪري ڪيترن ئي اصحابن سڳورن کي طرح طرح جا شڪ شبها دل ۾ پيدا ٿيا ۽ ڪن ته پنهنجا شڪ شبها ظاهر به ڪري ڏنا، مگر حضرت ﷺ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن تہ اهو سڀ ڪجهہ الهامي اشاري موجب ڪيو هو. ترت ئي الهامي خوشخبري نازل ٿي جنهن موجب اهو شڪست نما صلح سوين فتحيابين جو ديباچو ثابت ٿيو. وحي نازل ٿيو تہ انا فتحنالڪ فتحا مبينا.... (اي رسول بر حق اسان توکي نمايان فتح بخشي آهي ....)

"صلح حديبيہ" کان ٿورڙا ڏينهن پوءِ مڪي جي قريشن جي طرفان سندن دل گهرين شرطن ۾ ڀڃڪڙيون ظاهر ٿيڻ لڳيون. جنهن ڪري حضرت صلعم جن مديني مان اسلامي فوج وٺي مڪي تي ڪاهي ويا ۽ نہ رڳو فتح ڪيائون، پر مڪي سان گڏ سارو عربستان سندن قبضي ۾ اچي ويو ۽ "فتح مبين" شاندار سوڀ واري الهامي پيشنگوئي بنان دير سچي ثابت ٿي ۽ سڀني اصحابن سڀني جا شڪ شبها لهي، غم ۽ فڪر دفع ٿي ويا.

## نصيحت- ايمان وارن انسان جي شڪست بہ فتح آهي

جڏهن ڪوبہ ايمان وارو انسان ڪنهن مغلوبي ۽ شڪست جي حالت ۾ اچي وڃي، تڏهن هن کي ڪڏهن بہ دل شڪستو ٿيڻ نہ گهرجي ۽ پڪ ڄاڻڻ گهرجيس، تہ سندس انهيءَ مغلوبي ۽ شڪست ۾ ڪونہ ڪو غلبو ۽ ڪانہ ڪا فتح ضرور سمايل آهي. اهوئي سبب آهي، جو خدا شناس انسان مصيبتن جي ڪوهہ ۾ هوندي بہ پاڻکي تخت نشين بادشاهن کان وڌيڪ خوش ۽ بي فڪر سمجهندا آهن. ٻار کي جڏهن مائٽ مڪتب ۾ موڪليندا آهن ۽ هو هڪڙي پاسي پاڻ تي مائٽ جو دڙڪو تاب ڏسندو آهي ۽ ٻئي پاسي استاد وٽ بندش جي سختي ۽ هڪل جي هيبت پسندو آهي، تڏهن پاڻ کي تڪليف ۾ ورتل ۽ مغلوب ڄاڻندو آهي. پر جڏهن علم پرائي ان جو فائدو حاصل ڪندو آهي ۽ عقل حاصل ڪري اڪابر ٿيندو آهي. تڏهن يقين ٿيندو اٿس تہ جنهن حالت کي مون پنهنجي مغلوبي ۽ شڪست ٿي سمجهيو، سا منهنجي لاءِ محبوبي ۽ فتح هئي. اي انسان! تنهجو جيڪڏهن پنهنجي خالق اڪبر جلشانہ ۾ ايمان آهي ۽ تنهنجي جيڪڏهن حق تعاليٰ سان محبت آهي، تہ تون پنهنجي سڀ ڪنهن مغلوبيءَ کي غلبو ۽ پنهنجي سيڪنهن شڪست کي فتح سمجهہ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٻٽيهين آکاڻي

## مڇر جو حضرت سليمان عليه السلام کان انصاف گهرڻ

هڪڙو مڇر جيڪو باغن ۽ چراگاهن ۾ اڏامندو وتندو هو، سو هڪڙي ڏينهن حضرت سليمان عليہ السلام وٽ فرياد ڪٽي آيو ته ”اي نبي سڳورا! تون، انسانن، جنن، ديون ۽ پرين تي حڪومت ٿو هلائين ۽ سيئي پکي پکڻ تنهنجو حڪم ٿا مڃين ۽ سيني جو انصاف ڪندڙ آهين، سو منهنجو به داد ڪر. اءٌ بي گناهه باغن ۽ گاهن کان تڙيو وتان! اسين مڇر ڪمزوري ۽ ضعيفيءَ ۾ اڳيئي اهڙا مشهور آهيون جهڙو تون احسان ۽ غريب پروريءَ ۾ ناميارو آهين. مهرباني ڪري اسان جو عرض اوناءِ ۽ داد رسي ڪر.“

حضرت سليمان فرمايو ”اي اپرا غريب مڇر! توسان وري ظلم ڪنهن ڪيو هوندو؟ منهنجي عهد حڪومت ۾ ظالم جو نشان به ڪونهي. جن ۽ شيطان جيڪي سڀ ڪنهن ظلم جا باني آهن سي به ڏس، ته مون وٽ مزور ٿيو پيا ڪم ڪن. ٻڌاءِ ته توسان ڪنهن ظلم ڪيو آهي؟ ۽ ڇا ڪيو اٿس.“

مڇر چيو ته ”حضور! واءَ، اسان مسڪينن سان ظلم ڀاري ڏنو آهي. نه اسان کي ڪٿ ويهي پيٽ ڀرڻ جي مهلت ڏئي ٿو ۽ نه اسان کي سک سمهڻ ڏئي ٿو ڀلائي ڪري ان کي هدايت ڪريو. اسان غريبن کي هرو ڀرو ڇو اڇي اجائي ڪنيو اٿس؟“

حضرت سليمان چيو ته ”اي ڀون ڀون ڪندڙ جيتامڙا! توکي خدا تعاليٰ جو حڪم ڏيان سان ٻڌڻ گهرجي ٻڌ:- خدا تعاليٰ جو مون کي حڪم آهي، ته ”اي سليمان! خبردار! ڪنهن به مقدمي ۾ ٻنهي ڌرين جي بيان ونڻ کانسواءِ متان ڪڏهن ڪو فيصلو ڪرين. ڪو فريادي سؤ پڪارون ڪٽي ڪري، پر جيسين جوابدار جو بيان نه وٺين، تيسين ڪڏهن به فتوا نه ڏج. هاڻي تون وڃي جوابدار کي وٺي اچ، ته اسين تنهنجو انصاف ڪريون.“ مڇر عرض ڪيو، ته ”حضور! تنهنجو حڪم مون کي اکين تي آهي، پر واءُ تنهنجي حڪم ۾ ٻڌل آهي، تنهن ڪري مهرباني ڪري تون سڏائي وٺينس“ حضرت سليمان اتي ويٺي ئي آواز ڪيو، ته ”اي واءَ! جلد اچ. توتي هڪڙو فريادي فرياد ڪري رهيو آهي. اچي هن جي فرياد جو جواب ڏي، ته اسين انصاف ڪريون.“ آواز ٿيڻ شرط واءُ، حضرت سليمان جي درٻار ۾ ڌوڪيندو آيو. واءَ جو منهن ڪيڻ ۽ مڇر جو ڀڄي وڃڻ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حضرت سليمان فرمايو ”اي مچر! ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ ترس، ته تنهنجي فرياد جو داد ڪريون.“ مچر چيو ”اي سڀاڳا سائين! جت واءُ آهي، ات منهنجو آهي موت. ان جي آئي منهنجا پير ڪيئن ڪيپي سگهندا؟“

## نصيحت- حقيقي هستيءَ اڳيان سڀ شيءِ نيست آهي

مچر وانگر خدائي وصال جو طالب به جڏهن حقاني تجلي پسي ٿو، تڏهن نيست ٿيو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ اهو ”حقاني وصال“ بقاءَ آهي، ته به پهريائين ”فناءَ“ سمجهڻ ۾ اچي ٿو. فنا بعد ئي ”بقاءَ“ حاصل ٿيڻو آهي. ڪابه هستي جڏهن پنهنجي مجازي وجود کان فاني ٿي چڪي ٿي، تڏهن ”فنافي الله“ (خدا سان آمهون سامهون ملاقات ٿي وڃڻ) جي درجي کي پهچي ٿي ۽ پوءِ ”بقابا الله“ (حق سان دائمي واصل رهڻ) ماڻي ٿي. هن راز جي ماهيت ۽ مزو اهو ئي ماڻي سگهي ٿو، جنهن کي ڪنهن راز دان کان فيض حاصل ڪرڻ نصيب ٿيو هوندو. تون به خدا اڳيان عاجزي ڪر ۽ پاڻ کي فنا ڪري بقا جو رتبو ماڻ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پ ن

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪِٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌ کان وَڌ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَر جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَر جو ساٿي آ-

اِن حسابَ سان اڻجاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڃي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن ڪي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوڻ، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book